اسلامی فکر
جی
جدید تشکیل

علامہ محمد اقبالؒ

ترجمہ
عبدالسلام ارشد سومرو

اقبال اکیڈمی پاکستان
۱۱۶ مکلوڈ روڈ لاہور

اسلامي فكر
جي
جديد تشكيل

علامه محمد اقبال رحه

مترجم
عبدالغفار- ايم- سومرو
ايم- ايس- سي. رياضي، ايل- ايل- بي (سنڌ)،
ايم- اي. فلسفو (ڪراچي).

اقبال اڪيڊمي پاڪستان
١١٦- سيڪلوڊ روڊ، لاهور

ڇاپائيندڙ جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڇاپو: پهريون تعداد ۱۰۰۰

جنوري ۱۹۸۲ع
بمطابق ربيع الآخر ۱۴۰۲ھ

42
عبدالغفار - 9
11,468

قيمت:

ملڻ جو هنڌ:

ناشر:
ڈاڪٽر محمد معزالدين
ڈريڪٽر اقبال اڪيڈمي، پاڪستان

هي ڪتاب اتحاد پرنٽنگ پريس، شاه لطيف آباد - حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو.

فهرست

پيش لفظ	[ا-هم]
ديباچو	[ز-خ]
تعارف	[ذ-ظ]
۱- علم ۽ مذهبي مشاهدو	۱
۲- مذهبي مشاهدي جي فلسفيانہ پرک	۴۵
۳- خدا جو تصور ۽ عبادت جو مفهوم	۱۰۱
۴- انساني خودي- سندس آزادي ۽ بقا	۱۵۶
۵- اسلامي ثقافت جو روح	۲۰۷
۶- اسلام ۽ حرڪت جو اصول	۲۴۲
۷- ڇا مذهب جو امڪان آهي؟	۲۹۵
الفاظ ۽ معنيٰ	۳۲۳
اشارا	۳۳۵

—*—

اهو تہ اڳيون دور هو- هن دور جو عظيم مفسر قرآن ۽ شاه ولي الله جي فلسفي جو وڏو شارح منهنجو استاد علامہ عبيدالله سنڌي پڻ سيالڪوٽ جي مٽيءَ جي پيداوار آهي جو علامہ اقبال کان ٻہ سال اڳ، ۾ ضلعي سيالڪوٽ ۾ پيدا ٿيو، پرچوندي سنڌ ۾ اسلام جي اظهار ڪري ان سنڌ کي پنهنجو وطن بنايو ۽ سنڌي ٿي ويو.

علامہ محمد اقبال سيالڪوٽ پنجاب جي پيداوار آهي، جنهن جي فڪر ۽ فلسفي جي شهرت نہ رڳو پنهنجي وطن ۾ ٿي پر هو هڪ بين الاقواسي شخصيت بڻجي ويو. سندس فڪر ۽ فلسفو اشعار جي صورت ۾ موجود آهي، جنهن تان ماڻي مدبرن روشني هٿ ڪري آزاديءَ وطن جي تحريڪ ۽ هڪ نئين عظيم مسلم مملڪت بنائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. علامہ اقبال پنهنجي فڪر ۽ فلسفي کي پنهنجي انگريزي خطبن ۾ بہ تفصيل سان پيش ڪيو. اسان جي نوجوان دوست مسٽر عبدالغفار سومرو کيرون لهٽيون جنهن علامہ جي مشڪل فلسفي ۽ افڪار کي سنڌي ٻوليءَ جو ويس پهرايو ۽ باسجاوره سنڌي نثر ۾ ان کي سمايو.

علامہ اقبال ماضي جي تاريخ ۽ فلسفي کان بہ منهن موڙيندڙ نہ آهي پر هو حضرت شاه ولي الله صاحب جي پيروي ۾ نئون روح ڦوڪڻ گهري ٿو. هڪ هنڌ خودي، جبر ۽ قدر جو فلسفو بيان ڪندي لکي ٿو تہ "اسان مسلمانن کي هڪ وڏو ڪم آڏو آهي، اسان جو فرض آهي تہ ماضيءَ سان پنهنجو لاڳاپو نہ ٽوڙيندي اسلام تي هڪ نظام فڪر جي حيثيت سان نئين سر غور ڪريون. اهو شاهہ ولي الله دهلوي ٿي هو جنهن سڀ کان اڳ ۾ هڪ نئين روح جي بيداري محسوس ڪئي. (*)

(*) ڏسو حجة الله جو خطبو.

علامہ محمد اقبال جڏهن ته سيد جمال الدين افغاني جو وڏو مداح هو، ان کري شاهہ ولي الله صاحب کي متئين فکر جو باني چاڻائيندي اڳتي لکي ٿو ته هن عظيم الشان فرض جي حقيقي اهميت ۽ وسعت جو پورو پورو اندازو سيد جمال الدين افغاني کي هو جيکو اسلام جي ملّي زندگي ۽ ذهني تاريخ تي وڏي بصيرت رکندي مختلف انسانن ۽ سندن عادتن ۽ خصلتن جو تجربو رکندڙ هو ۽ سندس بصيرت وڏي وسيع هئي ان کري ان لاءِ اها کا اوکي نہ هئي جو ان جي ذات گرامي ماضي ۽ مستقبل جي وچ تي هڪ لاڳاپو ٻڌجي وڃي. ان جون اٿ ٽڪ کوششون رڳو هن گالهہ تي خرچ ٿين ها ته اسلام نسوع انساني کي جنهن عمل ۽ ايمان جي تلقين کئي آهي، اها کهڙي نوعيت جي آهي ته اڄ اسين مسلمان پنهنجي پيرن تي گهٽو مضبوطيءَ سان بيٺا هجون ها.

هن تمهيد کان پوءِ علامہ اقبال پنهنجي طرفان جنهن فکر کي پيش کري ٿو ان سان سندس فلسفي شخصيت جو اندازو کري سگهجي ٿو.

اقبال فرمائي ٿو: بهرحال هاڻي اسان جي آڏو جيکڏهن کا وات آهي ته هي آهي ته علم حاضر جي احترام، قدر ۽ مرتبي هوندي اسان پنهنجي راهہ جي آزاديءَ کي برقرار رکندي هن سمجهڻ جي کوشش کيون ته اسلامي تعليمات کي عبارت جو اهڙو لباس پارايون جو علم حاضر سان کنهن رنگ ۽ موافقت کائي، توڙيڪ ائين کرڻ ۽ اسان کي پنهنجي اسلاف سان اختلاف پيدا ٿئي. خودي، جبر ۽ قدر واري خطبي ۽ علامہ اقبال انهيءَ فکر کي آڏو رکيو آهي. تڏهن هو لکي ٿو ته جنت ۽ دوزخ انسان جون حالتون ۽ احوال آهن، اهي کنهن جاءِ جو نالو نہ آهن، جئن قرآن پاڪ ۽ انهنجي جيکا کيفيت بيان کئي وئي آهي انجو مقصد به اهو آهي ته هڪ داخلي حقيقت يعني انسان

جي داخلي احوال جو نقشو ان جي اکين ۾ اچي وڃي، جيئن دوزخ بابت ارشاد آهي. الله جي پاريل باهه جيڪا دلين تائين پهچندي آهي*يا پين لفظن ۾ اها انسان جي اندر ۾ بحيثيت انسان پنهنجي ناڪاميءَ جو دردانگيز احساس آهي. جيئن بهشت جو مطلب آهي فنا ۽ هلاڪت جي قوتن تي غلبي ۽ ڪاميابيءَ جي خوشي ۽ مسرت. اقبال جي نظر ۾ اسلام انسان کي ابدي لعنت جو حقدار نه بنايو آهي، جيئن قرآن مجيد جي لفظ "خلود" جي تشريح به پين آيتن ۾ هن طرح ڪئي آهي ته ان مان مراد محض هڪ زماني مدت آهي. علامه اقبال جي فلسفي ۾ دوزخ حقيقت ۾ تاديب (ادب سيکارڻ) جو هڪ عمل آهي ته جيئن اها خودي جيڪا پٿر وانگر سخت ٿي وئي آهي اها الٰهي رحمت خداوندي‌ءَ جي جانفزا اثر کي قبول ڪري سگهي.

اجتهاد جي مسئلي ۾ علامه صاحب حديث جي چند چاڻ ڪرڻ گهري ٿو جيئن "اسلام ۾ اجتهاد" واري ليڪچر ۾ لکي ٿو ته اسان انهن حديثن کي جنهن حيثيت خالص قانوني آهي انهن حديثن کان الڳ رکون جنهجو قانون سان ڪوبه لاڳاپو نه آهي. وري پهرين حديثن بابت به وڏو سوال اهو اٿندو ته انهن ۾ اسلام کان اڳ وارين عربن جي رسمن کي ڪيترو دخل آهي جنکي اصلي حالت تي وڃڻ ويو هو يا جنهر حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جن ڪجهه اصلاح فرمائي هئي، مگر اها اهڙي حقيقت آهي جنهنجو اڪشاف ڏاڍو مشڪل آهي ڇو ته اڳين عالمن انهن رسمن-رواجن بابت گهٽ اشارو ڪيو آهي وري اهڙين رسمن بابت اسان کي اهو به معلوم نه آهي ته انهن تي هر دور ۽ هر زماني ۾ عمل ڪرڻ مقصد هو. هن بابت علامه اقبال، شاهه ولي الله صاحب محدث دهلويءَ جي تحقيق کي ساراهي ٿو.

(*) دار الله الموقدة اتى تطلع على الأفئدة

هو لکي ٿو هن مسئلي ۾ شاهہ ولي الله صاحب سبق آموز بحث ڪيو آهي جنهنجو خلاصو هيءُ آهي تہ "انبياءُ جي عام تعليم جو طريقو ته اهو رهيو آهي ته اهي جنهن قوم ۾ مبعوث ٿيندا هُنا انهن تي ان قوم جي رسم و رواج ۽ عادتن مطابق شريعت نازل ٿيندي هُئي پر جنهن نبي جي آڏو هميگير (عالمي) اصول آهن ان تي نہ تہ مختلف قومن لاءِ مختلف اصول لاڳو ويندا ۽ نڪي اهو ممڪن آهي ته اهو هر قوم کي سندن ضرورتن موافق عمل جا الڳ الڳ اصول مقرر ڪرڻ جي اجازت ڏئي. اهو (شروع ۾) ڪنهن هڪ قوم جي تربيت ڪندو آهي ۽ پوءِ هڪ عالمگير شريعت جي تشڪيل ۾ ان کان تمهيد جو ڪم ونڊو آهي، پر تڏهن به هر معاملي ۽ هر موقعي تي عملي طرح انجو اطلاق پنهنجي قوم جي عادتن مطابق ئي ڪندو آهي.

آڻون اخير ۾ هن بحث کي ختم ڪندي وري به مسٽر عبدالغفار صاحب سومري کي مبارڪون ڏيان ٿو جنهن فلسفي جي اوکن مسئلن ۾ علامہ محمد اقبال جي افڪار جي ترجماني جو حق ادا ڪيو آهي. اميد ته هن مان عقلي دماغ رکندڙ سنڌي نوجوان چڱو لاڀ پرائيندا.

والسلام

ابوسعيد غلام مصطفيٰ قاسمي

ڊائريڪٽر شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد

۲- فيبروري ۱۹۸۲ع

ديباچو

نغمہ کجا و من کجا ـ سازِ سخن بہانہ ایست
سوئے قطار می کشم ـ ناقۂ بے زمام را۔
(اقبال)

عام طور علامہ اقبال کي هڪ شاعر جي حيثيت ۾ چاتو سڃاتو ويو ٿو، پر حقيقت اها آهي تہ هو بنيادي طور شاعر کان وڌيڪ هڪ مفڪر ۽ دانشور هو. ان ڪري جو احساس کيس ٻہ هو، جنهن جو اعتراف هن پنهنجي شاعريءَ ۽ خطن وغيره ۾ ڪيترن هنڌن تي ڪيو آهي. البت جيستائين ان سوال جو تعلق آهي تہ هو پلا شاعري ڇو اختيار ڪيائين؟ ان جو جواب هي آهي تہ هن پنهنجي پيغام يا فڪر کي وڌ ۾ وڌ مؤثر نموني ۽ عام ماڻهوءَ تائين پهچائڻ گهربو ٿي، ۽ جئن تہ شاعري هڪ اهڙو سهيل وسيلو آهي، جنهن جي ذريعي انساني ذهن کي گهڻو متاثر ڪري سگهجي ٿو؛ لهٰذا هن شاعري کي ان حيثيت ۾ اختيار ڪيو ٿو ڏسجي، ۽ پڇاڙيءَ تائين وڏس شاعريءَ جي ان کان وڌيڪ ٻي ڪا حيثيت ڪونہ هئي. ۲۰ آگسٽ ۱۹۳۵ع تي سيد سليمان ندويءَ ڏانهن لکيل خط ملاحظہ ٿئي:

مون ڪڏهن ٻہ پاڻ کي شاعر نہ سمجهيو
آهي. ان ڪري نہ ڪوئي منهنجو رقيب

آهي ۽ نہ آڻڻ کنهن کي پنهنجو رقيب سمجهان ٿو. فن شاعريءَ سان مونکي کڏهن ب دلچسپي نہ رهي آهي. هاڻ البت ڪي خاص مقصد سامهون اٿم، جن جي حصول لاءِ هن ملڪ جي حالتن ۽ روايتن کي آڏو رکندي، مون شعر و شاعريءَ جو طريقو اختيار ڪيو آهي. ورنہ:

نہ بينی خير ازاں مرد فرو دست
ڪہ بر من تهمت شعر و سخن بست (زبور عجم)

اهوئي سبب آهي جو ڪن موقعن تي اقبال شاعريءَ کي ترڪ ڪرڻ جو ب سوچيو هو، پر پوءِ ڪن دوستن احبابن جي مشوري ۽ اصرار سبب ائين نہ ڪيو هئائين. بهرحال اقبال جو فارسي هوليءَ ۾ شاعري ڪرڻ جو ب اهوئي مقصد هو تہ جئن هو پنهنجي پيغام جيو دائرو اڃا وڌيڪ وسيع ڪري سگهي. هڪ لحاظ کان اهو ساڳيو سبب آهي جو شاعريءَ جي ميدان ۾ سندس اڏ درجن کان ب مٿي مجموعا ڪتابي شڪل ۾ موجود آهن، پر خالص فڪري ميدان ۾ سندس هڪ ڪتاب موجود آهي، جيڪو ٻڌ هڪ ڪتاب جي صورت ۾ تصنيف ٿيل ناهي، بلڪ اهو مختلف ليڪچرن يعني تقريرن جو مجموعو آهي. علامہ صاحب اهي ڇهہ ليڪچر مدراس مسلم ايسوسئيشن جي دعوت تي مدراس، حيدرآباد ۽ علي گڙهہ ۾ ڏنا هئا، جيڪي پهريون ڀيرو ۱۹۳۰ع ۾ لنڊن ۾ ڇپيا هئا. ليڪن جڏهن ۱۹۳۴ع ۾ ان جو ٻيو ڇاپو ٻڌزو ٿيو تہ انهن ۾ هڪ ٻئي ليڪچر "ڇا مذهب ممڪن آهي؟"

جو اضافو ڪيو ويو. اڄڪلھ طرح هي موجوده ڪتاب جنھن جو انگريزيءَ ۾ نالو (The Reconstruction of Religious Thought in Islam) آهي وجود ۾ آيو.

اسلامي فڪر جي تاريخ جي گهري مطالعي مان پتو پوي ٿو تہ اسلامي دنيا اندر فڪر ۽ فلسفي جي باقاعده نشو و نما صرف تيرهين صديءَ جي پهرئين اڌ تائين مس جاري رهي ۽ بغداد جي تباهيءَ سان گڏ اها ذري گهٽ ٿپ ٿي وئي. انهيءَ عرصي ۾ ۽ بقول علامہ اقبال پهريائين تہ مسلمانن، اسلام يعني قرآن جي روح کي يوناني فڪر سان وجي ملايو هو، پر پوءِ اڳتي هلي آخرڪار کين اها مٺ آئي تہ قرآني تعليمات جو روح بنيادي طور يوناني فڪر جي خلاف هو ۽ ان ڪري انهن جو واضح پڙاڏو اسانکي امام غزاليءَ جي ڪتابن جهڙوڪ تهافتہ الفلاسفہ وغيره ۾ ملي ٿو. مطلب تہ اهوئي دور هو جڏهن مسلمانن ۾ فڪر ۽ فلسفي پوريءَ ريت نشو و نما حاصل ڪئي ۽ منجهن الڪندي، فارابي، ابن سينا، غزالي، ابن باجہ، ابن طفيل ۽ ابن رشيد وغيره جهڙين عظيم شخصيتن جنم ورتو. مگر ان ڪانپوءِ جڏهن مسلمانن جو هن ميدان ۾ زوال آيو تہ اها نشو و نما رڪجي وئي. تانجو وري اها خوشقسمتي مغرب وارن جي پلئہ پيئي، جتي علم و فن جي هر ميدان ۾ نهايت قدآور شخصيتون پيدا ٿيون. هڪ طرف سائنس جي ميدان ۾ ڪوپرنيڪس، گليلو، ڪپلر، نيوٽن، ڊارون، آئن اسٽائن ۽ وائيٽ هيڈ جهڙن ماڻهن جنم ورتو، تہ ٻئي طرف خالص فڪر ۽ فلسفي جي ميدان ۾ ڊيڪارٽ، لائبنز، هيوم، ڪانٽ، هيگل، برگسان ۽ برٽرانڈ رسل جهڙا دانائ ۽ ڏاها انسان

پيدا ٿيا ۽ ان گالهه ۾ کو وڏائه کونهي ته مجموعي طور انساني فڪر تي سندن سوچ ۽ لوچ جا نهايت دوررس اثرات مرتب ٿيا آهن.

اقبال انهن سڀني مفڪرن کي چڱيءَ طرح مطالعو ڪيو ٿو ڏسجي. هن هڪ طرف سقراط ۽ افلاطون کانوڌي آڻن استائين ۽ برٽرانڊ رسل جو مطالعو ڪيو هو، ته ٻئي طرف امام غزالي ۽ ابن خلدون کانوڌي شاه ولي الله ۽ جمال الدين افغانيءَ کي ٻڻ چڱيءَ طرح پروڙيو ۽ پرجهيو هئائين. مطلب ته ڪيس مشرق توڙي مغرب جي فڪر تي پورو پورو عبور حاصل هو. اهوئي سبب آهي جو جڏهن اسين هنن ليڪچرن جو جائزو وٺون ٿا، تڏهن معلوم ٿئي ٿو ته اسلامي فڪر جي زوال پذير ٿيڻ بعد، ۽ مغرب ۾ جديد تهذيب جي آپرٿ کانپوءِ اقبال اهو پهريون ماڻهو آهي جنهن ٻنهي تهذيبن جي فڪري ورثي جو تقابلي مطالعو ڪري، اسلامي فڪر کي نئين رنگ ۾ پيش ڪيو آهي.

لهٰذا هنن ليڪچرن جي شروعات مابعدالطبعيات جي بلڪل بنيادي مسئلن يعني خدا، انسان ۽ ڪائنات، ۽ انهن ٽنهي درميان لاڳاپن تي مفصل بحث سان ڪئي وئي آهي. ان کانسواه ٻين لاڳاپيل موضوعن جهڙوڪ زمان و مڪان، ماديت، عقليت، آدرشيت، نظريءِ ارتقا، فنا ۽ بقا، عقل ۽ عشق، تقدير ۽ تدبير وغيره تي ٻڻ سير حاصل بحث ٿيل آهي. اهڙيءَ ريت اسلام جي بنيادي عقيدن ۽ اسلامي ڪلچر جي اهميت کي آجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ مذهب جي مستقبل ۽ ان جي ضرورت تي به روشني وڌي وئي آهي. ائين ٻڻ ڇئي سگهجي ٿو ته هي ليڪچر مذهب، سائنس، منطق،

فلسفي، تصوف، تاريخ، سياسيات، نفسيات، عمرانيات ۽ اقتصاديات سان واسطو رکندڙ سڀني بنيادي مسئلن تي روشني وجهن ٿا.

هتي پهچڻ کانپوءِ اسان اهو ساڳيو بنيادي سوال دهرايون ٿا تہ آخر هنن ليڪچرن ڏيڻ وقت اقبال جي پيش نظر ڪهڙو خاص مقصد هو. ٻورن لفظن ۾ ان جو جواب هيٺئن ڏئي سگهجي ٿو تہ اهو آهي اسلام جي بنيادي تصورات کي جديد فڪر جي روشنيءَ ۾ پيش ڪرڻ. اقبال جو چوڻ آهي تہ جديد دور ۾ مذهب سائنسي نظرين يا نتيجن کان پڻ بي تعلق رهي نٿو سگهي ۽ نہ وري ڪو ائين هٿ کپي. ڇو تہ مذهب ۽ سائنس هڪٻئي جا مخالف ناهن، بلڪ دراصل ٻئي ساڳي هڪڙي حقيقت جي جستجو ڪن ٿا، يا ايئن ٻ هيٺئن ڪٽي چئجي تہ ٻئي ساڳي هڪ ئي حقيقت جي مختلف پهلوئن جي نشاندهي ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو سندن طريقہ ڪار ۾ فرق پڻ آهي. جيڪڏهن ائين نہ ڏجي ها تہ اسلام مطالعہ ۽ فطرت ٻن لفظن ۾ سائنس تي ايڏو زور نہ ڏئي ها، ۽ مسلمان سائنس جو بنياد رکندڙ نہ بنجن ها. لهٰذا اقبال ان راءِ قائم ڪرڻ ۾ بلڪل حق بجانب آهي تہ اهو مذهب اسلام ئي آهي جنهن سائنس جو بنياد رکيو آهي. هونهن ٻ دنيا جي سڀني مذهبن ۾ اهو صرف اسلام ئي آهي جنهن "محسوسات" جي مشاهدي تي ايڏو زور ڏنو، جنهن اهو چيو تہ ڪائنات جي تخليق تي غور ڪريو تہ اها ڪيئن پيدا ڪئي وئي آهي: فانظر و کيف بدأ الخلق؛ جنهن اهو پڻ چيو تہ انسان کان سندس حواسن جي استعمال بابت پڇا ڪئي ويندي: ان السمع و البصر و الفؤاد کُل اولئک کان عنه مسئولا. (القرآن).

اڳتي هلي اقبال هڪ ٻيو اهم نتيجو ڪڍيو ته مذهب ڪڏهن به سائنس جو مخالف ٿي نٿو سگهي. البت انهن ٿي سگهي ٿو ته سمجهه سائنسي نظريا ڪجهه وقت لاءِ مذهب جي ابتڙ وڃن، پر اهائي اها ڳالهه آهي جتي انسان کي خبردار ڪيڻو آهي يعني مذهب جي مرڪزي ڪردار جو اقرار ڪرڻو آهي. ان حقيقت ڏانهن اقبال هن ڪتاب جي تعارف ۾ ئي اشارو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن ڪتاب ۾ هو هڪ اڌ مثال ڏيئي انسان کي سمجهائي ٿو ته جديد سائنسي فڪر منجهان، مذهبي سچاين جي پرک ڪرڻ ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت مدد ملي سگهي ٿي. هو قرآن شريف جي هيءَ آيت پيش ڪري ٿو: "الله نورالسمٰوٰت و الارض" يعني خدا تعالىٰ زمين ۽ آسمانن جو نور آهي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته جديد سائنسي نظريا روشنيءَ بابت ڇا ٿا چون. اضافيت جو نظريو چوي ٿو ته هن ڪائنات ۾ صرف روشنيءَ کي ئي مطلق رفتار آهي. گويا اقبال جي چوڻ مطابق هن آيت ۾ خدا جي مطلقيت (Absolutness) ڏانهن اشارو آهي. جيتوڻيڪ اقبال جي زماني تائين روشنيءَ جي صرف اها خاصيت ئي وڌ ۾ وڌ ثابت ٿي چڪي هئي، پر هينئر روشنيءَ جي باري ۾ سائنس تمام گهڻين ڳالهين جو انڪشاف ڪيو آهي. آئن اسٽائين جي چوڻ مطابق روشني لاتعداد فوٽون (Photons) تي مشتمل آهي. هينئر اچو ته ڏسون ته انهيءَ فوٽون جون ڪهڙيون خاصيتون آهن. رابرٽ - ايل - فارورڊ پنهنجي مقالي "آئن اسٽائن ۽ ايندڙ سؤ سال" (Einstein: The next hundred years) ۾ لکي ٿو:

Yet what a queer universe the photon

lives in. Since its space has shrunk to zero and its time has expanded to eternity, the photon exists everywhere along its tragectory at all times.

مطلب تہ فوٽون مڪان يعني جڳهه کان بي نياز آهي، ان ڪري سندس وقت جو پيمانو لامحدود آهي، ۽ انهيءَ ڪري ڪيس هر جڳهه تي موجود ڇڻي سگهجي ٿو. ظاهر آهي تہ فوٽون ۾ اهي سڀ خاصيتون روشنيءَ جي ڪري آهن، ڇاڪاڻ تہ روشني فوٽون جي ٺهيل آهي، ۽ قرآن شريف خدا تعالىٰ جي لاءِ روشنيءَ جو استعارو استعمال ڪيو آهي، چڱو، هاڻي اچو تہ ڏسون تہ خدا جي ذات جو اسلامي تصور ڪهڙو آهي. اهوئي نہ تہ، اها ذات مڪان کان بي نياز، سندس وقت ازل کان ابد تائين ڦهليل ۽ پاڻ هر جڳهه تي موجود آهي، ڏسو تہ الله نورالسمٰوات و الارض جي ڪيڏي نہ خوبصورت سمجهاڻي سائنس جي هن نڪتي مان ملي ٿي، اقبال جي چوڻ جو ته اهوئي مطلب آهي تہ مذهب ۽ سائنس ۾ ڪڏهن به تضاد ٿي نٿو سگهي. اها اي ڳالهه آهي تہ سائنسي نظرين ۾ تضاد ٿي پيو، جڏن آئن اسٽائن ۽ نيوٽن جي نظرين ۾ آهي، مگر بقول اقبال پوءِ اسان کي رڳو ايترو ڪرڻو آهي تہ جديد سائنسي ڪوجنا ۽ نظرين ڏانهن هڪ آزاد ۽ تنقيدي نقطئہ نظر برقرار رکڻو آهي.

هتي هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ اقبال جي چوڻ موجب اهو مذهب ئي آهي جنهن سائنس جو بنياد رکيو آهي، يعني سائنس جي وڌڻ ويجهڻ ۾ مذهب جو ئي هٿ آهي. پين

لفظن ۾ سائنس کي مذهب منجهان ٽي آتساه ۽ جيلا ملي ٽي. موجوده صدي شايد ان ڳالهه کي هڪ دفعو وري چگيءَ ريت ثابت ڪري. مثلاً جديد سائنسي نظرين موجب هن ڪائنات ۾ چئن قسمن جا زور يا قوتون آهن. ۽ن لفظن ۾ هيئن چئجي تہ ڪائنات جو ڪوبہ واقعو يا ڪابہ شيءَ انهن چئن قوتن جي مرهونِ منت آهي. اهي چار قوتون هي آهن: برقي- مقناطيني قوت (Electromagnetic Force)، ڪشش ثقل (Gravitation) ڪمزور نيوڪليئر قوت (Weak Nuclear Force) ۽ مضبوط نيوڪليئر قوت (Strong Nuclear Forc). سال ۱۹۷۹ع ۾ طبعيات جي موضوع تي جن سائنسدانن کي نوبل انعام مليو، انهن برقي- مقناطيسي ۽ ڪمزور نيوڪليئر قوت کي ساڳي هڪڙي قسم جي قوت ثابت ڪيو آهي. گويا هيئنر طبعي دنيا ۾ باقي وڃي ٽي بنيادي قوتون رهيون آهن، ۽ ان ڏس ۾ تجربا ڪيا وڃن ٿا تہ جئن انهن ٽنهي کي پڻ هڪڙي قوت ثابت ڪري سگهجي، يا ٽنهي جو ماخذ ڪنهن هڪڙي ساڳي قوت ۾ معلوم ڪري سگهجي. هيڏانهن طبعيات (مادي) ۾ دنيا اندر روزافزون وحدت جو اهو حال آهي تہ ٻئي طرف هوڏانهن نفسيات (روح) پنهنجي جڳهه تي جئن جو تئن قائم آهي. مگر هتي وري آءٌ جديد دور جي عظيم فلسفي برٽرانڊ رسل جي ڪتاب "من جي دنيا" (Analysis of Mind) جو حوالو ڏيندس، جنهن ۾ موصوف، هڪ اهڙي بنيادي وحداني سائنس (Fundamental Unipying Scifence) جو تصور پيش ڪري ٿو، جيڪا سندس نظر ۾ صحيح مابعدالطبعيات آهي، ۽ جنهن ۾ ذهن ۽ مادو ٻئي، هڪ ٽئين غير جانبدار مواد

سان ڏيڻ نظر اچن ٿا. مذڪور ڪتاب جي آخر ۾ هو هيٺيون نتيجو قائم ڪري ٿو:

"نفسيات ۽ طبعيات پنهنجي مواد جي لحاظ سان هڪجهڙي ڪا قطعي علحده نه آهن، بلڪ دراصل ذهن ۽ مادو هڪ منطقي ترڪيبن (Logical Constructions) جي حيثيت رکن ٿا. ليڪن اهي جُزا جن منجهان اهي ترڪيبون وجود ۾ اچن ٿيون، تن ۾ گهڻن قسمن جا لاڳاپا ٿين ٿا؛ جن مان ڪي طبعيات جي مطالعي هيٺ اچن ٿا تہ ڪي وري نفسيات تحت اچن ٿا. عام طور هيئن چئي سگهجي ٿو تہ طبعيات انهن جُزن جي گروه بندي فعال حيثيت ۾ ڪري ٿي ۽ نفسيات وري انفعالي لحاظ کان ڪري ٿي."

هن لفظن ۾ انجو مطلب اهو ٿيندو تہ هن هيڏي ساري ڪثرت پٺيان دراصل وحدت آهي، هاڻي سوال اهو آهي تہ ڇا مذهب انهيءَ وحدت ڏانهن اشارو ڪونہ ڪيو آهي؟ ڇا اسانجن صوفين سڳورن، جنجي علم جو ماخذ بقول اقبال، "مذهبي تجربو" (Religious experience) ئي آهي، انهن جي تعليمات ۾ انهيءَ وحدت ڏانهن واضح اشارا موجود ڪونہ آهن! ڇا مولانا روميءَ نہ چيو هو:

ابن محض وحدت است بہ تکرار آمده

ڇا لطيف سائين ڪونہ چيو آهي:

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل

جيڪڏهن مٿين سوال جو جواب هاڪار ۾ آهي، ۽ يقيناً آهي، تہ پوءِ اها ڳالهہ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي ثابت ٿي وڃي ٿي تہ هڪ دفعو وري مذهب سائنس جي رهنمائي ڪري

رهيو آهي يا هيئن ٻه ڇئي سگهجي ٿو ته سائنس مذهب طرف وڌي رهي آهي. ان ڪري اقبال هن ڪتاب جي تعارف ۾ بلڪل سچ چيو هو ته اهو وقت پري ناهي جڏهن مذهب ۽ سائنس جي وچ ۾ گهٽين مشترڪ ۽ هم آهنگ ڳالهين جو انڪشاف ٿي پوي.

ان ايڈي ساري ڳالهه ڪرڻ جو مطلب اهو هو ته اقبال، بنيادي طور، جديد زماني ۾ جنهن شيءَ کان وڌ ۾ وڌ متاثر نظر اچي ٿو، اها سائنس آهي، ۽ سائنس ۾ وري هو نظريءَ اضافيت سان گهڻي ۾ گهڻو لهه وچڑ ۾ اچي ٿو. اهو شايد ان ڪري آهي ڇاڪاڻ ته پوري سائنس جي تاريخ ۾ اهڙو انقلاب انگيز نظريو هنکان اڳ ڪڏهن به پيش ڪونه ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ اقبال جي وقت ۾ اضافيت جو نظريو ايڏا ابتدائي شڪل ۾ هو ۽ انجا پورا خد و خال واضح ڪونه ٿيا هئا، پر اقبال ان نظريي جي ممڪن اثرات کي اڳ ئي سمجهي چڪو هو. هتي هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته نظريئه - اضافيت جا پنهنجا خاص نتيجا آهن- هڪڙو ته ان جي ڪري ماديت يعني مادي جو وجود ختم ٿي ويو ۽ بنهادي حيثيت "واقعي" (Event) کي ملي وئي.

آئن اسٽائن جي چوڻ مطابق مادو واقعات يا حوادث جو مجموعو آهي ۽ اهڙيءَ طرح مادي کي مستقل يا پنهنجي ليکي ڪا حيثيت ڪونهي. ٻيو نتيجو ٿي هو ته وقت کي ٻڻ مڪان جي چوٿين ڊِمَ (Fourth dimension) قرار ڏنو ويو. دراصل اضافيت وقت جي وجود کي به اضافي قرار ڏنو ۽ هيئڙ ته اهو تجربن سان به ثابت ٿي چڪو آهي ته وقت ٻڻ هر هنڌ ساڳيو نٿو رهي. پر اهو انسان جي حالتن مثلاً آرام يا رفتار واري حالت ٿي

دارومدار رکي ٿو. گويا نظريءَ اضافيت مطابقت وقت ۽ مڪان گم ٿي وڃي ٿو. اضافيت جي اصطلاح موجب ان کي ائين چئي سگھجي ٿو تہ زمان و مڪان جو ھڪ تسلسل (Continuum) آھي. بھرحال مطلق حيثيت مڪان کي بہ ڪونھي پوتہ مڪان جو وجود وري مادي سان منسلڪ آھي. ان ڳالھہ کي آئن اسٽائن پنھنجي لفظن ۾ ھينئن ادا ڪيو ھو تہ جيڪڏھن ڪائنات مان مادي جو وجود ڪڍي ڇڏبو تہ پوءِ ھيءَ ڪائنات سمپي ھڪ نقطي تي اچي بيھندي. اھا ڳالھہ ياد رکڻ جوگي آھي تہ اضافيت جي نظريي کان اڳ سائنس جي دنيا ۾ چار حقيقتون بنيادي حيثيت جون حامل ھيون: مادو (Matter)، توانائي (Energy)، زمان (Time) ۽ مڪان (Space). نظريءَ اضافيت ھڪ طرف مادي ۽ توانائي کي ھڪ ٻئي ۾ تبديل ٿيندڙ ثابت ڪيو، (*) تہ ٻئي طرف زمان و مڪان کي ھڪ ٻئي ۾ بدلجندڙ ظاھر ڪيو. ھتي ھيءَ ڳالھہ قابلِ ذڪر آھي تہ جيتوڻيڪ اقبال کي نظريئہ اضافيت جا مادي تشريح سان پورو اتفاق آھي، پر ھو اضافيت جي وقت واري تصور سان پورو اتفاق ڪونہ ٿو ڪري. ھن سلسلي ۾ ھو چوي ٿو تہ وقت جو تعلق انسان جي اندر سان بہ آھي. اھو ئي سبب آھي جو ھو برگسان طرفان پيش ڪيل وقت جي تصور کي اھميت ڏئي ٿو ۽ ان جي ثابتيءَ خاطر ھو مسلمان صوفين جي تجربات کي پيش ڪري ٿو. يا جئن ھاڻ چيو ائس:

نہ ھي زمان نہ مڪان، لا الٰہ الا اللہ

(*) آئن اسٹائن جي جڳ مشھور رياضياتي مساوات ($E=mc^2$) يعني توانائي = مادو x (روشنيءَ جي رفتار)^2 ڏانھن اشارو آھي.

دراصل اقبال ان راءِ جو آهي تہ جيستائين جديد نفسيات هن سلسلي ۾ پنهنجي اوڪ ڏوکي ڪي هر لحاظ کان مڪمل نٿي ڪري، اوستائين وقت جي حقيقتن تي پوري روشني وجهڻ ناممڪن آهي. هونئن ب ڏٺو ويو آهي تہ جيتوڻيڪ ويجهڙائي اندر نفسيات جي ميدان ۾ وليم جيمز ۽ فرائڊ جهڙا ماڻهو پيدا ٿيا آهن، جن نفسيات کي هڪ مڪمل سائنس جي درجي تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي آهي تہ نفسيات اڃا ان درجي تي نہ پهتي آهي. اقبال جو چوڻ آهي تہ هن سلسلي ۾ نفسيات کي هڪ نئون مذهبي تجربي ڏانهن ضرور رجوع ڪرڻو پوندو. لهٰذا مذهبي تجربي کي بيڪار شيءِ سمجهي ڇڏي ڏيڻ نہ گهرجي، بلڪ نفسيات کي ڪهي تہ ان تجربي جي سچائي ۽ پرک لاءِ طريقا وضع ڪري. هن ڪتاب جي پهرئين ۽ ٻئي ليڪچر ۾ ان ڳالهہ تي روشني وڌي وئي آهي.

هنن ليڪچرن منجهان ٻي اهم حقيقت جيڪا اسان جي سامهون اچي ٿي، سا هيءَ آهي تہ اقبال جو اسلام جي نشاة ثانيہ ۾ غير متزلزل ايمان هو. بلڪ ائين چوڻ گهرجي تہ هو ويهين صديءَ جو اهو اڪيلو مسلمان مفڪر آهي جنهن وٽ اسلام جي نئين جاگرتا جو هڪ مڪمل تصور ملي ٿو، جنهن پنهنجي دوربين نگاه سان اهو ڀڻ ڏٺي ورتو هو تہ اسلام جي انهيءَ جاگرتا کي کهڙا بنيادي مسئلا سامهون اچي سگهن ٿا ۽ انهن کي ڪيئن حل ڪري سگهجي ٿو. هو ان ڳالهہ جو قائل هو تہ انسان پنهنجي ارتقا جي ان مرحلي تي پهچي چڪو آهي جتي سندس رهنمائي صرف اسلام جهڙو مذهب ئي ڪري سگهيو ٿي.

اقبال جي نظر ۾ انجو سبب اسلام جي استقرائي نوعيت آهي، جنهن جو ثبوت اسلام ۾ "ختم نبوت" جهڙي عقيدي جي موجودگي آهي. چو ته سندس چوڻ مطابق ان عقيدي جو مطلب آهي ته هيئٽر انساني ذهن بالغ ٿي چڪو آهي ۽ ضرورت ان گهالهه جي آهي ته انسان کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ سيکاريو وڃي. گويا انسانيت جي بانبڙن پائڻ وارو دور ختم ٿي چڪو آهي. يعني موجوده دور جي انسان کي ڪنهن نئين غيبي ذريعي منجهان جاڻ حاصل ڪرڻ جي ضرورت باقي نه آهي. ٻين لفظن ۾ انجو مطلب ٿيندو ته هو اسلام کي متحرڪ ۽ ترقي پسند مذهب قرار ڏئي ٿو، بلڪ سندس نظر ۾ اسلام جو اصل روح اهو تحرڪ ۽ ترقي پسندي ئي آهي. هن سلسلي ۾ هو زندگيءَ بابت اسلام جي نظريه کي ثبوت طور پيش ڪري ٿو.

هاڻي سوال اهو آهي ته جيڪڏهن واقعي اسلام ايڏو ترقي پسند مذهب آهي، ته پوءِ ڇا اسلام جي تاريخ ان گهالهه جو ثبوت فراهم ڪري ٿي؟ افسوس جو ان سوال جو جواب اڏ هاڻوڪار ۾ آهي ۽ اڏ ناڪار ۾. اهو هيئٽن ته اسلام پنهنجي شروعاتي دور ۾ بيشڪ انسان کي هڪ متحرڪ مذهب جي ڏڪ ڏئي ٿو، مگر گذريل پنج سؤ سالن دوران عملي طور اسلام تي جمود طاري رهيو آهي، ۽ ان جو واضح سبب اجتهاد جي اٿاٽ يا بنهه انڪار آهي. اهو ئي سبب آهي جو اقبال جديد دنيا ۾ اسلام جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ اجتهاد کي ناگزير سمجهي ٿو. هن سلسلي ۾ اقبال ڇهين ليڪچر اندر جمهوري نظام حڪومت جي تصور کي جهڙيءَ ريت واضح ڪيو آهي، ۽ جنهن نموني

۽ هن اسلام ۽ جمهوريت جو وجود ثابت ڪيو آهي، اهو اسلامي فڪر جي تاريخ ۽ پنهنجو مثال پاڻ آهي. ترڪيءَ جو مثال ڏيندي هو چوي ٿو ته هن وقت جيڪڏهن مسلمانن جي نئين نسل ۽ ڪٿي ڪٿي قوم پرستيءَ وغيره جهڙا نظريا اثر نظر اچي رهيا آهن، يا اهڙن نظرين جو عمل دخل وڌي رهيو آهي ته ان ۽ حالات جو ڏوهه آهي ۽ انجو سبب مسلمانن ۽ صحيح قيادت جو فقدان آهي. اڄا به ائين ڪٿي چئجي ته انجو اصل سبب ملا جو رجعت پسندانه ۽ هڪ هٿڪيل تصور اسلام آهي، جنهن کي اقبال: "دين ملا في سبيل الله فساد" ڪوئي ٿو. اقبال جي نظر ۽ اسلام جمهوريت جو پيغامبر ۽ علمبردار آهي. اهوئي سبب آهي جو هو اسلامي دنيا جو وڏي ۽ وڏو مسئلو صحيح جمهوريتن جو قيام چاڻائي ٿو، جيڪا گهاڻهه اڄ بہ سڀني مسلمان ملڪن تي صادق اچي ٿي.

غور ڪري ڏسبو ته اقبال جي اڪابر ڏهن اڻ وقت جن مسئلن جي نشاندهي ڪئي هئي، اهي اڄ بہ پنهنجي ساڳي صورت ۽ جئن جو تئن مسلمان ملڪن جي آڏو موجود آهن. هن سلسلي ۽ اقبال خاص طور ٻن بنيادي گهاڻهين جي نشاندهي ڪئي آهي، جن مان هڪڙي ته اڄائي "صحيح جمهوريتن" جو قيام آهي ۽ ٻي "مسلمان ملڪن جو اتحاد"؛ جيڪي ٻئي اڄا تائين مسلمان ملڪن ۽ ناپيد آهن، حالانڪ اسان جي ڪاميابيءَ جو دارومدار بہ انهن ٻنهي گهاڻهين تي آهي.

ظاهر آهي ته اقبال جا اهي ليڪچر جن ۽ مٿي چاڻايل سڀني مسئلن تي روشني وڌي وئي آهي، هڪ لحاظ کان انتهائي

دقيق آهن، انهن کان پنجي تہ اقبال، جنهن پنهنجي سموري عمر اسلام جي سمجهڻ ۽ صرف کئي هئي، هي ليکچر انجو نچوڙ يا ماحصل آهن. سندس شاعريءَ ۾ به انهيءَ فکر جو پڙاڏو موجود آهي. هڪ هنڌ چوي ٿو:

فلسفہ و شعر کی اور حقیقت ہے کیا،
حرفِ تمنّا جسے کہہ نہ سکیں روبرو۔

هڪ لحاظ کان سون سوچيو هو تہ اقبال جي هن ڪتاب جي تشريح سندس شعرن جي روشنيءَ ۾ ڪئي وڃي، يا گهٽ ۾ گهٽ حاشيءَ ۾ انهيءَ مطلب سان ٿهڪندڙ شعر پيش ڪيو وڃي. مگر جئن تہ اهو انتهائي وڏو ڪم هو، جيڪو ايڏا تائين اردوءَ ۾ به نہ ٿي سگهيو آهي، تنهنڪري اها گهالهہ في الحال قابلِ عمل نظر ڪونہ آئي. جيتوڻيڪ انهن ڪرڻ سان نہ رڳو هي ڪتاب دلچسپ بنجي پوي ها، بلڪ وڌيڪ قابلِ فهم پڻ ٿي سگهي ها. بهرحال منهنجو اهو احساس آهي تہ هن ڪتاب جو هڪ هڪ جملو هڪ نئين معنيٰ ۽ مفهوم جو حامل آهي ۽ اقبال جي شعري تخليقات ۾ اهڙا ٿهڪندڙ شعر ضرور موجود آهن، جيڪي انجي تشريح ۾ پيش ڪري سگهجن ٿا. هتي رڳو هڪڙو مثال پيش ڪندس. "خودي" اقبال جي فلسفي ۽ شاعري جو بنيادي ٽڪتو آهي، جئن ڪنهن هنڌ چوي ٿو:

پیکر هستي ز آثارِ خودي است،
هرچہ می بینی ز اسرارِ خودي است۔
خویشتن را چون خودي بیدار کرد،
آشکارا عالم پندار کرد۔

صد جهان پوشیده اندر ذات او،
غیر او پیدا است از اثبات او.
سازد از خود پیکر اغیار را،
تا فزاید لذت پیکار را.
چون حیات عالم از زور خودي است،
پس بقدر استوار زندگي است.
چون زمیں برهستیِ خود محکم است،
ماه پابند طواف پیهم است.
هستیِ مهر از زمیں محکم تر است،
پس زمیں مسحور چشم خاور است.

مٿين شعرن پڙهڻ کانپوءِ هن ڪتاب جو چوٿون ليڪچر "انساني خودي - سندس آزادي ۽ بقا" پڙهي ڏسو. ساڳيءَ طرح پنجون ليڪچر جنهن جو موضوع خدا جي ذات آهي ۽ اقبال جي نزديڪ خدا جو تصور ته "خودي" يا "انا" جهڙو آهي، ان تي به هنن شعرن منجهان گهٽي قدر روشني پوي ٿي.

هينئر آئون هن ڪتاب جي ترجمي بابت ڪجهه عرض ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. جئن ته سنڌي هوليءَ ۾ خالص فلسفي جي موضوع تي هي پهريون مڪمل ڪتاب آهي، انڪري ترجمي ڪرڻ وقت مونکي تمام گهٽي ڏکيائي محسوس ٿي. خاص طور فلسفي جا اصطلاح گهڙڻ نهايت مشڪل ڪم آهي. جيتوڻيڪ مون پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪئي آهي ته اصطلاحن واري هوليءَ کي نظرانداز ڪري ترجمي کي عام فهم بنائجي، پر پوءِ به ڪجهه نه ڪجهه اصطلاح ضرور اچي ويا آهن، جن جي پٺي

هن ڪتاب جي آخر ۾ ڏني وئي آهي. ان ڪري پڙهندڙ ڪي ڪجي ته ڀريائين ان پٽيءَ ڪي نظر سان ڪڍي پوءِ هن ڪتاب جو مطالعو شروع ڪري.

بهرحال هن ڪتاب ڪي سمجهڻ لاءِ پڙهندڙن ڪي منهنجو اهو مشورو آهي ته هن ڪي ڪهڻ ۽ ڪهت ۾ دفعا ضرور پڙهيو وڃي. هتي هيءَ ڳالهه به واضح ڪري ڇڏيان ته هن ڪتاب ۾ قرآن شريف جي جن آيتن جو ترجمو ڏنو ويو آهي، اهو مون علامه صاحب جي ڏنل انگريزي ترجمي جو سڌو سنئون سنڌي ترجمو ڪيو آهي، يعني اهو ترجمو ڪنهن اڳ ۾ ٿيل ترجمي تان ڪنيل ناهي. اهو ان ڪري نه ڪيو ويو چاڪاڻ ته هونئن انهن آيتن سان ان مقصد جي نشاندهي ٿي نه سگهي ها، جيڪو علامه صاحب جنجي پيش نظر هو.

آخر ۾ آئون هتي ضروري ڏو محسوس ڪريان ته پنهنجي نئين ڀاڻ جي استاد محترم صفي الله عباسيءَ جو ڏورو مڃيان، ڇوتہ اهو اقبال سان سندس والهانه تعلق ئي آهي جنهن مون ۾ اقبال جي ساڃهه پيدا ڪئي. ازانسواءِ اقبال جي هن شائق، جنهن وٽ اقبال تي ڪتابن جو ڪافي ذخيرو موجود آهي، هر قسم جا ڪتاب ميسر ڪري منهنجي شوق کي زنده رکيو. ائين ڪٽي چوان ته اقبال ۾ منهنجي جيڪا به دلچسپي آهي، اها سندس مرهونِ منت آهي. آءٌ پنهنجي پياري دوست امير علي چانڊئي جو به ڏورانتو آهيان جنهن هن هيڏي ساري ڏکئي ڪتاب جي ترجمي تي دل ڏڙائي ۽ همت ڏياري. ان کانسواءِ هن ترجمي جي ڪن حصن کي نظر سان ڪيو ۽ نهايت مفيد مشورا ۽ صلاحون ڏنائين.

آءٌ علامه اقبال جي لائق فرزند ڊاڪٽر جسٽس جاويد اقبال جو به انتهائي ڏورانتو آهيان، جو هن صاحب بنا ڪنهن دير جي

۽ وڏي خوشيءَ سان هن ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ جي اجازت ڏني. ڊاڪٽر معز الدين، ڊئريڪٽر اقبال اڪيڈمي جو به شڪريو لازم ٿو سمجهان جو سندس مسلسل خط و ڪتابت منهنجي حوصلہ افزائيءَ جو سبب بني ۽ سندس تعاون سان هيءَ ڪم پايہ تڪميل تي پهتو. هتي آءٌ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي چئرمين سنڌي ادبي بورڊ ۽ ميمبر بورڊ آف گورنرس، اقبال اڪيڈمي جي به شڪريي ادا ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهان، جنهن پنهنجي انتهائي مصروفيات جي باوجود هن ڪتاب جو پيش لفظ تحرير ڪرڻ فرمايو.

آخر ۾ آءٌ مسٽر عابد لغاري ايڊيٽر "نئين زندگي" جو به شڪرگذار آهيان جنهن هن ڪتاب جي پروفن پڙهڻ جو ذمو پاڻ تي کنيو ۽ ان ڪم کي نهايت خوش اسلوبي سان سرانجام ڏنائين.

عبدالغفار- ايم- سومرو

ميرپور خاص، سنڌ

۲۴ جنوري ۱۹۸۰ع

مطابق ۵ ربيع الاول ۱۴۰۰ هـ

تعارف

قرآن پاڪ هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن "فڪر" جي مقابلي ۾ "عمل" تي زياده زور ڏنو آهي. وري جيتوڻيڪ مذهبي عقيدو بنهادي طور هڪ اهڙي قسم جي باطني مشاهدي سان همڪنار ڪري ٿو، جو ان جي مدد سان انسان، هن اجنبي ۽ اڻڄاتل ڪائنات کي تسخير ڪري سگهي ٿو، مگر ڪي ماڻهو سياويڪ طور زندگيءَ جي اهڙي طريقي تي عمل پيرا ٿي نه ٿا سگهن. ازانسواءِ جديد دور جو انسان، جيڪو ٿوس فڪر جو عادي بنجي چڪو آهي، هڪ نه انهيءَ طريقي کي آزمائش جو پوريءَ ريت اهل نه رهيو آهي، پيو نه هو ان باري ۾ اجائي وهم و گمان جو شڪار آهي. حالانڪ اسلام پنهنجي شروعاتي تهذيبي دور ۾ مٿين طريقي تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. اهو ئي سبب آهي جو تصوف جا جيڪي اصلي ۽ صحيح مڪتب هٿ، تن سڀني جو اسلام جي مذهبي مشاهدي جي تشڪيل ۽ ترقيءَ ۾ وڏو هٿ رهيو آهي. پر اڄڪلهه جيڪي ماڻهو تصوف جي نمائندگي ڪرڻ لڳا، اهي جئن ته جديد ذهن کان اڻواقف هٿ، لهٰذا هو جديد فڪر ۽ تجربي مان ڪو فائدو حاصل ڪري نه سگهيا. هو اڄ به انهن پراڻن طريقن کي استعمال ڪرڻ جا عادي نظر اچن ٿا، جيڪي اهڙن ماڻهن لاءِ وضع ڪيا ويا هٿ، جن جو تهذيبي نقطئه نظر اسان کان سراسر مختلف هو. مثلاً قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي:

"وما خلقكم و بعثكم الا كنفس واحده"

يعني توهان سڀني جو تخليق ۽ سڀني جو

وري جيئرو ٿيڻ، ڏکڙي ماڻهوءَ جي تخليق
۽ وري جيئري ٿيڻ وانگر آهي.

هاڻي هن آيت ۾ جنهن حياتياتي وحدت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، اڄوڪي دور ۾ ان جي لاءِ هڪ اهڙي تجربي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪو جسماني رياضت جي گهٽ طلب ڪري، پر نفسياتي لحاظ کان ٽوس ذهني تقاضائن سان مطابقت رکندڙ هجي. مگر جيستائين اهڙو ڪو طريقو وضع ڪيو وڃي تيستائين اهو هڪ فطري مطالبو ٿو لڳي ته مذهبي ڄاڻ کي سائنسي انداز ۾ پيش ڪيو وڃي. هي ليڪچر، جيڪي مون مدراس مسلم ايسوسيئيشن جي دعوت تي مدراس، حيدرآباد ۽ علي گڙهه ۾ ڏنا، تن ۾ مون اها ڪوشش ڪئي آهي ته منڍي بيان ڪيل ضرورت کي ڪنهن حد تائين پورو ڪيو وڃي. هن سلسلي ۾ مون اها ڪوشش ڪئي آهي ته اسلام جي مذهبي فڪر جي نئين سر تشڪيل ڪرڻ وقت، هڪ طرف اسلام جي فڪري روايات کي آڏو رکيو وڃي، ته ٻئي طرف مختلف انساني علمن ۾ ويجهڙائي اندر جيڪو واڌارو ٿيو آهي، ان سان پڻ مڪمل استفادو ڪيو وڃي. اها خوشقسمتيءَ جي گالهه آهي ته موجوده وقت انهيءَ ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ نهايت موزون آهي. قديم طبعيات پنهنجي بنيادي اصولن تي تنقيد جو آغاز ڪري چڪي آهي، نتيجتاً، جنهن قسم جي ماديت کي اڳ سمجهيو ويو هو. اها ختم ٿي رهي آهي. انهيءَ ڪري لڳي ٿو ته اهي ڏينهن پري ناهن، جڏهن مذهب ۽ سائنس جي وچ ۾ اهڙين مشترڪ حقيقتن جو انڪشاف ٿي پوي، جيڪي هن وقت تائين

اسان جي نظرن کان اوجهل رهيون آهن. پر هتي اها گالهه ياد رکڻ گهرجي ته فلسفيانه غور و فڪر ۽ ڪا گالهه حتمي يا آخري نه هوندي آهي. جئن جئن علم ۽ واڌارو ٿئي ٿو ۽ فڪر جي لاءِ نوان نوان رستا کلن ٿا، تئن اهو پڻ ممڪن آهي ته نوان نظريا اسان جي آڏو اچن؛ ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهي نظريا اسان جي انهن نظرين کان وڌيڪ بهتر هجن، جيڪي اسان هتي پيش ڪيا آهن. بهرحال اسان جو فرض اهو آهي ته انساني فڪر جي واڌ ويجهه جو چڱيءَ طرح جائزو وٺون ۽ هن سلسلي ۾ آزادانه تنقيدي نقطئه نگاه برقرار رکندا اچون.

اقبال

آنچہ گفتم از جہانے دیگر است
ایں کتاب از آسمانے دیگر است

(جاوید نامہ - اقبال)

علم ۽ مذهبي مشاهدو

هيءَ ڪائنات جنهن ۾ اسين رهون ٿا، ان جي بناوت ۾ نوعيت ڪهڙي آهي؟ ڇا سندس بناوت ۾ ڪو دائمي عنصر موجود آهي؟ اسان جو ساڻس ڪهڙو تعلق آهي؟ ازانسواءِ هن ڪائنات ۾ اسانجو ڪهڙو مقام آهي ۽ ان مقام جي لحاظ ڪان اسانجو ڪهڙو طرز-عمل هئڻ ڪپي؟ اهي سڀ سوال مذهب ، فلسفي ۽ اعليٰ شاعريءَ جو مشترڪ موضوع آهن. مگر جيستائين شاعرانہ الهام جو تعلق آهي تہ هن سلسلي ۾ اسانکي جيڪا ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي، اها بلڪل انفرادي نوعيت جي ٿئي ٿي؛ ايتري ۾ ائين ڪٽي چئجي تہ اها غير واضح، مبهم ۽ تمثيلي قسم جي ٿئي ٿي. البت مذهب پنهنجي اعليٰ صورت ۾ شاعريءَ ڪان گهڻو بلند آهي. اهو ئي سبب آهي جو مذهب فرد ڪان معاشري طرف وڌيڪ جهڪو قائل آهي. وري جيستائين مطلق حقيقت جي باري ۾ ڪنهن طرز-عمل اختيار ڪرڻ جو سوال آهي تہ ان صورت ۾ مذهب انسان جي محدود تصور جي خلاف آهي. بلڪ مذهب انساني حجت جي دائري کي وسيع ڪري ٿو ۽ اها توقع ڏياري ٿو تہ ذاتِ مطلق جو سڏو سنئون ديدار ممڪن آهي. هاڻي سوال اهو آهي تہ ڇا فلسفي جو خالص عقلي طريقو مذهب جي سلسلي ۾ به استعمال ڪري سگهجي ٿو يا نہ؟ ڇو تہ فلسفي جو روح آهي آزادانہ تحقيق! ان ڪانسواءِ فلسفو هر اهڙي گهالهہ کي شڪ جي نظر سان ڏسي ٿو جنهن ۾ ڪنهن راءِ کي دخل هجي. ڇو تہ فلسفي جو ڪم ئي آهي اهڙن مفروضن جو سراغ لڳائڻ جيڪي انساني فڪر، سواءِ ڪنهن چنڊچاڻ جي قبول ڪيا آهن. هاڻي انهيءَ جستجو دوران اهو بلڪل ممڪن آهي تہ فلسفو مطلق حقيقت جو صاف انڪار ڪري ڇڏي ، يا

هن سلسلي ۾ عقل ۽ محض جي نا اهليت جو ڪلام ڪلا اظهار ڪري. مگر ان جي برعڪس مذهب جو روح آهي "ايمان"، ۽ ايمان جو مثال پکيءَ جهڙو آهي جيڪو پنهنجو "بي نشان" رستو عقل جي مدد کانسواءِ به گهولهي سگهي ٿو. اسلام جي هڪ وڏي صوفي شاعر جو چوڻ آهي: "ايمان هڪ اهڙو رهزن آهي جيڪو هميشه انسان جي دل تي ڏاڙو هڻندو آهي ۽ ڪائنس زندگيءَ جي گڏجي دولت ڦري وڃندو آهي" پر انهن سڀني گهالهين جي باوجود اهو مڃڻو پوندو ته ايمان جي حيثيت رڳو هڪ احساس يا تاثر جي ناهي، منجهس عقل جو عنصر به موجود ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو مذهب جي تاريخ ۾ هميشه صوفين ۽ متڪلمين جون به مخالف جماعتون موجود رهيون آهن، ۽ ان گهالهه مان وري اهو پتو پوي ٿو ته مذهب جي لاءِ فڪر جو وجود پڻ اٽل آهي. ليڪن جيستائين مذهبي اصولن ۽ عقيدن جو تعلق آهي ته پروفيسر وائيٽ هيڊ (White head) نهايت ٺيڪ چيو آهي: "مذهب عام حقيقتن جو هڪ اهڙو نظام آهي جن تي جيڪڏهن سچائي ۽ خلوص دل سان عمل ڪيو وڃي ته هوند انساني سيرت ۽ ڪردار جي ڪايا پلٽ ٿي سگهي ٿي." لهٰذا جيڪڏهن مذهب جو مقصد، انسان ۾ ظاهري ۽ باطني تبديلي آڻڻ ڪانسواءِ سندس رهنمائي ڪرڻ پڻ آهي ته اهڙيءَ صورت ۾ مذهب، اهڙين عام حقيقتن تي مشتمل هئڻ گهرجي، جن جي، باري ۾ ڪو اختلاف نه هجي. ڪوبه ماڻهو شڪ گاذر اصولن تي پنهنجي عمل جو دارومدار رکي نه ٿو سگهي. درحقيقت مذهب جي آڏو جيڪو مقصد آهي، اهو پاڻ ان گهالهه جي تقاضا ڪري ٿو ته مذهبي اصولن کي سائنس جي مقابلي ۾، عقلي بنيادن تي استوار ڪرڻ جي وڌيڪ ضرورت آهي. سائنس عقلي مابعدالطبعيات کي نظرانداز ڪري سگهي ٿي ۽ اها حقيقت آهي ته سائنس هن وقت تائين ائين ڪيو آهي، پر مذهب جي لاءِ اهو ناممڪن آهي جو پنهنجي مشاهداتي تضادن کي سلجهائڻ جي ڪوشش نه ڪري، ۽ انسان

جنهن ماحول ۾ رهي ٿو ان جي سچائيءَ کان انڪار ڪري. پروفيسر وائيٽ هيڊ هن سلسلي ۾ ڪيڏو نہ سٺو چيو آهي، "مذهب جو هر دور عقليت جو دور هوندو آهي." پر مذهب کي عقليت جي روشنيءَ ۾ پيش ڪرڻ جو اهو مطلب ناهي ته مذهب جي مٿان عقليت جي فوقيت تسليم ڪئي وڃي. بيشڪ فلسفي کي اهو حق پهچي ٿو ته مذهب جو جائزو وٺي، پر جنهن شيءِ جو جائزو وٺڻو آهي يعني مذهب، ان جي اصليت جي تقاضا آهي ته پهريائين فلسفو سندس شرط شروط تسليم ڪري. يعني مذهب جي باري ۾ ڪوبہ فيصلو ڏيندي، فلسفو سندس گالهين کي پنهنجي موادکان گهٽ حيثيت ڏيئي نہ ٿو سگهي. مذهب شعبہ جاتي معاملو ناهي. مذهب نہ ته محض فڪر آهي ۽ نہ محض جذبو ۽ نہ وري محض عمل، بلڪ مذهب انساني زندگيءَ جو ڪُلي مظهر آهي. ان ڪري مذهب جي جائزي وٺڻ وقت فلسفي کي ڪپي ته سندس مرڪزي ڪردار جو اعتراف ڪري. هونئن بہ هن سلسلي ۾ فلسفي لاءِ سواءِ ان جي ٻيو ڪو چارو ڪونهي ته انساني فڪر جي ترتيب ۾ مذهب کي مرڪزي حيثيت ڏئي ها، پر ان گالهہ جي بہ اڃان کا ثابتي ڪونهي ته فڪر ۽ وجدان لازمي طور هڪ ٻئي جا مخالف آهن. بلڪ ٻنهي جو هڪڙو ئي سر چشمو آهي ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي تڪميل جو سبب بنجن ٿا. فرق صرف ايترو آهي ته عقل جزوي طور حقيقت جو ادراڪ ڪري ٿو، مگر وجدان ان کي ڪلي طور حاصل ڪري ٿو. وجدان حقيقت جي دائمي پهلوءَ تي نظر رکي ٿو ته عقل وري حقيقت جي وقتي پهلوءَ کي مدِ نظر رکي ٿو. مطلب ته وجدان مڪمل حقيقت منجهان هڪ ئي وقت لطف اندوز ٿئي ٿو، پر فڪر ان رستي تي آهستي آهستي اڳتي وڌي ٿو. يا ائين ڪئي "چئجي ته فڪر پهريائين حقيقت کي مختلف حصن ۾ ورهائي ٿو، ۽ تنهن کان پوءِ هر حصي جو علحده علحده مشاهدو ڪري ٿو. مگر باهمي تقويت حاصل ڪرڻ لاءِ هو وري بہ هڪ ٻئي جا محتاج

آهن. ڇو ته درحقيقت ٻئي ساڳئي ڏاڪڙي حقيقت جو مشاهدو ماڻڻ گهرن ٿا، جيڪا مٿن پنهنجو اظهار سندن زندگيءَ جي عمل مطابق ڪري ٿي. وجدان جي باري ۾ برگسان نهايت سچ چيو آهي ته "وجدان فڪر جي ئي ڏاڪ اعليٰ صورت آهي."

هاڻي جيستائين اسلام ۾ عقلي بنيادن جي ڪوجنا جو تعلق آهي ته ان جو آغاز آنحضرت صلعم جن جي ذات گرامي ڪان ئي ٿي چڪو هو. پاڻ هميشه اها دعا گهرندا هئا: "اللّٰهُم ارني الاشياء كما هي" يعني "خدايا، مون کي شين جي اصل حقيقت جي ڄاڻ عطا ڪر." هن سلسلي ۾ اڳتي هلي صوفياءَ ڪرام ۽ متڪلمين اسلام جيڪي ڪوششون ڪيون، اهي اسانجي تهذيبي تاريخ جو انتهائي سبق آموز باب آهن. سندن ڪوششن منجهان جتي هڪ طرف اسان کي اهو پتو پوي ٿو ته هو فڪري طور مربوط نظام جا ڪيڏا خواهشمند هئا ۽ سچ جي ڳولها ۾ ڪيترو مخلص هئا؛ اتي ٻئي طرف اسانکي اهو پڻ پتو پوي ٿو ته انهيءَ دور جون اهي ڪوڙيون پابنديون هيون، جن جي ڪري اسلامي الٰهيات جي دنيا ۾ سندن ڪوششون ايڏيون بارآور ثابت نه ٿيون، جيڪي هونئن جيڪر ٻئي ڪنهن دور ۾ ٿي سگهن ها! اسان سيني کي خبر آهي ته يوناني فلسفو اسلام جي تاريخ ۾ هڪ وڏي تهذيبي قوت جي حيثيت رکي ٿو. مگر حقيقت اها آهي ته قرآن شريف جي ڳوڙهي مطالعي کان پوءِ جڏهن اسين متڪلمين جي انهن مختلف مڪاتيب فڪر جو جائزو ونون ٿا، جيڪي يوناني فلسفي جي زير اثر پيدا ٿيا هئا؛ تڏهن اسانکي خبر پوي ٿي ته بيشڪ هڪ لحاظ کان يوناني فلسفي مسلمان مفڪرن جي نقطهِ نظر ۾ وسعت پيدا ڪئي، مگر ان جي ڪري مجموعي طور قرآن مجيد جي باري ۾ سندن بصيرت گهٽو گهٽجي وئي. سقراط جي توجه جو مرڪز صرف انسان هو. هن وٽ انسان جي مطالعي جو بهترين موضوع انسان ئي ٿي سگهيو ٿي، ۽ نه ڪائنات جيتن

۽ ستارن جي دنيا ! پر ڏسو ته هيءَ گاله قرآني تعليمات جي
ڪنهن به برخلاف هئي، ڇو ته قرآن شريف جي ڇوڙ مطابق
حقير ماڪيءَ جي مڪ کي به الهام ٿئي ٿو. هن سلسلي ۾
قرآن شريف بار بار ان گاله جي دعوت ڏئي ٿو ته هوائن جي مستقل
تغير و تبدل، ڏينهن ۽ رات جي تبديلي، ۽ بادلن ۽ ستارن سان
جهنجهيل آسمان جو مشاهدو ڪيو. نه صرف ايترو بلڪ قرآن
انهن سيّارن ڏانهن پڻ ڌيان ڇڪايو آهي جيڪي ان ڪٽ خلا ۾
تري رهيا آهن. وري افلاطون جئن ته سقراط جو سچو پوئلڳ
هو، ان ڪري هن ادراڪ بالحواس کان نفرت جو اظهار ڪيو.
سندس خيال هو ته حواسن ذريعي حقيقي علم حاصل ٿي نه ٿو
سگهي، بلڪ وڌ ۾ وڌ هڪ قسم جي راءِ قائم ڪري سگهجي
ٿي. هاڻي ڏسو ته هيءَ راءِ به قرآني تعليمات جي ڪيڏو نه خلاف
آهي! ڇو ته قرآن مجيد ٻڌڻ يعني "سمع" ۽ ڏسڻ يعني "بصر"
کي خدا جي ٻي ٻها نعمتن ۾ شمار ڪيو آهي ۽ ڪين پنهنجي
سرگرمين لاءِ خدا جي آڏو ذميوار قرار ڏنو آهي. پر افسوس آهي
جو ابتدائي دور جي عالمن قرآن مجيد جي انهيءَ تعليم کي يوناني
فڪر جي زبردست اثر هيٺ بلڪل وساري ڇڏيو. بلڪ ائين ڪٽي چنجي
ته هو قرآن جو مطالعو به يوناني فڪر جي روشنيءَ ۾ ڪندا
هئا. تانجو پورن ٻن سؤ سالن گذرڻ کان پوءِ ڪين اها سمجهه
آئي ته قرآني تعليمات جو روح دراصل ڪلاسيڪي فڪر جي
خلاف هو. حقيقت اها آهي ته اهو انڪشاف پنهنجي جڳهه تي
هڪ وڏي فڪر انگيز انقلاب جو پيش خيمو هو، جنهن جي
اهميت کي اڄ ڏينهن تائين پوريءَ ريت محسوس نه ڪيو ويو
آهي. بهرحال ان گاله ۾ ڪجهه انهيءَ انقلاب جو اثر هو ۽
ڪجهه غزاليءَ جي ذاتي حالتن جو دخل هو، جنهن ڪري
اڳتي هلي غزاليءَ مذهب جو بنياد فلسفيانه تشڪيڪ تي رکيو،
حالانڪ مذهب جي لاءِ اهو بنياد قطعي طور پروسي جو ڪو ڪونه
هو ۽ نه وري قرآن شريف جي تعليمات مطابق هو. اهو ئي سبب

آهي جو ڪجهه وقت کان پوءِ غزاليءَ جو وڏو مخالف ابن رشد يوناني فلسفي جي حمايت ۾ اٿي کڙو ٿيو ۽ ارسطوءَ جي ٻيروي ڪندي "فعال عقل جي بقا" وارو نظريو قائم ڪيائين. ڪنهن زماني ۾ انهيءَ نظرئي جو فرانس ۾ انليءَ جي فڪري حلقن ۾ وڏو چرچو هو. حالانڪ منهنجي راءِ مطابق اهو نظريو ان تصور جي سراسر خلاف آهي جيڪو قرآن شريف انساني خودي‌ءَ جي قدر و منزلت جي باري ۾ قائم ڪيو آهي. مطلب ته اهڙيءَ طرح ابن رشد اسلام جي هڪ انتهائي ڪارآمد تصور کي سمجهڻ کان قاصر رهيو. سندس انهيءَ اڻ ڄاڻائيءَ ڪري زندگيءَ جي باري ۾ هڪ اهڙي بيمار ۽ بيڪار فلسفي جنم ورتو جنهن ڪري انسان نه رڳو پنهنجي ذات جي باري ۾ بلڪ خدا ۽ ڪائنات جي باري ۾ پڻ هر قسم جي بصيرت کان محروم رهجي ويو. هن سلسلي ۾ البت ايترو چوڻ ضروري آهي ته اشعري مفڪر ڪنهن حد تائين صحيح راه تي گامزن هيا ۽ هڪ لحاظ کان هو جديد فلسفئ عينيت جا مختلف خد و خال واضح ڪري چڪا هئا. پر جيڪڏهن مجموعي لحاظ کان ڏٺو وڃي ته اشعري تحريڪ جو مقصد ٻي، سواءِ ان جي ٻيو ڪجهه نه هو ته عقائد جو تحفظ يوناني جدليات جي هٿيارن ذريعي ڪيو وڃي. هوڏانهن وري معتزلہ جو خيال هو ته مذهب فقط عقائد جو مجموعو آهي، اهو اٽل يا زنده حقيقت ناهي! ان کانسواءِ جيستائين حقيقت تائين پهچ جو سوال آهي ته معتزلہ غير تصوراتي طريقن جي استعمال ڏانهن بلڪل توجه ڪونه ٿي ڏنو، بلڪ هنن وٽ مذهب جي حيثيت منطقي تصورات جي هڪ نظام کان وڌيڪ نه هئي، جنهن جو نتيجو آخرڪار منفي طرزِ عمل جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. دراصل معتزلہ ان ڳالهه سمجهڻ ۾ ناڪام ويا ته علم، پوءِ ان جو تعلق مذهبي دنيا سان هجي يا سائنسي دنيا سان؛ مگر فڪر جي لاءِ اهو ناممڪن آهي ته احساس جي دنيا کان مڪمل طور لا تعلق رهي.

بهرحال ان حقيقت جو انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي تہ غزاليءَ جو ڪم پنهنجيءَ پر ۽ پيغمبرانہ نوعيت جو هو، ۽ نہ وري اها ساڳي حيثيت ارڙهين صديءَ دوران جرمنيءَ ۾ ڪانٽ کي حاصل ٿي. اهو وقت هو جڏهن جرمنيءَ ۾ عقليت کي مذهب جو ساٿي تصور ڪيو ويندو هو، پر پوءِ جلد ئي ان ڳالهہ جو احساس ٿي ويو تہ مذهبي عقيدن جو اثبات، عقلي لحاظ کان ناممڪن هو، جنهنڪري عقليت لاءِ سواءِ ان جي ٻيو ڪو چارو نہ هو تہ مذهب منجهان عقيدن واري حصي کي خارج ڪيو وڃي. مگر عقيدن کي اهڙي نموني ۾ ترڪ ڪرڻ جو اهو نتيجو نڪتو جو ان جي جاءِ اخلاقيات جي افادي نظريي والاري ۽ اهڙيءَ طرح عقليت هٽان لادينيت جو راج قائم ٿيو. هاڻي اها هئي جرمنيءَ وارن جي مذهبي فڪر جي حالت، جڏهن ڪانٽ پيدا ٿيو. وري جڏهن سندس ڪتاب "خالص عقل تي تنقيد" (Critique of Pure Reason)، منظرِ عام تي آيو، جنهن ۾ ڪانٽ انساني عقل جي بي بسي ۽ ڪوتاهيءَ کي واضح ڪيو هو، تڏهن تہ هيڪاري عقليت پرستن جي ٺاهيل عمارت ڏهي اچي پٽ پيئي. ان ڪري اهو بلڪل صحيح چيو ويو آهي تہ ڪانٽ پنهنجي ملڪ وارن لاءِ خدا جي وڏي ۾ وڏي نعمت ثابت ٿيو. پر غزاليءَ جو فلسفئہ تشڪيڪ ڪانٽس ۾ قدم اڳتي هو، ڇاڪاڻ جو غزاليءَ جي سخت تنقيد ڪري عقليت پرستيءَ جي چيلهہ هميشہ لاءِ ڇڄي ٿي پيئي.

غزاليءَ جي تنقيد اسلامي دنيا ۾ اهو ساڳيو ڪم ڪري ڏيکاريو جيڪو ڪانٽ عقليت زده جرمنيءَ ۾ ڪري ڏيکاريو. پر غزاليءَ ۽ ڪانٽ ۾ هڪ وڏو اهم فرق اهو آهي تہ ڪانٽ پنهنجن اصولن سان سچو رهندي اهو تسليم نہ ٿو ڪري تہ ڪو خدا جو ادراڪ ممڪن آهي، ان جي مقابلي ۾ غزالي جڏهن تجزياتي فڪر کان نااميد ٿيو تہ هن صوفيانہ مشاهدي جو رخ ڪيو ۽ اتي ڪيس مذهب لاءِ بلڪل علحده قسم جو ميدان نظر

آيو. اهڙيءَ طرح گويا هو اهو ڊيڪارٽ ۾ ڪامياب ويو ته مذهب، سائنس ۽ مابعدالطبعيات کانسواءِ به پنهنجو علحده وجود برقرار رکي سگهي ٿو. پر انهيءَ ڳالهه منجهان ته لامتناهي هستي صوفيانه مشاهدي اندر پنهنجو مڪمل اظهار ڪري ٿي، هو انساني فڪر جي متناهيت ۽ نارسائيءَ جو قائل ٿي ٿيو ۽ ان ڪري هو انساني فڪر ۽ وجدان جي وچ ۾ حدفاصل قائم ڪرڻ ۾ مجبور ٿي ويو. هو انهيءَ حقيقت کي سمجهڻ ۾ ناڪام ويو ته ڪو فڪر ۽ وجدان نامياتي طور هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. ان کانسواءِ هو اهو پڻ نه سمجهي سگهيو ته فڪر جو لازمي نتيجو متناهيت ۽ نارسائي آهي، جاڪاڻ جو فڪر جو تعلق سلسليوار وقت (Serial Time) سان آهي. درحقيقت اهو نظريو ته فڪر متناهي آهي ۽ لامتناهيءَ کي نٿو پهچي سگهي، انهيءَ غلط فهميءَ تي ٻڌل آهي ته علم حاصل ڪرڻ وقت فڪر حرڪت ڪرڻ شروع ڪري ٿو، حالانڪ اها منطقي فهم جي خامي آهي جنهن ڪري اسين باهم مخالف انفراديتن جي باري ۾ اهو تصور ڪري ٿا سگهون ته آخر اهي ڪهڙيءَ ريت وري هڪ وحدت جي شڪل اختيار ڪري سگهن ٿيون. اهوئي سبب آهي جو اسين فڪر کي بي پهچ ۽ بي نتيجي قرار ڏيون ٿا. پين لفظن ۾ اڻين کڻي چئجي ته منطقي سوچ بنيادي طور ان ڳالهه جي اهل ناهي جو ڪثرت پويان وحدت جي نظام کي پروڙي سگهي. هونئن به منطقي سوچ جو هڪڙو ئي انداز آهي ته مشابهت رکندڙ شين ۾ هڪجهڙاين کي تلاش ڪيو وڃي، پر اهو طريقو وري اهڙين هڪراڙو وحدتن کي جنم ڏئي ٿو، جن جو ٿوس شين جي حقيقت سان ڪو واسطو نه ٿو ٿئي. البت فڪر جڏهن اونهي ٻٻي هڻي ٿو ته لامتناهيءَ جي ظاهري پهلوءَ تائين پهچي وڃي ٿو، جنهن جي انڪشاف دوران اهو پتو پوي ٿو ته مختلف متناهي تصورات محض هڪ لحظي جي حيثيت رکن ٿا. ان جو مطلب اهو ٿيو ته فڪر دراصل غير متحرڪ ناهي، بلڪ متحرڪ آهي.

باقي وقت جي لحاظ کان سندس اندروني لامتناهيت ان ۾ ج وانگر آهي، جيڪو حقيقت ۾ منڊ کان وڏي پنهنجي اندر ۾ هڪ مڪمل درخت جي نشو و نما جو سامان سانڊيل رکي ٿو. لهٰذا فکر پنهنجي ذات جي متحرڪ اظهار دوران هڪ ڪُل جي حيثيت رکي ٿو. البت جيستائين سندس وقتي يا زماني پهلوءَ جو تعلق آهي تہ سندس اظهار مقرر ۽ مخصوص ايڪن جي هڪ اهڙي سلسلي جي صورت ۾ ٿئي ٿو، جن کي وري هڪ ٻئي جي مدد کان سواءِ نڙو سمجهي سگهجي. وري انهن ايڪن جو مطلب سندن انفرادي حيثيت جي لحاظ کان ۽ ايستائين سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي سگهي، جيستائين سندن جائزو هڪ ڪُل جي حيثيت ۾ نہ ٿو ورتو وڃي. جنهن جا اهي مخصوص پهلو آهن. انهيءَ ڪُل کي قرآن جي زبان ۾ "لوح محفوظ" ڪوٺيو ويو آهي، جنهن ۾ وري علم جي مڙني اڻ ڄاتل امڪانن کي هڪ موجود حقيقت جي حيثيت سان ڏيکاريو ويو آهي. البت سلسليوار وقت جي لحاظ کان انهيءَ "ڪُل" جو اظهار متناهي تصورات جي هڪ اهڙي سلسلي جي شڪل ۾ ٿئي ٿو، جن کي ڏسي لڳي ٿو تہ اهي سڀ تصور هڪ اهڙي وحدت ۾ گم ٿي ويندا جيڪا اڳيئي منجهن موجود آهي.

درحقيقت علم جي حرڪت ۾ اها لامتناهيت جي موجودگي ئي آهي جيڪا متناهي فکر کي ممڪن بڻائي ٿي. ڀر ڪانٽ ۽ غزالي ٻئي ان ڳالهہ کان بي خبر رهيا تہ ڪو فکر علم جي ابتدائي عمل دوران ئي پنهنجي متناهيت جي حدن کان ٻاهر ٽپي وڃي ٿو. عام طور فطرت جا ٻيا متناهي جُزا هڪ ٻئي کان بلڪل الڳ ۽ منفرد ٿين ٿا، پر فکر جي متناهي جزن جي اها ساڳي حالت نہ آهي، بلڪ فکر بنيادي طور ناقابل تحديد آهي ۽ ان کري پنهنجي انفراديت جي تنگ دائري ۾ محدود رهي نہ ٿو سگهي. درحقيقت فکر کان ٻاهر جيڪا هيڏي ساري وسيع دنيا آهي، اها فکر جي لاءِ غير مانوس نہ آهي. بلڪ

علت و معلول تائين محدود آهي يا ان کان وڌيڪ به ڪجهه آهي؟ ڇا مطلق حقيقت اسانجي شعور ۽ ڪنهن ٻئي دروازي کان داخل ٿي نه ٿي سگهي؟ ڇا فطرت جي تسخير جو فقط هڪڙو ئي يعني محض عقلي ۽ فڪري طريقو آهي؟ پروفيسر ايڊنگٽن چوي ٿو: جڏهن اسين اهو تسليم ڪريون ٿا ته طبعيات سان واسطو رکندڙ شيون پنهنجي اصليت جي لحاظ کان حقيقت جو ڏک جُزوي پهلو آهن ته پوءِ سوال پيدا ٿو ٿئي ته اهڙيءَ صورت ۾ ٻي پهلوءَ کي ڪيئن منهن ڏجي. اڄ ڪلهه ته نٽو چئي سگهجي ته طبعي شين جي مقابلي ۾ ٻيو پهلو اسان لاءِ گهٽ اهميت رکي ٿو. پوءِ ته اسانجا جذبا، اسانجا مقصد ۽ اسانجا قدر اسانجي شعور جو اڌو ٿي حصو آهن جهڙو اسانجا ٻيا حسّي تجربا. هاڻي جيڪڏهن اسين صرف انهن حسّي تجربن جي ڪيڏ لڳرن ٿا ته پاڻ کي انهيءَ خارجي دنيا ۾ محسوس ڪريون ٿا جنهن جو ذڪر سائنس ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اسين پنهنجي وجود جي ٻين عناصرن جي ڪيڏ لڳون ته جيڪر پڪ ئي پڪ اسين ڪنهن ٻي دنيا ۾ ٻه ٻهچي سگهون ٿا، ڏک اهڙي دنيا جيڪا زمان و مڪان واري دنيا کان يقيناً ٻئي قسم جي هوندي!

ساڳئي مسئلي بابت ٻيو سوال خاص عملي اهميت جو آهي. اڄ جو انسان تنقيدي فلسفي ۽ سائنس جي وڏندڙ تخصيص ڪري سخت آلجهن ۾ آهي. جيتوڻيڪ فلسفئه فطرت ڪيس قدرت جي قوتن تي اهڙي ڪارفرمائي عطا ڪئي آهي، جنهن جو مثال اڳ ۾ ڪڏهن به نه ٿو ملي، پر ساڳئي وقت انهيءَ فلسفي مستقبل مان سندس ايمان ڪسي ورتو آهي. اها عجيب گاله آهي ته جيتوڻيڪ نظريو ساڳيو ٿئي ٿو، پر مختلف تهذيبن تي ان جا اثرات مختلف ظاهر ٿين ٿا. اسلامي دنيا ۾ نظريئه ارتقا جي ميدان ۾ اڃان ڪانهوءَ، مولانا روميءَ انسان جي حياتياتي مستقبل بابت تمام وڏي جوش و خروش جو مظاهرو ڪيو آهي. ايتريقدر جو

پر ان کانپوءِ اڄ ڏينهن تائين انساني فڪر ۽ تجربي جي دنيا ۾ لامحدود ترقي ٿي آهي. اڄ، فطرت جي تسخير ۽ مٿس غلبي سبب انسان ۾ نئون يقين ۽ اعتماد پيدا ٿيو آهي. ان ڪانسواءِ اردگرد جي قوتن جي باري ۾ منجهس هڪ قسم جو احساس برتري قائم ٿي چڪو آهي. نت نوان نقطئه نظر قائم ٿي رهيا آهن، پراڻن مسئلن کي جديد روشنيءَ ۾ پيش ڪيو پيو وڃي، ۽ ڪيترائي نوان مسئلا پيدا ٿي چڪا آهن. ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته شايد انساني ذهن پنهنجي بنيادي ياداشتن جهڙوڪ زمان و مڪان ۽ علت و معلول جي سلسلن کان به ٻاهر وڃي رهيو آهي. سائنسي فڪر جي ترقيءَ ڪري انساني فهم و ادراڪ جا تصورات بدلجي رهيا آهن. آئن اسٽائن ڪائنات بابت هڪ اهڙو نئون نظريو پيش ڪيو آهي جنهن ڪري مذهب ۽ فلسفي جي مشترڪ مسئلن بابت نئون زاويئه نگاه قائم ڪري سگهجي ٿو. لهٰذا اهڙيءَ صورت ۾ جيڪڏهن ايشيا ۽ آفريڪا جي مسلمانن جو نئون نسل پنهنجي عقيدي ۽ ايمان کي نئين صورت ڏيئ گهري ٿو ته اها تعجب جي ڳالهه نه هئڻ کپي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسلام جي نئين جاگرتا لاءِ يورپ جي فڪري ميراث جو ڪليل ذهن سان جائزو ورتو وڃي، ۽ اهو ڏئو وڃي ته يورپ وارن جا فڪري نتيجا، اسلامي فڪر جي نظرثانيءَ ۾ يا جيڪڏهن ضرورت محسوس ٿئي ته اسلامي فڪر جي نئين سر تشڪيل ۾، ڪيتريقدر مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. ڇو ته ائين ڪرڻ ڪانسواءِ وچ ايشيا مان اتندڙ ان پروپئگنڈا کي ختم ڪري نٿو سگهجي جنهن جو رُخ عام طور مذهب ۽ خاص طور اسلام جي خلاف آهي. هينئر اها پروپئگنڈا هندوستان جي سرحدن اندر به داخل ٿي چڪي آهي. وري عجب اهو آهي ته انهيءَ تحريڪ جا ڪجهه داعي جائي جنم کان مسلمان به آهن. ترڪيءَ جو مشهور شاعر توفيق فطرت انهن مان هڪ آهي. هو ته ان حد تائين ويو آهي جو اسانجي فلسفي شاعر

ميرزا عبدالقادر بيدل اڪبرآبادي جي ڪلام ڪي ۾ انهيءَ تحريڪ جي تائيد ۾ پيش ڪري ٿو. لهٰذا هي وقت آهي تہ اسين اسلام جي بنيادي اصولن جو نئين سر جائزو وٺون. هنن تقريرن ۾ منهنجو اهو ئي مقصد آهي تہ اسلام جي ڪجهہ بنيادي نظريات تي فلسفيانہ بحث ڪيو وڃي. اسد تہ هي چندگالهيون بني نوع انسان ڏانهن اسلام جي اصل پيغام ۽ حقيقي منشا ڪي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون. بهرحال شروعات ۾ هڪ بنيادي خاڪي فراهم ڪرڻ جي غرض سان آءٌ هن پهرئين ليڪچر ۾ ان گالهہ تي بحث ڪندس تہ عام جي نوعيت ڇا آهي ۽ مذهبي مشاهدو ڇا آهي؟

قرآن مجيد جو اصل مقصد اهو آهي تہ انسان ۾ انهن گوناگون تعلقات جي ساڃهہ پيدا ڪئي وڃي، جيڪي خدا، ڪائنات ۽ سندس وچ ۾ موجود آهن. گوئٽي، قرآني تعليمات جي انهيءَ بنيادي پهلوءَ ڪي آڏو رکندي، ايڪرمن (Eckermann) ڪي اسلام جي تعليمي قوت جي باري ۾ پنهنجي جامع راءِ ڪان هنن لفظن ۾ واقف ڪري ٿو: "تو ڏٺو تہ انهيءَ تعليم ۾ ڪا گهٽتائي ڪونهي. هونئن ہ اسين نظامن سان گڏ هلي نٿا سگهون. بلڪ عام طور ڪوبہ ماڻهو ان گالهہ ڪان اڳتي وڌي نہ ٿو سگهي." درحقيقت اسلام جو بنيادي مسئلو اهڙين قوتن جو پيدا ڪيل آهي جيڪي هڪ لحاظ ڪان هڪ ٻئي سان متصادم ٿيڻ آهن تہ متجاذب ٿڻ! انهن ٻن قوتن جي نمائندگي مذهب ۽ ڪلچر ڪن ٿا. شروعات ۾ عيسائيت ڪي ۾ انهيءَ ساڳي مسئلي سان منهن ڏيڻو پيو. پر عيسائيت منڊ ۾ ئي اهو نقطئہ نظر اختيار ڪيو تہ روحاني زندگيءَ لاءِ الڳ ميدان هموار ڪيو وڃي. سندن چوڻ مطابق عيسائيت جي بانيءَ جو ٻڻ اهو خيال هو تہ روحانيت ڪي زور وڌائيندڙ شيون هن ٻاهرين دنيا سان تعلق ڪونہ ٿيون رکن، ٻاڪ انهن جو تعلق انساني روح جي اندر هڪ

نئين دنيا جي انڪشاف سان آهي. اسلام ان ڳالهه سان پورو پورو اتفاق ڪري ٿو، مگر ان ۾ صرف ايترو اضافو ڪري ٿو ته جنهن دنيا جو انڪشاف گهربل آهي، ان جو جلوو مادي دنيا لاءِ اوهرو يا اڻ ڄاتل ناهي، بلڪ اهو مادي دنيا جي اندر اڳيئي جاري و ساري آهي.

مطلب ته عيسائيت جنهن روحانيت جي ڳولها ۾ آهي، اها اهڙين خارجي قوتن کان منهن موڙڻ سان حاصل ٿي نه سگهندي جيڪي اڳيئي روحاني جلوي سان منور آهن. البت انهين ٿي سگهي ٿو ته انسان انهن قوتن سان مطابقت پيدا ڪري، جنهن لاءِ هو پنهنجي اندر جي روشنيءَ مان رهنمائي حاصل ڪري سگهي ٿو. هونئن ۾ اهو مجاز سان حقيقت جو پراسرار ڳانڍاپو آهي جيڪو مجاز کي زندگي بخشي ٿو ۽ کيس سهارو ڏئي ٿو. يا ٻين لفظن ۾ انهين کٽي چئجي ته اسين مجاز منجهان ئي حقيقت تائين پهچي سگهون ٿا ۽ ان جو اثبات ڪري سگهون ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اسلام جي نظر ۾ مجاز ۽ حقيقت ۾ اهڙيون مخالف قوتون ناهن جيڪي پاڻ ۾ ڪهي نه سگهن. يعني حقيقي وجود جو اثبات هروپرو ان ڳالهه جي تقاضا ڪونه ٿو ڪري ته ڪو مجاز سان هر تعلق ختم ڪيو وڃي، ڇو ته انهين ڪرڻ سان وري زندگيءَ جي سڄي ڪليت ڌڻي پوندي ۽ زندگي سورن جو سامان ٻڌجي پوندي. مطلب ته وجود حقيقي خود انهيءَ لڳاتار ڪوشش ۾ رڌل آهي ته ڪهڙيءَ ريت مجاز کي آهستي آهستي قبول ڪري، جو آخرڪار کيس پاڻ ۾ جذب ڪري پنهنجي هستيءَ ۾ تبديل ڪري ۽ اهڙيءَ طرح کيس پنهنجي رنگ ۾ رڱي ڇڏي. ليڪن عيسائيت کي جنهن ڳالهه وڌ ۾ وڌ متاثر ڪيو، آهو اهو داخل ۽ خارج جو اختلاف ئي هو، جيڪو ڪڏهن داخلي حياتياتي حيثيت اختيار ڪري ٿو ته ڪڏهن وري خارجي رياضياتي بنجي پوي ٿو. مگر اسلام انهيءَ اختلاف کي

منهن ڏئي ٿو ته جئن مٽس غالب پنجي سگهي. اهو آهي اهو بنهادي فرق جيڪو هنن ۾ عظيم مذهبن هڪ بنيادي نسبت جي باري ۾ روا رکيو آهي ۽ جنهن جي آڏار تي وري ٻئي مذهب انساني زندگيءَ جي مسئلن بابت پنهنجو پنهنجو طرز- عمل متعيّن کن ٿا. درحقيقت عيسائيت ۽ اسلام ٻئي هڪ لحاظ کان انسان جي روحانيت کي اجاگر کرڻ گهرن ٿا. فرق صرف ايترو آهي ته اسلام حقيقت ۽ مجاز جي وچ ۾ نه صرف ڳانڍاپو کي تسليم کري ٿو بلڪ مادي دنيا جو خيرمقدم کندي، مٽس قابو پائڻ جو رستو ٻڌائي ٿو، ته جئن زندگيءَ جي لاءِ کو حقيقي بنياد فراهم کري سگهجي.

هاڻي سوال پيدا ٿو ٿئي ته قرآن شريف جي نقطئه نظر کان، هيءَ کائنات جنهن ۾ اسين رهون ٿا، ان جي نوعيت کهڙي آهي؟ هن سلسلي ۾ پهرين ڳالهه جيڪا ڏيان ۾ رکڻ جوگهي آهي، سا اها آهي ته هيءَ کائنات محض کيل تماشي جو نتيجو نه آهي.

وما خلقنا السمٰوات والارض وما بينهما لٰعبين○ ماخلقنٰهما اِلاّ بالحق ولٰكنّ اكثرهم لا يعلمون○ (۴۴ : ۳۹)

"جيڪي کجهه آسمانن، زمين ۽ سندن وچ ۾ آهي، اهو اسان کيل تماشي لاءِ پيدا نه کيو آهي، بلڪه اسان انهن کي ڳوڙهي مقصد تحت خلقيو آهي. پر گهڻا ماڻهو ان ڳالهه کي نٿا ڄاڻن."

مطلب ته هيءَ کائنات هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن کي هر حال ۾ تسليم کرڻو پوندو.

انّ في خلق السمٰوات والارض و اختلاف الّيل و النّهار لاٰيات لاّولي الالباب○ الذين يذكرون الله قياماً وّ قعوداً وّ علىٰ جنوبهم و يتفكرون في خلق السمٰوات و الارض ط ربنا ما خلقت هٰذا باطلا○ (۳ : ۱۹۰)

"بيشڪ زمين ۽ آسمانن‌جي تخليق ۽ ڏينهن ۽ رات جي قير گهير ۾ عقل وارن لاءِ نشانيون آهن. انهيءَ ڪري اهي ماڻهو بيٺي، ويٺي ۽ ليٽندي، خدا تعاليٰ کي ياد ڪن ٿا ۽ زمين ۽ آسمان جي تخليق تي غور ڪندا رهن ٿا ۽ چون ٿا: "بيشڪ اسانجي رب اهي سڀ ڪالهيون اجايون نه خلقيون آهن."

وري هن ڪائنات جي بناوت اهڙي آهي جو منجهس مزيد وسعت جي گنجائش آهي.

يزيد في الخلق مايشآءُ (٣٥ : ١)

"خدا تعاليٰ کي جئن وٺي ٿو تئن پنهنجي مخلوق ۾ اضافو ڪري ٿو."

هيءَ ڪائنات نه تہ اچل آهي ۽ نہ تڪميل يافتہ، ۽ نہ وري غير متحرڪ يا ناقابل تغير و تبدل- بلڪہ لڳي ٿو تہ سندس اندر جي اونهاين ۾ نئين تخليق جو سڄو سمايل آهي.

قل سيروا في الارض فانظروا كيف بدآالخلق ثم الله ينشيءُ النّشآءَ الآخرة (٢٩ : ٢٠)

توهان کين چئو تہ پوهہ توهين هن ڌرتيءَ تي گهمو، ڦرو ۽ ڏسو تہ خدا تعاليٰ مخلوقات کي ڪيئن ٿو پيدا ڪري. ۽ تہ خدا تعاليٰ انهن کي وري ٻيهر پيدا ڪندو.

درحقيقت هن ڪائنات جي هيءَ پراسرار حرڪت ۽ قوت، هيءُ وقت جو خاموشيءَ سان گذرڻ جيڪو اسان جي آڏو ڏينهن ۽ رات جي صورت ۾ اچي ٿو- اهي سڀ ڪالهيون قرآن جي نظر ۾ الله جون وڏيون نشانيون آهن.

يقلّب الله الّيل و النّهار ط ان في ذالك لعبرة لاّولي الابصار (٢٤ : ٤٤)

اهو الله آهي جيڪو ڏينهن ۽ رات کي واري وڌيءَ سان آڻي ٿو. بيشڪ انهيءَ ۾ اکين وارن لاءِ وڏو سبق آهي.

رسول اڪرم صلعم جن جو ب فرمان آهي تہ "لاتسبواالدّهر انّ الدّهر هو الله" يعني زماني کي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو، بيشڪ اهو زمانو پاڻ خدا آهي. دراصل زمان و مڪان جي اها عظيم وسعت ان ڳالهہ جي متقضي آهي تہ انسان سندس تسخير جو فرض سرانجام ڏئي. ان ڪري انسان لاءِ لازم آهي تہ هو خدا جي انهن نشانين تي غور ڪري ۽ اهڙا طريقا ڳولهي ڪڍي جيڪي ڪيس فطرت جي مٿان حقيقي غلبو عطا ڪري سگهن.

الم تروا انّ الله سخّرلكم مّا في السمٰوات وما في الارض وأسبغ عليكم نعمهٗ ظاهرة وّ باطنه (٣١ : ٢٠)

"ڇا اوهين ڏسو نہ ٿا تہ اهو سڀ ڪجهہ جيڪي آسمان ۽ زمين ۾ آهي، ان کي الله تعالي توهان جي تابع ڪيو آهي؟ ان کانسواءِ هو توهان جي مٿان پنهنجي ظاهري توڙي باطني نعمتن جي ورڪا ڪري ٿو."

و سخّرلكم الّيل و النّهاره (لا) و الشّمس و القمر ط و النّجوم مسّخرات باَمره ط إنّ في ذالك لاٰيات لّقوم يّعقلون ٥ (١٦ : ١٢)

اهو الله تعالي آهي جنهن رات، ڏينهن، سج، چنڊ ۽ ستارن کي توهان جي تابع ڪيو آهي. بيشڪ ان ۾ عقل وارن لاءِ نشانيون موجود آهن.

هاڻي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ جيڪڏهن هن ڪائنات جي ماهيت ۽ مستقبل ڪجهہ اهڙي قسم جو آهي تہ پوءِ منجهس

رهندڙ انسان، جنهن جي چوڌاري اها ڪائنات ڦهليل آهي، ان جي ماهيت ڇا هوندي؟ جيتوڻيڪ انسان ۾ مطابقت پيدا ڪرڻ جون صلاحيتون وڏي پيماني تي موجود آهن، تاهم هو پاڻ کي زندگيءَ جي پست منزلن ۾ محسوس ڪري ٿو ۽ ڪيس هر طرف کان رڪاوٽن ۽ رنڌڪن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم ۝ ثم رددنٰه اسفل سٰفلين ۝ (۹۵ : ۴)

بيشڪ اسان انسان کي بهترين نموني ۾ پيدا ڪيو. مگر تنهن کانپوءِ ڪيس بلڪل هيٺين درجي تي پهچائي ڇڏيو.

هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته انهيءَ ماحول ۾ انسان جي ڪهڙي حالت آهي؟ دراصل هو هڪ اهڙي بي چين هستيءَ جي مانند آهي، جيڪو پنهنجي آدرش جي ڳولها ۾ ٻي هر شي کي وساري ويهي ٿو ۽ پنهنجي اظهارِ ذات جي اٽڪ جستجوءَ دوران پاڻ تي هر قسم جي تڪليفن کي برداشت ڪري ٿو. گويا انهن سڀني ڳالهين جي باوجود انسان کي فطرت مٿان برتري حاصل آهي، ڇو ته هو هڪ اهڙي وڏي امانت جو حامل آهي، جنهن کي، قرآن مجيد جي چوڻ مطابق زمين، آسمان ۽ جبلن کٽڻ کان انڪار ڪيو هيو.

انّا عرضنا الامانة علي السمٰوات و الارض و الجبال فاَبين اَن يّحملنها و اشفقن منها و حملها الانسانُ انـهٗ كان ظلوماً جهولا (۳۳ : ۷۲)

بيشڪ اسان آسمانن، زمين ۽ جبلن کي امانت (يعني شخصيت) جي آڇ ڪئي. مگر انهن انڪار ڪيو ۽ تہ اهي خائف هئيا. اهو انسان هو جنهن اهو بار کنيو، پر هو ڏاڍو ظالم ۽ جاهل ثابت ٿيو آهي.

ان گالهه ۾ کو شڪ ناهي تہ انسان جي زندگيءَ جي باقاعده هڪڙي شروعات آهي. پر، شايد، سندس مقدر جي اها تقاضا آهي تہ هو هن ڪائنات جي جوڙجڪ ۾ هڪ دائمي عنصر جي حيثيت حاصل ڪري.

آيحسب الانسان انّ يّترڪ سديٰ٥ الم يڪ نطفةً مّن منّي يّمنيٰ٥ ثمّ ڪان علقةً فخلق فسوّيٰ٥ فجعل منه الزّوجين الذّڪر والانثيٰ ٥ آليس ذالڪ بقٰدرٍ علىٰ ان يّحي الموتيٰ٥ (٧٥: ٣٦ – ٤٠)

"ڇا انسان سمجهي ٿو تہ ڪيس بيڪار شيءَ سمجهي ڇڏي ڏنو ويندو؟ ڇا ڪڏهن هو ڦپ جي صورت ۾ نہ هو؟ تنهن ڪان پوءِ هو رت جو دڳ بنجي پيو ۽ خدا ڪيس شڪل و صورت ڏني. ان ڪان پوءِ سندس جوڙي ڪي پيدا ڪيو ويو يعني نر ۽ ماد. تہ پوءِ ڇا هو مٿلن ڪي جيارڻ تي قادر ڪونهي؟!

مطلب تہ انسان ۾ ايتري اهليت ۽ قوت آهي جو ڪڏهن ڪيس گرد و پيش جي قوتن سان منهن ڏيٽو پوي ٿو، تڏهن هو انهن کي هڪ خاص صورت ڏئي سگهي ٿو ۽ سندن رخ متعين ڪري سگهي ٿو. پر جيڪڏهن اهي قوتون سندس رستي ۾ رڪاوٽ بنجي بيهن تہ هو پنهنجي اندر جي وسيع دنيا آباد ڪري سگهي ٿو، جتان ڪيس اڻ ڪٽ خوشيون ۽ نت نيون گالهيون حاصل ٿي سگهن ٿيون. جيتوڻيڪ انسان جي مقدر ۾ سخت تڪليفون آهن ۽ سندس هستي گل جي نازڪ پنکڙيءَ جهڙي ڪمزور آهي، پر پوءِ بہ ايترو ضرور آهي تہ حقيقت جو ڪوبہ روپ، سندس روح کان وڌيڪ حسين، وڌيڪ طاقتور ۽ وڌيڪ متاثر ڪندڙ نہ آهي. يا جئن قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي تہ انسان "تخليقي عمل" (Creative activity) جو پيو نالو آهي.

يعني هو هڪ اهڙو ترقي پذير روح آهي جيڪو هر قدم تي وجود جي نئين مرحلي ۾ داخل ٿئي ٿو.

فلآ اُقسم بالشفق٥ والليل و ما وسق٥ و القمر إذاتسق٥ لترڪبنّ طبقاً عن طبق٥ (٨٤ : ١٧-٢٠)

جيتوڻيڪ ان ڳالهه جي ضرورت ناهي ته شفق جو قسم کڻجي، يا رات جو قسم کنيو وڃي، جڏهن اها ڦهلجي وڃي ٿي، يا چند، جڏهن اهو پنهنجي جواني ۾ کي پهچي ٿو. مگر اوهان کي ضرور هڪ مرحلي کان پوء ٻي مرحلي مان گذرڻو پوندو.

گويا اها ڳالهه انسان جي نصيب ۾ آهي ته هو هن ڪائنات جي گنهير آرزوئن ۾ پاڻ کي پائيور ٿئي ۽ اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن هو هن ڪائنات جي قوتن سان مطابقت پيدا ڪري ۽ انهن قوتن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائي. اهڙيءَ طرح هو پنهنجو ۽ هن ڪائنات جو مستقبل سنواري سگهي ٿو. وري اها به حقيقت آهي ته جيڪڏهن انسان ۾ آدم ۽ آنساه موجود آهي ته خدا جي ذات پڻ انهيءَ ترقي پذير تبديليءَ دوران سندس هم شريڪ ٿيو پوي.

إنّ الله لا يُغيّر ما بقوم حتّي يُغيّروا ما بأنفسهم (١٣:١٢)

بيشڪ خدا تعالي ان قوم جي حالت ايستائين نٿو بدلائي جيستائين هو پاڻ ۾ تبديلي پيدا نه ڪن.

هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن انسان هن سلسلي ۾ پيش قدمي نٿو ڪري، يا هو پنهنجي اندروني وسعتن کي ترقي نٿو ڏئي، يا هو زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ لاء کا اندروني اچل محسوس نه ٿو ڪري؛ ته پوء اهڙي صورت ۾ سندس روح

پنڌپاهڻ ٿي وڃي ٿو ۽ هو هڪ بي جان شيءَ بڻجي پوي ٿو. مطلب ته سندس زندگي ۽ روحاني ارتقا جو دارو مدار انهن تعلقات تي آهي جيڪي هو چوڏس ڦهليل حقيقت سان قائم ڪري ٿو. اهي تعلقات علم ذريعي قائم ٿين ٿا ۽ علم وري حواسن جي ادراڪ جو نالو آهي جنهن کي اسين پنهنجي سمجهه آهر حاصل ڪريون ٿا.

واِذ قال ربّك للملائكة انّي جاعلٌ في الارض خليفةً o قالوٓا اتجعل فيها من يّفسد فيها و يسفك الدّمآء (ج) ونحن نُسبّح بحمدك ونقدّس لَكَ ؕ قال انّي اعلم مالا تعلمون o و علّم آدم الاسماء كلها ثم عرضهم علي الملآئكة فقال انبؤني باَسماء هٰؤلاء ان كنتم صادقين o قالوا سبحانك لا علم لنا الاّ ما علّمتنا ؕ انّك انت العليم الحكيم o قال ياآدم انبئهم باسمائهم (ج) فلما اَنباهم باسمائهم (لا) قال الم اقل لّكم انّي اعلم غيب السمٰوات و الارض و اعلم ما تبدون وما كنتم تكتمون o (٢: ٣٠-٣٣)

"جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي فرمايو: "آءٌ دنيا تي پنهنجو نائب يا خليفو پيدا ڪري رهيو آهيان،" تہ هنن چيو: "ڇا اهو جيڪو فساد ڦهلائيندو ۽ رت وهائيندو؟" حالانڪ اسين تنهنجي ثنا ۽ واکاڻ ڪريون ٿا. خداتعالي فرمايو: بيشڪ آءٌ ان ڳالهه کي ڄاڻان ٿو جو اوهين نٿا ڄاڻو. ان کانپوءِ خدا تعالي آدم کي شين جا نالا سيکاريا ۽ ملائڪن کان پڇيو: "ڀلا، توهين انهن شين جا نالا ٻڌايو جيڪڏهن توهان ۾ کا صداقت آهي؟" هنن وراڻيو: "بيشڪ تعريف تنهنجي ذات کي جڳائي تہ اسين اڻ ڄاڻ آهيون، ۽ سواءِ ان جي جيو ڪجهه نٿا ڄاڻون جيڪي تو سيکاريو آهي. بيشڪ تون ئي ڄاڻندڙ ۽ داناءُ آهين." ان کانپوءِ خدا تعالي فرمايو، "اي آدم، تون هنن کي

انهن نالن کان واقف ڪر.“ پوءِ جڏهن آدم انهن کي نالا ٻڌايا تہ خدا تعالي فرمايو، ”چا مون توهان کي نہ چيو هو تہ آءٌ زمين ۽ آسمان جي رازن کي ڄاڻان ٿو، ۽ آءٌ اهو بہ ڄاڻان ٿو جيڪو توهين مون کان لڪايو ٿا يا ظاهر ڪريو ٿا.“

هنن آيتن جو مطلب آهي تہ انسان ۾ اهڙي قوت رکيل آهي جو هو مختلف شين کي نالا ڏيئي سگهي ٿو. يا ائين کڻي چئجي تہ هو انهن شين جو هڪ تصور قائم ڪري سگهي ٿو ۽ ان جو مطلب آهي تہ هو انهن شين کي پنهنجي قابوءَ ۾ آڻي سگهي ٿو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي تہ انساني علم تصوراتي نوعيت جو آهي ۽ اهو تصوراتي علم جو ڪمال آهي جـو هو حقيقت جي نظر ايندڙ يعني قابل مشاهده پهلوءَ تائين رسائي حاصل ڪري سگهي ٿو. قرآن شريف ۾ حقيقت جي انهيءَ قابل مشاهده پهلوءَ تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. هن سلسلي ۾ چند آيتون پيش ڪجن ٿيون.

انّ في خلق السّمٰوٰت و الارض و اختلاف اللّيل و النّهار و الفلك الّتي تجري في البحر بما ينفع النّاس و ما انزل الله من السّماء من مّاءٍ فاحيا به الارض بعد موتها و بثّ فيها من كل دآبة(ص) و تصريف الرّياح و السحاب المسخّر بين السّماء و الارض لاٰيات لّقوم يّعقلون٥ (٢:١٦٤)

بيشڪ آسمان ۽ زمين جي تخليق ۾، رات ۽ ڏينهن جي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ ۾، پاڻيءَ جي مٿان ٻيڙين جي ترڻ ۾ جيڪي انسان جي نفعي واريون شيون کڻي هلن ٿيون؛ بارش جي پاڻيءَ ۾ جيڪو الله تعالي آسمان مان وسائي ٿو، جنهن جي ذريعي زمين کي زندگي بخشي ٿو ۽ مٿس هرقسم جي جاندار مخلوق پکيڙي ٿو، هوائن جي گردش

۽ ۽ انهن ڪرن ۾ جيڪي آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ سندس حڪم جا تابع آهن؛ تہ انهن سڀني ڳالهين ۾ عقل ۽ سمجهہ وارن لاءِ نشانيون آهن.

وهوالذي جعل لكم النجوم لتهتدوا بها في ظلمات البر و البحر قد فصلنا الايات لقوم يعلمون وهوالذي انشاكم من نفس واحدة فمستقر ومستودع قد فصلنا الايات لقوم يفقهون وهوالذي انزل من السماء ماء (ج) فاخرجنابه نبات كل شيء فاخرجنا منه خضراً نخرج منه حبا متراكبا (ج) و من النخل من طلعها قنوان دانية وجنات من اعناب والزيتون والرمان متشابها وغير متشابه انظروا الي ثمره اذا اثمر و ينعه ان في ذالكم لايات لقوم يومنون (سورة ٦، ٩٧-٩٩)

اهو الله آهي جنهن ستارن جي وسيلي، برن ۽ بحرن جي اونداهيءَ ۾، اوهان جي رهنمائي جو بندوبست ڪيو آهي. بيشڪ اسان علم وارن لاءِ پنهنجين نشانين کي گهٽو پٽرو ڪيو آهي. اهو الله آهي جنهن توهان سڀني کي هڪ نفس مان پيدا ڪيو، ۽ ان ڪانپوءِ توهان کي هڪ قرار واري عارضي رهائش (ماءُ جو پيٽ) ڏنائين. بيشڪ اسان سمجهدار ماڻهن لاءِ پنهنجون نشانيون ظاهر ڪيون آهن. اهو الله آهي جيڪو آسمان مان مينهن وسائي ٿو. ان ڪانپوءِ اسان هر قسم جي نباتات آڻيون ٿا، ۽ پهريائين ساوا سٽا ڦٽڻ لڳن ٿا جنهن مان وري ڪيترائي داڻا داڻا نڪرڻ لڳن ٿا. اهڙيءَ طرح اسان کجور جي ٻوٽن مان پريل وڻ، انگورن جا باغ، ۽ زيتون ۽ ڏاڙهونءَ جي مختلف قسمن جا وڻ پيدا ڪريون ٿا. ٻوءِ جڏهن اهي پچي تيار ٿين تہ انهن جي ميوي ڏانهن نگاهہ ڪريو. بيشڪ انهن ڳالهين ۾ ايمان وارن لاءِ وڏيون نشانيون موجود آهن.

الم تر الي ربّك كيف مدّ الظّل (ج) ولو شاء لجعله ساكنا (ج) ثمّ جعلنا الشمس عليه دليلا ٥ ثمّ قبضنٰه الينا قبضاً يّسيرا ٥
(سورة ٢٥، آيت ٤٥)

ڇا توهان نه ڏٺو آهي ته توهان جو رب ڪهڙيءَ ريت پاڇولي کي ڊگهو ڪري ٿو؟ جيڪڏهن هو گهري ها ته ساڻس هڪ هنڌ سمهاري ڇڏي ها. مگر سج کي اسان سندس رهنما بنايو آهي ۽ ان کانپوءِ اسان سولائي سان کيس پاڻ ڏانهن موٽايون ٿا.

افلا ينظرون الي الابل كيف خلقت٥ و الي السّماء كيف رفعت٥ و الي الجبال كيف نصبت ٥ و الي الارض كيف سطحت٥ (سورة ٨٨، آيت ١٧)

"ٻوءِ هو نڪا ڏسن ته اسان آڪ کي ڪيئن پيدا ڪيو آهي؟ ۽ آسمان کي ڪيئن بلند ڪيو آهي؟ ۽ جبلن کي ڪيئن کوڙيو آهي؟ ۽ ڌرتيءَ کي ڪيئن پکيڙيو آهي؟

و من آياته خلق السمٰوٰت و الارض و اختلاف السنتكم و ألوانكم ط ان في ذالك لاٰيات للعٰلمين ٥
(سورة ٣٠، آيت ٢١)

ان جي نشانين ۾ آسمان ۽ زمين جي تخليق کانسواه توهان جي زبان ۽ رنگ جو اختلاف آهي. بيشڪ انهن ڳالهين ۾ سڀني ماڻهن لاءِ نشانيون آهن.

ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته قرآن شريف فطرت جي مشاهدي ۽ مڪمل غور و فڪر جي جيڪا دعوت ڏني آهي، ان جو مقصد انسان ۾ اُن حقيقت جو شعور پيدا ڪرڻ آهي جنهن جو هيءَ فطرت پڻ هڪ اهڃاڻ يا علامت آهي. ۽ ان کان به

وڏيڪ اهر ڳالهه قرآن شريف جو اهو تجرباتي طرز-عمل آهي، جنهن جي ڪري مسلمانن ۾ خارجي دنيا لاءِ عزت و احترام جو جذبو پيدا ٿيو، ۽ جنهن ڪري اڳتي هلي هو جديد سائنس جا باني بڻجي ويا. انهيءَ دور ۾ جڏهن ظاهري پهلوءَ يعني خارجيت کي خدا جي تلاش ۾ بي معني سمجهيو ويندو هو، تڏهن تجرباتي روح کي زنده ڪرڻ تمام وڏي ڳالهه هئي. اسان هن ڪتاب ۾، ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري آيا آهيون تہ قرآن شريف جي نقطهٔ نظر مطابق هيءَ ڪائنات هڪ گنبير مقصد تحت ڪم ڪري رهي آهي ۽ هن ڪائنات ۾ هر گهڙيءَ رونما ٿيندڙ انقلاب انسان کي نت نئين روپ اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا. وري جڏهن انسين فطرت جي رڪاوٽن مٿان پنهنجي فڪري ڪاوشن ذريعي غلبو حاصل ڪريون ٿا تہ انهن ڪرڻ سان انسانجي زندگيءَ ۾ هڪ قسم جي وسعت ۽ بوقلموني اچي وڃي ٿي. اهڙيءَ ريت انسانجي بصيرت ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ انسين ان ڳالهه جي قابل ٿي وڃون ٿا تہ انساني مشاهدي جي وڌ ۾ وڌ نازڪ پهلوئن تي به قدرت حاصل ڪري سگهون. درحقيقت شين جي زماني (Temporal) پهلوءَ تي غور و خوض انسان کي ان ڳالهه جي اهل بڻائي ٿو تہ انسين حقيقت جي لا زماني (Non-temporal) پهلوءَ جو فڪري مشاهدو ماڻي سگهون. حقيقت پنهنجي هر مظهر ۾ موجود آهي، پر انسان، جنهن جي زندگيءَ لاءِ هي ماحول هر وقت رڪاوٽون پيدا ڪري ٿو، ان لاءِ اهو ناممڪن آهي تہ هو حقيقت جي ظاهري يا خارجي پهلوءَ کي نظرانداز ڪري. اهوئي سبب آهي جو قرآن شريف انسانجو ڌيان تغيّر و تبدّل جهڙي وڏي حقيقت ڏانهن ڇڪائي ٿو. ڇو تہ تبديليءَ جي ادراڪ ۾ مٿس غلبي کان سواءِ اهو ناممڪن آهي تہ کنهن اڏول تهذيب ۽ تمدن جو بنياد رکي سگهجي. درحقيقت نہ رڳو ايشيا، بلڪ قديم دنيا جون سڀئي تهذيبون ان ڪري ناڪام ويون، جاڪاڻ جو حقيقت ڏانهن سندن رويو مڪمل طور داخلي نوعيت جو هو ۽ هو داخل

کان خارج ڏانهن اچڻ جا قائل هئا. اهڙيءَ طرح هو نظريا تہ قائم ڪري سگهيا ٿي پر اهي نظريا طاقت ڪان خالي هئا ۽ اها گالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ محض نظرين جي آڌار تي هڪ اڏول تهذيب و تمدن جو بنياد رکي نٿو سگهجي.

اها گالهہ تسليم شده آهي تہ تاريخي لحاظ ڪان مذهبي مشاهدو ئي سڀ ڪان پهريائين خدا تعالي جي معرفت جو وسيلو ٿي ڪم آيو آهي. هن سلسلي ۾ ٻئي هر قسم جا انساني مشاهدا يا تجربا پوءِ جي پيداوار آهن. تاهم قرآن مجيد ان حقيقت جو واضح اقرار ڪري ٿو تہ تجرباتي طريقہ ڪار يا تجرباتي طرز-عمل انسانڌات جي روحاني زندگيءَ جو هڪ ناگزير مرحلو آهي. ان ڪري جيستائين مطلق حقيقت بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو تعلق آهي تہ انساني مشاهدي يا تجربي جي سڀني قسمن ڪي هڪ جيتري اهميت ڏني وئي آهي. ڇو تہ مطلق حقيقت داخلي توڙي خارجي علامتن ذريعي پنهنجو اظهار ڪري ٿي. هونئن بہ حقيقت سان ان سڌيءَ طرح ناتي ڪنڌ جو هڪڙو رستو اهو آهي تہ سندس نشانين جو غور و خوض سان مشاهدو ڪيو وڃي ۽ اهڙي طرح حواسن ذريعي انهن تي دسترس حاصل ڪئي وڃي. ٻيو طريقو اهو آهي تہ حقيقت جو اظهار جهڙيءَ ريت انسان جي اندر ۾ ٿئي ٿو، ان سان ان نموني ۾ سڌو سنئون تعلق قائم ڪيو وڃي. قرآن شريف جي فطرت پسندي (Naturalism) جو بہ اهو ئي مطلب آهي تہ انسان فطرت سان لاڳاپيل آهي. وري اهو انهيءَ لاڳاپي جي ڪري ئي ممڪن آهي جو انسان فطرت جي قوتن تي قبضو ڪري سگهي ٿو. انسان ڪي گهرجي تہ هو انهن قوتن ڪي بيجا قبضي جي نيت سان استعمال نہ ڪري، بلڪ انهن ڪي روحاني زندگيءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪم آڻي. لهٰذا مطلق حقيقت جي مڪمل جلوي پسڻ خاطر اهو اشد ضروري آهي تہ محض ادراڪ بالحواس تي اڪتفا نہ ڪئي وڃي، بلڪ هن سلسلي ۾ ان "شيءِ" جو بہ

استعمال ڪيو وڃي جنهن کي قرآن مجيد "فؤاد" يا "قلب" جو نالو ڏنو آهي.

الّذي أحسن كلّ شيءٍ خلقهٗ و بدأ خلق الانسان من طينo (ج) ثم جعل نسله من سلٰلة من ّماء مّهينo(ج) ثم سواه و نفخ فيه من رّوحه و جعل لكم السّمع و الابصار و الافئدهٗ قليلاً ما تشكرونo (٣٢:٨:٦)

"اهو الله آهي جنهن هر شيءَ کي سهڻو ڪري پيدا ڪيو آهي، ۽ هن انسان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي. اهو ئي سندس نسل کي هڪ جيوڙي مان وڌائي ٿو جيڪو گندي پاڻيءَ جي پيداوار آهي. جنهن کانپوءِ الله تعالىٰ کيس شڪل صورت ڏني ۽ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيائين. ان سان گڏ کيس ٻڌڻ ۽ ڏسڻ کانسواءِ "دل" عطا ڪيائين. مگر اوهين ڪيڏا نہ گهٽ شڪر گذار آهيو؟!

"دل" يعني قلب کي هڪ قسم جي بصيرت يا باطني وجدان ڪوٺي سگهجي ٿو. مولانا روميءَ ڏاڍو سٺو چيو آهي تہ دل جي پرورش جو باعث هڪ اهڙي روشني آهي، جنهن ڪري اسين حقيقت جي ڪن پهلوئن جو ادراڪ ڪري سگهون ٿا جيڪي هونئن عام طور حواسن کان ماورا آهن. قرآن پاڪ ۾ اهو بہ آهي تہ دل هڪ اهڙي شيءَ آهي جنهن کي ڏسڻ جي سگهہ پڻ آهي ۽ سندس ڏسيل گالهيون ڪڏهن بہ غلط ٿي نہ ٿيون سگهن، بشرطيڪ انهن جي سمجهاڻي صحيح نموني ۾ ڏني وڃي. پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ ڪو دل هڪ قسم جي پراسرار قوت آهي. البت دل جي ڪري حقيقت سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ سبب هڪ اهڙي طريقي جو انڪشاف ٿئي ٿو، جنهن ۾ جسماني حواسن جو ڪو عمل دخل ڪونہ ٿو ٿئي. پر انهن سڀني گالهين جي

باوجود هن سلسلي ۾ انسان کي جيڪي تجربا يا مشاهدا حاصل ٿين ٿا، اهي اوترائي حقيقي ۽ ٺوس نوعيت جا هوندا آهن جيترا ٻيا عام مشاهدا ٿين ٿا. اهڙن مشاهدن کي نفسياتي، متصوفانه يا مافوق الفطرت کوڙ سان، انهن جي اصليت تي کو فرق نٿو پوي. اها اي گالهه آهي ته ابتدائي دور جي انسانن لاءِ هر مشاهدو مافوق الفطرت جو هو. زندگيءَ جي فوري ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هو هر مشاهدي کي سمجهڻ جي کوشش کندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح آهستي آهستي انسان ون "فطرت" جو موجوده مروج تصور قائم ٿيو. پر مجموعي حقيقت جيڪا انسان جي شعور ۾ هڪ تجزيي جي حيثيت سان داخل ٿئي ٿي، سڄڻ ٻيا رستا به کولهي سگهي ٿي ۽ انهيءَ شعور ۾ انهن رستن کان ٻڌ داخل ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح اسين اهي نوان طريقا اختيار ڪري سگهون ٿا. انسانيات جو الهامي ۽ متصوفانه ادب ان گالهه جو شاهد آهي ته مذهبي مشاهدو بني نوع انسان جي تاريخ ۾ هڪ دائمي حيثيت رکي ٿو ۽ مذهبي مشاهدي کي محض گمان يا نظر جو دوکو قرار ڏيئي نٿو سگهجي. آخر ڪهڙو سبب آهي جو انسان جي رواجي مشاهدي کي ته صحيح قرار ڏنو وڃي ۽ باقي بين قسمن کي صوفيانه يا جذباتي ڪوڙي بيڪار ڇڏي ڏجي. دراصل مذهبي مشاهدي ۾ ايندڙ حقيقتون اهڙيون ئي هونديون آهن جهڙيون ٻئي ڪنهن مشاهدي جون ٿي سگهن ٿيون. لهٰذا جيستائين حصول علم جو تعلق آهي ته انهن مان ڪن کي گهٽ ۽ ڪن کي وڌ قرار ڏيئي نٿو سگهجي. ان ڪانسواءِ انساني مشاهدي جي انهيءَ قسم جو تنقيدي جائزو وڌي سگهجي ٿو ۽ ان ۾ بي ادبيءَ جي ڪا گالهه ڪونهي، بلڪ آنحضرت صلعم جن اهي ٻهريان شخص هئا، جن انسان جي نفسياتي حالتن جو تنقيدي جائزو وڌن سيکاريو. هن سلسلي ۾ امام بخاريءَ ۽ ٻين محدثن ابن صياد نالي هڪ نوجوان يهوديءَ جو ذڪر ڪيو آهي جنهن جي مجذوبانه ۽ نفسياتي حالتن آنحضرت صلعم جن جو ڏيان ڇڪايو هو.

چيو وڃي ٿو تہ حضور صلعم جن انهيءَ ماڻهوءَ جو، مختلف حالتن دوران جائزو ورتو هو ۽ سندس آزمائش ورتي هئي ۽ڪائنس ڪيئي سوال پڇيا هئا. هڪ دفعي پاڻ وڻ جي اوٽ وٺي بيهي رهيا تہ جئن سندس پُٺ پَٺ پڏي سگهن. پر يهوديءَ جي ماڻ پنهنجي پٽ کي حضور صلعم جن جي انهيءَ طرز- عمل کان آگاهي باخبر ڪري چڏيو هو، جنهن ڪري هن انين ڪرڻ چڏي ڏنو هو. انهيءَ تي آنحضرت صلعم جن فرمايو: "جيڪڏهن مائس ڪيس نہ روڪي ها تہ سڄي گالهہ ظاهر ٿي پوي ها." جيتوڻيڪ ڪجهہ صحابي سگورا ان وقت ۾ موجود هئا، جڏهن اسلامي تاريخ ۾ هي پهريون نفسياتي مشاهدو ٿي رهيو هو، پر هو انهيءَ گالهہ جي پوري اهميت کان واقف نہ هئا. ساڳيءَ ريت اهي محدّث سگورا جن اڳتي هلي هن اهم واقعي کي پوريءَ ريت محفوظ تہ ڪيو، پر هو ۾ ان واقعي جي اصل اهميت کان اڻ ڄاڻ هئا. اهو ئي سبب آهي جو هو ان واقعي جي تشريح تمام سادي نموني ۾ ڪندا رهيا.

پروفيسر منڪدونالڊ وري هن واقعي جو مذاق اڏايو آهي، ڇاڪاڻ جو هو هڪ پيغمبر ۽ هڪ صوفيءَ جي شعور ۾ جيڪو بنيادي فرق آهي، اهو سمجهي نہ سگهيو آهي. هو اسانجي پيغمبر جي انهيءَ تحقيق کي هڪ نفسياتي کوجنا ڪندڙ جماعت جي تحقيق سان پيٽي ٿو. ڪاش، پروفيسر صاحب قرآن پاڪ جي روح کي سمجهي ها، جنهن جو مقصد هڪ اهڙي ثقافتي تحريڪ جو اجراءُ هو، جنهن جي نتيجي ۾ جديد تجرباتي رجحان جنم ورتو. ايندڙ ليڪچر ۾ آءٌ هن گالهہ جي وڌيڪ وضاحت ڪندس. مطلب تہ جيڪڏهن پروفيسر صاحب کي اها خبر هجي ها تہ پوءِ شايد هو حضور صلعم جن طرفان انهيءَ يهودي جي نفسياتي مشاهدي جو صحيح قدر و قيمت ڪري سگهي ها! بهرحال ابن خلدون اهو پهريون مسلمان هو جيڪو آنحضرت

صلعم جن جي انهيءَ طرز - عمل کي سمجهي سگهيو هو تہ سندن ائين ڪرڻ جو اصلي مقصد ڇا هو؟ ابن خلدون صوفيانہ شعور جو چگيءَ ريت تنقيدي جائزو ورتو آهي ۽ هو ذري گهٽ هڪ اهڙو مفروضو قائم ڪري ويو آهي جنهن کي اڄ ڪلهہ "تحت‌الشعور" جو نالو ڏنو وڃي ٿو. هن سلسلي ۾ ساڳيو پروفيسر ميڪڊونالڊ پنهنجي راءِ ظاهر ڪندي چوي ٿو: "ابن خلدون جا ڪجهہ نفسياتي نظريا انتهائي دلچسپ آهن ۽ وليم جيمز جي نظريات سان ڪافي ملندڙ جلندڙ آهن جيڪي هن پنهنجي ڪتاب "مذهبي مشاهدي جي گونا گوني" (Verities of Religious Experience) ۾ بيان ڪيا آهن. جيتوڻيڪ جديد نفسيات ويجهڙائيءَ ۾ ان ڳالهہ جي اهميت کي محسوس ڪيو آهي تہ صوفيانہ شعور ۾ ايندڙ ڳالهين جو چگيءَ ريت جائزو ورتو وڃي، مگر اها حقيقت آهي تہ اسان اڃا تائين ان لائق نہ ٿيا آهيون جو شعور جي غيرعقلي طريقن جو سائنسي نموني ۾ تجزيو ڪري سگهون. بهرحال هن ٿوري وقت ۾، صوفيانہ مشاهدي جي تاريخ ۽ سندس مختلف درجن جو احوال، سو بہ ان لحاظ کان تہ صوفيانہ مشاهدو ڪيڏو وسيع ۽ واضح آهي، پيش ڪرڻ ناممڪن آهي. ان مختصر وقت اندر آءٌ صرف ايترو ڪري سگهان ٿو تہ صوفيانہ مشاهدي جي چند خاص پهلوئن تي پنهنجا معروضات پيش ڪريان.

۱ - هن سلسلي ۾ سڀ کان پهرين قابل ذڪر ڳالهہ اها آهي تہ صوفيانہ مشاهدو سڌو سنئون يا حضوري نوعيت جو ٿئي ٿو. ان کانسواءِ جهڙيءَ ريت انساني مشاهدي جا ٻيا قسم علم جو ذريعو بنجن ٿا، ساڳيءَ طرح هيءُ مشاهدو بہ علم جو وسيلو بنجي ٿو. هونئن بہ سڀ مشاهدا سڌا سنوان يا حضوري نوعيت جا ٿين ٿا. مطلب تہ جهڙيءَ طرح خارجي دنيا بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ عام رواجي مشاهدي يعني حواسن کي ڪم آندو وڃي ٿو، بلڪل ساڳيءَ طرح صوفيانہ مشاهدي ذريعي خدا جي ذات بابت پڻ ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. ٻين لفظن ۾ صوفيانہ

مشاهدي کي حضوري کوڻ جو مطلب آهي تہ اسين خدا کي اهڙيءَ طرح چاڻون ٿا جهڙيءَ طرح ڪنهن ٻي شيءَ کي چاڻون ٿا. يعني خدا رياضياتي وجود نہ آهي ۽ نہ ورڻي تصورات جو هڪ ٻئي سان لاڳاپيل نظام، جو اهو انساني مشاهدي يا تجربي ۾ ڪڏهن بہ نہ اچي سگهي!

٢- صوفيانہ مشاهدي جي باري ۾ ٻي خاص گالهہ اها آهي تہ سندس حيثيت ناقابل- تجزيہ ڪُل جهڙي آهي. مثلاً جڏهن آءٌ پنهنجي آڏو رکيل ميز کي ڏسان ٿو تہ درحقيقت اهو هڪ اهڙو مشاهدو آهي جنهن ۾ بي شمار آزمودا سمايل ٿين ٿا، جيڪي ميز جي واحد مشاهدي جي صورت ۾ اچي ڪڏ ٿين ٿا. يا ٻين لفظن ۾ آءٌ انهن بي شمار آزمودن منجهان چند اهڙن جو انتخاب ڪريان ٿو جيڪي زمان و مڪان جي خاص نظام سان وابستہ آهن ۽ جن کي آءٌ ميز جي نسبت سان ترتيب ڏيئي هڪ تصور قائم ڪريان ٿو. مگر صوفيانہ مشاهدي جو اهڙو تجزيو ڪرڻ ناممڪن آهي، حالانڪ صوفيانہ مشاهدو بہ انتهائي وسيع ۽ واضح ٿئي ٿو. اهو ان ڪري ٿو ٿئي ڇاڪاڻ جو صوفيانہ مشاهدي اندر فڪر سميٽجي هڪ هنڌ اچي ڪڏ ٿئي ٿو. ان ڪانسواءِ صوفيانہ مشاهدو جيتوڻيڪ رواجي عقلي شعور کان مختلف ٿئي ٿو، پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ ڪو رواجي شعور سان اسان جو تعلق بلڪل ختم ٿي وڃي ٿو. هتي اهو ٻڌائيندو هلان تہ وليم جيمز غلطيءَ وچان اهو ٿي نتيجو قائم ڪيو آهي، حالانڪ ٻنهي صورتن ۾ اسانجو واسطو ساڳيءَ حقيقت سان پوي ٿو. دراصل اسانجي عقلي شعور کي اردگرد جي ماحول سان عملي مطابقت پيدا ڪرڻي پوي ٿي، ان ڪري اسانجو شعور هميشہ حقيقت جو جُزوي جائزو وٺي ٿو. يعني جهڙي قسم جي ڪيس ضرورت پوي ٿي ان لحاظ کان حقيقت جي نقاب ڪشائي ڪري ٿو. پر ان جي مقابلي ۾ صوفيانہ حالت دوران اسين حقيقت جو

مڪمل احاطو ڪريون ٿا، ڇو ته اتي مختلف تقاضائن جو وجود ختم ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ قسم جي ناقابل تجزيہ وحدت انسان جي آڏو اچي ٿي، جتي ظاهر و باطن ۽ شاهد و مشهود جو ڪو امتياز باقي نٿو رهي.

٣- ٽين گالهہ اها آهي ته صوفيانہ حالت هڪ اهڙو لمحو آهي جنهن دوران هڪ بي مثال ذات سان انتهائي گهرائپ جو احساس ٿئي ٿو. اها ذات ساورا هئڻ سان گڏ محيط آهي ۽ مشاهدي ماڻيندڙ جي شخصيت تي هڪ لحظي لاءِ حاوي پڻ ٿي وڃي ٿي. پر انهن سڀني گالهين جي باوجود صوفيانہ حالت انتهائي معروضي نوعيت جي آهي ۽ ڪيس محض داخلي انتشار جو نالو ڏيئي نٿو سگهجي. مگر هتي اوهين چوندا ته جيڪڏهن في الحقيقت خدا جو وجود اسان کان الڳ ۽ مستقل بالذات آهي ۽ خدا جي ذات جو حضوري مشاهدو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ وري هتي اها گالهہ بہ آهي ته جيڪڏهن صوفيانہ مشاهدو انفعالي نوعيت جو آهي، تہ پوءِ اهو ثابت ڪونہ ٿي سگهندو ته مشاهدي ۾ ايندڙ ذات لازمي طور اسان کان الڳ ۽ ڌار آهي. درحقيقت اسانجي ذهن ۾ اهو سوال انهيءَ ڪري اڀري ٿو ڇاڪاڻ جو اسان اها گالهہ بنا ڪنهن تنقيد جي قبول ڪري چڪا آهيون ته علم حاصل ڪرڻ جو صرف هڪڙو ئي طريقو آهي، يعني جهڙي نموني ۾ اسين خارجي دنيا بابت ادراڪ بالحواس ذريعي علم حاصل ڪريون ٿا. پر جيڪڏهن اها گالهہ صحيح آهي ته پوءِ اسانکي پنهنجي ذات جي حقيقت کان بہ انڪار ڪرڻو پوندو. هن گالهہ جي جواب لاءِ آءٌ روزمره جي زندگيءَ مان هڪ مثال پيش ڪريان ٿو- سوال اهو آهي ته اسين پنهنجي سماجي زندگيءَ ۾ پين ماڻهن جي ذهن بابت ڪهڙيءَ ريت ڄاڻ حاصل ڪريون ٿا نہ واقعي سنجهن اسان جهڙو ذهن ڪم ڪري رهيو آهي. ان سلسلي ۾ جيستائين اسانجي پنهنجي ذات يا وجود جو تعلق آهي ته اسانکي اها ڄاڻ

داخلي غور و فڪر ۽ ادراڪ بالحواس ذريعي ٿئي ٿي. پر جيستائين ڪنهن ۾ذهن جو تعلق آهي تہ ان جي لاءِ اسانجو ڪو حواس ڪم ڪونہ ٿو ڪري. لهٰذا منهنجي آڏو موجود باشعور هستيءَ جو ثبوت صرف اهو آهي تہ ڪائنس ٻہ اهي حرڪتون سرزر ٿين ٿيون، جيڪي اسان ڪان ٿين ٿيون ۽ جن کي ڏسي اسين اهو نتيجو ڪڍون ٿا تہ بيشڪ اسانجي آڏو هڪ باشعور هستي موجود آهي. يا جئن پروفيسر رائس (Royce) جو خيال آهي تہ اسين پنهنجن هم جنسن کي انهيءَ ڪري حقيقي سمجهون ٿا ڇاڪاڻ جو هو اسانجي اشارن جو جواب ڏين ٿا، ۽ اهڙيءَ طرح ڇڪ تہ هو هر وقت اسانجي مطلب جي تڪميل ڪندا رهن ٿا. هونئن ٻہ ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ جواب ئي هڪ باشعور هستيءَ جي موجودگيءَ جو ثبوت آهي. ۽ قرآن پاڪ پڻ ساڳئي ڳالهہ جو اظهار ڪري ٿو:

و قال ربّكم ادعوني أستجب لكم (٤٠:٦٢)

توهان جو رب چوي ٿو تہ جڏهن اوهين مونکي سڏيو ٿا تہ آءٌ توهان کي جواب ڏيان ٿو.

و إذا سألك عبادي عنّي فإنّي قريبٌ
أجيب دعوة الدّاع اذا دعان (٢:١٦٨)

"منهنجا ٻانها منهنجي باري ۾ توکان پڇن ٿا، بيشڪ آءٌ کين ڀاڪل ويجهو آهيان، جڏهن ٻہ هو مونکي سڏين ٿا تہ آءٌ سندن سڏ جو جواب ڏيان ٿو."

هاڻي اها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ خواه اسين جسماني معيارڪان ڪم وٺون يا وڌيڪ مناسب يعني رائس جي غير جسماني معيار کي استعمال ڪريون، پر هر لحاظ ڪان ذهن بابت اسانجي ڄاڻ هميشہ استدلالي نوعيت جي ٿئي ٿي. مطلب تہ ٻئي ماڻهوءَ

جي ذهن بابت اسانجو مشاهدو هميشه حضوري يا بلاواسطه نوعيت جو ٿئي ٿو ۽ اسانکي پنهنجي ان سماجي تجربي جي حقانيت ۽ ڪنهن به قسم جو شڪ شبهو نه ٿو ٿئي. هتي منهنجو مطلب اهو قطعاً ناهي ته ڪو آڳ جامع ۽ محيط ذات جي باري ۾ هڪ قسم جو عيني دليل پيش ڪري رهيو آهيان، بلڪ منهنجو مطلب صرف ايترو آهي ته صوفيائن حالت اندر جنهن حضوريت جو احساس ٿئي ٿو، ان جا ٻيا به ڪيترا ئي مثال موجود آهن. دراصل هنهي يعني صوفيائن ۽ رواجي مشاهدي ۾ ڪجهه نه ڪجهه مشابهت ضرور ٿئي ٿي، بلڪ گمان غالب آهي ته هئي سا ڳئي زمري ۽ اچن ٿا.

۴ـ جئن ته صوفيائن مشاهدي جو ڪو واسطو سڏوسنئون تجربي سان ٿئي ٿو، ان ڪري ڪيس جئن جو تئن هين تائين نٿو پهچائي سگهجي. اهو ئي سبب آهي جو صوفيائن حالت فڪر جيان نه آهي بلڪ هڪ احساس وانگر آهي. لهٰذا هڪ صوفي يا پيغمبر پنهنجي مذهبي مشاهدي جي سمجهاڻي ته ڏيئي سگهي ٿو، پر مشاهدي اندر جيڪي ڪجهه ساڻس وهي واپري ٿو، اهو جئن جو تئن هين تائين نٿو پهچائي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو قرآن شريف جي هيٺين آيتن ۾ اهڙي مشاهدي جي نفسياتي پهلوءَ جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي، البت مشاهدي جي اندر جيڪي ڪجهه وهي واپري ٿو ان کي ڇڏي ڏنو ويو آهي.

ماڪان لبشرٍ انيڪلمه الله الاّ وحياً اومن وراي حجابٍ او يُرسل رسولاً فيوحيَ باذنه مايشاءُ انهّ عليٌّ حڪيم (۴۲:۵۱)

اها ڳالهه انسان جي وس ڪان ٻاهر آهي ته هو خدا جي ذات سان ڪلام ڪري. البت وحي جي ذريعي يا پردي جي پٺيان، يا الله پنهنجو پيغمبر اماڻي جنهن

تي هو جڏهن ٻه گهري ته وحي موڪلي. بيشڪ اهوئي تمام گهٽو داناءُ آهي.

والنّجم إذا هوىo (لا) ماضلّ صاحبكم وما غويo(ج) وما ينطق عن الهويo ان هُوَ إلاّ وحى يّوحيo(ج) علّمه شديد القويo (لا) ذومرةٍ (لا) فاستّويo وهُو بالافق الاعليo ثم دنا فتدلّيo (لا) فكان قاب قوسين او ادنيo (ج) فاوحى إلا عبده ما آوحيo ماكذّب الفواد ماريo افتمارونه علي ما يّريo ولقد رآي نزْلة آخريo(لا) عند سدرة المنتهيo عندها جنة المأويo إذ يّغشى السّدرة مايغشيo(لا) ما زاغ البصر و ما طغيo لقد رآي من آيات ربه الكبريo (٥٣:١-١٨)

قسم آهي ستاري جو جڏهن اهو لهي وڃي ٿو ته توهانجو دوست نه ڀليو آهي ۽ نه گمراه ٿيو آهي. هو پنهنجي مرضيءَ وچان ڪونه ٿو ڳالهائي، بلڪ اهو قرآن آهي جيڪي ڪجهه مٿس وحي ڪيو ويو آهي. بيشڪ هڪ طاقتور شخصيت ڪيس سيکارڻ واري آهي جنهن ڪيس ڏاهپ سان نوازيو آهي. بيشڪ هو پنهنجي جڳهه تي قائم رهيو ۽ هو واقعي بلندين تي پهتل آهي. اهڙيءَ طرح هو ويجهو ايندو ويو تانجو ہن ڪمانن جو فاصلو رهجي ويو، بلڪل انڪان ٻه گهٽ. انڪان پوءِ مٿس وحي ڪيو ويو ۽ ڪيس اهو سڀ ڪجهه ٻڌايو ويو جيڪو ٻڌائڻو هيو. هن جي دل ڪنهن به شيءِ کي ڏسڻ ۾ غلطي ڪونه ڪئي. ڇا، پوءِ به توهين هن سان ان باري ۾ جهگڑو ڪريو ٿا، جيڪي ڪجهه هو ڏسي چڪو آهي. بيشڪ هن ڪيس ٻيو دفعو سدره وٽ وٽ ڏٺو ۽ اهو وٽ هڪ قسم جي حد آهي.

ان جي پرسان آرام ده باغ آهي. وري جڏهن اهو وڻ ڏکجي ويو تڏهن به سندس نگاه ڏوکو نه کاڏو. واقعي هن پنهنجي رب جون وڏيون نشانيون ڏٺيون.

مطلب ته صوفيانه مشاهدي کي هن تائين نڪو پهچائي سگهجي، چاڪاڻ جو بنيادي طور اهو اهڙن ناقابل- بيان احساسن جو مجموعو آهي جن جو عقلي استدلال سان کو واسطو ناهي. البت ايترو ضرور آهي ته هن عام احساسن وانگر صوفيانه احساس ۾ ٻڌ عقل جو عنصر موجود آهي ۽ منهنجي خيال ۾ اهو ئي سبب آهي جو اڳتي هلي صوفيانه مشاهدو فڪر جي صورت اختيار ڪري ٿو. دراصل هر احساس ان ڳالهه جو متقاضي آهي ته ڪيس فڪر جي صورت ۾ بيان ڪيو وڃي. معلوم ٿو ٿئي ته ٻئي يعني احساس ۽ فڪر، داخلي مشاهدي جي هڪڙي ئي وحدت سان تعلق رکن ٿا. احساس ان وحدت جو لازماني (Non-temporal) ۽ فڪر سندس زماني (Temporal) پهلو آهي. هن سلسلي ۾ بهتر ٿيندو ته آءٌ پروفيسر هاڪنگ (Hocking) جو حوالو ڏيان جنهن احساس جي ڳوڙهي مطالعي کان پوءِ مذهبي شعور ۾ ايندڙ ڳالهين کي عقلي طور ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي- هو چوي ٿو:-

"احساس کان ٻاهر آخر اهو ڪهڙو غير احساس آهي جنهن ۾ سندس ٻڃائي ٿئي ٿي. منهنجي راءِ آهي ته اهو ڪنهن شيءِ جو شعور آهي. احساس هڪ باشعور هستيءَ جي بي قراري جو نالو آهي ۽ انهيءَ بي قراريءَ کي ختم ڪرڻ جو سامان منجهس رکيل ڪونهي، بلڪ ڪائنس ٻاهر موجود آهي. گويا احساس ٻاهر ڇڪيندڙ آهي ۽ فڪر محض ٻاهريون اطلاع فراهم ڪندڙ آهي. لهٰذا اهڙو ڪوبه احساس ڏي نه ٿو سگهي جيڪو پنهنجي مقصد کان اڻ ڄاڻ هجي. هيڏانهن اسانجي ذهن ۾ ڪو احساس پيدا ٿيو ناهي ته هوڏانهن انهيءَ شيءِ جو خيال

فوراً اسانجي ذهن ۾ پهچي وڃي ٿي، جنهن سان اسانجو ذهن مطمئن ٿئي ٿو. احساس جو ڪنهن رخ کان سواءِ هجڻ ۾ اهڙيءَ طرح ناممڪن آهي جهڙيءَ طرح عمل جو؛ ۽ ياد رکڻ گهرجي تہ رخ جو مطلب آهي تہ ڪو مقصود يا مطلوب سندس آڏو آهي. اهو برابر آهي تہ شعور جون ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون مبهم حالتون ۾ ٿيو پون جو اسانکي ڪو پتو پڄي نہ سگهندو آهي؛ پر هتي اها ڳالهہ قابل توجہ آهي تہ اهڙيءَ صورت ۾ اسانجو احساس ۾ گُم سُم هوندو آهي. مثلاً ڪنهن ڏک لڳڻ سبب ماڻهو بيهوش ٿي وڃي ٿو ۽ کا خبر نہ ٿي پوي تہ ڇا ٿيو آهي، کا تڪليف ۾ محسوس ڪونہ ٿي ٿئي، بس صرف ايتري خبر پوي ٿي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ٿيو آهي. درحقيقت اهڙي صورت ۾ اهو سڀ ڪجهہ جيڪي ٿي گذري ٿو، يعني پوري واردات شعور جي دروازي تائين تہ پهچي ويندي آهي، پر هڪ احساس جي شڪل ۾ نہ، بلڪ هڪ حقيقت جي روپ ۾، ۽ اها صورتحال تيستائين اڻين رهندي جيستائين فڪر منجهس داخل ٿي پنهنجي جوابي ڪارروائي لاءِ رستو هموار ڪري. ان کان پوءِ ٿي اسان کي سُور يا تڪليف جو احساس ٿئي ٿو. هاڻي جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهہ صحيح آهي تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ احساس ۾ اوتروئي معروضي شعور آهي جيترو فڪر. بلڪ احساس هميشہ پنهنجي ذات کان ٻاهر ڪنهن اهڙي شيءِ ڏانهن اشارو ڪندو آهي جنهن تي سندس زندگيءَ جو دارومدار هوندو آهي، ۽ وري ان شيءِ تائين رسائي يعني ان جي موجودگيءَ ۾ سندس موت واقع ٿيندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اوهين ڏسندا تہ جيتوڻيڪ مذهب جي ابتدا احساس جي انهيءَ بنيادي نوعيت سان ٿئي ٿي، پر تاريخ شاهد آهي تہ مذهب ڪڏهن ۾ پاڻ کي صرف احساس تائين محدود نہ رکيو آهي، بلڪ مذهب هميشہ ما بعدالطبعيات جي جستجو ۽ تلاش جاري رکي آهي، باقي صوفين طرفان جو عقل وفڪر

جي مذمت ڪئي وئي آهي تہ منجهانئس ڪو علم و عرفان حاصل ڪونہ ٿو ٿئي، سو مذهب جي تاريخ ۾ اهڙي ڪنهن بہ گالهہ جي گنجائش ڪونهي. متي اسان پروفيسر هاڪنگ جو جيڪو اقتباس پيش ڪري آيا آهيون، انهيءَ مان نہ صرف اهو پتو پوي ٿو تہ مذهب جي دنيا ۾ فڪر جو بہ دخل آهي، بلڪ هن سلسلي ۾ ٻيون بہ گهڻيون گالهيون اسانجي آڏو اچن ٿيون. احساس ۽ فڪر جي وچ ۾ جيڪو نامياتي تعلق آهي، انهيءَ مان وري الاهيات جي هڪ پراڻي مسئلي يعني زباني وحيءَ تي پڻ روشني پوي ٿي، حالانڪ اهو ئي مسئلو ڪنهن وقت مسلمان عالمن لاءِ دردِ سر بڻيل هئو. مطلب تہ هر غير واضح احساس جي منزلِ مقصود فڪر ۾ پنهان ٿئي ٿي ۽ فڪر وري پنهنجي وجود منجهان ٻئي ڪا نظر ايندڙ صورت اختيار ڪري ٿو. ان ڪري اهو محض استعارو ڪونهي تہ ڪو فڪر ۽ لفظ، ٻين لفظن ۾ صورت ۽ معنيٰ، دراصل ٻئي هڪ وقت احساس جي ڪُک مان جنم ورتن ٿا. اها بہ گالهہ آهي تہ منطقي فهم هر صورت ۾ وقت جي ترتيب مطابق ڪم ڪري ٿو. پر درحقيقت پنهي کي اهڙي نموني ۾ الڳ الڳ ڪرڻ سان ئي سموري مشڪلات پيدا ٿيو پوي. بهرحال هڪ لحاظ تہ الفاظ بہ وهي ڪيا ويندا آهن.

۵- جيتوڻيڪ هڪ صوفيءَ جو واسطو سرمدي ذات سان قائم ٿئي ٿو، جنهن منجهان ڪيس اهو پتو پوي ٿو تہ سلسليوار وقت (Serial Time) حقيقت ڪان خالي آهي، پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ ڪو سندس تعلق سلسليوار وقت سان سڄ پڄ ختم ٿي وڃي ٿو. ازانسواءِ صوفيانہ حالت جيتوڻيڪ هر لحاظ ڪان بي مثال ٿئي ٿي، پر پوءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني ۾ سندس تعلق عام مشاهدي سان برقرار رهي ٿو. هن گالهہ جي ثابتي اها آهي تہ صوفيانہ حالت جي جڏاڙ نہ هئڻ جي باوجود، صوفيانہ

حالت گذرڻ کان پوءِ ان ماڻهوءَ ۾ وڏو اعتماد پيدا ٿئي ٿو. بهرحال اهو صوفي هجي يا پيغمبر، هُئي پنهنجي پنهنجي طبعي مشاهدي جي سطح تي واپس اچن ٿا. البت فرق صرف ايترو آهي ۾ جئن آڏ اڳتي هلي واضح ڪندس، تہ نبي يا پيغمبر جي واپسيءَ! سان انسانذات لاءِ تمام وڏا ۽ دور رس نتيجا برآمد ٿين ٿا.

مطلب تہ جيستائين علم جي حاصلات جو تعلق آهي تہ صوفيانہ مشاهدي جي دنيا بہ اوتري قدر حقيقي ۽ معتبر آهي، جيترقدر انساني مشاهدي جي هي ڪا دنيا ٿي سگهي ٿي. لهٰذا صوفيانہ مشاهدي کي رڳو انهيءَ ڪري نظر انداز ڪري نٿو سگهجي تہ سندس شروعات حواسن ذريعي ڪونہ ٿي ٿئي. ان ڪانسواءِ صوفيانہ مشاهدي کي ان ڪري بہ رد ڪري نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ ان جي لاءِ خاص قسم جون جسماني حالتون گهربل آهن. هتي جيڪڏهن اسين جسم ۽ دماغ جي باهمي لاڳاپي بابت جديد نفسيات جي مفروضي کي ڪٽي صحيح بہ سمجهون، تڏهن بہ اهو نتيجو ڪڍڻ غير منطقي ٿيندو تہ صوفيانہ مشاهدات مان حقيقت جو ڪو انڪشاف ڪونہ ٿو ٿئي. ڇو تہ نفسياتي لحاظ کان سڀ حالتون، پوءِ اهي مذهبي نوعيت جون هجن يا غير مذهبي نوعيت جون، جسماني ڪيفيتن جون پابند ٿين ٿيون. مطلب تہ انساني ذهن جو علمي انداز ۽ مذهبي انداز وانگرساڳئي قسم جي جسماني ڪيفيتن کان متاثر ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي، جنهن ڪري اسين ذهين شخصيتن جي تخليقي ڪارنامن جو جائزو وٺندي، ان ڳالهہ کي بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهيون تہ نفسيات دان سندن جسماني ڪيفيتن بابت ڇا ٿا چون. اها ڳالهہ صحيح آهي تہ ڪجهہ قبول ڪرڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو مزاج ضروري آهي، پر اهو چوڻ تہ جيڪي ڪجهہ پلئہ پوي ٿو، ان جي سموري حقيقت طبيعت جي انهيءَ حالت تي

سدار رکي ٿي، ڪجهه صحيح نڏو لڳي. درحقيقت نفسياتي ڪيفيتن کي جسماني محرڪات سان وابسته ڪرڻ ۽ ان لحاظ کان ڪين ادنيٰ يا اعليٰ قرار ڏيڻ بلڪل غلط آهي.

پروفيسر وليم جيمز چوائڻيءَ ڪجهه ڪشف ۽ الهام بنيادي طور غلط ۽ واهيات ڏين ٿا، ۽ ان ڪانسواءِ اها گالهه به صحيح آهي ته استغراق يا بي خودي جي ڪيفيت منجهان پڻ ڪڏهن ڪڏهن سيرت و ڪردار تي ڪو خاص اثر ڪونه ٿو پوي. اهو ان ڪري ڇاڪاڻ جو اهڙيون ڪيفيتون بنيادي طور الوهيت جي جذبي کان وانجهيل ڏين ٿيون. مسيحي تصوف جي تاريخ ۾ اهو مسئلو هميشه وڏي الجهن جو باعث رهيو آهي ته آهو الهام ۽ مشاهدو جيڪو خدائي معجزي جي حيثيت رکي ٿو، ان کي شيطاني الهام ۽ مشاهدي کان ڪيئن الڳ ڪري سگهجي ٿو. ڇو ته شيطان کي اها قوت آهي ته هو پنهنجي وروڌ سببان هڪ جي ٻي پيش ڪري ۽ اهڙيءَ طرح حق جي طالب کي ٻڌي عذاب جو مستحق بڻائي. اهوئي سبب آهي جو انساني شعور جي رهبري ۽ رهنمائي ڪرڻ وارن پنهنجي پوري بصيرت ۽ تجربي کان ڪم ورتو آهي. بهرحال ان گالهه جي ڇاڻي آخرڪار اسانجي ان تجرباتي معيار مطابق ڏٻي ٿي ته، وڻ جي سڃاڻپ سندس ميوي سان ڏيندي آهي ۽ نه سندس پاڙ سان! درحقيقت مسيحي تصوف جو اهو مسئلو، جنهن ڏانهن پروفيسر وليم جيمز اشارو ڪيو آهي، ساري تصوف جو مسئلو آهي. واقعي شيطان پنهنجي ايرڪا ڪري اهڙيون گالهيون ڪري سگهي ٿو جيڪي صوفيانه مشاهدي جي دنيا ۾ داخل ٿي وڃن ٿيون، جئن قرآن شريف جو ارشاد آهي:

وَما أرسلنا من قبلك من رَّسولٍ ولا نبيٍّ إلاّ إذا تمنّىٰ ألقى الشّيطان في امنيّته (ج) فينسخ الله مايلقي الشّيطان ثمّ يحكم الله آيٰته وَ الله عليم حكيم (٢٢ : ٥٢)

اسان توکان اڳهر پڻ ڪو نبي يا پيغمبر ايستائين نه موڪليو آهي، جيستائين شيطان سندن خواهشن کي باڪل بگاڙي نه ڇڏيو هجي. مگر الله تعالي شيطان جي ڪوششن تي پاڻي ڦيرائي ڇڏي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجي نشانين کي محڪم ڪري ٿو. بيشڪ الله تعالي گهٽو ڄاڻندڙ ۽ وڏو داناءُ آهي.

لهٰذا منهنجو خيال آهي ته فرائڊ (Freud) جي پوئلڳن مذهب جي اها وڏي ۾ وڏي خدمت سر انجام ڏني آهي جو هنن رحمانيت منجهان شيطانيت کي هڪالي ڪيو آهي. حالانڪ آءٌ ان راءِ جو آهيان ته جديد نفسيات جو اهو نظريو ٿوس ثابتيءَ تي ٻڌل ڪونهي، جيڪڏهن اسانجون ڪجهه آواره خواهشون سڀني جي صورت ۾ اڇڻ لڳن ٿيون، يا ڪڏهن ڪڏهن اسين پيو ڪجهه محسوس ڪرڻ لڳون ٿا، ته ان جو مطلب اهو نه وٺڻ گهرجي ته ڪو اهي خواهشون اسانجي رواجي شعور جي پويان هڪ آڪارتي ڪوٺيءَ ۾ بند هيون، يا جيڪڏهن اهي دٻيل خواهشون ڪڏهن ڪڏهن اسانجي طبعي شعور ۾ زوريءَ داخل ٿين ٿيون ته وڏ ۾ وڏ اهو نتيجو ڪيي سگهجي ٿو ته اسانجي معمول واري جوابي نظام(Response System) ۾ ڪجهه خلل پئجي ويو آهي، باقي اها گاله ثابت ڪرڻ ڏي ڏٺي ته ڪو اهي خواهشون ذهن جي هڪ تاريڪ گوشي ۾ منڊ کان وڌي موجود هيون. مختصر لفظن ۾ سڄي نظريي جو تت هن ريت آهي: اسانکي پنهنجي ارد گرد جي ماحول سان مطابقت پيدا ڪرڻ دوران ڪيترن محرڪات منجهان گذرڻو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح اسين انهن محرڪات جي زير اثر آهستي آهستي هڪ مقرر جوابي نظام جا هيراڪ ڏي وڃون ٿا. ان کان پوءِ اهو نظام وڌيڪ وسيع ٿيندو رهي ٿو، پر انهيءَ دوران اهو نظام ڪن خواهشن کي قبول ڪري ٿو ۽ ڪن

کي رد ڪري ٿو، ڇو تہ اهي اسانجي دائمي جوابي نظام سان ٺهڪي نہ ٿيون اچن. اهي رد ٿيل خواهشون آهستي آهستي ذهن جي انهيءَ حصي ۾ جمع ٿيندیون رهن ٿيون، جنهن کي "لاشعور" جو نالو ڏنو ويو آهي. وري لاشعور ۾ اهي خواهشون ان ڳالهہ جي انتظار ۾ رهن ٿيون تہ ڪهڙيءَ ريت مرڪزي شخصيت تي حملہ آور ٿي پنهنجو پٽلو ڇڪائين. لهٰذا اهو بلڪل ممڪن آهي تہ اهي خواهشون اسانجي نظام عمل کي تهہ و بالا ڪري ڇڏين، يا اسانجي فڪر ۾ خلل پذير ڪن، يا هڪ لحاظ کان اسانجي خوابن ۾ خيالي صورتن جو نقشو چٽڻ شروع ڪن؛ يا اصل انهن طريقن اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪن، جيڪي انسانذات پنهنجي ارتقائي عمل دوران بيڪار سمجهي ڇڏي ڏنا آهن. ڇيو وڃي ٿو تہ مذهب ۾ هڪ خيالي ٽيڪسات آهي ۽ ڪيس اهي رد ٿيل خواهشون ان ڪري وجود ۾ آڻن ٿيون، تہ جئن هڪ اهڙي دلپسند ۽ خيالي دنيا جي تخليق ڪري سگهجي، جتي اهي خواهشون آزاديءَ سان ۽ بناروڪ ٽوڪ جي حرڪت ڪري سگهن. مطلب تہ هن نظريي مطابق مذهبي عقيدا ۽ اصول فطرت جي باري ۾ اهي پراڻا ۽ فرسوده خيال آهن، جيڪي اسان انسانن انهيءَ لاءِ گهڙيا آهن تہ جئن مطلق حقيقت جي فطري قبح کي لڪائي سگهجي؛ ۽ اهڙيءَ طرح مطلق حقيقت کي هڪ اهڙو روپ ڏنو وڃي، جيڪو اسانجي دلي تمنائن جي قريب تر هجي، پوءِ پلي زندگيءَ جي عام ڳالهين منجهان ان جي تصديق نہ ٿيندي هجي! سونڪي ان ڳالهہ کان انڪار ڪونهي تہ ڪو اهڙي قسم جا مذهب يا فن وجود ۾ نہ آيا آهن، جيڪي زندگيءَ جي حقيقتن کان بزدلانہ فراريت جو رستو نہ ٻڌائيندا هجن، بلڪ منهنجي چوڻ جو مطلب صرف ايترو آهي تہ اوهين هر مذهب جي باري ۾ اها راءِ قائم ڪري نٿا سگهو. وري ان ڳالهہ ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ مذهبي عقيدن ۽ اصولن جي ڪا نہ ڪا مابعد الطبعياتي اهميت ضرور هوندي آهي، پر

ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته کو مذهبي مشاهدن جو مواد فطرتي سائنس جو موضوع بنجي سگهي ٿو. مذهب نہ ته علم طبعيات آهي ۽ نہ علم ڪيميا جو فطرت جي سمجهاڻي علت و معلول واري نموني ۾ پيش ڪري. درحقيقت مذهب جو واسطو انساني مشاهدي يا تجربي جي نرالي دنيا سان آهي، ۽ مذهبي مشاهدي جو مواد اهڙو آهي جيڪو بي هر سائنس جي پهچ کان ٻاهر آهي. جيڪڏهن انصاف کان ڪم ورتو وڃي ته معلوم ٿيندو ته مذهب، سائنس کان تمام گهٽو وقت اڳ ان گالهه تي زور ڏنو ته مذهبي زندگيءَ جو بنياد ٽوس حقائق تي هٽ گهرجي. هوئين به پنهي ۾ اختلاف ان گالهه تي ناهي ته هڪڙي جو بنياد محسوسات جي مشاهدي تي رکيل آهي ۽ ٻئي جو محسوسات تي ناهي، بلڪ ٻئي پنهنجي شروعات محسوسات کان ڪن ٿا. پنهي ۾ اختلاف تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن اها غلط فهمي لاحق ٿئي ٿي ته ٻئي هڪ ئي قسم جي مشاهداتي مواد جي سمجهاڻي ڏين ٿا. هن سلسلي ۾ اسين ان گالهه کي بلڪل وساري ويهون ٿا ته ته کو مذهب جو مقصد انساني مشاهدي جي هڪ خاص قسم کي آجاگر ڪرڻ آهي.

هتي ان گالهه جي وضاحت ڪري ڇڏيان ته مذهبي شعور کي جنسي تحريڪات جو نتيجو قرار ڏيڻي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته مذهبي ۽ جنسي شعور جون اهي ٻئي صورتون جيڪڏهن هڪ ٻئي جو ضد نہ آهن، تڏهن به پنهنجي نوعيت، مقصد ۽ نتيجي طور ظاهر ٿيندڙ ڪردار جي لحاظ کان مختلف ضرور آهن. سچ اهو آهي ته مذهبي جذب واري ڪيفيت ۾ ئي انسان کي پنهنجي وجود جي تنگ دائري کان ٻاهر موجود اصل حقيقت جو ادراڪ ٿئي ٿو. اها ٻي گالهه آهي ته نفسيات دان مذهبي جذب واري ڪيفيت کي تحت الشعور جو ڪارنامو سمجهن ٿا، ڇو ته انهيءَ ڪيفيت جي شدت انسان جي پوري وجود کي

لوڏي وجهي ٿي، ۽ ياد رکڻ کهرجي تہ جذب جو عنصر هرعلم جو لازمي جُز آهي ۽ شئ جي خارجي حيثيت سندس شدت تي منحصر آهي. اسانجي لاءِ اها شئ وڌ ۾ وڌ حقيقي آهي، جيڪا اسانجي ذات جي هر جُز کي لوڏي وجهي. پروفيسر هاڪنگ بلڪل ٺيڪ چيو آهي: "جيڪڏهن ڪو ولي يا ڪو عام ماڻهو پنهنجي ذات جي سڀني اوڀاين جي باوجود، محدود وقت اندر هڪ اهڙي جلوي پسٽ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، جيڪو سندس زندگيءَ جي ڪايا پلٽي ڇڏي ٿو؛ تہ اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ممڪن آهي جڏهن اهو جلوو پسندڙ ماڻهو نہ صرف شعوري طور ان گهاڙهہ لاءِ تيار هجي، بلڪ سندس تحت الشعور ۾ بہ اها گهاڙهہ چڱيءَ طرح سمايل هجي. مطلب تہ اهو جلوو جيڪو اسانجي هر انگ ۾ جادو جاڳائي ٿو، اهڙي جلوي دوران نہ صرف تحت الشعور آماده رهي ٿو، بلڪ اهو تہ اڳ ۾ ئي هم آهنگ ٿي پوندو آهي. هونئن بہ غير استعمال ٿيل هوا جي خلين جي ڦٽڻ منجهان اهو مطلب کڏي نڪو سگهجي تہ ڪو اسان ٻاهرين هوا ۾ ساه کڻڻ ڇڏي ڏنو آهي، بلڪ ان جو مطلب تہ ٻاڻ ان جي اڀتڙ آهي." اهوئي سبب آهي، جنهن ڪري ڪوبہ خالص نفسياتي طريقو، ان گهاڙهہ جي وضاحت ڪرڻ کان قاصر آهي تہ آخر مذهبي جذب واري ڪيفيت ڪهڙيءَ ريت حصولِ علم جو باعث بنجي ٿي. هن سلسلي ۾ اسانجا نفسياتدان پڻ اهڙيءَ طرح ناڪام ٿيندي نظر اچن ٿا، جهڙيءَ طرح ڪانٽ اڳ لاڪ (Locke) ۽ هيوم (Hume) ناڪام ٿي چڪا آهن.

آخر ۾ متئين بحث منجهان هڪ نهايت اهم سوال پيدا ٿئي ٿو. آءٌ هن وقت تائين اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس تہ مذهبي مشاهدو يا تجربو بنيادي طور احساس جي هڪ اهڙي ڪيفيت آهي جنهن ۾ عقل جو عنصر بہ شامل آهي.

وري هن سلسلي ۾ اها گالهه به آهي ته مذهبي مشاهدي کي
هين تائين نڏو پهچائي سگهجي، سواءِ ان صورت جي ته اسين
کيس فيصلي جي حيثيت ۾ ظاهر کريون. هاڻي سوال اهو آهي
ته هڪ اهڙو فيصلو جنهن جو تعلق انساني مشاهدي سان آهي،
جڏهن اهو چئي منهنجي آڏو پيش کيو وڃي ٿو ته منهنجي
پهچ کان ٻاهر آهي؛ اهڙيءَ صورت ۾ مون کي کهت ۾ گهت
اهو حق پهچي ٿو ته آءٌ اهو پڇان ته آخر سندس سچائيءَ جي
کهڙي سنڊ آهي؟ ڇا اسان جي آڏو اهڙو کو معيار يا
کسوٽي موجود آهي جنهن جي آڌار تي اسين سندس سچائيءَ
جي پرک کري سگهون؟ جيڪڏهن اسان جي اهڙن فيصلن
جي سچائيءَ جو دارومدار رڳو ذاتي مشاهدن تي مبني هجي ها،
ته جيڪر مذهب به چند ڪاڻ ڪٽين ماڻهن تائين محدود هجي
ها! پر خوشقسمتيءَ سان ائين ناهي ۽ اسان وٽ اهڙا معيار
موجود آهن جيڪي علم جي هن قسمن سان به لاڳو آهن. آءٌ
انهن کي عقلي ۽ عملي معيار کوڻيان ٿو. عقلي معيار مان
منهنجي مراد هڪ اهڙو تنقيدي جائزو آهي جيڪو انساني مشاهدي
بابت اڳ ۾ قائم کيل مفروضن جي آڌار تي اڳتي کونه ٿو
وڌي، بلڪ ان جي وسيلي عام طور اهو ڏسڻو وڃي ٿو ته
اهڙيءَ ريت اسين جنهن حقيقت تائين پهچون ٿا؛ ڇا انهيءَ
ساڳي حقيقت جو انڪشاف مذهبي مشاهدي مان به ٿئي ٿو يا
نه؟! باقي عملي معيار ۾ هميشه نتيجن کي آڏو رکيو وڃي يا
هين لفظن ۾ ته ڇا پڻائم پيو؟ هڪ فيلسوف هميشه عقلي معيار
استعمال کري ٿو، پر ان جي مقابلي ۾ هڪ نبي يا پيغمبر
هميشه عملي معيار کان ڪم وٺي ٿو. بهرحال ايندڙ ليکچر ۾
آءٌ عقلي معيار تي گفتگو ڪندس.

مذهبي مشاهدي جي فلسفيانہ پرک

علم ڪلام وارن خدا جي وجود بابت ٽي دليل قائم ڪيا آهن، جيڪي هن ريت آهن: پهريون ڪائناتي دليل، ٻيو غايتي دليل ۽ ٽيون وجودياتي دليل. هاڻي جيستائين ذات مطلق جي جستجوءَ جو تعلق آهي تہ اهي دليل ڪنهن حد تائين فڪر جي اصل حرڪت جو باعث رهيا آهن. پر منطقي لحاظ کان آءٌ سمجهان ٿو تہ مٿن ڪيترائي شديد اعتراض وارد ٿين ٿا. ان کانسواءَ اهي دليل اسانجي مشاهدي جي گهرائيءَ ۽ ڪونہ ٿا وڃن بلڪ مٿاڇري اپٽار تائين محدود آهن.

ڪائناتي استدلال مطابق هيءَ ڪائنات هڪ محدود معلول جو درجو رکي ٿي. مگر جيئن تہ هر معلول جي علت هوندي آهي، انهيءَ ڪري علت و معلول جو هڪ مربوط سلسلو شروع ٿي پوي ٿو. البت هن سلسلي ۾ جيڪا گهالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي، اها آهي پهٽي وڃي ويندڙ علتن جو اڻ کٽ سلسلو! لهٰذا اهو ميڙو پوندو تہ هڪ اهڙي علت ۾ آهي جيڪا پي ڪنهن علت جو معلول ناهي يعني علت‌العلل ـ هاڻي اها گهالهہ صاف ظاهر آهي تہ محدود معلول جي لاءِ علت بہ محدود هوندي، يا وري اهڙيءَ صورت ۾ محدود علتن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو ٻہ ٽي سگهي ٿو. پر اها گهالهہ هرگز صحيح نٿي لڳي جو انهيءَ سلسلي کي هڪ هنڌ روڪي ائين چئجي تہ بس هيءَ علت ٽي علت‌العلل يا پهرين علت آهي. درحقيقت ائين ڪرڻ سان خود قانونِ علت جي نفي ٿئي ٿي، حالانڪ هن دليل جو سڄو دارومدار انهيءَ قانون تي آهي. وري جيڪڏهن علتِ اولي پنهنجي معلول کان بلڪل الڳ ۽ ڌار آهي، تہ انجو مطلب اهو ٿيندو تہ اها

علت خود محدود آهي، لامحدود ناهي، چو تہ اهڙيءَ صورت ۾ معلول جي ڪري علت جي تحديد ٿي ويندي آهي. پر جيڪڏهن ٿوري دير لاءِ هن دليل کي صحيح تسليم ڪجي، تڏهن بہ علتِ اولي مان ذاتِ مطلق مراد ڪيئن ٿي وڃي سگهجي؟ چو تہ علت ۽ معلول جو پاڻ ۾ برابريءَ ۽ يڪسانيت وارو لاڳاپو ٿئي ٿو يعني جهڙي علت تهڙو معلول!

البت هن دليل مان وڌ ۾ وڌ اهو ثابت ٿئي ٿو تہ اسين علت و معلول جي تصور لاءِ مجبور آهيون، باقي هن تصور جي ضرورت مان ڪنهن بہ ريت وجودِ مطلق جي ضرورت ثابت ڪونہ ٿي ٿئي. درحقيقت ڪائناتي دليل جو مطلب آهي، محدود جي نفيءَ ذريعي لامحدود هستيءَ جو اثبات. پر جنهن لامحدود يا لامتناهيءَ جو ثبوت متناهيءَ جي نفيءَ سان فراهم ڪيو ويندو، درحقيقت اهو لامتناهي ٿي نہ ٿو سگهي، چو تہ اڻين ڪرڻ سان نہ تہ لامتناهيءَ جي اصليت جو پتو پوندو ۽ نہ وري ان متناهي جي ڪا خبر چار، جنهن کي اسان لامتناهيءَ جي مقابلي ۾ آندو آهي. حقيقي لامتناهي تہ متناهيءَ جي مٿان حاوي هوندو آهي ۽ ڪيس گهيري ۾ رکڻ جي باوجود بہ سندس هستيءَ کي ختم نہ ڪندو آهي، بلڪ سندس وجود جو ڪارڻ بڻبو آهي. انهيءَ ڪري هيءَ دليل جيڪو متناهيءَ جي نفيءَ منجهان لامتناهيءَ تائين پهچڻ جي دعويٰ ڪري ٿو، منطقي لحاظ کان بلڪل غلط آهي ۽ پنهنجي مقصد ۾ پوريءَ طرح ناڪام ويو آهي.

هاڻي اسين اڃون ڏا غايتي استدلال تي، پر اهو بہ زياده بهتر ڪونهي. هتي وري معلول جو مطالعو انهيءَ لحاظ کان ڪيو ويندو آهي تہ جيئن سندس علت جي نوعيت ۽ اصليت جي خبر پڄي سگهي. پين لفظن ۾ فطرت اندر جو هيڏي ساري مطابقت ۽ مقصديت نظر اچي ٿي، يا جهڙي نموني ۾ اسين واقعات جي پيش بيني ڪري سگهون ٿا، انهن سڀني ڳالهين منجهان هڪ

اهڙي شعور ذات رکندڙ هستيءَ جو ثبوت ملي ٿو، جنهن جي علم ۽ قدرت جو کو ڇيڙهه ڪونهي. ليکن هن دليل منجهان وري اسان کي وڌ ۾ وڌ هڪ اهڙي ماهر ڪاريگر جو پتو پوي ٿو، جنهن جي آڏو هيءَ ڪائنات هڪ بي جان ۽ متزاحم مادي جي صورت ۾ اڳي کان موجود آهي. گويا هن دليل مطابق هيءَ ڪائنات اهڙي مواد تي مشتمل آهي جنهن ۾ بذات خود ڪنهن نظم و ربط جي ڪا صلاحيت موجود ڪونهي. لهٰذا هن دليل جي پيش نظر هڪ صانع جو اقرار ڪرڻو پوي ٿو، باقي ان کي خالق سڏڻ لازم ڪونه ٿو ٿئي. وري جيڪڏهن ڪٿي اسين ڪيس هيولي جو خالق تسليم ڪريون ٿا، معني ته اسين ڪيس متزاحم ۽ مخالف مادي جو خليڪڙ سمجهون ٿا، ۽ اها ڳالهه ڪنهن به ريت سندس ڏاهپ تي دلالت ڪونه ٿي ڪري. بلڪ انجو مطلب ٿيندو ته هن پهريائين پنهنجي لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪيون ۽ ان ڪانپوءِ مٿس اهڙن طريقن سان قابو حاصل ڪيائين، جيڪي سندس اصل فطرت لاءِ اجنبي هئا. هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جيڪو ڪاريگر ڪنهن خام مال کي استعمال ڪري ٿو، انجو مطلب اهو ٿيو ته اهو ڪاريگر هميشه پنهنجي آڏو موجود مواد جي لحاظ سان محدود آهي. اهوئي سبب آهي جو اهڙي قسم جو ڪاريگر هميشه محدود يا پابند رهي ٿو، ڇو ته محدود وسيلن جي ڪري هن کي هڪ اهڙو طريقو اختيار ڪرڻو پوي ٿو، جيڪو عام طور اسين انسان بحيثيت هڪ ڪاريگر يا رازي جي اختيار ڪندا آهيون. حقيقت اها آهي ته غايتي دليل جي وضاحت انتهائي غلط مثال ذريعي ڪئي وڃي ٿي، ڇو ته انساني ڪاريگريءَ ۽ فطرت جي موجود مظهر ۾ ڪابه مناسبت ڪونه آهي. هونئن به انساني ڪاريگريءَ جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته پهريائين انهن شين جو انتخاب ڪيو وڃي جن کي اسين استعمال ڪرڻ گهرون ٿا، تنهن کان پوءِ انهن شين کي سندن فطري لاڳاپن ۽ فطري حالتن کان

چني ڏار ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي، پر ان جي برعڪس فطرت هڪ اهڙو نظام آهي جنهن جا جزا هڪ ٻئي جا محتاج آهن ۽ انڪري فطرت جا طور طريقا هڪ ڪاريگر جي طريقن سان ڪابه مناسبت ڪونه ٿا رکن. ان کانسواءِ ڪاريگريءَ يا صنّاعي ۾ شين کي آهستي آهستي ڏار ڪرڻ کانپوءِ وري انهن کي هڪ قسم جي نئين ترتيب يا انتظام سان جوڙيو وڃي ٿو. ليڪن فطرت ۾ اهڙي قسم جي ڪابه ڳالهه ڪونهي، ڇو ته فطرت معني نامياتي وحدتن جي اوسر.

هاڻي اسين اچون ٿا وجودياتي دليل تي، جنهن کي مختلف مفڪرن مختلف نمونن ۾ پيش ڪيو آهي ۽ جيڪو ڪنهن حد تائين سندن سوچ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهيو آهي. ڊيڪارٽ ۽ سندس هم خيال مفڪرن انهيءَ دليل کي هيٺين ريت پيش ڪيو آهي:

> "جڏهن ڪنهن خاصيت جي باري ۾ اهو چيو وڃي ٿو ته اها شيءِ جي ماهيت يا تصور ۾ داخل آهي، انجو مطلب آهي ته سچ پچ ان شيءِ جي اها خاصيت آهي ۽ واقعي ان شيءِ ۾ موجود پڻ آهي. درحقيقت خدا جي ماهيت يا تصور ۾ اهڙو آهي جنهن ۾ لازمي وجود جي خاصيت داخل آهي. اهوئي سبب آهي جو اسين چئي سگهون ٿا ته خدا واجب الوجود آهي يا ٻين لفظن ۾ ته خدا موجود آهي."

ڊيڪارٽ هن سلسلي ۾ هڪ ٻيو دليل به ڏنو آهي، هو چوي ٿو ته اسان جي ذهن ۾ هڪ آدرشي يا ڪامل هستيءَ جو تصور هميشه موجود رهي ٿو. هاڻي سوال اهو آهي ته انهيءَ تصور جو ڪهڙو بُڻ بُنياد آهي؟ ظاهر آهي ته اسان اهو تصور فطرت مان ۾ ڪونه پرايو آهي، ڇو ته فطرت ته هر لمحي بدلجندڙ

آهي، ۽ انهيءَ کري ناممکن آهي جو فطرت مان هڪ کامل هستيءَ جو تصور پيدا ٿئي. گويا اسان جي ذهن ۾ جيڪو تصور آهي، انجي مقابلي ۾ ضرور هن خارجي دنيا ۾ کا اهڙي حقيقت موجود هوندي، جيڪا اسان جي ذهن ۾ انهيءَ تصور جو کارڻ بڻجي ٿي. ظاهر آهي ته هيءَ دليل به کنهن حد تائين کائناتي دليل سان ملندڙ جُلندڙ آهي ۽ ان تي آءٌ اڳ ۾ ئي کافي بحث کري چکو آهيان.

بهرحال ڇا به هجي پر اها گالهه نهايت واضح آهي ته کنهن به شيءَ جي تصوراتي وجود کي سندس اصلي وجود جي ثبوت طور پيش کري نٿو سگهجي. کانٽ هن دليل تي تنقيد کندي چوي ٿو ته منهنجي ذهن ۾ ڏن سو ڊالرن جي تصور منجهان، اها گالهه هرگز ثابت کونه ٿي ٿئي ته کو اهي واقعي منهنجي کيسي ۾ به موجود آهن. البت هن دليل مان صرف ايترو ثابت ٿئي ٿو ته هڪ کامل هستيءَ جي تصور ۾ سندس وجود جو تصور به شامل آهي. باقي هڪ هستيءَ جي محض تصور ۽ سندس اصلي وجود جي وچ ۾ جيڪو هيڪو سارو فرق آهي، اهو فکر جي کنهن ماورا عمل ذريعي پرجي نه ٿو سگهي. دراصل هن دليل کي منطق جي زبان ۾ "مصدرِ مطلوب" کوڻيو ويي ٿو، ڇو ته جنهن گالهه کي ثابت کرڻو هوندو آهي، ان کي اسين پهريائين ثابت ٿيل تسليم کندا آهيون، يا ٻين لفظن ۾ اسين منطقي دنيا کان حقيقت طرف ايندا آهيون. مان سمجهان ٿو هن وقت تائين آءٌ اوهان تي اها گالهه واضح کري چکو آهيان، ته ٻئي يعني غايتي توڙي وجودياتي دليل اسان جي کا رهنمائي کونه ٿا کن.

دراصل هنن دليلن جي ناکاميءَ جو خاص سبب اهو آهي ته فکر کي هڪ اهڙي قوت قرار ڏنو ويو آهي، جيڪا هميشه شين تي ٻاهران اثر انداز ٿئي ٿي. هڪ طرف فکر جو اهو

تصور انسان کي هڪ ڪاريگر يا صانع جي جيڏ لاءِ مجبور ڪري ٿو، تہ ٻئي طرف انهن ڪرڻ سان آدرشي ۽ حقيقيءَ درميان جيڪو فرق وڏي وڃي ٿو، اهو ڪڏهن به ختم نہ ٿو ٿئي. بهرحال هتي اها ڳالهہ ممڪن آهي تہ بجاءِ انجي جو اسين فڪر کي محض هڪ اهڙي قوت قرار ڏيون جيڪا شين تي ٻاهران اثرانداز ٿئي ٿي، اسين اهو چئون تہ فڪر خود هڪ اهڙي طاقت آهي جيڪو شين جي بناوت ۾ بذات خود حصو وٺي ٿو. گويا هن لحاظ کان فڪر يا تصور جو وجود شين جي ماهيت يا اصليت کان الڳ نہ آهي، بلڪ سندن اصليت ۾ شامل آهي يا اڃا به انهن کي چئجي تہ فڪر ئي سندن اصلي بنياد يا اساس آهي. اهو فڪر ئي آهي جيڪو ازل کان وٺي هن ڪائنات جي هر شيءَ ۾ جاري و ساري آهي ۽ جيڪو سڀني شين کي پنهنجي مقرر ڪيل منزل مقصود لاءِ هر گهڙيءَ آکسائيندو رهي ٿو. البت اها به ڳالهہ آهي تہ انسان جون پنهنجون اهڙيون حالتون آهن جيڪي فڪر ۽ وجود ۾ لازمي طور فرق پيدا ڪن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو انساني علم جو هر طريقو دوئي جو قائل آهي، حالانڪ هن سلسلي ۾ جيڪڏهن صحيح تحقيقات ڪئي وڃي تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو طريقو هڪ اهڙي وحدت ثابت ٿئي، جنهن ۾ هڪ طرف ادراڪ ڪندڙ هستي آهي تہ ٻئي طرف اها خارجي شيءَ آهي جنهن جو ادراڪ ڪيو وڃي ٿو. هڪ لحاظ کان اهو ئي سبب آهي جنهن ڪري اسين پنهنجي آڏو موجود شين کي قائم بالذات تسليم ڪندا آهيون ۽ سندن خارجي حيثيت کي مڃيندا آهيون. ان کانسواءِ اسين اهو پڻ سمجهندا آهيون تہ سندن باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ يا نہ ڪرڻ سان مٿن ڪو فرق نہ ٿو پوي. لهٰذا غايتي ۽ وجودياتي دليل جي اصل اهميت ان وقت واضح ٿي سگهندي جڏهن اهو ثابت ٿي وڃي تہ اسين هن وقت جنهن ارتقائي مرحلي تي آهيون، اهو آخري ناهي ۽ اهڙيءَ طرح اهو پڻ ثابت ڪيو وڃي تہ فڪر

۽ وجود دراصل هڪڙي شيءَ آهن. پر اها ڳالهه تڏهن ممڪن آهي جڏهن اسين پنهنجي تجربي يا مشاهدي جي آڌار لاءِ قرآن شريف سان رهبري حاصل ڪريون. ڇو ته اهو قرآن ئي آهي جنهن اندروني توڙي بيروني مشاهدي کي حقيقت جي وڏين نشانين ۽ شمار ڪيو آهي. جئن فرمايو ويو آهي ته هوالاول هوالآخر هوالظاهر هوالباطن، يعني اهو ئي اول آهي، آخر آهي ۽ اهوئي ظاهر آهي باطن آهي. هن ليڪچر ۽ دراصل منهنجو اهوئي موضوع آهي.

جيستائين وقت جو تعلق آهي ته ان لحاظ کان انسان جي مشاهدي يا تجربي جا ٽي درجا آهن ـ مادو، زندگي ۽ نفس يا شعور ـ ۽ اهي ترتيبوار طبعيات، حياتيات ۽ نفسيات جو موضوع آهن. هاڻي اچو ته پهريائين مادي دنيا جو رخ ڪريون. وري جيستائين جديد طبعيات جو تعلق آهي ته پهرين اهو ڏسڻ گهرجي ته خود مادو ڇا آهي؟ جئن ته طبعيات هڪ تجرباتي سائنس آهي، ان ڪري سندس تعلق مشاهدي يا تجربي ۽ ايندڙ حقيقتن سان ٿئي ٿو، يا ائين کڻي چئجي ته سندس واسطو اهڙين شين سان آهي جن جو ادراڪ اسين پنهنجي حواسن ذريعي ڪري سگهون ٿا. مطلب ته شروع توڙي آخر ۽ هڪ طبعياندان جو واسطو هڪ اهڙي صورتحال سان ٿئي ٿو، جنهن جو ادراڪ حواسن ذريعي ٿي سگهي ٿو، ڇو ته بيءَ صورت ۽ هن لاءِ پنهنجن نظرين کي ثابت ڪرڻ ناممڪن آهي. پر جيڪڏهن کو طبعياندان ڪن اهڙين شين جي وجود کي مڃي ٿو، جيڪي ادراڪ ۽ ڪونه ٿيون اچن، مثلاً ايٽم وغيره؛ ته اهو به ان ڪري ڇاڪاڻ جو هو پنهنجي محسوسات يا مشاهدي کي ئي ڪنهن نموني ۽ سمجهڻ کان قاصر آهي ـ لهٰذا طبعيات مادي دنيا جو ايياس ان نموني ۽ ڪري ٿي جهڙي نموني ۽ حواس انجو انڪشاف ڪن ٿا. پر عجب اهو آهي ته انهيءَ مطالعي

دوران اهي سڀ ذهني اعمال جيڪي سرزد ٿين ٿا، يا اهي مذهبي ۽ جمالياتي احساسات جيڪي انهيءَ پوري عمل ۾ شامل رهن ٿا، تن کي يڪسر نظر انداز ڪيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهي طبعيات جي دائري ۾ ڪونہ ٿا اچن ۽ هونئن ہ اصولي طور طبعيات جو تعلق مادي دنيا سان آهي، يعني اهڙين شين سان جنجو ادراڪ ڪري سگهجي- پر هتي جيڪڏهن اوهان کان اهو پڇيو وڃي ته آخر اهي ڪهڙيون شيون آهن جنجو ادراڪ اوهين هن مادي دنيا ۾ ڪري سگهو ٿا، ظاهر آهي ته اوهين اهڙين شين جا نالا ڪٽندا جن کان اوهين واقف هوندا يا جيڪي توهان جي آڏو هونديون، مثلاً ڌرتي، آسمان، جبل، ڪرسي، ميز وغيره ـ مگر هن سلسلي ۾ جيڪڏهن توهان کان تفصيلي سوال ڪبو ته آخر انهن شين بابت توهان ڇا ٿا چاڻو، يا توهان کي ڪهڙي قسم جو ادراڪ ٿئي ٿو، ته اوهين چوندا ته اسين انهن شين جي خاصيتن کي چاڻون ٿا. ليڪن انهيءَ جواب جو مطلب آهي ته جنهن ڳالهه جي شاهدي توهان جا حواس ڏيئي رهيا آهن، اوهين ان سلسلي ۾ هڪ قسم جي سمجهاڻي يا تعبير پيش ڪري رهيا آهيو ۽ هين لفظن ۾ انجو مطلب ٿيندو ته اوهين شيءَ ۽ سندس خاصيتن ۾ تفريق پيدا ڪري رهيا آهيو. درحقيقت مادي بابت هي هڪ قسم جو نظريو آهي، جنهن ۾ حواسن جي ماهيت ۽ سُڃاڻ ذهن سان سندن تعلق کانسواءِ حواسن جي بنيادي ڪارڻ جو جائزو ورتو وڃي ٿو. مختصر لفظن ۾ هن نظريءِ جو ماحصل هيٺين ريت آهي:

> "حواسن جي معروضات (مثلاً رنگ، آواز وغيره) کي دراصل ادراڪ پذير نفس جون حالتون ڪوئي سگهجي ٿو ۽ ان ڪري کين فطرت جي خارجي حيثيت ۾ ڪو دخل ناهي. اهوئي سبب آهي جو کين صحيح معنيٰ ۾ طبعي شين

جي خاصيتن سان ۽ سوسوم ڪري نٿو سگھجي. مثلاً جيڪڏھن آءٌ چوان ٿو تہ آسمان جو رنگ نيرو آھي، تہ انجو مطلب آھي تہ آسمان کي ڏسڻ کان پوءِ منھنجي ذھن ۾ نيري رنگ جو احساس پيدا ٿيو آھي، باقي ائين قطعيًا ڪونھي تہ ڪو نيرو رنگ واقعي آسمان جي ڪا خاصيت آھي. ائين ڪٽي چئجي تہ اھي نفس جون اھڙيون حالتون آھن جيڪي ھڪ قسم جا اثرات آھن ۽ جن کي اسان قبول ڪريون ٿا. انھن اثرات جو بنيادي سبب يا علت مادي دنيا آھي. يعني اھڙيون مادي شيون جيڪي اسان جي حواسن ذريعي يا اسان جي اعصابن ذريعي يا دماغ ذريعي اسان جي ذھن تي اثر انداز ٿين ٿيون. ۽ جيڪن تہ مادي علت جو دارومدار اتصال يا تصادم تي ٿئي ٿو، ان ڪري اھڙي شيءِ لاءِ شڪل، جسامت، نھرائي ۽ مزاحمت جھڙين خاصيتن جو ھٿ لازمي آھي.

بھرحال برڪلي اھو بھريون فيلسوف آھي جنھن انھيءَ نظريي کي اڇي رد ڪيو تہ ڪو مادو اسان جي حواسن جي نامعلوم علت آھي. اسان جي موجوده دور ۾ وري وائيٽ ھيڈ جھڙي ممتاز رياضيدان ۽ ماھر سائنسدان ان گالھہ کي پوريءَ ريت ثابت ڪيو آھي تہ مادي جو قديم نظريو سراسر ناقابل قبول آھي. ڇو تہ انھيءَ نظريي مطابق رنگ يا آواز وغيره داخلي ڪيفيتون آھن ۽ فطرت سان انھن جو ڪو لاڳاپو ناھي. اسان جي اکين يا ڪنن تائين جيڪي ڪجھہ پھچي ٿو، اھي رنگ يا آواز ناھن، بلڪ اھي ايٿر ۾ ھوا جون اھڙيون لھرون آھن جيڪي اسان کي نہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون نہ ٻڌڻ ۾.

مطلب تہ فطرت انين ناهي جئن اسان کي ڏسڻ ۽ اچي ٿي. اسان جو ادراک فريب نظر کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي ۽ انهيءَ ڪري فطرت جي صحيح ترجماني ڪرڻ کان قاصر آهي. گويا هن نظريي مطابق فطرت ۽ ورهائجي وڃي ٿي. هڪ طرف اسان جا ذهني تاثرات آهن، تہ ٻئي طرف اهي ناقابل تصديق ۽ ناقابل ادراک اشيا آهن، جيڪي انهن تاثرات جي علت آهن. هاڻي جيڪڏهن اسين سمجهون ٿا تہ طبعيات جي ذريعي اسان کي انهن شين جو پوري ريت علم حاصل ٿئي ٿو، جنجو اسين ادراک ڪري رهيا آهيون؛ تہ پوءِ ان صورت ۾ اسان کي مادي جي روايتي نظريي تان هٽ ڪٽ گهرجي. چاڪاڻ تہ هونئن هڪ مشاهدي ۽ تجربي ڪندڙ طبعياتدان لاءِ حواسن جي شاهديءَ جو مطلب محض ذهني تاثرات کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ رهندو.

مطلب تہ هن نظريي مطابق فطرت ۽ فطرت جي مشاهدي ڪندڙ درميان هڪ اهڙو خال پيدا ٿي پوي ٿو جنهن کي پُر ڪرڻ جي صرف هڪڙي صورت آهي. اها هيءَ تہ ان صورت ۾ هڪ اهڙي ناقابل ادراک شيءِ جو وجود فرض ڪيو وڃي، جيڪا مطلق مڪان ۾ انين رکيل هجي جئن خالي ٿانءُ ۾ ڪا شيءِ؛ ٻوءِ جڏهن اسان جا حواس ان سان ٽڪرائن ٿا تہ اها شيءِ اسان جي حواسن جي علت بنجي پوي ٿي. پر هي سڄو مفروضو پنهنجي جڳهہ تي خود مشڪوڪ آهي. يا ٻين لفظن ۾ جئن پروفيسر وائيٽ هيڊ چيو آهي تہ هي نظريو فطرت کي ٻن اهڙن حصن ۾ ورهائي ڇڏي ٿو، جن مان هڪڙي جي حيثيت "خواب" جهڙي آهي تہ ٻيو وري محض "خيال" وانگر آهي. مطلب تہ اهڙيءَ طرح جڏهن طبعيات پنهنجي بنيادي اصولن کي تنقيد جو نشانو بنايو تہ سندس مادیت جو ٽاهيل بت ڇڪي پرزا پرزا ٿي پيو؛ ۽ اهو تجرباتي رجحان جنهن خود سائنس کي

مادیت ڈانھن مجبور کیو ھو، آخرکار مادیت جي خلاف بغاوت جو وڏو سبب بنجي پيو. انجو مطلب اھو ٿيو تہ شيون محض داخلي کيفيتون ناھن، جيکي مادي جھڙي ناقابل ادراک شيء جي ڪري جنم وٺن ٿيون، بلڪ اھي فطرت جو سچو پچو اظھار ڪن ٿيون ۽ ھڪ لحاظ کان فطرت جو ماحصل آھن. ان کانسواءِ اسين کين اھڙيءَ طرح ڇاڻون ٿا جھڙيءَ طرح اھي فطرت ۾ واقعي موجود آھن. بھرحال مادي جي تصور کي وڏي ۾ وڏو ڏڪ آئن اسٽائن جي ھٿان پھتو آھي. آئن اسٽائن ھن دور جو ممتاز طبعياتدان آھي ۽ سندس انڪشافات انساني فڪر جي دنيا ۾ دور رس انقلاب جي نشاندھي ڪن ٿا. برٽرانڊ رسل چوي ٿو: جھڙيءَ ريت نظريہ اضافيت وقت کي زمان-مڪان ۾ مدغم ڪري شيء جي روايتي تصور کي ختم ڪيو آھي، اھو فلسفين جي دليلن ذريعي اڄ ڏينھن تائين نہ ٿي سگھيو آھي." عام طور مادي مان مراد اھڙي شيء ورتي ويندي آھي جيڪا وقت اندر قائم رھي سگھي ۽ مڪان ۾ حرڪت ڪري سگھي. پر جديد اضافي طبعيات ان نظريي کي رد ڪري ڇڏيو آھي. ھينئر مادو اھڙي شيء ناھي جيڪو بدلجندڙ حالتن جي باوجود پنھنجو پاڻ کي برقرار رکي سگھي، بلڪ مادو ھڪ ٻئي سان لاڳاپيل واقعات يا حوادث جو ھڪ نظام آھي. ھاڻي مادي جي نھرائي بابت پراڻو تصور ختم سمجھڻ گھرجي ۽ ان کانسواءِ مادي جون اھي خاصيتون ۾ باقي نہ رھيون آھن، جيکي مادیت پرستن جي نظر ۾ اسان جي تيز تر خيالات کان ۾ وڌيڪ حقيقي ھيون.

لھٰذا پروفيسر وائيٽ ھيڈ جي چوڻ مطابق فطرت ساڪن يا جامد شيء ناھي جيڪا غير متحرڪ خلا ۾ واقع ھجي. بلڪ انجي برعڪس فطرت واقعات يا حوادث جو ھڪ اھڙو مجموعي نظام آھي جيڪو مسلسل تخليقي حرڪت جو حامل آھي. پر جڏن تہ اسانجو فڪر انھيءَ سڄي نظام کي غير حرڪت پذير

حصن ۾ ورهائڻ جو عادي ٿئي ٿو، تنهن ڪري انهن جي باهمي تعلق منجهان زمان و مڪان جو تصور جنم وٺي ٿو. مطلب ته جديد سائنس کي آخرڪار برڪلي جي انهيءَ تنقيد سان اتفاق ڪرڻو پيو، جنهن کي ڪڏهن سائنس جي بنيادي اصولن مٿان وڌو حملو سمجهيو ويو هو. درحقيقت سائنس جي انهيءَ نظريي ته فطرت محض مادیت جو نالو آهي، نيوٽن جي انهيءَ خيال مان جنم ورتو هو ته مڪان مطلق خلا آهي ۽ ٻيون شيون منجهس واقع آهن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هن نظريي جي بدولت سائنس تڪڙي ترقي ڪئي، پر انهيءَ جي ڪري مشاهدي جي دنيا ۾ متضاد حصن يعني ذهن ۽ مادي ۾ تقسيم ٿي وئي. وري اڳتي هلي هن نظريي ڪري جيڪي اندروني مشڪلاتون پيدا ٿيون، انهيءَ ڪري لازمي ٿي پيو ته سائنس انهن مسئلن ڏانهن ڌ توجهه ڏئي، جن کي شروعات ۾ نظرانداز ڪيو ويو هيو. ازانسواءِ علم رياضيءَ جي بنيادي اصولن جي چند چاڻ منجهان ڌ اها ڳالهه واضح ٿي چڪي آهي، ته خالص مادیت جو اهو مفروضو ته مادو پنهنجي ليکي وجود رکي ٿو ۽ مطلق مڪان ۾ واقع آهي؛ سراسر ناقابل عمل آهي.

سوال هي آهي ته ڇا مڪان پنهنجي ليکي هڪ اهڙو پولار آهي جنهن ۾ شيون موجود آهن، ۽ جيڪڏهن انهن شين کي اتان هٽائي ڇڏجي، ته ڇا پوءِ به مڪان پنهنجي ساڳي حالت ۾ قائم رهندو؟ قديم يوناني فيلسوف زينو (Zeno) حرڪت جي سوال جو جائزو وٺندي دراصل مڪان جي حيثيت تي بحث ڪري ويو آهي. فلسفي جا شاگرد چاڻن ٿا ته حرڪت جي ابطال بابت زينو جا ڪهڙا دليل هٽا. درحقيقت انهيءَ زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اهو مسئلو زير بحث رهيو آهي ۽ هر دور جي فلسفين لاءِ وڏي دلچسپيءَ جو باعث ٻڌيو آهي. هتي اسين زينو جي صرف ٻن دليلن جو جائزو وٺون ٿا.

زينو جو چوڻ هو تہ مڪان لامحدود طور تقسيم پذير آهي ۽ ان ڪري مڪان ۽ حرڪت ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ ان کان اڳ، جو ڪو متحرڪ جسم پنهنجي مقرر ڪيل نشان تائين پهچي، اهو ضروري آهي تہ پهريائين اهو جسم انهيءَ مفاصلي جو اڌ مفاصلو طئ ڪري؛ وري انهيءَ اڌ مفاصلي طئ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ پهريائين ان جو اڌ طئ ڪري، ان کانپوءِ اڌ جو اڌ، ۽ اهڙيءَ طرح هيءَ ورهاست اڻ کٽ ٿيو پوي. مطلب تہ هڪ نقطي کان ٻي نقطي تائين پهچڻ واسطي اسان کي انهن ٻنهي نقطن درميان واقع لامحدود نقطن منجهان گذرڻو پوي ٿو، پر اها ڳالهہ ناممڪن آهي تہ محدود وقت اندر لامحدود نقطن منجهان گذر ڪري سگهجي. ساڳئي نموني ۽ زينو جو چوڻ آهي تہ ڪمان مان چُٽل تير جي حرڪت واري ڳالهہ ۾ غلط آهي يعني تير حرڪت ڪونہ ٿو ڪري. اهو هن ڪري تہ حرڪت دوران تير جو مڪان جي ڪنهن نہ ڪنهن نقطي تي موجود هڻڻ ضروري آهي؛ ان ڪري اهو ۾ بيٺل آهي. اهڙيءَ طرح زينو حرڪت کي باطل ۽ نظر جو دوکو قرار ڏيئي ٿو، ۽ اها راءِ قائم ڪري ٿو تہ حقيقت هڪڙي آهي، جيڪا تغيّر و تبدل کان پاڪ آهي، پر هتي اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ حرڪت جي انڪار منجهان آزاد ۽ مطلق مڪان جو انڪار لازم ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جنهن ڪري مسلمان فلسفين منجهان اشعرين مڪان جي لامحدود تقسيم پذيريءَ جو انڪار ڪيو آهي، بلڪ هو ان راءِ جا آهن تہ زمان و مڪان يا حرڪت جو وجود اهڙن نقطن يا لمحن تي مشتمل آهي، جن کي وڌيڪ ورهائي نٿو سگهجي، يا ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي ڇنجي تہ هو حرڪت جي امڪان واسطي اهڙن نندڙن جُزن جو وجود فرض ڪرڻ لڳا هئا جيڪي وڌيڪ ناقابلِ تقسيم هئا، جن کي هوءَ جُز لايتجزيٰ ڪوٺين ٿا. مطلب تہ اهڙيءَ طرح جڏهن زمان و مڪان جي تقسيم محدود ٿي پوندي

تہ پوءِ اهو ممڪن آهي تہ محدود وقت اندر هڪ هنڌ ڪان ٻي هنڌ پهچي سگهجي، پر ابن حزم اشعرين جي لايتجزات جي وجود کان انڪار ڪري ٿو، ۽ جديد رياضي ۾ سندس نقطہ نظر جي پٺپرائي ڪري ٿي. هونئن ب اشعرين جو استدلال زينو جي پرولي‌ءَ جو ڪو منطقي ٽوڙ پيش ڪونہ ٿو ڪري. البت جديد دور جي مفڪرن منجهان فرينچ فلسفي برگسان ۽ انگريز فلسفي‌ءَ برٽرانڊرسل پنهنجي پنهنجي نموني ۾ زينو جي دليلن کي رد ڪيو جي ڪوشش ڪئي آهي. برگسان جي راءِ آهي تہ حرڪت يعني تبديلي ٽي بنيادي حقيقت آهي. باقي زينو جي مونجهاري جو اصلي سبب زمان و مڪان جو غلط تصور آهي، ۽ برگسان جي چوڻ مطابق اهو غلط تصور حرڪت جي عقلي جائزي مان پيدا ٿئي ٿو. بهرحال هتي برگسان جي استدلال کي ايستائين سمجهڻ ناممڪن آهي، جيستائين زندگي‌ءَ جي باري ۾ سندس ما بعد الطبعياتي تصور جو چڱي‌ءَ ريت جائزو نہ ورتو ويندو. هن سلسلي ۾ برٽرانڊ رسل زينو جي نظريات کي رد ڪيو لاءِ ڪينٽر (Cantor) جي رياضياتي تسلسل واري نظريي کي استعمال ڪيو آهي.

برٽرانڊ رسل جي چوڻ مطابق ڪينٽر جو اهو نظريو جديد رياضي‌ءَ جي اهم ڪوجنا آهي. زينو جو سڄو استدلال ان مفروضي تي ٻڌل هو تہ زمان و مڪان لامحدود نقطن ۽ لمحن تي مشتمل آهي. لهٰذا اها ڪاڻهہ سمجهڻ سولي آهي تہ جئن تہ هڪ متحرڪ جسم لاءِ ٻن نقطن درميان ٻيو ڪو نقطو ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ ان لاءِ جڳهہ ئي ڪونهي، ان ڪري حرڪت جو وجود ناممڪن آهي. مگر ڪينٽر جو چوڻ آهي تہ زمان ومڪان متسلسل آهن ۽ ڪن ب ٻن نقطن درميان لامحدود نقطا موجود آهن، ۽ اهڙي لامحدود سلسلي ۾ ڪن ب ٻن نقطن جي اڳتي پوئتي هڻڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. ازانسواءِ زمان و مڪان

جي لامحدود تقسيم پذيريءَ منجهان اهو پتو پوي ٿو تہ اهي نقطا پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن، يعني اهي نقطا ڪي ٻئي کان ڏار ناهن جو منجهن خال يا وڇوڻي پيدا ٿئي. برٽرانڊ رسل زينو جي سوال جو جواب ڏيندي هن ريت رقمطراز آهي:

"زينو جو چوڻ آهي تہ توهين جڏهن ڪ جڳهہ تي ڪنهن لمحي دوران موجود آهيو، تہ پوءِ ٻي لمحي تي توهان ٻي جڳهہ تائين ڪيئن ٿا پهچي سگهو، جيڪڏهن توهان پنهنجي پوري حرڪت دوران ڪنهن بہ وقت تي ڪنهن بہ جڳهہ وٽ موجود نہ رهيا آهيو؟! ان جو جواب هي آهي تہ نہ ڪ هنڌ کان پوءِ ٻيو هنڌ اڇي ٿو، ۽ نہ ڪ لمحي کان پوءِ ٻيو لمحو، ڇو تہ پنهي جي وچ۾ هميشہ ڪيترن هنڌ يا ڪيترن لمحو ضرور هوندو آهي. مطلب تہ جيڪڏهن لايتجزات جو وجود هجي ها تہ حرڪت ناممڪن ٿي پوي ها، پر لايتجزات جو وجود ڪونهي. بهرحال زينو جو ايترو چوڻ صحيح آهي تہ حرڪت دوران تير هر لمحي تي ساڪن آهي، پر انهيءَ مان اهو نتيجو ڪڍڻ تہ تير بنهہ حرڪت ڪونہ ٿو ڪري، غلط آهي. اهو ان ڪري تہ ڇاڪاڻ جو مقامات ۽ لمحات جي لامحدود سلسلي ۾ جڏهن بہ حرڪت ڪئي وڃي ٿي، تہ هميشہ ڪ نقطي جي مقابلي ۾ ڪ لمحو هوندو آهي. لهٰذا هن نظريي مطابق نہ رڳو زمان و مڪان ۾ حرڪت جو اثبات ممڪن آهي، بلڪ زينو جي مسئلي جو بہ خاتمو ٿي وڃي ٿو."

مطلب تہ اهڙيءَ طرح برٽرانڊ رسل ڪينٽر جي نظريہ تسلسل جي مدد سان حرڪت جو وجود ثابت ڪيو آهي، پر هتي اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن حرڪت جو وجود حقيقي آهي تہ پوءِ مڪان کي بہ پنهنجي ليکي وجود آهي، ۽ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ فطرت کي پنهنجو خارجي

وجود آهي. بهرحال مڪان جي لامحدود تقسيم پذيريءَ کي پلي کڻي اسين تسلسل جو نالو ڏيون، پر اهو مسئلو جو اصل حل ناهي. مڃيوسون تہ هڪ طرف وقت جي محدود وقفي اندر لامحدود لمحات موجود آهن، ۽ هوڏانهن ٻئي طرف مڪان جي محدود حصي اندر لامحدود نقطا موجود آهن؛ ۽ اهو بہ صحيح آهي تہ هر لمحي جي مقابلي ۾ هڪ نقطو موجود آهي، پر پوءِ بہ تقسيم پذيريءَ وارو مسئلو تہ پنهنجي جڳهہ تي قائم آهي. جهتوڙيڪ تسلسل کي رياضياتي لحاظ کان لامحدود سلسلو کوڙيو وڃي ٿو، پر انهيءَ مان اهو هرگز ظاهر ڪونہ ٿو ٿئي تہ ڪو حرڪت هڪ عمل آهي. هن صورت ۾ وڏ ۽ وڏ حرڪت جي ظاهري پهلوءَ جو پتو پوي ٿو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي تہ حرڪت جو "تصور" تہ قابل تقسيم آهي، پر جيستائين حرڪت جي عمل جو تعلق آهي تہ اهو ناقابل تجزيہ آهي. لهٰذا تير جي حرڪت واري صورت ۾ اسين چونداسون تہ سندس مڪاني گذرگاہ تقسيم پذير آهي، باقي جيستائين حرڪت هڪ عمل آهي تہ ان صورت ۾ اسين مڪاني لحاظ کان سندس جائزو وڌي نہ ٿا سگهون. گويا اهڙيءَ صورت ۾ تير جي حرڪت هڪ وحدت آهي ۽ ڪثرت کان پاڪ آهي. مطلب تہ تقسيم معنيٰ کيس ڪالعدم ڪرڻ آهي.

آڻن اسٽائن ان راءِ جو آهي تہ مڪان جو وجود حقيقي آهي، پر مشاهدي ڪندڙ لاءِ سندس حيثيت اضافي آهي. هو نيوٽن جي مطلق مڪان واري نظريي کي رد ڪري ٿو. هو مشاهدي ۾ ايندڙ هر شيءِ کي متغير ۽ اضافي قرار ڏئي ٿو. يعني جئن جئن مشاهدي ڪندڙ ماڻهوءَ جي جڳهہ ۽ رفتار تبديل ٿئي ٿي، تئن تئن ان شيءِ جو مادو، شڪل ۽ جسامت بدلجي ٿي. ساڳيءَ ريت حرڪت ۽ سڪون بہ اضافي آهن. بهرحال قديم طبعيات جو اهو نظريو تہ مادي کي پنهنجو الڳ ۽ مستقل

وجود آهي، بلڪل غلط ثابت ٿي چڪو آهي. هتي هڪ غلطفهميءَ پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي، جنهن کان بچڻ ضروري آهي، ڇو ته ولڊن ڪار (Wildon Carr) ۽ هن سلسلي ۾ ساڳي غلطفهميءَ جو شڪار ٿيو آهي. هو چوي ٿو، ته نظريه اضافيت اسان کي آخرڪار جوهري يا افرادي عينيت (Monadistic Idealism) ڏانهن وٺي وڃي ٿو. اهو صحيح آهي ته اضافيت جي نظريي مطابق فطرت جي ڪنهن به مظهر جي شڪل، جسامت ۽ رفتار مطلق ڪونهي، مگر هن سلسلي ۾ پروفيسر نن (Nunn) نهايت صحيح چيو آهي ته ان جو اهو مطلب هرگز ناهي، ته ڪو زمان و مڪان جي پوري قالب جو دارومدار ڏسندڙ يا مشاهدي ڪندڙ جي ذهن تي آهي. بلڪ انهن سڀني ڳالهين جو دارومدار انهيءَ نقطي يا جڳهه تي آهي، جتان ڪو مشاهدو ڪندڙ مائهو انهن جو مشاهدو ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو جيڪڏهن اسين چاهيون ته انهيءَ جڳهه تي ڪو اهڙو اوزار رکي سگهون ٿا جيڪو اسانجي لاءِ گهرڻ معلومات گڏ ڪندو وڃي. بهرحال ذاتي طور آءٌ ان راءِ جو آهيان ته حقيقت اصل ۾ روحاني نوعيت جي آهي، پر هتي هڪ وڏي غلطفهميءَ کان بچڻ لاءِ اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته آئن اسٽائن جو نظريو بهرحال سائنس جو هڪ نظريو آهي، ان ڪري سندس واسطو شين جي ساخت يا بناوت سان ته آهي، پر انهن جي اصليت يا ماهيت سان نه آهي. فلسفيانه لحاظ کان اضافيت جي نظريي جون به خاص خوبيون آهن. پهريون ته نظريه اضافيت فطرت جي خارجي وجود کان انڪار ڪونه ٿو ڪري، ها البت ان ڳالهه جي نفي ڪري ٿو ته ڪو مادي جو وجود مڪان ۾ واقع هجڻ سان وابسته آهي، ڇو ته اِها ئي آها ڳالهه هٽي جنهن قديم طبعيات ۽ماديت کي جنم ڏنو هو. هاڻي جديد اضافي طبعيات مطابق مادو اهڙي شيءِ ناهي جيڪو بدلجندڙ حالتن جي باوجود پنهنجي مستقل حيثيت جو مالڪ رهي سگهي، بلڪ مادو

درحقيقت مربوط واقعات يا حوادث جو هڪ نظام آهي. وري وائيٽ هيڊ جي نظريي مطابق تہ مادو ناميااتي جسم (Organism) آهي. نظريہ اضافيت جي پي خاص گالهہ اها آهي تہ هن نظريي مطابق مڪان مادي تي دارو مدار رکي ٿو. لهٰذا آئن اسٽائن جي چوڻ مطابق هيءَ ڪائنات ڪو پٽ ناهي جيڪو لا محدود مڪان ۾ واقع هجي. هو چوي ٿو هيءَ ڪائنات محدود آهي، پر ان جون ڪي حدون ڪونهن، ان کري ڪائنات کان ٻاهر ڪو خالي مڪان ڪونهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي تہ جيڪڏهن مادو نہ هجي ها تہ هيءَ ڪائنات سڀني هڪ ٿيڪو رهجي وڃي ها. هتي بهرحال جيڪا گالهہ منهنجي پيش نظر آهي، انهيءَ لحاظ کان جڏهن آئن اسٽائن جي هن نظريي جو جائزو ورتو تہ هڪ وڏي مشڪلات سامهون اچي ٿي. اها هيءَ تہ هن نظريي مطابق وقت جي ڪا حقيقت نہ آهي. هن نظريي مطابق وقت مڪان جي چوٽين ڏِس يا بُعد (Dimension) آهي، لهٰذا ماضيءَ وانگر مستقبل بہ اڳيئي متعيّن يا مقرر آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ وقت آزاد تخليقي حرڪت ڪونهي. ازانسواءِ وقت گذري ڪونہ ٿو ڇ نہ وري واقعات رونما ٿين تا، بلڪ انسان جي انهن سان محض ملاقات ٿئي ٿي. هتي اها گالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ جهڙيءَ ريت انسان کي وقت جو احساس ٿئي ٿو، هي نظريو ان لحاظ کان وقت جي ڪيترين خصوصيتن کي نظر انداز ڪري ٿو. لهٰذا اهو چوڻ صحيح ناهي تہ وقت جي حقيقت انهن چند خصوصيتن تائين محدود آهي، جن جو جائزو آئن اسٽائن ان لحاظ کان ورتو آهي تہ جئن فطرت جي انهن پهلوئن جي تشريح ٿي سگهي، جيڪي خاص طور رياضيءَ جو موضوع آهن. هڪ لحاظ کان اهو ئي سبب آهي جو انسان عام مانهن لاءِ اها گالهہ سمجهڻ تقريباً ناممڪن تہ آئن اسٽائن جي نظريي مطابق وقت جي اصليت ڇا آهي؟ بهرحال هتي اها گالهہ صاف ظاهر آهي تہ آئن اسٽائن جو وقت بابت

نظريو، برگسان جي محض مدت (Pure duration) کان قطعي مختلف آهي ۽ ان کي سلسليوار ۾ کوڙي نه ٿو سگهجي، ڇو ته جئن ڪانٽ چيو هو ته سلسليوار وقت جي ماهيت وري علت جي تصور ۾ پنهان آهي. ٻين لفظن ۾ انهن کڙي چئجي ته علت و معلول جي پاڻ ۾ اهڙي نسبت ڏٺي ٿي، جو علت هميشه معلول کان اڳ ۾ ايندي آهي، ۽ جيڪڏهن علت جو وجود نه هجي ته معلول به وجود ۾ اچي نه ٿو سگهي. هاڻي جيڪڏهن رياضياتي وقت سلسليوار وقت آهي ته پوء نظريه اضافيت مطابق مشاهدي ڪندڙ ماڻهوءَ جي رفتار ۽ حالات ۾ مناسب تبديليءَ سان، اهو ممڪن آهي ته معلول کي علت کان اڳ ۾ آڻي سگهجي، پر منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن وقت کي مڪان جي چوڻين ڏِس قرار ڏنو ويندو ته پوء وقت، وقت نه رهندو. اهوئي سبب آهي جو جديد روسي مصنف اوسپنسڪي (Ouspensky) پنهنجي ڪتاب نظامِ ثالث (Tertium Organum) ۾ چوڻين ڏِس مان مراد اهڙو رخ يا طرف ورتو آهي، جنهن ڏانهن ڏن ڏِسن ۾ ڦهليل ڪا شڪل حرڪت ڪرڻ شروع ڪري ٿي. ظاهر آهي ته اهو طرف يا ڏِس ٽين اڳين کان مختلف ۽ علحده آهي. ان جو مثال ائين آهي جئن ٽپڪو، ليڪ ۽ مٿاڇرو کنهن اهڙي طرف ۾ حرڪت ڪن جيڪو منجهن سمايل نه هجي، ته اهڙيءَ صورت ۾ اسانجي آڏو ٽين-ڏِسن يا ابعاد ٽلاثه وارو مڪان قائم ٿي پوي ٿو. بلڪل ساڳيءَ ريت جڏهن ابعاد ٽلاثه واري شڪل کنهن اهڙي رخ ۾ حرڪت شروع ڪري ٿي جيڪو انهن ڏِسن کان مختلف آهي. تہ پوء اهڙيءَ ريت مڪان جي چوڻين ڏِس يا بُعد قائم ٿيو پوي، پر جئن ته وقت هڪ اهڙو فاصلو آهي جيڪو واقعات جي قطار ۾ ترتيب پيدا ڪري ٿو، ۽ کين جدا جدا ڪُل جي حيثيت ۾ هڪ ٻئي سان منسلڪ ڪري ٿو، ان ڪري اهو هڪ اهڙي طرف يا رُخ جو نالو آهي جيڪو ابعادِ ٽلاثه واري مڪان ۾

ڪوڻ ٿو ٿئي. ازانسواءِ جڏن تہ وقت ھڪ نئين ڏِس آھي ۽ ناصلو ٻڌجي اڳ پوءِ جي لحاظ ڪان واقعات جي ترتيب ڪري ڏو، انھيءَ ڪري ڏن ڏِسن واري ڪان جي ڪنھن ہ ڏِس سان ڏھڪي نہ ٿو اچي. ان جو مثال ائين آھي جڏن سال جي پيمائش سينٽ پيٽرسبرگ (St. Petrsburg) سان ڪئي وڃي. درحقيقت وقت ھڪ اھڙي ڏِس يا طرف آھي جيڪو ٻن سيني طرفن تي عمود آھي، پر ڪنھن سان ہ پور ويڇوٽ نہ آھي. اوسپنسڪي ساڳئي ڪتاب ۾ ھڪ ٻئي ھنڌ وري ان راءِ جو اظھار ڪيو آھي تہ وقت جي باري ۾ اسانجو احساس دراصل مڪاني احساس جي سنجھيل صورت آھي. ھو ان خيال جو آھي تہ اسان ماڻھو جيڪي عام طور ھڪ طرفي، ہ-طرفي ۽ ٽ-طرفي مڪان سان وابستہ آھيون، تن جي نفسياتي جوڙجڪ ڪجھہ اھڙي قسم جي آھي جو ٻوٽين طرف جو انڪشاف لازمي طور وقت جي ھڪ اھڙي سلسلي جي صورت ۾ ٿئي ٿو. ان جو مطلب اھو ٿيو تہ اسين ابعادِ ثلاثہ واري مخلوق جنھن شئي کي وقت قرار ڏيون ٿا، اھو درحقيقت ھڪ مڪاني ٻُعد آھي، ۽ اسين ان جي صحيح احساس کان قاصر آھيون. حالانڪ ھڪ لحاظ ڪان سندس اصليت اقليدس جي ابعادِ ثلاثہ، جن کي اسين پوريءَ ريت محسوس ڪري سگھون ٿا، تن کان قطعي مختلف ناھي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪئي ڇڄي تہ وقت حقيقي تخليقي حرڪت ڪونھي، ۽ جن کي اسين مستقبل جا واقعات ڪوٺيون ٿا، اھي تازا يا نوان ٽينڊڙ واقعات ڪونہ آھن، بلڪ اھي ڇڻ تہ اڳيئي متعين ٿيل آھن يا ڪنھن نامعلوم مڪان ۾ موجود آھن. بھرحال اوسپنسڪيءَ، ھڪ اھڙي رخ جي تلاش ڪندي، جيڪو اقليدس جي ابعادِ ثلاثہ کان مختلف آھي، سلسلوار وقت جي ضرورت کي تسليم ڪيو آھي. يعني ھڪ اھڙو فاصلو جيڪو واقعات کي اڳ پوءِ جي لحاظ کان جُدا ڪري ترتيب ڏيئي سگھي. مطلب تہ وقت کي ڪنھن مرحلي تي تواتر جو

نالو ۽ ڏنو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اتي اهڙي قسم جي ضرورت هئي، ۽ سندس وجود کي ان لحاظ کان تسليم ڪيو ويو آهي، پر اڳتي هلي ڪيس انهيءَ خصوصيت کان عاري تصور ڪيو ويو ۽ سندس تصور مڪاني خطوط ۽ ابعاد تائين محدود رهجي ويو. حالانڪ اها حقيقت آهي ته وقت جي انهيءَ تواتر واري خاصيت جي ڪري ئي اوسپنسڪيءَ وقت کي مڪان جو هڪ نئون رُخ قرار ڏنو هو. هاڻي جيڪڏهن وقت جي اها خاصيت هڪ فريب آهي ته پوءِ اوسپنسڪيءَ جي اها گالهه ڪيئن ئي پوري ٿي سگهي ته وقت واقعي هڪ نئون بُعد آهي.

هاڻي اچو ته مشاهدي يا تجربي جي ان ٻئي سطح يعني "زندگي" ۽ "شعور" جو جائزو وٺون. جيستائين شعور جو تعلق آهي ته اهو زندگيءَ کان ڪافي پرپرو يا پاسيرو نظر اچي ٿو. البت ان جو ڪم هڪ اهڙو روشن نقطو مهيا ڪرڻ آهي جئن زندگي سندس روشنيءَ ۾ پنهنجو سفر طئ ڪري سگهي. اها هڪ ڪشمڪش واري حالت آهي يا ائين ڪٽي چئجي ته ان صورتحال جي تقاضا آهي ته پنهنجي ذات تي توجهه مرڪوز ڪيو وڃي. ڇو ته ائين ڪرڻ سان زندگيءَ جو دامن اهڙين يادگيرين ۽ گالهين کان آجو ٿي پوي ٿو، جن جو اسانجي موجوده عمل سان ڪو تعلق نه هوندو آهي. شعور جون ڪي به حدون مقرر ٿيل نه آهن، بلڪ موقعي جي مناسبت سان منجهن گهٽ وڌائي ٿيندي رهي ٿي. ازانسواءِ شعور کي مادي عمل جي ڪنهن صورتحال سان وابستہ سمجهڻ ۽ سندس آزادانہ عمل کان انڪار ڪرڻ جي برابر آهي. وري شعور جي آزادانہ عمل جي انڪار منجهان علم جي صحت جو انڪار لازم ٿئي ٿو، ڇو ته علم شعور جي منظم ۽ مربوط اظهار جو نالو آهي. لهٰذا شعور کي زندگيءَ جي ڪنهن خالص روحاني اصول جي هڪ شڪل ڪوئي سگهجي ٿو. وري زندگي رڳو جوهر ۽ ناهي،

بلڪ اهو هڪ تنظيمي اصول آهي، يا اڃا به ائين ڪٽي چڇچي ته اهو هڪ مخصوص طريقئه ڪار آهي، جيڪو هڪ مشين يا ڪَلَ جي هلت کان قطعي مختلف آهي، ڇو ته مشين جي هلت يا چال کي هميشه کو باهريون زور ڪم ڪرڻ تي آماده ڪندو آهي، پر جڏن ته اسين خالص روحاني توانائيءَ جو تصور چند اڻڻ عناصرن کان سواءِ نٿا ڪري سگهون، جن کي اسين محسوس ڪري سگهون ٿا جيڪي ان روحاني توانائيءَ جي نمائندگي ڪندا هجن؛ ان ڪري اسين اهو سمجهڻ لڳون ٿا ته بس اهي عناصر ئي ان توانائي جو اصلي بنياد يا ماخذ آهن. هڪ لحاظ کان اهو ئي سبب هو جو مادیت جي دنيا ۾ نيوٽن ۽ تاريخ ـ فطرت جي سلسلي ۾ ڊارون، جيڪي کوجنائون ڪيون انهن جي پڇاڻي ميڪانيت تي ٻڌي آهي. ان وقت عام طور اهو ويساه وڌندو ٿي ويو ته سڀ مسئلا درحقيقت طبعيات جا مسئلا آهن. صرف ٻن شين يعني ايٿر ۽ توانائي کي مستقل بالذات سمجهيو ٿي ويو، باقي اي هر شئ زندگي، غور و فڪر، ارادي ۽ احساس توڙي جذبات وغيره جي سمجهاڻي به انهن ٻنهيءَ جي ذريعي ٿي ڪئي وئي. مطلب ته ميڪانيت جو تصور، جيڪو سراسر هڪ طبقي تصور هو، تنهن کي فطرت جي وضاحت لاءِ هڪ همه گير اصول قرار ڏنو ويو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڏينهن تائين حياتيات جي ميدان ۾ ميڪانيت جي خلاف ۽ ان جي حمايت ۾ هڪ وڏي جنگ جاري آهي. هاڻي سوال اهو آهي ته ڇا ادراڪ بالحواس ذريعي حقيقت جي آگاهي، لازمي طور ان نظريي جي برخلاف آهي، جيڪو مذهب، حقيقت جي باري ۾ قائم ڪيو آهي؟ ٻين لفظن ۾ ڇا طبعي سائنس مادیت ڏانهن مجبور آهي؟ ان ڳالهه ۾ کو شڪ ناهي ته سائنس جا نظريا اسان کي پروسي جوگي جاڻ ڏين ٿا، ۽ اسان ان جاڻ جي نه رڳو تصديق ڪري سگهون ٿا؛ بلڪ ان جي آڏار تي اڳڪٿيون به ڪري سگهون ٿا، ۽ فطرت جي واقعات تي هڪ

قسم جو ضابطو ٿئ حاصل ڪري سگھون ٿا، پر انسان کي اها گالھ هرگز وساريڻ نہ کپي تہ ڪو سائنس وٽ حقيقت جي باري ۾ ٻہ هڪڙو باقاعدہ ۽ منظم نظريو آهي. دراصل سائنس حقيقت بابت جُزوي نظريات جو هڪ اهڙو مجموعو آهي جن جو پاڻ ۾ ڪو سُٻندڙ نظر نٿو اچي. هونئن ڪٿي طبعي سائنس جو موضوع مادو ٻہ آهي تہ زندگي ٻہ آهي تہ شعور ٻہ آهي، پر جيڪڏهن ڪو اهو سوال پڇي تہ آخر انهن ڏنهي يعني مادي، زندگيءَ ۽ شعور جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي، تڏهن توهان کي پتو پوندو تہ واقعي انهن منجهان هر هڪ سان واسطو رکندڙ سائنس جُزوي معلومات فراهم ڪري ٿي ـ لهٰذا توهان پلي ڪٽي ڏنهي جو هڪ ئي وقت ايپاڻ ڪريو ۽ تڏهن ٻہ توهان جي سوال جو مڪمل جواب ملڻ مشڪل آهي. حقيقت اها آهي تہ طبعي سائنسون انهن ڳڇجهن جي مثال آهن جيڪي فطرت جي مرده جسم مٿان لاڳارا ڏينہ ٿيون ۽ هر هڪ کي ماس جو ڪجهہ ٽڪرو پلئہ پوي ٿو ـ باقي جيستائين ان گالھ جو تعلق آهي تہ فطرت ئي سائنس جو موضوع آهي تہ ان صورت ۾ فطرت جو وجود نهايت مصنوعي حيثيت رکي ٿو، ڇاڪاڻ تہ سائنس پنهنجي لاءِ هڪ مخصوص طريقي جو انتخاب ڪري ٿي ـ وري سائنس لاءِ اها گالھ ان ڪري ٻہ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ سائنس تڪميل ۽ قطعيت گهري ٿي ـ وري سائنس جون اهي گالهيون جڏهن انسان جي ڪُلي تجربي جي تحويل ۾ اچن ٿيون تہ سندن نوعيت بلڪل بدليل نظر اچي ٿي. هتي اها گالھ ياد رکڻ گهرجي تہ مذهب سڄي ساري يا ڪُلي حقيقت جو طالب آهي، ۽ ان ڪري کيس انساني مشاهدي يا تجربي ۾ مرڪزي حيثيت حاصل آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جو مذهب کي حقيقت جي باري ۾ سائنس جي جُزوي نظريات کان ڪو خوف خطرو نہ هڻڻ گهرجي. هر سائنس بنادي طور جُزوي نوعيت جي آهي، ۽ ان ڪري جيڪڏهن ڪابہ سائنس پنهنجي

انهيءَ بنيادي خصوصيت مطابق عمل ڪري رهي آهي، تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ سائنس حقيقت جي باري ۾ ڪڏهن بہ ڪو مڪمل نظريو پيش ڪري نہ ٿي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو جن سائنسي تصورات جي بنياد تي اسين پنهنجي جاڻ کي مرتب ڪندا آهيون، اهي جئن تہ جُزوي هوندا آهن، ان ڪري کين جنهن بہ تجرباتي سطح تي استعمال ڪبو آهي، اتي سندن نوعيت بهرحال اضافي هوندي آهي. مثلاً علت جي ئي تصور کي وٺو، جنهن جي بنيادي خاصيت اها آهي تہ علت هميشہ معلول کان اڳ ۾ ايندي آهي. پر درحقيقت اها بہ هڪ اضافي خاصيت آهي ۽ ٽيستائين برقرار رهي ٿي جيستائين سندس مطالعو طبعيات جي دنيا اندر ڪيو وڃي ٿو. باقي بين هنڌن تي بلڪل جدا قسم جي اعمالن ۽ افعالن جو جائزو ورتو وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو جئن اسين زندگي ۽ شعور جي دنيا ۾ داخل ٿيون ٿا تہ اهو تصور ناڪام نظر اچي ٿو، ۽ اتي اسان کي اڻ تصورات جي ضرورت پوي ٿي جن جو تعلق فڪر جي هڪ جداگانہ نظام سان آهي. هونئن بہ اهڙو عمل يا فعل جيڪو هڪ جاندار شيءِ کان اِن ڪري سرزد ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ تہ سندس آڏو هڪ مقصد آهي، ۽ جيڪو سوچي سمجهي ڪيو وڃي ٿو، انهيءَ فعل جي علت و معلول واري فعل سان ڪا مشابهت ٿي نہ ٿي سگهي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ زندگيءَ ۽ شعور جي دنيا ۾ اسانجو واسطو "غرض و غايت" ۽ "مقصد" جهڙن تصورات سان پوي ٿو، جيڪي علت جي تصور وانگر خارجي طور اثر انداز ڪونہ ٿا ٿين، بلڪ داخلي طور اثر انداز ٿين ٿا. جيتوڻيڪ ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪن جاندار شين جي عمل جي نوعيت فطرت جي ٻين شين جهڙي آهي، ۽ انهيءَ ڪري سندن عمل جي وضاحت لاءِ طبعيات يا علم ڪيميا جي تصورات جي ضرورت پئجي سگهي ٿي، پر حقيقت اها آهي تہ جاندار شيءِ جو عمل يا ورتاءُ هميشہ موروثي ٿئي

ٿو ۽ ان جي سمجهاڻي ميڪيولر طبعيات جي وَس کان ٻاهر آهي. بهرحال حياتيات جي دنيا ۾ ميڪيانيت جي تصور جو عمل دخل تسليم ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته اهو تصور ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهي. بدقسمتيءَ سان جئن ته آءٌ علم حياتيات جو ڄاڻو نه آهيان، ان ڪري بهتر اٿين ٿيندو ته حياتيات جي ماهرن ڏانهن رجوع ڪيو وڃي ۽ اهو ڏسو وڃي ته هو پاڻ ڇا چئي رهيا آهن. جي- ايس- هالڊين (J. I. Haldane) هن سلسلي ۾ بنيادي فرق بيان ڪندي انسان کي ٻڌائي ٿو ته هڪ جاندار شئي پنهنجي وجود کي پاڻ برقرار رکي ٿي ۽ پنهنجي نسل پيدا ڪرڻ جي اهل هوندي آهي، مگر ان جي مقابلي ۾ هڪ مشين يا ڪَلَ جي صورت ۾ ائين ڪونه ٿو ٿئي. هو وڌيڪ چوي ٿو:

"اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته جيڪڏهن تمام ڳهڻي اوک ڏوک کان ڪم نه وٺجي، ته هوءَ جاندار شين جي تمام ڳهڻين ڳالهين جي سمجهاڻي طبعيات ۽ علم ڪيميا جي ميڪانيڪي اصولن تحت ڪري سگهجي ٿي. ۽ ان سان گڏوگڏ ڪي اڃڻيون ڳالهيون به آهن مثلاً پنهنجي وجود ۽ نسل کي قائم رکڻ، ته انهن جي تشريح انهن اصولن تحت ڪرڻ ناممڪن آهي. جيتوڻيڪ ميڪانيت جا پوئلڳ اها ڳالهه فرض ڪري وٺن ٿا ته ساهواريين شين جي ميڪانيڪي بناوت ڪجهه اڃڻي قسم جي آهي جو اهي نه صرف پنهنجي وجود کي برقرار رکن ٿيون، بلڪ پنهنجي سڌاري ۽ واڌاري جو به سوچو بندوبست قائم ڪن ٿيون. وري هنن جو چوڻ آهي ته دراصل طبعي انتخاب جي طويل عرصي دوران اهي ميڪانيڪي عمل ارتقا ڪري آهستي آهستي انهيءَ هنڌ پهتا آهن. هاڻي اچو ته انهيءَ مفروضي جو به غور سان جائزو وٺون. هونئن به ڪنهن واقعي جي ميڪانيڪي انداز ۾ تشريح جو مطلب آهي ته اهو واقعو

انهيءَ کري ظهور پذير ٿيو، ڇاڪاڻ ته جو انهيءَ واقعي جي مختلف جُزن ۾ ڪجهه اهڙيون خاصيتون موجود هيون جو ايءَ هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيا ـ وغيره وغيره. هاڻي انهيءَ سمجهاڻيءَ جو هڪ دفعو وري جائزو وٺو. معلوم ٿيندو ته اسان انهيءَ واقعي جي ذميوار جُزن ڏانهن چند خاصيتون منسوب کري ڇڏيون آهن ـ يعني جڏهن به اهو واقعو ٿئي ٿو ته انهن خاص حالتن تحت اهي خاص جُزا پنهنجي ساڳئي عمل جو مظاهرو کن ٿا. مطلب ته ميڪانيڪي سمجهاڻيءَ خاطر انهن جُزن جو پهريائين موجود هڻڻ ضروري آهي جيڪي پوءِ هڪ ٻئي تي عمل کن ٿا. درحقيقت اها ڳالهه وري تڏهن ممڪن آهي جڏهن اهڙي قسم جا جُزا پنهنجي مقرر خاصيتن سان ۽ کنهن ترتيب ۾ موجود هجن. لهٰذا کنهن به ميڪانيڪي شيءِ جي باري ۾ اهو مفروضو ته اها بذات خود پنهنجي وجود ۽ نسل کي برقرار رکي سگهي ٿي، هڪ بي معنيٰ ڳالهه آهي ـ عام الابدان جا ماهر گهٽو کري بي معنيٰ اصطلاحون استعمال کرڻ جا عادي آهن، پر "نسلي ميڪانيت" کان وڌيڪ واهيات پي ڪا ڳالهه ٿي نه ٿي سگهي. جيتوڻيڪ اها ڳالهه ڪٽي ٿي سگهي ٿي ته ابتدائي جاندار شيءِ ۾ ميڪانيت کي دخل هجي، پر نسلي ان جو ڪو حصو ڪونهي، ورنه اها ميڪانيت هر نسل ۾ ظاهر ٿي سگهي ٿي، ڇو ته ڪابه جاندار شيءِ پنهنجي ٿي جسم جي هڪ تمام ننڍڙي جُزي مان جنم وٺي ٿي. حقيقت اها آهي ته نسلي ميڪانيت جهڙي ڪنهن شيءِ جو وجود ڪونهي. پن لفظن ۾ اهو نظريو ته هڪ اهڙو ميڪانيڪي وجود آهي، جيڪو پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي نسل کي برقرار رکي سگهي ٿو، بنيادي تضاد جو شڪار آهي، ڇو ته اهڙو ميڪانيڪي جسم جيڪو پنهنجي نسل پيدا کرڻ جو اهل آهي، لازمي طور هڪ اهڙو جسم هوندو جنهن جا جُزا ٿي نٿا سگهن، ۽ ان جو مطلب اهو ٿيو ته اهو ميڪانيڪي جسم ناهي."

مطلب تہ زندگي ھڪ اھڙو انوکو ڇھڻو يا مظھر آھي جيڪو پنھنجو مثال پاڻ آھي ۽ ميڪانيڪي انداز ۾ سندس تجزيو ڪرڻ ناممڪن آھي. ھڪ ٻئي حياتيات جي نامور ماھر ڊريش (Driesch) جو چوڻ آھي تہ زندگي ھڪ اھڙي حقيقي ڪليت آھي جيڪا ھڪ لحاظ کان تہ وحدت آھي، پر ٻئي لحاظ کان ڪثرت پڻ آھي. زندگي جيڪا ڪنھن مقصد تحت نشوونما حاصل ڪري ٿي يا ماحول سان مطابقت پيدا ڪري ٿي، پوءِ اھا مطابقت بلڪل نئين طرح جي ھجي يا پراڻين عادتن ۾ ڦير ڦار ذريعي ٿي ھجي، بھرحال اھي ٻئي گالھيون اڳيون آھن جيڪي زندگيءَ کي ھڪ اھڙي مستقبل واسطي تيار ڪن ٿيون، جن جو ھڪ مشين جي صورت ۾ تصور ڪرڻ بہ ناممڪن آھي. ھاڻي جيڪڏھن زندگي واقعي ھڪ جدوجھد آھي يا ڪنھن مستقبل سان وابستہ آھي، ان جو مطلب اھو ٿيندو تہ سندس عمل جو سرچشمو بہ ڪنھن تمام ڏورانھين ماضيءَ ۾ واقع آھي، ان ڪري لازمي طور سندس بنيادي ڪارڻ بہ ڪا روحاني حقيقت ھوندي. مگر اھا حقيقت اھڙي آھي، جنھن جو مڪاني مشاھدي اندر، وڌ ۾ وڌ، انڪشاف ٿي سگھي ٿو، باقي ڪيس آتي ڳولھي لھي نٿو سگھجي. ان ڪري ثابت ٿيو تہ زندگي بذات خود ھڪ اھڙي بنيادي حقيقت آھي جيڪا طبعيات ۽ ڪيميا جي ھر عمل کان اڳيري آھي، ۽ تہ اھي ھڪ قسم يا مخصوص طريقا آھن جيڪي ارتقا جي طويل عمل دوران پنھنجي موجوده شڪل کي پھتا آھن، ھتي اھا گالھہ ياد رکڻ گھرجي تہ جيڪڏھن زندگيءَ جي تشريح ميڪانياتي نقطئہ نظر کان ڪئي وئي تہ پوءِ عقل کي بہ ارتقائي عمل جو نتيجو تسليم ڪرڻو پوندو، ليڪن اڏڻيءَ صورت ۾ سائنس جو پنھنجي تحقيقات لاءِ مقرر ڪيل معروضي اصولن سان تصادم ناگزير آھي. ھن سلسلي ۾ ولڊن ڪار نھايت موزون راءِ جو اظھار ڪيو آھي ۽ ھتي اسين سندس اھا راءِ پيش ڪري رھيا آھيون.

"جيڪڏهن عقل واقعي ارتقا جو هڪ نتيجو آهي تہ پوءِ فطرت ۾ زندگيءَ جي باري ۾ ميڪانيڪي نقطئہ نظر بلڪل بي معني آهي. ان ڪري سائنس کي پنهنجي اصولن متان نظرثاني ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ اها ڳالهہ بلڪل واضح آهي تہ هي اصول بنيادي تضاد جو شڪار آهي. آخر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ عقل جيڪو حقيقت کي سڃاڻڻ جو هڪ طريقو آهي، اهو بذات خود هڪ اڏڻي شيءِ جي ارتقا يافتہ شڪل هجي، جيڪا وري بہ عقل جي هڪ مجرد يا خيالي صورت آهي. پر جيڪڏهن عقل سچ پچ ارتقا جو نتيجو آهي ۽ عقل زندگيءَ جو هڪ اڏڻو مخصوص طريقو پڻ آهي، جنهن وسيلي زندگي حقيقت جو عرفان حاصل ڪري ٿي، تہ پوءِ اهڙيءَ صورت ۾ عقل جو تصور زياده ٺوس عمل جي تقاضا ڪري ٿو، يعني عقل هڪ مجرد ميڪانيڪي حرڪت نہ هجي، جيڪو تڏهن وجود ۾ اچي ٿو، جڏهن هو پنهنجي آڏو ڦهليل حقيقت جو تجزيو ڪرڻ شروع ڪري ٿو. آخر ۾ اها ڳالهہ ڪرڻ بہ ضروري آهي تہ جيڪڏهن عقل واقعي زندگيءَ جي ارتقا جو نتيجو آهي تہ پوءِ وري ان صورت ۾ عقل کي مطلق حيثيت ڏيئي نٿي سگهجي، ڇو تہ ان صورت ۾ عقل ان عمل لاءِ اضافي حيثيت رکي ٿو جيڪو سندس نشو ونما جو باعث ٿيو. هاڻي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ آخر اهو ڪهڙو اصول آهي، جنهن جي بنياد تي سائنس علم جي داخلي پهلوءَ کي تہ نظرانداز ڪري ڇڏي ٿي، ليڪن ان جي خارجي پهلوءَ کي معياري حيثيت ڏئي ٿي ۽ ان تي

پُهنجي پوري عمارت تعمير ڪري ٿي. لهٰذا علم حياتيات وارن ڪي ڪيي تہ هو پنهنجي انهيءَ اصول تي نئين سر نظر وجهن ۽ وري غور سان سندس جائزو ونن؟

هاڻي آءٌ زندگيءَ ۽ فڪر جي اوليت ڪي ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ ٻيو رستو اختيار ڪريان ٿو تہ جئن اسين پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جي دنيا ۾ اڳتي وڌائي سگهون. اڳيءَ طرح نہ رڳو اسين زندگيءَ جي اوليت تي وڌيڪ روشني وجهي سگهنداسون، بلڪ اسان کي زندگيءَ جي نفسياتي عمل ۽ سندس ماهيت بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ٿي سگهندي. اسانکي خبر آهي تہ پروفيسر وائيٽ هيڊ جي چوڻ مطابق هيءَ ڪائنات ساڪن يا غير متحرڪ ناهي، بلڪ واقعات جو هڪ اهڙو سلسلو آهي جيڪو مسلسل تخليقي روانيءَ جو حامل آهي. هاڻي فطرت وقت منجهان ڪهڙيءَ ريت گذر ڪري ٿي، تہ اها هڪ اهڙي ڳالهہ آهي جيڪا اسانجي مشاهدي جو نهايت اهم پهلو آهي، ۽ اهو ئي سبب آهي جو قرآن شريف ۾ ان ڳالهہ تي خاص زور ڏنو ويو آهي. منهنجي خيال ۾، ۽ جئن آءٌ اڳتي هلي ثابت ڪندس تہ اِها ئي اها ڳالهہ آهي، جيڪا مطلق حقيقت بابت ڄاڻ جو بهترين ذريعو ثابت ٿي سگهي ٿي. هن سلسلي ۾ چند آيتن ڏانهن آءٌ توهان جو ڌيان اڳيئي ڇڪائي چڪو آهيان، ليڪن مسئلي جي اهميت جي پيش نظر هتي ڪجهہ ٻيون آيتون ٻہ ڏجن ٿيون.

ان في اختلاف الليل و النهار و ما خلق الله في السمٰوات و الارض لآيت لقوم يتقون (۱۰:٦)

"بيشڪ ڏينهن ۽ رات جي تبديليءَ ۾ جيڪي ڪجهہ الله تعالىٰ زمين ۽ آسمان ۾ پيدا ڪيو

آهي: ان ۾ متقي ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون موجود آهن."

و هو الذي جعل الليل و النهار خلفة لمن اراد ان يذكر او اراد شكورا (۲۵:۶۳)

"اهو الله آهي جنهن ڏينهن ۽ رات کي هڪ ٻئي پويان اچڻ لاءِ حڪم ڪيو آهي، ۽ اهو سڀ ڪجهه انهن لاءِ آهي جيڪي خدا بابت غور و فڪر ڪرڻ گهرن ٿا يا سندس شڪر گذار ٿيڻ گهرن ٿا. الم تر ان الله يولج الليل في النهار و يولج النهار في الليل و سخر الشمس و القمر كل يجري الى اجل مسمى. (۱۱:۲۸)

ڇا توهان نٿا ڏسو ته الله تعالي ڪهڙيءَ ريت ڏينهن جي مٿان رات کي آڻي ٿو ۽ رات کي ڏينهن جي مٿان آڻي ٿو. ان کانسواءِ الله تعالي سج ۽ چنڊ کي قاعدن جو پابند بڻايو آهي ۽ اهي هڪ مقرر منزل ڏانهن روان دوان آهن.

يكور الليل على النهار و يكور النهار على الليل له اختلاف الليل و النهار (۳۹:۷)

اهو الله آهي جيڪو رات کي ڏينهن کان پوءِ موڪلائي ٿو ۽ ڏينهن کي رات کان پوءِ موڪلائي ٿو. اهو ئي ڏينهن ۽ رات جي تبديليءَ جو ڪارڻ آهي.

مٿي ذڪر ڪيل آيتن کانسواءِ قرآن پاڪ ۾ ٻيون به اهڙيون ڪيتريون آيتون آهن، جن ۾ ان ڳالهه کي واضح ڪيو ويو آهي ته وقت بابت اسان جي ڄاڻ اضافي نوعيت جي آهي.

ان کانسواءِ اهو ئي ٻڌايو ويو آهي تہ شعور جا ٻيا ٻہ اهڙا درجا آهن جن جي باري ۾ اسان کي ڪا ڄاڻ ڪونهي. بهرحال هتي آءٌ مشاهدي يا تجربي جي صرف انهيءَ درجي جو ذڪر ڪندس جنهن ڪان اسين سڀ ڪنهن حد تائين واقف آهيون، پر ان جي صحيح اهميت ڪان باخبر نہ آهيون. مٿئين آيتن ۾ ٻہ ان طرف اشارو آهي. اسانجي موجوده دور جي مفڪرن منجهان صرف برگسان ان ڳالهہ جو نهايت اونهون اپياس ڪيو آهي تہ دوران وقت ڇا آهي؟ هتي آءٌ پهريائين مختصر طور سندس نظريي تي روشني وجهندس ۽ ان کان پوءِ سندس نظريي جي خامين جي نشاندهي ڪندس. اهو ان ڪري تہ جئن اسين ڪائنات جي زماني پهلوءَ بابت هڪ مڪمل نظريو قائم ڪري سگهون ۽ اهو واضح ڪري سگهون تہ اهڙي نظريي لاءِ ڪهڙين ڳالهين جي ڄاڻ ضروري آهي. جهتوڙيڪ وجوديات‌ي لحاظ سان بنيادي مسئلو اهو آهي تہ آخر وجود جي ڪهڙي حقيقت آهي؟ پر اها ڳالهہ ٻہ پنهنجي جڳهہ تي مسلم آهي تہ هن ڪائنات جو وجود وقت سان ٻڌل آهي. ازانسواءِ جئن تہ سندس وجود اسان لاءِ خارجي آهي، ان ڪري سندس پورو وجود مشڪوڪ ٿي سگهي ٿو. مطلب تہ شيون وقت اندر ڪيئن موجود رهن ٿيون، ان ڳالهہ کي پوريءَ ريت سمجهڻ لاءِ اسانکي هڪ اهڙي مخصوص وجود جي تلاش ڪرڻي پوندي جيڪو ٻئي هرلحاظ کان مستثني هجي. صرف اهڙيءَ صورت ۾ اسين دورانِ وقت سان سڌيءَ طرح لهہ وچڙ ۾ اچي سگهون ٿا. جيستائين اسانجي آڏو موجود شين جي ادراڪ جو تعلق آهي تہ ظاهر آهي تہ اهو خارجي ۽ سطحي قسم جو آهي، ليڪن ان جي برعڪس اسانجي پنهنجي ذات جو ادراڪ داخلي هئڻ کانسواءِ وڌيڪ ڇوڙهو ۽ عميق آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ شعوري مشاهدو ئي هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن جي ذريعي اسين مطلق حقيقت سان سڌوسنئون تعلق ۾ اچون ٿا. لهٰذا شعوري مشاهدي جي تجزيي منجهان ئي ان ڳالهہ

جي پوري خبر پنجي سگهي ٿي تہ آخر وجود جي کهڙي حقيقت آهي؟ هتي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ پلا جڏهن آءٌ پنهنجي شعوري مشاهدي تي نظر وجهان ٿو تہ مونکي ڇاڻو معلوم ٿئي؟ برگسان هن سوال جو جواب هن لفظن ۾ ڏنو آهي:

"مان هڪڙي کيفيت مان گذرڻ کان پوءِ ٻي کيفيت ۾ داخل ٿيان ٿو. مونکي يا تہ گرمي محسوس ٿئي ٿي يا سردي، مان خوش آهيان يا غمگين. مان کو کم کريان ٿو يا کجهہ ٻ نٿو کريان. مان پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرايان ٿو يا وري ٻي کنهن سوچ ۾ گم ٿي وڃان ٿو. مطلب تہ اهي هڪ قسم جا احساسات، جذبات، ارادا ۽ خيالات آهن، جيکي منهنجي وجود کي جڙ تہ ورهائي ڇڏين ٿا ۽ پنهنجي رنگ ۾ رڱي ڇڏين ٿا. هن لفظن ۾ ائين کڻي چئجي تہ اسين لڳاتار بدلجندا رهون ٿا. اسانجي اندر يعني باطن ۾ کا شيءِ ساکن کونهي. جيکي کجهہ آهي اهو هڪ قسم جي مسلسل حرکت آهي يا کيفيت جي اڻ کٽ رد و بدل آهي، يا اهو هڪ اهڙو مداسي وهکرو آهي جنهن جي نہ کا منزل مقرر آهي ۽ نہ مقام، ليکن مسلسل، تغير جي تقاضا موجب وقت جو اثبات لازمي آهي، يا هيئن کڻي چئجي تہ وقت کانسواءِ مسلسل تغير و تبدل جو تصور محال آهي. اهڙيءَ طرح اسان کي پنهنجي باطني مشاهدي منجهان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ذاتي شعور ۽ ان جو وجود وقت سان وابستہ آهن، ليکن شعوري مشاهدي جو بغور جائزو ان حقيقت جو انڪشاف ڪري ٿو تہ داخلي زندگيءَ ۾ خودي جو رخ داخل کان خارج طرف ٿئي ٿو. هن لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سندس هڪ پهلو آهن. فعلي (Efficient) ۽ قدرتي (Appreciative). پهرين جو واسطو هميشہ مڪاني دنيا سان پوي ٿو. ازانسواءِ اهو جماعتي نفسيات جو ڀڻ موضوع آهي، جيکا اسانجي روزمره جي عملي زندگيءَ جو جائزو وٺي ٿي، يعني جتي اسانجو واسطو شين جي خارجي

نظام سان پوي ٿو. لهٰذا هڪ طرف اهي شيون اسانجي گذرندڙ شعوري ڪيفيتن جي تعين جو باعث بنجن ٿيون، تہ ٻئي طرف انهن جي اثر ڪري اهي ڪيفيتون مڪاني لحاظ کان اسانکي هڪ ٻئي کان ڏار نظر اچن ٿيون. جيتوڻيڪ اهڙيءَ صورت ۾ انسان جي هستي پنهنجو پاڻ کان بيگانہ ۽ بي تعلق ٿي پوي ٿي، مگر بحيثيت مجموعي پنهنجي وحدت کي برقرار رکي ٿي، ۽ پنهنجي هستيءَ جو انڪشاف چند مخصوص ڪيفيتن جي هڪ سلسلي جي صورت ۾ ڪري ٿي. مطلب تہ فعال پهلوءَ سان منسلڪ وقت کي اسين طويل يا مختصر ڪوٺي سگهون ٿا، ۽ ان ڪري ڪيس مڪان کان ڏار ڪرڻ مشڪل ٿيو پوي. اهو ئي سبب آهي جو وقت جو تصور هميشہ هڪ اهڙي سڌي ليڪ وانگر ڪري سگهجي ٿو، جيڪا مڪاني نقطن تي مشتمل آهي ۽ جنهن جا نقطا هڪ ٻئي لاءِ اهڙي خارجي حيثيت رکن ٿا، جهڙيءَ طرح ڪنهن سفر دوران منزلون. ليڪن برگسان جو چوڻ آهي تہ اهو وقت حقيقي نا ٻي، يعني مڪاني وقت حقيقي وجود جي نشاندهي ڪرڻ کان قاصر ٿئي ٿو. ليڪن شعوري مشاهدي جو گهرو جائزو ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو تہ انسان جي هستيءَ جو هڪ پهلو ٻ پهلو آهي جنهن کي اسين قدرآشنا يا قدري پهلو ڪوٺيون ٿا، يا ٻين لفظن ۾ اهو هڪ قسم جي بصيرت جو حامل آهي، مگر اسان عام طور جن حالتن ۾ رهون ٿا، انهن جي تقاضا آهي تہ اسين شين جي خارجي نظام ڏانهن زياده متوجہ رهون. ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو اسين قدري پهلوءَ کان بنهہ اڻ واقف رهجي وڃون ٿا. ازانسواءِ خارجي شين سان لڳاتار لهہ وچڑ ڪري، اسانجي هستيءَ جي انهيءَ پهلوءَ تي هڪ قسم جو پردو يا حجاب چڙهي وڃي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح اسين ڪائنس بيگانہ بنجي وڃون ٿا. مگر وري بہ جڏهن اسين گهري غور و فڪر وارن لمحن ۾ هوندا آهيون ۽ اسانجي هستيءَ جو فعلي پهلو تعطل ۾ هوندو آهي، تڏهن اسين پنهنجي ذات جي

عميق گهراين تائين پهچي ويندا آهيون، بلڪ تڏهن اسين مشاهدي جي حقيقي مرڪز تائين رسائي حاصل ڪري وٺندا آهيون. هاڻي ٽئي چا ٿو ته عميق انا جي انهيءَ زندگيءَ دوران شعور جون مختلف ڪيفيتون هڪ ٻئي سان گڏجي يعني رلجي ملجي وڃن ٿيون. لهٰذا سندس وحدت هڪ جيءُ جي وحدت جهڙي آهي، يعني جيڪو پنهنجن ابن ڏاڏن کان ملندڙ مشاهدن ۽ وارداتن جو اهڙيءَ ريت حامل آهي، جو انهن جي حيثيت هڪ مجموعي جي ناهي، بلڪ اها هڪ اهڙي وحدت آهي جنهن جو هر مشاهدو ڪُل ۾ سرايت ڪيل نظر اچي ٿو. مطلب ته اهڙي ڪنڊ انا جي مجموعي ڪيفيتن جو گهاڻيٽو ڪرڻ بي معنيٰ آهي، چو ته فعالي انا جي برعڪس هن صورت ۾ انا جي عناصرن جي ڪثرت سراسر صفاتي نوعيت جي ٿئي ٿي. ٻين لفظن ۾ هيئن ڪٽي چئجي ته هتي رڳو تبديليءَ ۽ حرڪت سان واسطو پوي ٿو، ۽ اها تبديلي يا حرڪت ٻئي ناقابل تجزيه ٽين ٿا، چاڪاڻ ته سندن جُڙا اڳيئي هڪ ٻئي سان گهُٽيل هوندا آهن ۽ اهي سراسر غير سلسليوار نوعيت جا ٽين ٿا. مطلب ته انا جي قدري پهلوءَ مطابق سمورو وقت هڪ واحد "گهڙي" آهي. مگر انا جو فعلي پهلو مڪاني دنيا سان رابطي دوران ان واحد گهڙيءَ کي ڪثرت جي هڪ سلسليٰ يعني "گهڙين" ۾ اهڙيءَ ريت تقسيم ڪري ڇڏي ٿو، جنُ ڪنهن مالها ۾ پيل موتيءَ جا داڻا. هاڻي اهو آهي خالص وقت جو تصور جيڪو مڪان کان قطعي پاڪ آهي. قرآن شريف پنهنجي سادي مگر بليغ انداز ۾ وقت جي سلسليوار پهلوئن طرف هن طرح اشارو ڪيو آهي:

و توكل على الحى الذي لا يموت وسبح بحمده و كفي به بذنوب عباده خبيرا، الذي خلق السمٰوات و الارض و ما بينهما في ستة ايام ثم استوىٰ على العرش (ج) الرحمٰن.... (٢٥:٥٨-٩٥)

ٽوهين مٿس پروسو رکو، اهوئي هميشه زنده آهي ۽ کيس کڏهن به موت نٿو اچي. توهين سندس واکاڻ ڪريو، ۽ اهوئي پنهنجي ٻانهن جي گناهن کي ڄاڻي ٿو. بيشڪ اهوئي آهي جنهن آسمان ۽ زمين، ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي، تنهن کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو. ان کان پوءِ هو عرش تي ويٺو. اهوئي ٻاجهه وارو آهي.

الا واحدة "انا كل شيء خلقناه بقدر" وما امرنا الا واحدة" كلمح بالبصر. (٥٤:٤٩)

بيشڪ **سان** سيني شين جي تقدير مقرر ڪئي آهي. اسانجو هڪڙو ئي حڪم آهي ۽ ان جو مثال اک ڇنڀ جهڙو آهي.

هاڻي ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ حرڪت جو خارجي مشاهدو جنهن جو اظهار تخليقي عمل دوران ٿئي ٿو، سا ٻن لفظن ۾ جنهن کي اسين ڪائنات جو عقلي جائزو ۽ چئي سگهون ٿا، اهو هزارها سالن تي مشتمل نظر اچي ٿو. قرآن شريف يا عهدنامئہ عتيق (Old Testament) موجب جو خدا جي هڪڙي ڏينهن کي هزارها سالن جي برابر قرار ڏنو ويو آهي، ان جو ۽ اهوئي سبب آهي. وري هڪ ٻئي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ تخليق جو اهو عمل جيڪو هزارها سالن تي مشتمل آهي، سا ڪائي وقت هڪ واحد ۽ ناقابل تجزيہ عمل ٿئي آهي، ۽ اهڙو تہ آهي جهڙو اک ڇنڀ جو عمل. مگر هن سلسلي ۾ هڪ مشڪل هيءَ ۽ آهي تہ خالص وقت جي باري ۾ اهو اندروني تجربو لفظن ۾ بيان ڪري نٿو سگهجي، ڇو تہ اسان جي ڳالهائڻ واري هوليءَ ۾ رڳو فعلي اڌ جي سلسليوار وقت جو تصور آهي. ڏسي ڪ مثال ذريعي شايد من ڳالهہ جي وضاحت ڪري سگهجي،

طبي سائنس جي چوڻ مطابق گاڙهي رنگ جي نظر اچڻ جو سبب لهري حرڪت جي تيزي آهي، ۽ ان صورت ۾ سندس ارتعاش (Frebuency) جي رفتار چار ڪرب يا چار سؤ ارب في سيڪنڊ هوندي آهي. هاڻي سمجهو تہ توهين سندس خارجي مشاهدو ۾ لک ارتعاش في سيڪنڊ جي حساب سان ڪري رهيا آهيو، جيڪا روشنيءَ جي ادراڪ جي آخري حد آهي، انهيءَ حساب سان توهان کي پوري گهاٽيٽي دوران ڇهه هزار سالن کان ٻه مٿي عرصو لڳڻ گهرجي. مگر عملي زندگيءَ ۾ توهان پنهنجي ذهني عمل جي هڪ لحظي دوران لهري حرڪت جي هيڏي ساري ارتعاش جو ادراڪ ڪري سگهندا آهيو، حالانڪ عملي طور ان جو تخمينو لڳائڻ ۾ ناممڪن آهي. مطلب تہ اهڙيءَ طرح اسانجو ذهن تواتر (Succession) جي عمل کي مدت (Duration) ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئي سگهجي ٿو تہ قدري انا، فعلي انا جي اصلاح جو سبب بنجي ٿي، ڇو تہ اها قدري انا ئي آهي جيڪا زمان و مڪان جي نندڙين تبديلين يعني "آن" و "اين"، جيڪي فعلي انا جي لاءِ اٽل آهن، تن کي هڪ ڪُل جو روپ ڏئي ٿي ۽ کين اسانجي شخصيت ۾ مدغم ڪري ڇڏي ٿي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اسانجي شعوري مشاهدي جي عميق تجزيي مطابق، خالص وقت جدا جدا ۽ پوئتي موڪلندڙ لحظن (Instants) جو هڪ سلسلو ناهي، بلڪ اهو هڪ "نامياتي ڪُل" (Organic Whole) آهي جنهن ۾ ماضي پڻتي رهجي ڪونہ ٿو وڃي، مگر سائس گڏ حرڪت ڪري ٿو ۽ سندس حال سان وابستہ آهي. اهڙيءَ طرح سندس مستقبل، اڳيان ايندڙ منزل ناهي جنهن تائين پهچڻو آهي، بلڪ مستقبل جو مطلب آهي تہ اسانجي آڏو هڪ واضح ۽ ڪليل امڪان موجود آهي. قرآن شريف ۾ وقت جي انهيءَ تصور يعني نامياتي ڪُل کي تقدير جو نالو ڏنو ويو آهي. مگر بدقسمتيءَ سان اسلامي دنيا اندر يا اسلامي دنيا کان ٻاهر انهيءَ

مفهوم سمجهڻ ۾ سخت غلط فهميون لاحق ٿيون آهن. دراصل تقدير اهڙي وقفي جو نالو آهي جنهن جي امڪانات جو انڪشاف ايا باقي آهي. اهو اهڙو وقت آهي جيڪو علت و معلول جي قيد کان آجو آهي، هونئن به علت و معلول جي شڪل منطقي تصورات جي پيداوار آهي. مختصر لفظن ۾ ائين ڪڻي چئجي ته انهيءَ وقت کي اسين رڳو محسوس ڪري سگهون ٿا، باقي نه ته ان جو تصور ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي سندس حساب يا اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هتي جيڪڏهن اهو سوال پڇيو وڃي ته آخر شهنشاه همايون ۽ ايران جو شاه طهماسپ ڪيئن هڪ ٻئي جا همعصر هٿا، تہ ظاهر آهي ان حقيقت جي ڪا علت پيش ڪري نه ٿي سگهجي. وڌ ۾ وڌ اهو چئي سگهجي ٿو ته مطلق حقيقت جي ماهيت ئي اهڙي آهي جو سندس ٿڪوين (becoming) جي لامحدود امڪانات منجهان، اهي به امڪان جن کي شاه طهماسپ ۽ شهنشاه همايون جو نالو ڏنو ويو آهي، ڪڏ واقع ٿيا آهن. مطلب ته تقدير جي حيثيت ۾ وقت شين جي اصليت کي واضح ڪري ٿو. قرآن شريف جو پڻ هن سلسلي ۾ ارشاد آهي:

"اسان ٻي هر شيءِ کي پيدا ڪيو آهي ۽ سندس تقدير مقرر ڪئي آهي، ليڪن ڪنهن به شي جي تقدير جو مطلب قسمت جي ڪنورتا نه آهي، جنهن جي ذميواري هڪ بيروني قوت تي اڇلي ڇڏجي. باڪ اها شيءِ جي اندروني وسعت آهي يا ائين ڪڻي چئجي ته تقدير انهن قابل حصول امڪانات جو نالو آهي جيڪي سندس وجود جي گهراين ۾ موجود آهن. وري اهي امڪانات اهڙا آهن جيڪي سواءِ ڪنهن بيروني دباءَ جي پنهنجو پاڻ هڪ ترتيب مطابق وجود ۾ اچن ٿا. لهٰذا مدت کي نامياتي وحدت کوڙڻ جو اهو مقصد هرگز ناهي ته ڪو ٻئي واقعات ٿهيل ٺڪيل صورت ۾ حقيقت جي بطن اندر اڳيئي موجود

آهن، ۽ جتان اهي هڪ ٻي اهڙيءَ طرح هيٺ ڪري ويا آهن جئن ساعتي شيشي مان واريءَ جا ذاڻا هيٺ ڪرندا آهن. سچ پچ جيڪڏهن وقت جي نوعيت حقيقي آهي ۽ وقت مان مراد ساڳئي قسم جي لمحات جو وري وري موٽي اچڻ ناهي، ڇو ته اهڙيءَ صورت ۾ اسانجو شعوري تجربو هڪ دوڪي ۽ فريب کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ رهندو؛ ته پوءِ مطلق حقيقت جي زندگيءَ جو هر لمحو ٻنهنجي اصليت رکي ٿو. ازانسواءِ ڪائنس هر گهڙيءَ هڪ نئين قسم جي گالهہ يا نئين قسم جو واقعو سرزد ٿئي ٿو، جنهن جي اسان قطعاً اڳڪٿي ڪري نہ ٿا سگهون. قرآن پاڪ جو ارشاد آهي:

"ڪُل يومٍ هو في شأن" يعني هر روز هو هڪ نئين ڪم ۾ "رڌل آهي". گويا حقيقي وقت واري زندگي سلسليوار وقت کان بلڪل آزاد آهي ۽ اها هڪ اهڙي زندگي آهي جيڪا هر گهڙي تخليق ۾ مشغول آهي، سندس هر عمل اصلي هئڻ کانسواءِ مڪمل طور آزاد پڻ آهي. درحقيقت تخليق جو فعل آزاديءَ جو فعل آهي ۽ تخليق تڪرار جو ضد آهي، ڇو ته تڪرار ميڪانيڪي عمل جي خاصيت آهي. اهوئي سبب آهي جنهن ڪري زندگيءَ جي تخليقي عمل کي ميڪانيت جي حوالي سان سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ناممڪن آهي. هونئن به سائنس جو مقصد تجرباتي يا مشاهداتي يڪسانيت تلاش ڪرڻ آهي، ۽ هن لفظن ۾ سائنس جو مقصد انهن قاعدن جي تلاش آهي جيڪي ميڪانيڪي تڪرار جو باعث آهن. زندگيءَ ۾ ڪجهہ خود بخود ٿئي ٿو ۽ اهو احساس ايڏو شديد ٿئي ٿو جو سندس مرڪز متعيّن ڪرڻ مشڪل ٿيو پوي، ان ڪري زندگي لزوميت جي قيد کان بلڪل آزاد آهي. اهوئي سبب آهي جنهن ڪري سائنس زندگيءَ جي اپٽار ڪري نہ ٿي سگهي. ماڻي جيڪڏهن علم حياتيات جا ڄاڻو زندگيءَ جي ميڪانيڪي تشريح پيش ڪن ٿا،

ٿو اُن جو سبب اهو آهي ٿو سندن مطالعو زندگيءَ جي ادنيٰ شڪلين تائين محدود آهي، جن جو عمل واقعي ڪنهن حد تائين ميڪانيڪي عمل سان مشابهت رکي ٿو. پر جيڪڏهن اهو حياتيات جو ڇاڪو زندگيءَ جو مطالعو صرف پنهنجي ئي ذات جي سوالي سان ڪري، يعني اهو ڏسي ته سندس اندر زندگيءَ جو انڪشاف ڪيئن ٿو ٿئي، يا هن جو ذهن ڪهڙيءَ ريت ڪنهن ڳالهه جو آزادانه انتخاب ڪري ٿو ۽ وري ان کي رد به ڪري سگهي ٿو، يا هو پنهنجي سوچ ۾ ڪيڏو آزاد آهي، يا هو پنهنجي ماضي ۽ حال جو ڪيئن جائزو وٺي ٿو، يا هو ڪهڙيءَ ريت پنهنجي مستقبل کي متحرڪ تصور ڪري سگهي ٿو؛ ته اهي سڀ ڳالهيون ڪيس ان حقيقت جو يقين ڏيارڻ لاءِ ڪافي آهن ته زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ ميڪانيڪي تصورات بلڪل ڪافي ۽ اڻ پورا آهن.

مطلب ته هيءَ ڪائنات اسانجي شعوري مشاهدي وانگر ڪا آزاد ۽ تخليقي حرڪت آهي، ۽ سوال هي آهي ته ڪنهن ٿوس ۽ متحرڪ شيءِ جي موجودگيءَ کانسواءِ حرڪت جو تصور ڪيئن ٿو ڪري سگهجي؟ ان جو جواب هي آهي ته خود شيءِ جو تصور بنيادي حيثيت نٿو رکي، بلڪ اهو خود ماخوذ آهي. اسين حرڪت منجهان ته شين جو وجود ثابت ڪري سگهون ٿا، مگر غير متحرڪ شين منجهان حرڪت جو اثبات ڪري نٿا سگهون. فرض ڪريو ته مادي جي باري ۾ اسين ڊيموڪرائٽس (Democritus) جي ايٽمن وارو تصور قبول ڪري رهيا آهيون، يعني ايٽم ئي اصل حقيقت جي نمائندگي ڪن ٿا؛ ته اهڙيءَ صورت ۾ به اسانکي انهن ايٽمن کي حرڪت سان همڪنار ڪرڻ لاءِ اهو سڌو پوندو ته منجهن حرڪت باهران داخل ٿي آهي، ڇاڪاڻ جو امي ايٽم بذات خود حرڪت کان عاري هوندا. اُن جي برعڪس جيڪڏهن اسين حرڪت کي اصل حقيقت

ڪري تسليم ڪريون، تہ پوءِ ان صورت ۾ ساڪن يا غيرمتحرڪ شين جو وجود آسانيءَ سان ثابت ڪري سگھجي ٿو. اھو ئي سبب آھي جو طبعي سائنس ھر شيءِ کي حرڪت ۾ تحليل ڪري ڇڏيو آھي، ۽ جديد سائنس جي چوڻ مطابق ايٽم "بجليدار شيءِ" نہ آھي بلڪ خود "بجلي" آھي. اھڙيءَ ريت جڏھن اسين سڏيءَ ريت شين جو مشاھدو ڪريون ٿا، تڏھن پتو پوي ٿو تہ ڪنھن بہ شيءِ جون کي قطعي حدون يا ڪا شڪل مقرر ٿيل ڪونھي. ڇاڪاڻ تہ سڏي سڀين مشاھدي جو مطلب آھي تسلسل، ۽ اھو تسلسل اھڙو آھي جيڪو ھر قسم جي امتياز ۽ نشانڪان بالاتر آھي. درحقيقت جن کي اسين شيون ڪوٺيون ٿا، اھي فطرت جا متواتر واقعات آھن، ليڪن اسانجو فڪر ڪين مڪاني نوعيت بخشي ٿو، ۽ پنھنجي عملي غرض خاطر ڪين ھڪ ٻئي کان ڇني ڌار ڪري ٿو. ان ڪري ھيءَ ڪائنات جيڪا ڏسڻ ۾ شين جو ھڪ مجموعو يا ميڙ نظر اچي ٿي، ڪو ٺوس جسم ناھي جيڪو ڪنھن پولار ۾ رکيل ھجي. گويا ڪائنات ھڪ شيءِ ناھي، بلڪ ھڪ عمل آھي. البت جئن برگسان چيو آھي تہ فڪر سلسليوار نوعيت جو آھي، تنھنڪري فڪر، حرڪت جو جائزو صرف ان صورت ۾ وٺي سگھي ٿو، جڏھن حرڪت جو تصور ساڪن نقطن جي ھڪ سلسلي جي صورت ۾ ڪيو وڃي. ٻين لفظن ۾ اھو فڪر جو ئي ڪارنامو آھي جو پنھنجي ساڪن تصورات جي مدد سان سراپا متحرڪ حقيقت کي بہ غيرمتحرڪ سلسلي جي صورت ڏئي ڇڏي ٿو. مگر جئن تہ ان سلسلي جي غيرمتحرڪ حصن ۾ تواتر ٿئي ٿو ۽ اھي ھڪ ئي وقت موجود ٿين ٿا، لھٰذا زمان و مڪان جا تصورات جنم وٺن ٿا.

مطلب تہ برگسان جي چوڻ مطابق مطلق حقيقت آزاد، ناقابل تعين ۽ تخليقي ھجڻ کان سواءِ ھڪ زنده متحرڪ شئ آھي.

آها هڪ اهڙي مشيت آهي جنهن کي فڪر، مڪاني نوعيت بخشي ٿو ۽ سندس مشاهدو ڪثرت اشيا جي صورت ۾ ڪري ٿو. هتي برگسان جي نظريي جو پوريءَ ريت تنقيدي جائزو وٺڻ تہ ناممڪن آهي، البت ايترو ضرور چئبو تہ سندس حياتيت (Vitalism) جي انتها فڪر ۽ مشيت جي هڪ اهڙي ثنويت تي ٻڌي آهي، جو منجهس ڪنهن بہ قسم جي مفاهمت جي گنجائش نہ رهي آهي. برگسان جي انهيءَ نتيجي اخذ ڪرڻ جو هي سبب آهي تہ فڪر جي باري ۾ سندس نظريو جُزوي نوعيت جو آهي. سندس راءِ مطابق فڪر جو ڪم شين کي مڪاني حيثيت ڏيڻ آهي. وري جڏن تہ فڪر جو واهپو مادي شين سان رهي ٿو، ان ڪري سندس آڏو ميڪانيڪي گهالهيون ئي موجود آهن. ليڪن آڻ پهرئين ليڪچر ۾ اهو واضح ڪري چڪو آهيان تہ فڪر گهري حرڪت جو مالڪ ٻڌ آهي. ائين واقعي آهي تہ هڪ طرف فڪر مطلق حقيقت کي ساڪن جُزن ۾ تقسيم ڪري ٿو، ليڪن فڪر جو اصلي ڪم مشاهدي جي مختلف سطحن کي نظر ۾ رکي، موزون مقولات جي انتخاب ذريعي مشاهدي جي مختلف عناصرن کي ترتيب ڏيڻ آهي. لهٰذا فڪر بہ زندگيءَ وانگر نامياتي قسم جو آهي. هتي اها گهالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن زندگيءَ جي حرڪت مان مراد نامياتي نشو و نما آهي، تہ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ زندگي مختلف مرحلن تي مشتمل هڪ ترقي پذير ميلاپ آهي، ڇاڪاڻ تہ هونئن انهيءَ ميلاپ کانسواءِ سندس نامياتي نشوونما ٿي ڪونہ ٿي سگهي. ليڪن نشوونما جو دارو مدار هميشہ ڪنهن مقصد يا غايت سان وابستہ هوندو آهي ۽ مقصد ڪهڙو بہ هجي اهو وري فڪر جي عمل و دخل جو محتاج هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي تہ جيڪڏهن ڪوبہ مقصد سامهون ڪونهي تہ فڪر جو عمل و دخل ٻڌ ناممڪن آهي. اهو ئي سبب آهي جو شعوري مشاهدي يا تجربي اندر زندگي ۽ فڪر ٻئي پاڻ ۾

ميلي جُلي هڪ وحدت جي صورت اختيار ڪندا آهن. ان ڪري فڪر پنهنجي اصليت جي لحاظ کان زندگيءَ وانگر آهي. ليڪن برگسان جي چوڻ مطابق جئن ته زندگيءَ جي اڳتي واڌ هڪ قسم جي ڪاه يا بَچَ وانگر آهي، ان ڪري زندگيءَ جي تخليقي آزاديءَ دوران سندس رهنمائي لاءِ مقصد جو ڪوبه تررو موجود نه هوندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ زندگيءَ جي ڪا مدعا ڪونه ٿي ٿئي، بلڪ زندگي پنهنجي ليکي يا بي راه ۽ چُڙواڳ ٿئي ٿي، جنهنڪري سندس ڪنهن به روپي جي پيشگوئي ڪري نه سگهبي آهي. درحقيقت هتي پهچڻ کان پوءِ اسانکي خبر پوي ٿي ته شعوري مشاهدي بابت برگسان جو تجزيو ڪيترو نه اڻ پورو آهي. هونئن بسم برگسان شعوري مشاهدي کي ماضيءَ سان واسطو سمجهي ٿو ۽ حال ۾ به ماضيءَ جي ڪارفرمائي ۽ عمل دخل کي تسليم ڪري ٿو. هو بهرحال ان حقيقت کي ياڃي وڃي ٿو ته شعور جي وحدت جو هڪ پهلو اهڙو به آهي جيڪو مستقبل سان واسطو آهي. دراصل زندگي ڏيان يا توجه مان پيدا ٿيندڙ اعمالن جو هڪ سلسلو آهي، ۽ توجه جو ڪوبه عمل مقصد کان خالي ٿي نه ٿو سگهي. ٻين لفظن ۾ توجه جو درعمل ڪنهن نه ڪنهن مقصد سان ضرور لاڳاپيل هوندو آهي، ٻيءَ ان مقصد جي حيثيت شعوري هجي يا غير شعوري. حد ته اها آهي جو اسان جي ادراڪ جو عمل به ڪنهن نه ڪنهن فوري مفاد يا مقصد تحت سرزد ٿئي ٿو. فارسيءَ جي شاعر عُرفيءَ، انساني ادراڪ جي هن پهلوءَ بابت ڪيڏو نه سٺو چيو آهي:

ز نقص تشنه لبي داں بعقل خويش مناز،
دلت فريب گداز جلوه سراب نخورد.

[يعني جيڪڏهن تنهنجي دل رُڃ جو دوکو نه کاڌو ته ان صورت ۾ تون پنهنجي عقل تي ناز نه ڪر. چاڪاڻ ته تنهنجو ان دوکي کان آجو هجڻ پڌائي ٿو ته توکي آڃ گهٽ هئي]

شاعر جو مطلب آهي تہ جيڪڏهن واقعي توهان کي سخت آڇ هجي ها، تہ پوءِ ريگستان جي واري ضرور توهان کي ڪ ڏيڻ جي صورت ۾ نظر اچي ها. توهان کي رڄ تي پاڻيءَ جو گمان نہ ٿيو، اهو ٻڌائي ٿو تہ توهان ۾ سچ پچ آڇ جي کمي هئي. ٻين لفظن ۾ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ جيڪڏهن کا شيءِ توهان کي ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جئن اها درحقيقت آهي، ان جو سبب هي آهي تہ توهين ان شيءِ کي پيءَ شڪل ۾ ڏسڻ نہ ٿا گهرو. اهڙيءَ طرح ثابت ٿيو تہ مقصد يا غايت، پوءِ سندس حيثيت شعوري هجي يا لاشعوري، ڪنهي صورتن ۾ اسانجي شعوري مشاهدي لاءِ تاجي پيڻي جو ڪم ڏئي ٿو، ليڪن مقصد جو تعلق مستقبل سان هوندو آهي يا هيئن ڪٽي چئجي تہ مقصد کانسواءِ مستقبل جو تصور ڪري نہ ٿو سگهجي. اها گاله صحيح آهي تہ ماضي، حال ۽ موجود ۽ ڪارفرما ڏسي ٿي، مگر ان جو اهو مطلب نہ وٺڻ گهرجي تہ ڪو اسانجو شعور محض ماضيءَ جي ڪارگذاري آهي. درحقيقت مقصد جي موجودگي شعور کي مستقبل ـ آشنا بنائي ٿي. ٻين لفظن ۾ اسانجا مقصد نہ رڳو اسانجي موجوده حالتن جي تعمير ڪن ٿا. بلڪ مستقبل جي نشاندهي ڪن ٿا. اڄا ٻہ ائين ڪٽي چئجي تہ اهي اسانجا مقصد ئي آهن جيڪي زندگيءَ کي اڳتي وڌائيندا رهن ٿا. اهڙيءَ طرح ايندڙ حالتن تي اثر انداز ٿين ٿا ۽ هڪ قسم جي پيش بينيءَ جو ڪم ڏين ٿا. هونئن ٻہ ڪنهن مقصد تحت اڳتي وڌڻ جو مطلب آهي تہ اسين ان شيءِ ڏانهن وڌي رهيا آهيون، جيڪا گهربل آهي. مطلب تہ اسانجي موجوده شعوري ڪيفيت ۾ ماضيءَ ۽ مستقبل ڪنهي جو عمل دخل آهي، ۽ ان ڪري برگسان جي اها راءِ تہ مستقبل سراسر غير متعين آهي، صحيح نہ آهي. حالانڪ اهوئي سبب آهي جو توجہ جي حالت ۾ اسانجو شعور حافظي ۽ تخيل ڪنهي تي مشتمل هوندو آهي. لهٰذا شعوري مشاهدي جي تمثيل مان پتو پوي ٿو تہ مطلب حقيقت ڪ اڏي بي بصيرت

قوتِ حيات نہ آهي، جيڪا فڪر جي روشنيءَ کان قطعاً محروم هجي، بلڪ برعڪس ان جي مطلق حقيقت جي ماهيت سراسر غايتي نوعيت جي آهي.

بهرحال برگسان مطلق حقيقت جي غايتي نوعيت کان انڪار ڪري ٿو، ڇو تہ غايت جي ڪري وقت غير حقيقي ٿيو پوي. هو چوي ٿو تہ مطلق حقيقت لاءِ مستقبل جو دروازو هميشہ کليل رهڻ گهرجي، ڇو تہ هونئن نہ سندس آزادي قائم رهي سگهي ٿي ۽ نہ خلاقي. ان گالهہ ۾ کو شڪ ناهي تہ جيڪڏهن غايت مان مراد هڪ اهڙو سڀيل منصوبو ورتو وڃي جيڪو اڳ ۾ تيار ٿي چڪو آهي، تہ پوءِ ان صورت ۾ واقعي وقت جو وجود باطل يا غير حقيقي ٿيو پوي. ازانسواءِ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ هيءَ ڪائنات هڪ ازلي ۽ ابدي منصوبو آهي، جيڪو اڳ ۾ موجود هيو ۽ هينئر وقت جي لحاظ کان صرف دُهرائجي رهيو آهي. يعني منجهس ڪنهن بہ واقعي يا حادثي جي جڳهہ ناهي. کان وڃي مقرر آهي، البت صرف ايترو آهي تہ اهي واقعا پنهنجي پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيا آهن، ۽ وقت جي وهڪري يعني تاريخ ۾ انهيءَ نسبت سان رونما ٿين ٿا. هين لفظن ۾ ائين ڪٽي چٽجي تہ سڀ ڪجهہ ازل کان وڃي موجود آهي، باقي رهيو سوال واقعات جي ترتيب جو، سو اهو بہ ازلي ۽ ابدي قالب جو هڪ بنڌڻ آهي. ليڪن هيءَ سڄو نظريو تقريباً ڪائنات جي ميڪانيڪي نظريي جهڙو آهي، ۽ اهو نظريو اسين اڳ ۾ رد ڪري چڪا آهيون. درحقيقت هيءَ مادييت جو هڪ اهڙو ليڪيل يا ڊيڪيل نظريو آهي، جنهن ۾ قسمت يا تقدير کي سخت جبريت جو هڪ اهڙو روپ ڏکايو ويو آهي، جو منجهس انساني آزاديءَ جو تہ قلع قمع ڪيو ويو آهي، پر خدا جي اختيار ۾ بہ ڪا شيءِ نہ ڇڏي وئي آهي. هاڻي جيڪڏهن هيءَ دنيا واقعي هڪ اهڙي منزل طرف

وڏي رهي آهي جيڪا اڳ ۾ مقرر ٿيل آهي، تہ ان صورت ۾ هيءَ دنيا آزاد ۽ ذميدارانہ اخلاقي عوامل جي دنيا رهي نہ ٿي سگهي. بلڪ ان صورت ۾ هيءَ دنيا هڪ اهڙي تماشگاه جي مانند آهي جنهن ۾ ڪو ايڪل دڪ ڪٺ پتلين کي نچائي رهيو آهي. سگر غايت جي باري ۾ اسانوٽ هڪ ٻيو تصور ب آهي. اسين پنهنجي شعوري مشاهدي جي دنيا ۾ ڏسي چڪا آهيون تہ اغراض و مقاصد جي تشڪيل جو ٻيو نالو زندگي آهي. اهڙيءَ طرح مقاصد جي تبديلي ۽ سندن ڪارفرمائيءَ جو زندگيءَ سان گهرو ۽ گهاڻو سُٻنڌ آهي. لهٰذا عقلي زندگيءَ جي غايت مان مراد هروپرو هڪ ڏورانهين منزل ناهي، بلڪ جئن جئن زندگي پنهنجن طور طريقن سان اڳتي وڌي ٿي تہ ان لحاظ کان نوان نوان مقصد متعين ڪرڻا پون ٿا، ۽ اهڙيءَ طرح نون ڏرن جي آدرش جو پتو پوي ٿو. اسان جي هروقت نئين تخليق يعني تڪوين جي صرف اها صورت آهي تہ جيڪي ڪجهہ اسين آهيون، ان جو خاتمو ايندو رهي. گويا زندگيءَ جي شاهراه موت جي سلسلي وچان گذري ٿي، پر ان جي باوجود منجهس هڪ قسم جو باقاعده تسلسل ضرور موجود آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيتوڻيڪ ڪن شين جو جائزو وٺندي کي تبديليون اوچتو ۽ خلافِ توقع معلوم ٿين ٿيون، پر پوءِ ب زندگيءَ جي شاهراه جون سڀ منزلون پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح ڳنڍيل لڳن ٿيون جئن ڪنهن نامياتي وجود جا جزا هوندا آهن. ان لحاظ کان هڪ فرد جي زندگيءَ جي روئداد، بحيثيت مجموعي، هڪ قسم جي وحدت آهي ۽ اها واقعات جو هڪ اٽ ٺهڪندڙ ميلاپ يا سلسلو نہ آهي. هاڻي جيڪڏهن مقصد مان مراد ڪا اڳ چاتل منزل آهي يا مقصد مان مراد ڪا اهڙي ڏورانهين منزل آهي جنهن ڏانهن هيءَ ڪائنات وڌي رهي آهي، تہ پوءِ ان صورت ۾ هن دنيا جو هر عمل، يا وقت جي لحاظ کان ڪائنات جي هر حرڪت، پئي مقصد کان خالي ٿي پوندا. هونئن ب مقصد جي

انهيءَ تصور جو مطلب آهي تہ هيءَ ڪائنات اصليت توڙي تخليقي ڪردار ٻنهي کان محروم آهي. جيتوڻيڪ سندس سفر جي پڇاڻي اڳتي ٻوهہ غايت تي ٿئي ٿي، پر انهن مان هر هڪ غايت کي اڇٽو آهي، ۽ اهو ضروري ناهي تہ اها غايت شروع ۾ متعين هجي. ان ڪري وقت جي حرڪت يا عمل کي اسان هڪ اهڙي سڌي ليڪ تصور ڪري نہ ٿا سگهون، جيڪا شروع ۾ ئي موجود هجي، بلڪ اها ليڪ هميشہ معرض وجود ۾ ايندي رهي ٿي يا اڻين ڪٽي ڇڏجي تہ اها ڪليل امڪانات جي سچي پچي تصوير آهي. باقي اسين ڪيس بامقصد ان لحاظ کان چئون ٿا، ڇاڪاڻ تہ سندس هر عمل چونڊيل نوعيت جو ٿئي ٿو، ازانسواءِ سندس حال جي تڪميل ۾ ماضيءَ جي حفاظت ۽ دستگيريءَ جو وڏو هٿ آهي. منهنجي نظر ۾ ڪائنات بابت اهو نظريو جنهن مطابق هيءَ ڪائنات هڪ اڳ رڙيل منصوبي جي وقتي اڪلاڻي آهي، جيترو قرآن شريف نقطئہ نظر کان بعيد آهي، اوترو ئي ڪا شئي ٿي نہ ٿي سگهي. آءٌ هن کان اڳ، ۽ ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪري چڪو آهيان تہ قرآن مجيد جي چوڻ مطابق هن ڪائنات ۾ اضافو يا واڌ ممڪن آهي، گويا هيءَ ڪائنات وڌندڙ يعني ارتقا پذير آهي. هن لفظن ۾ هيءَ ڪائنات هڪ ٺهيل ٺڪيل شيءِ ناهي، جنهن کي ڪنهن ڪاريگر جڙڪن جا جڙڪ اڳ ۾ ناهي ڇڏيو آهي، ۽ ان ڪانپوءِ اها ئي جان مادي جي هڪ ڏير جي صورت ۾ پئي آهي؛ سو ۽ اهڙيءَ طرح جو وقت جو منجهس ڪو عمل دخل ناهي ۽ سندس هٿ نہ هٿ ٻئي برابر آهن.

منهنجي خيال ۾ هينئر اسين هن آيت جو مطلب چڱيءَ ريت سمجهي سگهون ٿا: و هو الذي جعل اللّيل و النّهار خلفه لمن اراد ان يذّكر او اراد شكورا. يعني اهو الله آهي جنهن ڏينهن ۽ رات کي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ لاءِ حڪم ڪيو آهي تہ

جئن غور و فڪر ڪندڙ ماڻهو سندس باري ۾ سوچ ويچار ڪن يا سندس شڪرگذار ٿي رهن، هونئن بہ جڏهن اسين پنهنجي اندر ۾ سلسليوار وقت جي انڪشاف تي ڪهڙو غور و خوض ڪريون ٿا، تڏهن اها گاڏهہ سامهون اچي ٿي تہ مطلق حقيقت ڪ اهڙي خالص مدت وانگر آهي جنهن ۾ فڪر، زندگي ۽ مقصد ٺهي ڪڏهن ڪ نامياتي وحدت جي شڪل اختيار ڪن ٿا. مگر اهڙيءَ وحدت جو تصور اسين صرف ڪ اهڙي خودي‌ءَ جي صورت ۾ ڪري سگهون ٿا، جيڪا هر شيءَ تي محيط هجي، ۽ جيڪا هر فرد جي زندگيءَ ۽ فڪر جو حقيقي سرچشمو هجي. منهنجي خيال ۾ برگسان جي غلطي اها آهي تہ هو خالص وقت کي خودي‌ءَ کان ڌارو سمجهي ٿو، حالانڪ خالص وقت جو اسناد خود خودي‌ءَ يا انساني نفس کان ٻاهر ٿو. ان کان سواه ڪثرتِ اشيا يا ڪثرتِ واقعات جي سمجهاڻي خالص وقت ذريعي ڏئي نہ ٿي سگهجي. بلڪ اهو ڪ قائم و دائم انا جي بصورت جو ڪمال آهي، جيڪا دورانِ وقت جي ڪثرت يعني جيڪا لامحدود لمحات جي غير مربوط سلسلي کي پڻ ڪ نامياتي ڪل جي حيثيت ڏئي سگهي ٿي. دراصل محض مدت جو واسطو خودي‌ءَ سان ٻاهر ٿو ۽ خودي‌ءَ جو مطلب ان گاڏهہ جي اهليت پيدا ڪرڻ آهي تہ "مان آهيان". مطلب تہ صحيح نموني ۾ صرف اهو زنده آهي جيڪو اهو چئي سگهي تہ "مان آهيان" ان ڪري اهو مان آهيان وارو وجدان ئي آهي جيڪو هن ڪائنات ۾ ڪنهن شيءَ جو مقام متعين ڪري ٿو. هاڻي چوڻ لاءِ تہ هرانسان چوي ٿو "مان آهيان"، پر ان جو سمورو دارومدار "ذات" ۽ "غير ذات" ۾ امتياز تي آهي. ذات مطلق البت جئن قرآن پاڪ جو ارشاد آهي تہ "غني" عن العالمين" آهي، يعني سندس آڏو غير ذات جي حيثيت مقابل ذات جي ناهي، پوتہ ان صورت ۾ غير ذات سان سندس اهڙي ٻڪاني نسبت ٿيو پوي، جهڙي اسانجي پنهنجي غير سان هوندي آهي. اهوئي سبب آهي جو خدا پاڪ

جي زندگيءَ ۾ هيءَ فطرت، جيڪا پڻ هڪ قسم جي غير ذات آهي، هڪ گذرندڙ لمحي جي حيثيت رکي ٿي. مطلب ته سندس "مان آهيان" مستقل بالذات هئڻ کانسواءِ ناقابلِ تجزيہ ۽ مطلق نوعيت جو آهي. ان کري اهڙيءَ ذات جو کامل ۽ مڪمل تصور قائم کرڻ ناممکن آهي، جئن قرآن شريف جو ارشاد آهي: "ليس کمثله شيءٌ"، پر ساڳئي هنڌ کيس "سميع و بصير" به چاڻايو ويو آهي. هتي اها گالهه ياد رکڻ گهرجي ته ذات جي تصور سان سيرت و کردار جو تصور لازم و ملزوم آهي. اسانکي اها پڻ خبر آهي ته هيءَ فطرت محض مادي جو ڍير ناهي جيڪو هولار ۾ ڪٿي ٻيو هجي. بلڪ هيءَ ڪائنات واقعات جي جوڙجڪ جو نالو آهي، جيڪا ڏک باقاعدي نظام جي پيروي کري رهي آهي، ۽ ذاتِ مطلق سان سندس نامياتي سٻنڌ آهي. ٻين لفظن ۾ هينئن ڪٿي چئجي ته فطرت کي خدا جي ذات سان اهڙي نسبت آهي، جهڙي انسان کي پنهنجي سيرت يا کردار سان آهي. ان گالهه کي قرآن مجيد پنهنجي خوبصورت لفظن ۾ "سنت الله" ڪوٺيو آهي. بهرحال ارتقا جي موجوده مرحلي تي اسين مطلق انا جي تخليقي عمل بابت اها سمجهاڻي ٿي پيش کري سگهون ٿا. وري جيتوڻيڪ هر مخصوص لمحي تي ۽ اڳتي حرڪت دوران اهو تخليقي عمل محدود نوعيت جو ٿئي ٿو، پر چاڪاڻ ته سندس نامياتي واسطو هڪ اهڙي دستيءَ سان پوي ٿو جيڪا تخليقي قسم جي آهي، ان کري منجهس واڌ يا اضافو ممکن آهي. ازانسواءِ اهو غير محدود پڻ ٿئي ٿو، چاڪاڻ جو سندس وسعت جي کا حد قائم کري نه ٿي سگهجي. ٻين لفظن ۾ اهو عمل بالقوه غير محدود آهي باقي بالفعل غير محدود ناهي. مطلب ته هيءَ فطرت هڪ جيئري جاڳندي حقيقت آهي، جيڪا هر لمحي وڌندي ۽ ڦهلبي رهي ٿي. ان کانسواءِ سندس نشو و نما جي کا خارجي حد مقرر کونهي، البت سندس داخلي حدون ضرور آهن يعني اها مشهود ذات جيڪا منجهس

جاري و ساري آهي ۽ جيڪا سندس اڪيلو سهارو آهي. قرآن شريف جو هن سلسلي ۾ ارشاد آهي: "و ان الى ربك المنتهى". هاڻي ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ انسانکي طبعي سائنس ۾ ٻہ هڪ قسم جي نئين روحاني معنيٰ نظر اچي ٿي، ڇو تہ ان صورت ۾ فطرت جو علم خدا جي سنت يا عادت جو علم آهي. مطلب تہ طرت جو مشاهدو ذات مطلق سان قرب ۽ ويجهڑائيءَ جو ذريعو آهي، ۽ هن لفظ ۾ اها ٻہ عبادت جي هڪ شڪل آهي.

مٿئين بحث مان اهو واضح ڪرڻ مقصود هو تہ وقت ٻا زمان مطلق حقيقت جو هڪ لازمي جُز آهي. هاڻي اسين ميڪٽيگرٽ (Mctaggart) جي ان دليل تي غور ڪريون ٿا جنهن مطابق وري وقت غير حقيقي آهي. ڈاڪٽر ميڪٽيگرٽ جو چوڻ آهي تہ وقت ان ڪري غير حقيقي آهي، ڇاڪاڻ تہ اسين هر واقعي کي ماضي، حال ۽ مستقبل ڈانهن منسوب ڪري سگهون ٿا. مثلاً اينيء (Anne) راڻيءَ جي وفات جو واقعو اسان لاءِ بيشڪ ماضيءَ سان تعلق رکي ٿو، پر ان وقت جي ماڻهن لاءِ اهو واقعو حال سان متعلق هيو ۽ وري ساڳيءَ طرح وليم ثالث (William III) لاءِ اهو مستقبل جو واقعو هيو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ان هڪڙي واقعي ۾ اهي سڀ خصوصيتون موجود آهن جن جو هڪ هنڌ جمع ٿيڻ ناممڪن آهي. مگر هتي اها گاڻهم صاف ظاهر آهي تہ هن دليل جو سڄو دارومدار ان مفروضي تي آهي تہ سلسليوار وقت ئي حقيقي وقت آهي. هونئن ٻہ جيڪڏهن وقت ماضي، حال ۽ مستقبل تي مشتمل آهي، ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اسين وقت کي هڪ اهڙي سڌي ليڪ تصور ڪري رهيا آهيون جنهن جو ڪجهہ حصو اسين طئي ڪري پنڌ ڪڍي چڪا آهيون، ۽ باقي ڪجهہ حصو اڃا اڳتي طئي ڪرڻو آهي. هاڻي جيڪڏهن واقعي اها گاڻهم آهي تہ هوءَ وقت هڪ زنده ۽ تخليقي قوت ناهي، بلڪ ان

صورت ۾ وقت مطلق سڪون جي مانند آهي، جنهن ۾ هر قسم جا ٿهيل ٿُڪيل واقعا اڳ ئي موجود آهن؛ ۽ هينئر صرف اهي واقعا فلم جي تصويرن وانگر ڪ ڪ ٿي اسانجي آڏو اچن ٿا. انهيءَ لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ اينيءَ راڻيءَ جي وفات جو واقعو وليم ٿالث لاءِ سچ پچ مستقبل جي حيثيت رکي ٿو، بشرطيڪ اسين اهو فرض ڪري وٺون تہ اهو واقعو قطعي طور اڳ ۾ تيار ٿي چڪو هو، ۽ صرف پنهنجي ظاهر ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. مگر هتي پروفيسر براڊ (Broad) جو اهو رايو نهايت موزون ٿو لڳي تہ اسين مستقبل جي واقعي کي درحقيقت واقعو قرار ڏيئي نٿا سگهون. يعني اينيءَ راڻيءَ جي وفات کان اڳ اهو وقعو قطعاً موجود ڪونہ هو. بيشڪ اينيءَ راڻيءَ جي زندگيءَ ۾ اهو واقعو موجود هو، مگر سندس حيثيت مطلق حقيقت جي ڪ اڻڙي امڪان جي هئي جيڪو ايڏا وقوع پذير نہ ٿيو هو. گويا واقعي جي صورت ڪيس ان وقت ملي جڏهن مطلق حقيقت جو عمل پنهنجي تڪوين دوران ان مرحلي تي پهتو. ميڪٽيگرٽ جي دليل جو هي جواب آهي تہ مستقبل جو وجود حقيقي ناهي بلڪ اهو ڪ قسم جو ڪليل يعني غيرمعين امڪان آهي. اڻڙيءَ طرح اهو چوڻ ۾ غلط آهي تہ ڪو ڪ واقعي ۾ اڻڙيون خصوصيتون موجود ٿي نہ ٿيون سگهن جن جو ڪ ڏڏ ٿيڻ محال آهي، يعني ڪيس ماضي ۽ حال ڏانهن منسوب ڪري سگهجي. حقيقت ايڏا آهي تہ جڏن ئي ڪو واقعو الف يا ب رونما ٿئي ٿو، تہ اهو واقعو پاڻ کان اڳ وارن واقعن سان ڪ اڻڙي نسبت قائم ڪري وڌي ٿو، جنهن کي تبديل ڪري نہ ٿو سگهجي. اڻڙيءَ طرح اهو واقعو جيڪو رونما ٿيو وري کانئس پوءِ رونما ٿيندڙ ٻين واقعن سان اڻڙو لاڳاپو رکي ٿو، جو سندس پهرين واقعن سان لاڳاپو قطعي طور متاثر ڪونہ ٿو ٿئي. ازانسواءِ اڻڙي قسم جي لاڳاپن جي باري ۾ صحيح يا غلط، مطلب تہ کنهن ۾ قسم جي راءِ

قائم ڪري نه ٿي سگهجي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ منطقي لحاظ کان اڳا ڳالهه مشڪل نہ آهي جو هڪ واقعي کي ماضي ۽ حال ٻنهي ڏانهن منسوب ڪيو وڃي. بهرحال هيءُ مسئلو ايڏو آسان نہ آهي ۽ گهڻي سوچ ويچار جي تقاضا ڪري ٿو. حقيقت اها آهي تہ وقت جو مسئلو حل ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. آگسٽائن (Augustine) جا هي گنهير الفاظ اڄ بہ اوترو ئي سچا آهن جيترو ان وقت هئا جڏهن هن پهريون پيرو چيا هئا: "جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي تہ توکي وقت جي باري ۾ ڪهڙي خبر آهي تہ آءٌ چوندس ڪاهہ نہ. پر جيڪڏهن ڪو نہ پڇي تہ پوءِ البت آءٌ ڄاڻان ٿو." منهنجي پنهنجي ذاتي راءِ آهي تہ وقت مطلق حقيقت جو جزولاينفڪ آهي. ليڪن حقيقي وقت سلسليوار وقت کان مختلف آهي، ڇو تہ سلسليوار وقت جي لاءِ ماضي، حال ۽ مستقبل جو امتياز ضروري آهي. اڳڙيءَ طرح خالص وقت ئي حقيقي آهي. هين لفظن ۾ اها هڪ اڳڙي تبديلي آهي جنهن ۾ اڳ پوءِ يعني تواتر جو ڪو سوال پيدا نہ ٿو ٿئي. هاڻي اها آهي آڳا ڳالهه جنهن کي ميڪٽيگرٽ ڇهيو ئي ناهي. هونئن بہ سلسليوار وقت خالص مدت آهي، پر فڪر کيس مختلف حصن ۾ تقسيم ڪري ٿو. ازانسواءِ اهو هڪ اڳڙو طريقو آهي جنهن جي ذريعي مطلق حقيقت پنهنجي اڻ ڪٽ تخليقي عمل جو مظاهرو مقداري صورت ۾ ڪندي رهي ٿي. قرآن پاڪ جي انهيءَ آيت "له اختلاف اللیل والنهار" ۾ ان طرف ئي اشارو آهي.

پر هتي پهچڻ کان پوءِ توهين شايد اهو سوال پڇيو تہ ڇا مطلق انا کان تغيّر و تبدّل جو صادر ٿيڻ ممڪن آهي؟ اهو ان ڪري ڇاڪاڻ تہ هن ڪائنات جي عمل سان انسان جي روزمره وارو تعلق انتهائي آزاد نوعيت جو آهي. انسانجي زندگيءَ جون اڪثر حالتون انسان لاءِ خارجي حيثيت رکن ٿيون. انسان

پنهنجي زندگيءَ بابت صرف ايترو چاڻون ٿا تہ اها خواهشات جي زندگي آهي؛ اها جستجو، ناڪاميءَ ۽ ڪاميابي جي زندگي آهي. ٻين لفظن ۾ مسلسل تغير يعني هڪ حالت مان ٻيءَ حالت ۾ تبديليءَ جو نالو زندگي آهي. مطلب تہ اسانجي نقطئہ نظر مطابق زندگي تغير و تبدّل جو نالو آهي، پر اها گهالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ تغير هميشہ ڪنهن ڳهٽتائي يا اوٽائيءَ جي نشاندهي ڪندو آهي. اسانکي خبر آهي تہ اسانکي هر قسم جي معلومات جو نقطئہ آغاز اسانجو شعوري مشاهدو ٿئي ٿو، ۽ اهوئي سبب آهي جو حقائق جي تشريح ڪندي اسين داخلي مشاهدي جي اوٽاين کان بچي نہ ٿا سگهون. وري زندگيءَ کي ڇڪيءَ طرح سمجهڻ لاءِ انساني تصورات ان ڪري بہ ناگزير آهن، ڇاڪاڻ تہ زندگيءَ جو ادراڪ قطعي طور داخلي نوعيت جو آهي. سرهند جي شاعر ناصر علي هن سلسلي ۾ هڪ ڏاڍو سٺو خيال پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ هو ڏيکاري ٿو تہ هڪ برهمڻ جي آڏو رکيل بُت ساڻس ڳهڙيءَ ريت مخاطب ٿئي ٿو. هو چوي ٿو:

مرا بر صورت خويش آفريدي،
بروں از خويشتن آخر چہ ديدي.

[مونکي جو تو پنهنجيءَ صورت تي ٺاهيو، خبر ناهي، تو پاڻ کان ٻاهر الائجي ڇا ڏٺو هو؟!]

لهٰذا انهيءَ انديشي جي پيش نظر تہ ڪٿي ماڻهو خدا تعالىٰ جي زندگيءَ کي بہ انساني زندگيءَ وانگر نہ سمجهي ويهن. اندلس جي عالم ابن حزم هن باري ۾ انتهائي تامّل جو مظاهرو ڪيو آهي. هو ان راءِ جو آهي تہ ذات باري تعالىٰ جي زندگيءَ مان مراد اها زندگي ناهي، جنهن جو مشاهدو اسين عام طور ڪندا رهون ٿا، بلڪ اسين خدا جي ذات کي ان ڪري زنده ڪوٺيون ٿا ڇاڪاڻ جو قرآن شريف جو هن

سلسلي ۾ اهو چوڻ آهي. معلوم ٿو ٿئي تہ ابن حزم شعوري مشاهدي جي سطحي جائزي تائين محدود رهجي ويو آهي، ۽ سندس اصلي پهلوءَ تائين پهچي نہ سگهيو آهي. يعني سندس نظر ۾ زندگي صرف سلسليوار تغير جو نالو آهي. پين لفظن ۾ زندگي، حالتن ۾ لڳاتار تبديليءَ جو نتيجو آهي ۽ اهي حالتون انڪاءُ پيدا ڪندڙ ماحول جي ڪري وجود ۾ اچن ٿيون. مگر ڏني اها گاڏهم ياد رکڻ گهرجي تہ سلسليوار تبديلي ئي اوٽائيءَ جو اڀاڻ آهي. يعني ان صورت ۾ جيڪڏهن ذات باريءَ جي ڪاملیت جو اثبات ڪبو تہ پوءِ تبديليءَ جي انهيءَ نقطئہ نظر مطابق سندس زندگي محال ٿي پوندي. شايد اهوئي سبب آهي جنهن ڪري ابن حزم خدا جي حياتيءَ واري صفت کي سندس ڪاملیت واري صفت مٿان قربان ڪري ڇڏيو هو. حالانڪ انهيءَ مشڪل جو پهرو حل موجود آهي. اسان کي خبر آهي تہ مطلق انا سراسر حقيقت آهي ۽ من ڪائنات جي جائزي دوران سندس حيثيت بيروني مشاهدي ڪندڙ ماڻهوءَ جهڙي ناهي، بلڪ سندس زندگي جا سڀ مدارج داخلي طور متعين ٿين ٿا. مطلب تہ تغير مان مراد اهڙي حرڪت قطعاً ناهي جنهن ۾ اسين اوٽاين ڪان ڪمال طرف ۽ ڪمال ڪان اوٽاين طرف وڌندا رهون. ان ڪري ذاتِ باري تعالیٰ جي زندگيءَ بابت اهڙين گاڏهين جو اطلاق ناممڪن آهي. هونئن ہ زندگيءَ ۾ تغير جو صرف اهو مفهوم ناهي. اهوئي سبب آهي جو شعوري مشاهدي جي گهوڙهي جائزي ڪان پوءِ اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ سلسليوار مدت جي اندر يا سندس تهه ۾ محض مدت جو واسو آهي. هاڻي جئن تہ مطلق انا جي زندگيءَ جو واسطو محض مدت سان آهي، ان ڪري سندس تغير هڪ اهڙو سلسلو ناهي جيڪو مختلف حالتن تي مشتمل هجي. بلڪ ان جي برعڪس سندس حقيقي نوعيت جو اظهار مسلسل تخليق جي صورت ۾ ٿئي ٿو، جنهن دوران نہ ڪڏهن ڪيس ٽڪ ٿئي ٿو ۽ نہ وري ڪڏهن ڪيس کو

ننڍ جو جھوڙو اچي ٿو. باقي مطلق انا کي بي تغير تصور ڪرڻ جو مطلب ٿيندو تہ مطلق انا بي عمل، بي حرڪت ۽ بي اثر يعني قطعاً کا شيءَ ڪونهي. ليڪن هتي اها گالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ تخليقي هستيءَ جي لاءِ تغير جو مطلب هروپرو ڪنهن نقص يا اوڻائيءَ جي موجودگي نہ آهي. اهوئي سبب آهي جو تخليقي انا جي ڪامل هجڻ لاءِ ميڪانيڪي قسم جي عدم حرڪت جو وجود پڻ ضروري ناهي، حالانڪ ابن حزم ارسطوءَ کان متاثر ٿي اهو خيال پيش ڪيو هو. حقيقت اها آهي تہ مطلق انا جي تخليقي عمل جو سرچشمو بي پايان آهي ۽ سندس تخليقي بصيرت جي کا حد ڪونهي. خدا جي زندگي سندس اظهارِ ذات تي ٻڌل آهي، اهو ان ڪري ڇاڪاڻ تہ سندس ٻيو کو منزلِ مقصود يا نصب العين نہ آهي. اسان انسانن لاءِ "اڃا اڳتي" جو مطلب بيشڪ ڪنهن گالهہ جي جستجو آهي، ٻوءِ ان ۾ ناڪامي بہ ٿي سگهي ٿي، پر خدا جي ذات لاءِ "اڃا اڳتي" جو مطلب سندس اهي لامحدود تخليقي امڪانات آهن جيڪي سندس ذات ۾ مضمر آهن ۽ لازمي طور حقيقت جو روپ اختيار ڪندا رهن ٿا. ازانسواءِ انهن گالهين جي ڪري سندس شانِ ڪُليت ۾ ڪو فرق نہ ٿو پوي- بقول گوئٽي:

پنهنجي ئي ذات جي اڪٻٽ آٽلاڻيءَ سبب،
بيشڪ اهوئي هميشہ ڪان وٺي روان دوان آهي،
بي شمار سُٽون ۽ محراب پاڻ ۾ ڳنڍجڻ ڪانپوءِ،
انهيءَ ايڪ قصر جو سهارو ٻڌن ٿا.
هر شيءِ منجهان زندگيءَ جي محبت ڦٽي رهي آهي،
پوءِ اهي آڪاس جا ستارا هجن يا مٽيءَ جا ذرڙا،
مگر اها سموري ڪشمڪش ۽ ساري جدوجهد،
ابدي سُڪون ۽ قرار آهن، خدا جي ذات لاءِ!

مطلب گالهہ جو تہ انساني نفس جي فعلي ۽ قدري پهلوئن

جو فلسفيانہ نقطئہ نگاہ کان تنقيدي جائزو، اسان کي ان نتيجي تي پهچائي ٿو تہ ملطق حقيقت هڪ اهڙي تخليقي قوت ۽ حيات آهي جڪا عقليت جي راه تي ۽ن گامزن آهي. اهڙي قوت ۽ حيات کي "انا" يا "خودي" جي نالي ڏيڻ جو اهو مقصد قطعي ڪونهي تہ ڪو اسان وٽ خدا جو تصور ۽ انسان جي تصور جهڙو آهي. ان جو مطلب صرف اهو آهي تہ زندگي، جئن ان جو اسان کي تجربو ٿئي ٿو، هڪ بي شڪل پٽڙي شئي ناهي. بلڪ زندگي وحدت پيدا ڪندڙ هڪ اصول آهي يا زندگيءَ کي وري هڪ اهڙو ڪڏيل عمل ڪوٽي سگهجي ٿو، جنهن جو اصل ڪم اهو آهي تہ جاندار شئي جي منتشر رجحانات کي هڪ هنڌ ڪڏ ڪري ۽ کين ڪنهن تعميري مقصد لاءِ استعمال ڪري. مگر فڪر جو عمل سراسر علاماتي نوعيت جو آهي ۽ ان ڪري فڪر زندگيءَ جي اصل حقيقت تي هڪ قسم جو پردو چاڙهي ڇڏي ٿو. ازانسواءِ فڪر زندگيءَ کي هڪ اهڙي عالمگير وهڪري جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو، جيڪو هر شئي ۾ جاري و ساري آهي. اهوئي سبب آهي جو زندگيءَ جو عقلي نقطئہ نگاہ کان جائزو وحدت الوجود جي نظريي جي صورت اختيار ڪري ٿو، ليڪن اسانکي زندگيءَ جي قدري يا باطني پهلوءَ بابت پنهنجي اندروني مشاهدي جي فراهم ڪيل ڄاڻ آهي. هن سلسلي ۾ اسانجو وجدان ۽ ن گهالهه جي شاهدي ڏئي ٿو تہ زندگيءَ جو مثال پنهنجي ذات تي مرڪوز انا جهڙو آهي. جيتوڻيڪ اسين اهو تسليم ڪريون ٿا تہ اسانجي اها ڄاڻ ناقص آهي، پر اها هڪ قسم جي شروعات آهي يعني هڪ اهڙو نقطئہ آغاز آهي جتي سڏيءَ طرح يا بنا ڪنهن وسيلي جي اسانکي مطلق حقيقت جي باري ۾ انڪشاف ٿئي ٿو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اسانجي مشاهدي جون حقيقتون ۽ن اسانکي ان نتيجي اخذ ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿيون تہ مطلق حقيقت دراصل روحاني نوعيت جي آهي. لهٰذا سندس تصور هڪ "انا" يا "خودي" جي

صورت ۾ ئي ڪرڻ گهرجي. مگر هتي اها گاڻهه ياد رکڻ جوگهي آهي ته مذهب جو مقصد فلسفي کان گهڻو مٿي آهي. فلسفو شين جي عقلي ادراڪ جو نالو آهي، ۽ سندس مقصد آهي ته انسان جي مشاهداتي دنيا کي هڪ ترتيب يا هڪ نظام جي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي. مگر ان جي برعڪس مذهب حقيقت سان قرب يا ويجهڙائي جو خواهشمند آهي. ائين ڪٽي چئجي ته هڪڙو محض نظريو آهي ته ٻيو جيئرو جاڳندو مشاهدو، بلڪ ايئن به هيئن چئي سگهجي ٿو ته مذهب سڏو سنئون لهه وچڙ ۾ اچڻ ۽ سُٻندڙ پيدا ڪرڻ جو نالو آهي. ها، ۽ اها ويجهڙائي ۽ سُٻندڙ تڏهن ممڪن آهي جڏهن فڪر پنهنجي حدن کان مٿي اڀرڻ جي ڪوشش ڪندو، ۽ اهڙيءَ صورت ۾ ڪيس ڪاميابي تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن سندس ذهني رجحان عبادت کان آشنا هوندو. اها عبادت جنهن جو ذڪر آخري وقت ۾ به آنحضرت صلعم جن جي لبن مبارڪن تي هو.

خدا جو تصور ۽ عبادت جو مفهوم

هن کان اڳ اسين اهو ڏسي آيا آهيون تہ مذهبي مشاهدي تي ٻڌل راءِ عقلي ۽ فلسفيانہ معيار تي پوري ٻيهي ٿي، ان کانسواءِ مشاهدي جي اهم سطحن جو مجموعي جائزو پڻ ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪري ٿو تہ اسانجي مشاهدي جو اصلي بنياد هڪ بابصيرت تخليقي مشيّت آهي. اسان هن کان اڳ اهي سبب ٻہ چاڻائي آيا آهيون جن جي ڪري اسان کيس "انا" يا "خودي۽" جو نالو ڏنو آهي. قرآن شريف مطلق انا جي انفراديت تي زور ڏيڻ خاطر کيس اسم خاص يعني "الله" جو نالو ڏنو آهي. هن سلسلي ۾ وڌيڪ ارشاد آهي تہ:

قل هو الله احد (ج) الله الصمد (ج) لم يلد (لا) ولم يولد (لا) و لم يكن لّهٗ كفواً احد

ڇَو: الله هڪڙو آهي. سيئي شيون سندس محتاج آهن. هن نہ ڪنهن کي ڄڻيو آهي ۽ نہ ڪنهن مان ڄائو آهي. هن جهڙو ٻيو ڪوبہ نہ آهي.

حقيقت اها آهي تہ انفراديت جو مڪمل مفهوم سمجهڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. اهوئي سبب آهي جو برگسان پنهنجي ڪتاب "تخليقي ارتقا" (Creative Evolution) ۾ ان راءِ جو آهي تہ انفراديت جا ڪيترائي درجا آهن. هن جو چوڻ آهي تہ انسان جيڪو ظاهر ظهور هڪ مڪمل وحدت نظر اچي ٿو، ان ۾ بہ انفراديت جو پورو پورو اظهار نہ ٿو ٿئي. برگسان چوي ٿو تہ هن سلسلي ۾ خاص ڳالهہ اها آهي تہ جيتوڻيڪ

اجتماعي دنيا ۾ هر هنڌ انفراديت جو رجحان موجود آهي، پر نسل وڌائڻ جي تقاضا انهيءَ رجحان جي سراسر خلاف آهي. هونئن به جاندار شئي جي صورت ۾ انفراديت جو ڪمال تڏهن ڇٻو جڏهن سندس ڪوبه حصو پنهنجي جدا هستي برقرار رکي نه سگهي، ڇاڪاڻ ته نسل جي قائم رهڻ جو مطلب آهي ته اڳئين زنده جسم مان هڪ حصو اهڙيءَ طرح جدا ٿيو آهي، جو منجهائنس هڪ نئون زنده جسم پيدا ٿي سگهي ٿو. هن لفظن ۾ انسين ڪٿي چنجي تہ انفراديت پنهنجي گهر ۾ پنهنجو دشمن ويهاريو ويٺي آهي. لهٰذا انهن سڀني ڳالهين کي مدِ نظر رکڻ کان پوءِ اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته هڪ ڪامل فرد جيڪو پنهنجي ذات جي لحاظ کان مڪمل ۽ هڪ الڳ "انا" جو مالڪ آهي، يا جيڪو پنهنجي ذات ۾ يڪتا ۽ بي مثل آهي، اهو گهٽ ۾ گهٽ ائين ڪري نه ٿو سگهي يعني اهو پنهنجي گهر ۾ اهڙي دشمن جي پالنا ڪري نه ٿو سگهي. اهوئي سبب آهي جو اسانکي مطلق انا کي هر قسم جي نسلي رجحانات کان بالاتر تصور ڪرڻ گهرجي. قرآن مجيد خدا جي تصور کي پيش ڪندي انا جي ڪامل هجڻ لاءِ هن خصوصيت کي بنيادي حيثيت ڏني آهي. هونئن به قرآن پاڪ ۾ ان ڳالهه تي بار بار زور صرف ان ڪري نه ڏنو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو ان وقت جي عيسائين کي رد ڏيڻ مقصود هو، بلڪ اهو سڀ ڪجهه ان ڪري هو ته جئن ڪامل انفراديت جي تصور کي اجاگر ڪري سگهجي. مگر هتي اهو اعتراض ڪري سگهجي ٿو تہ مذهبي فڪر جي تاريخ وري اسانکي اهو ٻڌائي ٿي ته مطلق حقيقت جي اهڙي انفرادي تصور کان هميشه پري پوڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس تصور هميشه غير واضح، ڦهليل ۽ هڪ اهڙي عنصر وانگر رهيو آهي جيڪو هر شئي ۾ جاري و ساري آهي مثلاً روشني يا نور فارنيل (Farnell) صاحب ۽ خطبات گفرڊ (Gifford) ۾

صفات خداوندي تي بحث ڪندي اهو نتيجو قائم ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ مذهب جي تاريخ ۾ اڻڄاڻن گهٽين گهڻن جو سُراغ ملي ٿو جن جي پُڄاڻي وحدت الوجود يا هم اوست جهڙي طرز فڪر تي ٿئي ٿي. ۽ هتي آءٌ پهريائين ان غلط فهميءَ کي دور ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان جنهن تحت قرآن شريف طرفان خدا تعالىٰ کي نور ڪوٺڻ جي ڪري فارنيل صاحب غلط راه قائم ڪري ويڌو آهي. آءٌ پوري آيت، جنهن جو هن صرف ڪجهه حصو پيش ڪيو آهي، هيٺئين ريت آهي:

الله نورالسمٰوات و الارض ؕ مثل نوره كمشكوٰة فيها مصباح ؕ المصباح في الزجاجه ؕ الزجاجه كانه كوكب دري ؔ يوقد (٣٥:٢٤)

"الله تعالىٰ آسمانن ۽ زمين جو نور آهي. سندس روشنيءَ جو مثال اهڙيءَ طرح آهي جئن هڪ ڏيئو ڪنهن جاري ۽ رکيل هجي. مگر اهو ڏيئو هڪ فانوس ۾ تنڊ آهي ۽ فانوس جو مثال اهڙي طرح آهي جئن ڪو چمڪندڙ ستارو."

جيتوڻيڪ هن آيت جي پهرئين حصي منجهان ڪنهن حد تائين اهو تاثر ملي ٿو تہ واقعي انفراديت کي خدا جي تصور کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. مگر جڏهن اسين روشنيءَ واري استعاري تي گهرو غور و خوض ڪريون ٿا، تڏهن گهڻو بلڪل الٽي نظر اچي ٿي. بلڪ جئن جئن اڳتي وڌون ٿا تہ ان خيال جي نفي ڏينڊي وڃي ٿي، جنهن تحت خدا کي ڪنهن اهڙي شيءِ وانگر سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جي نہ ڪا شڪل آهي نہ صورت. اهوئي سبب آهي جنهن ڪري هن استعاري ۾ پهريائين روشنيءَ کي هڪ شعلي ۾ مرڪوز ڏيکاريو ويو آهي، ان ڪانپوءِ سندس انفراديت تي وڌيڪ

زور ڏيڻ لاءِ ڪيس هڪ قانوس ۾ بند چاڻايو ويو آهي، ۽ ان کي وري هڪ ستاري سان تشبيهه ڏني وئي آهي، جو تہ ستاري کي پنهنجو هڪ مخصوص ۽ متعين وجود ٿئي ٿو. هونئن ہ منهنجي ذاتي راءِ اها آهي تہ جتي ہ خدا جي لاءِ نور جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، پوءِ اهو اسان مسلمانن جي الهامي ڪتاب ۾ هجي يا يهودين ۽ عيسائين جي ڪتابن ۾، هينئر بهرحال ان جي تشريح ڪنهن ہي لحاظ کان ڪرڻي پوندي. جديد طبعيات جو چوڻ آهي تہ روشنيءَ جي رفتار ۾ اضافو يا واڌ ناممڪن آهي. يعني مشاهدي ڪندڙ ماڻهوءَ جو تعلق پيلي ڪٽي ڪهڑي ہ نظام حرڪت سان هجي، پر روشنيءَ جي رفتار سڀني لاءِ ساڳي رهي ٿي. ہين لفظن ۾ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هن لمحي ہ لمحي بدلجندڙ ڪائنات ۾ روشني ٿي هڪ اڻڙي شئي آهي، جنهن کي ذات مطلق سان وڌ ۾ وڌ هڪجهڙائي يا مماثلت آهي. لهٰذا جديد معلومات مطابق خدا جي باري ۾ روشنيءَ جي استعاري جو مطلب خدا پاڪ جي مطلقيت (Absolutness) آهي ۽ نہ سندس هر هنڌ موجودگي (Omnipresence)، جنهن سان اسان جو ذهن واقعي وحدت الوجود طرف منتقل ٿي وڃي ٿو.

ليڪن هتي هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو ۽ اهو هي آهي تہ ڇا انفراديت جو مطلب متناهيت نہ آهي؟ ہين لفظن ۾ جيڪڏهن خدا هڪ انا آهي يعني هڪ فرد آهي، تہ پوءِ ڪهڑيءَ طرح ڪيس لامتناهي يا لامحدود تصور ڪري سگهجي ٿو؟ ان جو جواب هي آهي تہ خدا جي لامتناهيت کي مڪاني لامتناهيت وانگر تصور ڪري نٿو سگهجي. هونئن ہ روحاني لحاظ کان محض وسعت يا جهجهائي جو ڪو ملهہ ناهي. ان کانسواءِ اسين اهو ہ ڏسي چڪا آهيون تہ زمان و مڪان جي لامتناهيت کي مطلق ڪوڙ غلط آهي. جديد سائنس مطابق فطرت ساڪن يا غير متحرڪ شئي ناهي ۽ نہ وري اڪٽ پولار ۾ واقع آهي. بلڪ

فطرت هڪ ٻئي سان مربوط واقعات جي هڪ ترڪيب يا تنظيم آهي، انهن واقعات جي باهمي نسبت منجهان ئي زمان و مڪان جا تصورات جنم وٺن ٿا. ٻين لفظن ۾ اسين هيئن چئي سگهون ٿا ته مطلق انا جي تخليقي عمل کي سمجهڻ لاءِ فڪر جيڪي رستا يا طريقا اختيار ڪري ٿو، تن کي زمان و مڪان جو نالو ڏنو ويو آهي. درحقيقت زمان و مڪان مطلق انا جي امڪانات جو ٻيو نالو آهي ۽ اسين پنهنجي رياضياتي زمان و مڪان ۾ ان جي صرف هڪ جهلڪ محسوس ڪري سگهون ٿا. مطلب ته خدا جي ذات ۽ سندس تخليقي عمل جي ماورا، ڪنهن به اڻڄاڻي زمان و مڪان جو وجود ڪونهي، جو اسين ڪيس ٻي ڪنهن انا جي زمان و مڪان جي لحاظ کان محدود قرار ڏيون. لهٰذا مطلق انا هڪ ته مڪاني طور لامتناهي ناهي، ٻيو ته اسان انسانن وانگر اڻڄاڻ طرح مڪاني طور محدود ناهي، جڏهن طرح اسان عام طور ڏسي ٿا ڪنهن الڳ هئڻ ڪري محدود آهيون. درحقيقت خدا جي لامتناهيت مان مراد سندس تخليقي عمل جا اهي لامحدود امڪانات آهن جيڪي سندس ذات ۾ مضمر آهن. باقي هي ڪائنات، جنهن جي باري ۾ اسان کي ٿوري گهڻي ڄاڻ آهي، سندس ذات جو صرف جُزوي مظهر آهي. مطلب ڪائنات جو ته خدا جي لامتناهيت اندروني آهي، بيروني ناهي. يعني سندس ذات هڪ لامحدود سلسلي تي مشتمل ضرور آهي، پر بذات خود اهو سلسلو نه آهي.

قرآن شريف خالص عقلي لحاظ کان خدا جي تصور جا جيڪي ٻيا اهم جُزا ڄاڻايا آهن، سي هن ريت آهن. خدا جي خالقيت، سندس علم، قدرت ڪامله ۽ ابديت يعني دائميت. هينئر اسين واري وڻي سان انهن تي روشني وجهنداسون.

هن سلسلي ۾ پهرين ڪائنات اها آهي ته محدود ذهن جي لاءِ فطرت جي حيثيت هڪ اڻڄاڻ بالمقابل غير جي آهي، جنهن کي

پنهنجو مستقل وجود آهي. اهڙيءَ صورت ۾ اسانجو ذهن فطرت جي باري ۾ جاڻ ۾ حاصل ڪري سگهي ٿو پر ان جي تخليق ڪري نٿو سگهي. اهو ئي سبب آهي جو اسين سندس تخليق کي ماضيءَ جو هڪ مخصوص واقعو تصور ڪندا آهيون، يعني هيءَ ڪائنات هميشه ڏهيل ڏُکيل نظر ايندي آهي. ۽ن لفظن ۾ هن ڪائنات جو پنهنجي صانع سان زنده تعلق نه آهي ۽ هڪ سندس حيثيت هڪ تماشائيءَ جي آهي. درحقيقت محدود ذهن جي اها بنيادي تنگ نظري هئي جنهن جي ڪري نظريہ تخليق جي باري ۾ الٰهيات جا عالم لا يعني بحثن ۾ الجهي ويا، ڇو ته ان لحاظ کان ڏٺو وڃي ٿو ته هن ڪائنات جي حيثيت فقط هڪ واقعي جهڙي آهي يعني ته سندس تخليق عمل ۾ نه آئي آهي. لهٰذا هتي اصلي سوال جيڪو اسين پڇڻ گهرون ٿا، اهو هي آهي ته ڇا خدا جي آڏو هن ڪائنات جي حيثيت واقعي هڪ "غير" جهڙي آهي، ۽ ان ڪري ڇا سندن وچ ۾ واقعي مڪان حائل آهي؟ هن سوال جو جواب هي آهي ته خدا جي لاءِ ڪابہ تخليق مخصوص واقعو ناهي، جو اسين ان جي "اڳ" يا "پوءِ" جو تعين ڪري سگهون. مطلب ته ڪائنات قائم بالذات يا آزاد حقيقت ناهي، جو اسين ڪيس خدا جو غير ڪوٺي سگهون. ڇاڪاڻ ته هونئن خالق ۽ مخلوق جو مطلب ٿيندو ته اهي ٻئي جدا جدا وجود آهن، جيڪي اڪٽ پولاري ٽانڊ ۾ هڪ ٻئي جي آڏو موجود آهن. ليڪن اسين اهو اڳ ۾ بہ چئي چڪا آهيون ته زمان و مڪان يا مادو، ٻئي هڪ قسم جا طريقا آهن جيڪي اسانجي فڪر خدا تعالىٰ جي تخليقي توانائي کي سمجهڻ لاءِ اختيار ڪيا آهن. ۽ن لفظن ۾ زمان و مڪان کي پنهنجي ليکي مستقل وجود ڪونهي ڇاڪ اهي حيات- خداونديءَ کي سمجهڻ جا عقلي يا فڪري طريقا آهن. ڇيو وڃي ٿو ته هڪ دفعي مشهور بزرگ بايزيد بسطاميءَ جي مريدن ۾ تخليق جو مسئلو زير- بحث آيو. هڪڙي مريد عام نقطہ- نظر جي ترجماني

ڪندي چيو: "ڪو وقت اهڙو به هيو جڏهن صرف خدا جو وجود هو ۽ ان کانسواءِ ٻيو ڪا شئي نه هئي." ان تي شيخ وراڻيو: "پلا هينئر ڇا آهي؟ هينئر به تہ ساڳي ڳالهہ آهي، جئن ان وقت هئي. يعني هينئر به تہ صرف خدا جو وجود آهي." لهٰذا مادي جي اها حيثيت قطعاً ڪونهي تہ ڪو شروع کان وٺي خدا سان گڏ موجود آهي ۽ خدا پاڻ مٿس ٻاهران يا پري کان عمل ڪري رهيو آهي. دراصل مادو يا هيءَ ڪائنات هڪ مسلسل عمل آهي، جنهن کي فڪر هڪ ٻئي کان الڳ ۽ مختلف حصن ۾ ورهائي ڪيس ڪثرت جو روپ ڏئي ٿو. پروفيسر ايڊنگٽن (Eddington) پنهنجي ڪتاب "زمان و مڪان ۽ ڪشش ثقل" (Space, Time and Gravitation) ۾ هن مسئلي تي وڌيڪ روشني وڌي آهي. هتي آءٌ سندس ڪتاب منجهان هڪ اقتباس پيش ڪريان ٿو.

"اسانجي دنيا نقطن تي ٻڌل واقعات جي هڪ اهڙي دنيا آهي جتي سندن وقفن جي وچ ۾ ڪجهہ بنيادي نسبتون ٿين ٿيون. اهي نسبتون اهڙيون آهن جو جيڪڏهن اسين چاهيون تہ عالمِ فطرت جي مختلف حالتن جي پيش- نظر، منجهن رياضياتي لحاظ کان ٻين به گهڻرين لاتعداد نسبتن ۽ صفتن جو اضافو ڪري سگهون ٿا. ان جو مثال ائين آهي جئن ڏرتيءَ جي ڪنهن ويران علاقي ۾ لاتعداد ٻيچرا يا رستا هجن. پر جئن تہ ڪنهن ماڻهوءَ اتان لنگهڻ شروع نہ ڪيو آهي، تنهنڪري اهي اسانجي اکين کان اوجهل آهن. ساڳيءَ ريت فطرت جون اهي صفتون اسان جي نظرن کان تيستائين اوجهل آهن جيستائين ڪو نہ ڪو ذهن سندن انتخاب نٿو ڪري، ۽ ان کان پوءِ ئي اسين

سندن اهميت کان واقف ٿيون ٿا. حقيقت اها آهي ته انهن صفتن جي چند چاڻ دوران اسانجو ذهن مادي جي وجود کان واقف ٿئي ٿو. ان جو مثال اهڙيءَ طرح آهي جڏن سفيد روشنيءَ جا ٽڙيل پکڙيل ڪرڻا منشور مان گذرڻ کان پوءِ انڊلٽ جا رنگ ٿاهي ٻيهندا آهن. هونئن ٻ اسانجو ذهن دائميت جي جستجو ڪري ٿو ۽ عارضي ڳالهين کي ٺڪرائي ٿو. انهن نسبتن جو رياضياتي مطالعو ٻڌائي ٿو ته انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ جو صرف هڪڙو طريقو آهي ۽ اهو هي ته ڪنهن هڪ صفت کي هن دنيا جو دائمي جوهر قرار ڏنو وڃي، ۽ ان کان پوءِ ادراڪ پذير زمان و مڪان جي تقسيم ذريعي کيس دائمي حيثيت ڏني وڃي. اهڙيءَ طرح هابسن (Hobson) جي هن انتخاب جو اهو نتيجو نڪري ٿو جو اسين مجبوراً ڪشش ثقل جي قانون کانسواءِ ميڪانيات ۽ جاميٽريءَ جي اصولن کي ٻ ميڙ لاءِ تيار ٿي وڃون ٿا. لهٰذا انهيءَ ڇوڙ ۽ ڪو وڌاءُ ڪونهي ته دائميت جي انهيءَ جستجوءَ طبعيات جي دنيا کي جنم ڏنو آهي."

پروفيسر ايڊنگٽن جي مٿئين اقتباس جو آخري جملو نهايت معنيٰ خيز آهي، ڇو ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته طبعياتدانن کي پنهنجن ٿي طريقن منجهان، ان ڳالهه جو سراغ لڳائڻو آهي ته سندن ذهن، جنهن بظاهر دائمي دنيا جي هڪ ڏيک کي دائمي قرار ڏئي چڪو آهي، ڇا ان جو واسطو ايڏا ڪنهن زياده دائمي وجود سان ته نه آهي؟ ليڪن اهڙي دائمي وجود جو تصور جنهن ۽ تغير ۽ ثبات جهڙيون مخالف صفتون ٻ موجود هجن،

هڪ "ذات" يا "انا" جي صورت ۾ ئي ڪري سگهجي ٿو، جو تہ تڏهن ئي اسان ڪيس ساڳي وقت مستقل ۽ متغير ڪوٺي سگهون ٿا.

مگر هتي هڪ ٻيو سوال پيدا ٿئي ٿو ۽ ان کان اڳ جو اسين اڳتي وڌون ان جو جواب ڏيڻ ضروري آهي. سوال هي آهي تہ خدا تعالىٰ جو تخليقي عمل ڪهڙيءَ ريت مخلوق جي پيدائش جو سبب بنجي ٿو؟ هن سلسلي ۾ اسلامي الٰهيات جو وڏ ۾ وڏ متشرع ۽ اڄ ڏينهن تائين مقبول مذهب اشعرين جو آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ خدا جي تخليق جو طريقو ايٽمي يعني جوهري نوعيت جو آهي. معلوم ٿو ٿئي تہ سندن انهيءَ عقيدي جو بنياد قرآن پاڪ جي هيٺين آيت هئي:

و ان من شيء الاعندنا خزائنه وما ننزله الا بقدر معلوم (١٥:٢١)

"اهڙي ڪا شيءِ ناهي جنهن جا اسانوت خزانا نہ هجن ۽ اسين هر شيءِ کي مقرر انداز ۾ هيٺ موڪليون ٿا."

اسلامي دنيا ۾ جوهريت (Atomism) جي نظريي جي نشو و نما اسلامي فڪر ۽ فلسفي جي تاريخ جو هڪ نهايت دلچسپ باب آهي. جو تہ ارسطو ڪائنات جي باري ۾ جيڪو غير متحرڪ نظريو پيش ڪيو هو، ان سلسلي ۾ هيءَ ڳالهہ مسلمانن جي ذهني بغاوت جو پهريون اهڃاڻ هئي. هڪ طرف بصري جي مڪتبِ فڪر جو بنياد ابو هاشم (٩٣٣ع) رکيو تہ ٻئي طرف بغداد جي مڪتبِ فڪر جو بنياد ابوبڪر باقلانيءَ (١٠١٢ع) رکيو. ليڪن ٻنهي منجهان وري باقلاني ٻنهنجي جسارتِ فڪر ۽ صحيح خيال هجڻ ڪري نهايت ممتاز آهي. انهن نظرين کي

اڳتي هلي تيرهين صديءَ دوران موسيٰ ميمونيڊس (Moses Mammonides) نالي يهودي عالم، جنهن اندلس جي اسلامي درسگاهن ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي، نهايت جامعيت سان پنهنجي ڪتاب "گمراه لاءِ هدايت" (Guide of the Perplexed) ۾ بيان ڪيو. انهيءَ ڪتاب جو فرينچ ترجمو مُنڪ (Munk) سنه ١٨١٦ع ۾ پڌرو ڪيو ۽ تازو ويجهڙائيءَ ۾ امريڪا جي پروفيسر ميڪڊونالڊ (Macdonald) انهيءَ ڪتاب جي ڪجهه حصن جي وضاحت آئيسس (Isis) ۾ ڪئي آهي، جتان وري ڊاڪٽر زويمر (Zwemer) ان کي سنه ١٩٢٨ع ۾ ڦير مسلم ورلڊ ۾ شايع ڪرايو. ليڪن افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته پروفيسر ميڪڊونالڊ انهن اسبابن جي کوج لڳائڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي آهي جيڪي علم ڪلام ۾ جوهريت جي نظريي جو ڪارڻ بنيا هئا. هو اها گاڏهه تسليم ڪري ٿو ته يوناني فلسفي ۾ اسلامي جوهريت جهڙي ڪا شيءِ موجود نه آهي. ۽ صرف ان گاڏهه کان بچڻ خاطر ته جئن مسلمان مفڪرن کي نه اهو اعزاز ڏيڻو پوي، هو اسلامي نظريي ۽ يڪ مذهب جي هڪ فرقي جي خيالات ۾ سطحي مشابهت تلاش ڪري ٿو، ۽ ان کان پوءِ جلد ئي اهو فيصلو صادر ڪري ٿو ته مسلمانن ۾ انهيءَ نظريي جي ابتدا جو ڪارڻ پڌڻت جا اثرات آهن. بدقسمتيءَ سان هتي اڄ گاڏهه ممڪن نه آهي جو هن خالص فلسفيانه نظريي جي بنيادي سرچشمي جو تفصيلي جائزو وٺي سگهجي. آءٌ صرف سندس خاص خاص پهلوئن تي روشني وجهڻ ۽ سان ڳڻ، اهو ڊيڪارٽ جي ڪوشش ڪندس ته جديد طبعيات جي روشنيءَ ۾ انهيءَ نظريي جي نئين سر تشڪيل ڪهڙيءَ ريت ڪري سگهجي ٿي.

اسعرين جو خيال هو ته هيءَ ڪائنات تمام ننڍڙن ذرڙن جي ٺهيل آهي ۽ اهي ذرڙا ايترا ننڍڙا آهن جو ڪين وڌيڪ

ورهائي نٿو سگهجي. انهن ذرڙن کي هو "جواهر" کوڙين ٿا. مگر جئن تہ خالق ڪائنات جو تخليقي عمل اڻ کٽ، آهي، ان ڪري انهن جواهرن جو تعداد بہ لامحدود آهي. هر گهڙيءَ نوان نوان جواهر پيدا ٿيندا رهن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح هن ڪائنات ۾ اضافو يا واڌ ايندي رهي ٿي. هن سلسلي ۾ قرآن شريف جو ارشاد آهي: "و الله يزيد في الخلق ما يشاءُ" يعني خدا تعالىٰ کي جئن وڻي ٿو تئين پنهنجي مخلوقات ۾ اضافو ڪري ٿو. ليڪن ياد رکڻ گهرجي تہ ايٽم يا جوهر جي حقيقت جو ذاومدار سندس وجود تہ نہ آهي. ٻين لفظن ۾ سندن وجود ڪ اهڙي صفت آهي جيڪا خدا تعالىٰ کين عطا ڪري ٿو ۽ جيستائين کين اها صفت عطا نہ ٿي آهي، تيسين ڇڻ تہ اهي جواهر قدرت جي پردي ۾ پوشيده آهن. سندن وجود ۾ اچڻ جو مطلب آهي تہ قدرت خداونديءَ کين ڪ سُرَڻي شڪل اختيار ڪئي آهي. دراصل ايٽم کي نہ ڏيکهہ آهي نہ ويڪر، صرف سندس جڳهہ جو تعين ڪري سگهجي ٿو، سو بہ مڪاني لحاظ کان نہ. يعني سندس جاءِ وقوع آهي پر ان لاءِ هو مڪان جو محتاج نہ آهي. هونئن بہ جڏهن لاتعداد جواهر گڏجن ٿا تڏهن مڪان جي تخليق جو باعث بنجن ٿا. اهوئي سبب آهي جو ابن حزم هن نظريي تي تنقيد ڪندي نهايت صحيح چيو هو تہ ان لحاظ کان قرآني اصطلاح موجب تخليقي عمل ۽ مخلوق ۾ ڪو فرق نہ رهندو. مطلب تہ هر شيءِ بنيادي طور جوهري اعمالن جو مجموعو آهي. باقي رهيو سوال تہ اهڙي "جوهري عمل" جو تصور ڪهڙيءَ ريت ڪري سگهجي ٿو، ان جو جواب هي آهي تہ اهڙي عمل جي ذهني تصوير قائم ڪرڻ بهرحال ڏکي آهي. مگر هتي اها ڳالهہ قابل توجہ آهي تہ جديد طبعيات جي چوڻ مطابق، ڪنهن بہ طبعي شيءِ جي ايٽم يعني جوهر جو تصور ٿو، صرف "عمل" جي صورت ۾ ڪري سگهجي ٿو. هن سلسلي ۾ پروفيسر ايڊنگٽن جو چوڻ آهي تہ جمتوڙيڪ عمل جي مزيد

تقسيم جو نظريو ايجا پوريءَ ريت وجود ۾ نہ آيو آهي، پر خيال آهي تہ ان ۾ به "جوهريت عمل" جو قانون ضرور کارفرما هوندو. هاڻي ان لحاظ کان ڏسجي ٿو تہ الیکٹران جو وجود ٻن کنهن نہ کنهن نموني ۾ انهيءَ قانون سان منسلڪ نظر اچي ٿو.

اسان اهو اڳ ۾ به چئي آيا آهيون تہ جيستائين ايٽم جي جاه وقوع جو تعلق آهي تہ هو مڪان کان آزاد آهي. لهٰذا سوال پيدا ٿو ٿئي تہ اهڙيءَ صورت ۾ اسين حرڪت جي باري ۾ کهڙي راءِ قائم ڪري سگهون ٿا؟ جو تہ حرڪت جو مطلب آهي تہ اهي ايٽم مڪاني لحاظ کان چُر پر ڪري رهيا آهن. هاڻي جئن تہ اشعري ان خيال جا هيا تہ جڏهن لاتعداد جواهر ڪڏجن ٿا تڏهن اهي مڪان جي تخليق جو باعث بنجن ٿا، لهٰذا هو حرڪت جو اهو تصور قائم ڪري نہ ٿي سگهيا؛ جنهن مطابق ڪو جسم انهن سڀني مڪاني نقطن مان گذري ٿو، جيڪي ڪنهن خاص مفاصلي جي ابتدا ۽ انتها درميان واقع ٿين ٿا. جو تہ ان جو مطلب وري اهو ٿيندو تہ هي پولار يا خلا مستقل حقيقت آهي. درحقيقت انهي "خالي مڪان" واري مسئلي کي منهن ڏيڻ خاطر نظام "طفره" يعني ٽپن ڏيڻ جو تصور پيش ڪيو هو. هو چوي ٿو تہ کنهن به جسم جي حرڪت منجهان اهو سمجهڻ نہ گهرجي تہ ڪو اهو جسم هڪڙي مڪاني نقطي کان ٻئي مڪاني نقطي تائين سفر ڪري پهچي ٿو، بلڪ اهو جسم انهن ٻن نقطن درميان دراصل ٽپا ڏئي ٿو. مطلب تہ تيز يا سست حرڪت، پنهي صورتن ۾ رفتار يڪسان رهي ٿي. فرق صرف اهو آهي تہ سست حرڪت جي صورت ۾ سڪون جي نقطن جو تعداد گهڻو ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ ذاتي طور آءٌ ان خيال جو آهيان تہ نظام جو هي تصور مسئلي جو حل ناهي، پر هتي آءٌ اهو ٻڌائڻ ٻڌ ضروري سمجهان ٿو تہ ايٽم جو

جديد نظريو ۽ ساڳي مشڪلات سان دوچار آهي، جو تہ اهو ۽ ساڳئي قسم جو حل پيش ڪري ٿو. هن سلسلي ۾ پلئنڪ (Planck) جي نظريہ مقادير (Quantum Theory) بابت جيڪي تجربا ڪيا ويا آهن، اهي پڻ ٻڌائن ٿا تہ ايٽم جو مڪاني لحاظ کان مسلسل رستو طئ ڪرڻ ناممڪن آهي. تقريباً ساڳئي قسم جي وضاحت پروفيسر وائيٽ هيڊ ڪئي آهي. "هو پنهنجي ڪتاب "سائنس ۽ جديد دنيا" (Science and the Modern World) ۾ هن طرح رقمطراز آهي:

> "هن سلسلي ۾ وڌيڪ قابلِ قبول توجيہ شايد اها ٿيندي تہ اليڪٽران مڪاني لحاظ کان يڪو فاصلو طئ ڪونہ ٿو ڪري يعني مسلسل حرڪت نہ ٿو ڪري. بلڪ ائين چئجي تہ اليڪٽران جو وجود مڪاني لحاظ کان وقفي وقفي کان پوءِ مختلف هنڌن تي متواتر ظاهر ٿيندو رهي ٿو. ان جو مثال هي سمجهو؛ جئن ڪا موٽر ڪار ڏيهہ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلندي هجي، ۽ بجاءِ ان جي، جو اها ڪار مسلسل ساڳئي رستي تي سفر ڪندي هجي، اها ڪار صرف هر ميل جي نشان تي ظاهر ٿئي ٿي ۽ پن منٽن لاءِ ان نشان تي بيهي ٿي."

اشعرين جي نظريہ تخليق جو ٻيو خاص پهلو اعراض جو مسئلو آهي. هنن جو خيال هو تہ جوهر يعني ايٽم جو وجود تڏهن برقرار رهي سگهي ٿو جڏهن اعراض جي مسلسل تخليق ٿيندي رهي. پن لفظن ۾ ائين چئجي تہ جيڪڏهن خدا تعالىٰ اعراض جي تخليق جو سلسلو بند ڪري ڇڏي تہ جيڪر جوهر جو وجود بہ بحيثيت جوهر ختم ٿي وڃي. ازانسواءِ هر جوهر

مثبت يا منفي خاصيتن جو مالڪ ٿئي ٿو. اهي خاصيتون هميشه مخالف جوڙي جي شڪل ۾ هونديون آهن جئن زندگي ۽ موت، حرڪت ۽ سڪون وغيره. مگر عملي طور ڪين ڪوبہ ثبات حاصل نہ هوندو آهي. مطلب تہ هتي ہ قضيا اسانجي آڏو اچن ٿا:

(١) هر شئي تغيّر پذير آهي.

(٢) نظام ِ جواهر هڪڙو ئي آهي.

لهٰذا روح يا تہ مادي جي لطيف شڪل آهي يا محض عرض آهي. منهنجو خيال آهي تہ پهريون قضيو، جنهن ۾ اشعرين تخليق جي هڪ مسلسل نظريي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، گهٽي صداقت جو حامل آهي. آءٌ هن ڪان اڳ بہ اهو چئي چڪو آهيان تہ مجموعي طور قرآن شريف جو نقطہ نظر ڪلاسيڪي فڪر جي خلاف آهي. لهٰذا منهنجي نظر ۾ اشعرين مشيّت ِ مطلق يا قدرت ِ مطلق کي بنياد بڻائي، جيڪو تخليق ِ عالم جو نظريو پيش ڪيو آهي، اهو پنهنجي خامين جي باوجود ارسطوءَ جي ساڪن ۽ غير متحرڪ ڪائنات واري نظريي جي پيٽ ۾، قرآني نقطہ نظر جي گهڻو قريب آهي. هينئر اهو مستقبل جي عالمن جو ڪم آهي تہ هو هن نظريي کي وري نئين سر اهڙيءَ طرح پيش ڪن، جئن اهو جديد سائنس جي قريب تر معلوم ٿئي، ڇو تہ جديد سائنس ڀڻ انهيءَ ساڳي طرف وڃي رهي آهي. باقي ٻيو قضيو خالص مادیت سان تعلق رکي ٿو، ۽ منهنجي خيال مطابق اشعرين جي اها راءِ تہ "نفس" خود عرض آهي، سندن پنهنجي ئي نظريي جي حقيقي تقاضائن جي خلاف آهي، ڇو تہ هن نظريي مطابق جوهر جي مسلسل هستيءَ جو دارومدار اعراض جي مسلسل تخليق تي آهي. هاڻي اها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ وقت ڪانسواءِ حرڪت جو تصور ڪرڻ ناممڪن آهي. وري جئن تہ وقت جو تعلق نفس سان ٿئي ٿو،

لهڏا ثابت ٿيو تہ حرڪت جي مقابلي ۾ وقت جي نوعيت زياده بنيادي يا اساسي آهي. پين لفظن ۾ روحاني زندگيءَ جي نفيءَ جو مطلب وقت جي نفي آهي ۽ وقت جو انڪار معنيٰ حرڪت جو انڪار. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اشعري جنهن شيءَ کي عرض ڪوٺين ٿا، اها ئي جوهر جي مسلسل هستيءَ جو سبب آهي. هونئن ۽ جڏهن جوهر کي وجود جي صفت عطا ٿئي ٿي، تڏهن اهو مڪاني حيثيت اختيار ڪري ٿو. گويا جوهر کي خدائي قدرت جي هڪ درجي ڏيڻ جو مطلب آهي تہ سندس اصليت روحاني نوعيت جي آهي. مطلب تہ نفس خالص عمل آهي ۽ جسم ان عمل جي نظر ايندڙ شڪل، ان ڪري جسم قابل پيمائش ٿڻ آهي. حقيقت اها آهي تہ اشعري ڪنهن حد تائين نقاط و لمحات جي جديد تصور تائين پهچي چڪا هئا، البت هو سندن باهمي تعلق کي سمجهڻ ۾ ناڪام ويا. وري لمحي جو وجود زياده بنيادي اهميت جو حامل آهي، حالانڪ نقطي کي لمحي کان الڳ رکڻ ناممڪن آهي، ڇو تہ لمحو ظاهر ٿئي نقطي جي صورت ۾ ٿيندو آهي. نقطو بذات خود ڪا شيءَ ناهي، بلڪ لمحي کي ڏسڻ جو هڪ انداز نظر آهي. لهڏا رومي، غزاليءَ جي پيٺ ۾ اسلامي روح جي زياده قريب آهي، جڏهن هو اهو چوي ٿو تہ:

پيڪر زما هست شد نے ما ازو
باده از ما مست شد نے ما ازو

مطلب تہ حقيقت پنهنجي اصليت جي لحاظ کان يعني بنيادي طور محض روح آهي. اها ئي گالهہ آهي تہ روح جا ٻہ درجا آهن. اسلامي فڪر جي تاريخ ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي مقتول جي تحريرن ۾ روحاني درجات جو ذڪر ملي ٿو. جديد دور ۾ هيگل وري ان نظريي کي ڪافي شرح و سبط سان بيان ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ ويجهڙائيءَ ۾ وري هالڊين جي ڪتاب

"اضافيت جي حڪمراني (Reign of Relativity)" ۾، جڪو هن پنهنجي مرڻ کان ٿورو اڳ شايع ڪيو هو، تنهن ۾ ان گالهه جو ڪافي ذڪر ملي ٿو. بهرحال منهنجي راءِ آهي ته مطلق حقيقت جو تصور "انا" جي صورت ۾ ئي ڪري ڪجي، ۽ مان اهو پڻ سمجهان ٿو ته "انا" منجهان "انا" جو صدور ٿئي ٿو. يا ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي ته مطلق انا جي تخليقي قدرت، جنهن جي لاءِ فڪر ۽ عمل هڪجهڙي حيثيت رکن ٿا، پنهنجو اظهار وحدتن جي اهڙي شڪل ۾ ڪري ٿي، جن کي اسين وري ٻه انا جو نالو ڏيون ٿا. مطلب ته ڪائنات جو هرعمل، پوءِ ان جو تعلق مادي ايٽم جي ميڪانيڪي حرڪت سان هجي، يا انساني فڪر جي آزادانه حرڪت سان، پنهنجي صورتن ۾ سندن حقيقت ان عظيم انا جي انڪشافِ ذات کانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي، جيڪا واقعي "آءٌ عظيم آهيان" جي مصداق آهي. هاڻي ان لحاظ سان ڏسجي ته خدا جي قدرت جو هر ذرو يعني هر ايٽم، پوءِ اهو پنهنجي هستيءَ جي لحاظ کان ڪيڏو به پست ڇو نه هجي، بهرحال هڪ "انا" آهي. البت اهو اسين اڳ ۾ ٻڌي چڪا آهيون ته انا يا خوديءَ جي اظهار جا ڪيترائي درجا آهن. مطلب ته هيءَ ماڻهاڻ يعني پوري ڪائنات خوديءَ جو هڪ اهڙو سرگرم آهي جيڪو آهستي آهستي تيز ٿي رهيو آهي ۽ انسان ان سرگرم جستجو معراج آهي. اهوئي سبب آهي جو قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي ته اسان انسان کي ساه واري رڳ کان به وڌيڪ ويجهو آهيون. گويا حياتِ خداوندي جو ابدي سرچشمو ئي اسانجي وجود جو ضامن آهي، ۽ اسانجي وجود جو مثال ان ۾ پيدا ٿيندڙ سوتين جهڙو آهي.

مطلب ته جيڪڏهن اسلام جي بهترين فڪري روايات کي آڏو رکجي، جوهريت واري نظريي جي چند ڇاڻ ڪبي ته سندس ڇاڻي روحاني عدديت تي ٿيندي نظر اچي ٿي. البت ايترو

ضرور آهي تہ هن نظريي جي جُزئيات جو تفصيل شايد مستقبل جي علماءِ الٰهيات کي ڪرڻو پوي. هتي اهو سوال پڇي سگهجي ٿو تہ ڇا قدرت جي ڪارفرمائيءَ ۾ جوهريت جو واقعي کو عمل دخل آهي، يا اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ ڪري آهي جاڪاڻ تہ اسان جي سوچ جو انداز هميشہ محدود نوعيت جو ٿئي ٿو. سان ئي سان ئي سگهان تہ سائنسي نقطئہ نظر کان آخر هن سوال جو ڪهڙو جواب ٿي سگهي ٿو؟ البت نفسياتي نقطئہ نظر کان هن سلسلي ۾ جيڪا گهالهہ پڪ سان چئي سگهجي ٿي، سا اها آهي تہ وجود حقيقي هميشہ پنهنجي حقيقت کان شعوري طور آگاه ٿئي ٿو. يعني جيترو ڪنهن شيءَ جو شعور ذات گهرو ٿئي ٿو، اوترو ئي سندس حقيقت جو درجو اعليٰ ٿئي ٿو. ازانسواءِ خودي جي اصليت ڪجهہ اهڙي قسم جي آهي جو هڪ تہ پين خودين سان لهہ وچڑ ۾ اچڻ جي باوجود ب پنهنجي ذات ڏانهن متوجہ رهي ٿي، ۽ ٻيو تہ ڪنهن پنهنجي انفراديت جو الڳ هڪ دائرو ٿئي ٿو. هڪ لحاظ کان خودي جي اها خاصيت ئي سندس اصل حقيقت جو راز آهي. هاڻي جڏن تہ انسان ۾ اها خودي تڪميل جي هڪ درجي تي پهچي چڪي آهي، لهٰذا اسين چئي سگهون ٿا تہ انسان قدرت جي تخليقي عمل ۾ هڪ مستقل حيثيت جو مالڪ آهي، ۽ سندس وجود موجودات عالم جي پيٽ ۾ زياده حقيقي آهي. مطلب تہ سموري مخلوقات ۾ صرف انسان ئي ان گهالهہ جي قابل آهي تہ هو صانع عالم جي تخليقي زندگيءَ ۾ ارادي طور حصو وٺي سگهي. ازانسواءِ انسان کي ان گهالهہ جو پڻ اهل بنايو ويو آهي تہ هو هڪ خوب تر دنيا جي تلاش ڪري، ۽ جيڪي ڪجهہ وڌ موجود آهي ان کي آدرش جي تڪميل لاءِ استعمال ڪري. لهٰذا هڪ اهڙي خودي جيڪا هر گهڙي وڌيڪ يڪتا پنهن گهري ٿي، ۽ وڌيڪ جامع انفراديت رکڻ گهري ٿي؛ ان کي ڪهي تہ پنهنجي اڻ کٽ سفر دوران اردگرد جي ماحول جو مڪمل طور استفادو ڪري. ليڪن هن مسئلي کي پوريءَ ريت سمجهڻ لاءِ اڃا اوهان کي

اهو عرض ڪندس تہ منهنجي ٻڌي ليڪچر يعني "خودي، سندس آزادي ۽ بقا" جو انتظار ڪريو ـ في الحال آءٌ اشعرين جي جوهري وقت بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪرڻ گهران ٿو، جيڪو منهنجي خيال ۾ سندن تخليقي نظريي جو ڪمزور پهلو آهي. وري اهو ان ڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ هينئر اسين خدا تعاليٰ جي "ابديت" واري صفت کي زير بحث آڻي گهرون ٿا.

حقيقت اها آهي تہ وقت جو مسئلو شروع کانوئي مسلمان مفڪرن ۽ صوفين جي وڏي دلچسپيءَ جو باعث رهيو آهي. انجو هڪڙو سبب اهو آهي تہ قرآن شريف ڏينهن ۽ رات جي بدلجڻ کي خدا تعاليٰ جي وڏين نشانين ۾ شمار ڪيو آهي. ان کانسواءِ نبي اڪرم صلعم جن وقت کي خدا تعاليٰ جي ذات جي مترادف ڪوٺيو آهي. هن سلسلي ۾ اسان هڪ حديث ڏانهن اڳ ۾ اشارو ڪري آيا آهيون، شايد اهو ئي سبب آهي جو ڪيترن اڪابر صوفين لفظ "دهر" يعني زماني ڏانهن ڪيترين پراسرار معنائون منسوب ڪيون آهن. محي الدين ابن العربيءَ جو چوڻ آهي تہ دهر خدا تعاليٰ جي اسماءِ حسنيٰ منجهان هڪ آهي. ساڳيءَ طرح امام رازي قرآن مجيد جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ ڪيس ڪيترن صوفي بزرگن لفظ "دهر"، "ديهور" يا "ديهار" جي ورد ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي.

بهرحال اسلامي فڪر جي تاريخ ۾ اشعرين سڀ کان پهرئين وقت جي حقيقت تي فلسفانہ لحاظ کان روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اشعرين جو چوڻ هو تہ وقت منفرد "آنات" يا لمحات جي تواتر جو نالو آهي. انجو مطلب اهو ٿيو تہ وقت جي ڪن ٻن لمحن درميان هڪ اڌڙو وقفو ٿئي ٿو جنهن کي بلڪل خالي ڇئي سگهجي ٿو يا جنهن کي وقت جو خال ڪوئي سگهجي ٿو. پر هڪ لحاظ کان هيءَ گالهہ بلڪل بي معنيٰ آهي ڇاڪاڻ تہ اشعري وقت جو مطالعو خارجي لحاظ کان ڪري رهيا هئا.

لڳي ٿو ته هن يوناني فڪر جي تاريخ مان ڪو سبق نه پرايو
ويو، ڇو ته يونانين به وقت جي باري ۾ ساڳيو نقطهٔ نظر اختيار
ڪيو هو ۽ هو ان ڪنهن نتيجي تي نه پهتا هئا. اسان جي
موجوده دور ۾ وري نيوٽن جي اها راءِ هئي ته وقت هڪ اهڙي
شيءِ آهي جيڪو پنهنجي ذات ۾ حقيقت جي آثار تي همٻشه
ساڳئي انداز سان هلندو رهي ٿو. درحقيقت نيوٽن وقت جي چال
کي ندي‌ءَ جي وهڪري سان تشبيهه ڏئي ڪيس معروضي حيثيت
ڏني آهي. لهٰذا سندس انهيءَ نظريي تي سخت اعتراض وارد ٿين
ٿا. هڪ ته جيڪڏهن ڪا شيءِ وقت جي انهيءَ وهڪري ۾
اچي ٿي ته ان کهڙا اثرات مرتب ٿين ٿا، ٻيو ته انهيءَ شيءِ
۽ بين شين ۾ جن جو واسطو انهيءَ وهڪري سان نه ٻيو آهي،
تن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ان ڪانسواءِ جيڪڏهن اسين وقت جو
تصور هڪ ندي‌ءَ جي وهڪري جي صورت ۾ ڪنداسين، ته
پوءِ اسين سندس ابتدا و انتها ۽ سندس هدن يا ڪنارن جو به
صحيح اندازو لڳائي نه سگهنداسين. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن وقت
جي حقيقت کي رڳو وهڪري يا حرڪت يا صرف گذرڻ جي
ڪيفيت تائين محدود رکيو ويو، ته پوءِ انجو مطلب اهو ٿيندو
ته جيڪو وقت ڀهريائين گذري ويو آهي، ان جي حرڪت جي
تعين لاءِ ٻيو وقت کپي، ساڳيءَ طرح ائين جي لاءِ ٻيون، ۽
اهڙيءَ طرح لامحدود سلسلو شروع ٿي پوي ٿو. لهٰذا وقت کي
مڪمل طور خارجي سمجهڻ سان ڪيترين ئي مشڪلاتون پيدا
ٿي پون ٿيون.

هتي وري هيءَ گالهه به ياد رکڻ جوڳي آهي ته عرب
عملي ذهن جا مالڪ هئا، تنهن ڪري هو يونانين وانگر وقت
کي غير حقيقي قرار ڏيڻي نه ٿي سگهيا. ان ڪانسواءِ هتي ان
گالهه جو به انڪار ڪري نه ٿو سگهجي ته جيتوڻيڪ وقت
جي ادراڪ لاءِ اسان کي ڪا خاص حس عطا ڪرڻ ٿي آهي،

ڀر پوءِ ۾ اسين اهو ڄاڻون ٿا تہ وقت هڪ ڏسڻ جو وهڪرو ضرور آهي ۽ ان ڪري سندس هڪ پهلو واقعي خارجي يا معروضي نوعيت جو آهي. ٻين لفظن ۾ وقت جو اينمي پهلو پڻ آهي. هونئن ۾ حقيقت اها آهي تہ هن باري ۾ جديد سائنس جو فيصلو پڻ اشعرين جي حمايت ۾ آهي. اهوئي سبب آهي جو ويجهڙائيءَ ۾ طبعيات وقت جي باري ۾ جيڪي انڪشاف ڪيا آهن، ان لحاظ کان مادي جو وجود تسلسل کان عاري ٿي پيو آهي. هن سلسلي ۾ پروفيسر رونگيئر (Rongier) جي ڪتاب "فلسفو ۽ طبعيات" جو هيٺيون اقتباس خاص طور قابل توجه آهي:

> "هينئر اها پراڻي چوٽي تہ فطرت ڏٻا ڪونہ ٿي ڏني غلط ثابت ٿي چڪي آهي، ڇو تہ فطرت ۾ جيڪي تبديليون رونما ٿين ٿيون، اهي درحقيقت انهن اوچتن ڏڻ جي ڪري وجود ۾ اچن ٿيون. فطرت جي ڪابہ تبديلي ناقابل ادراڪ درجہ بنديءَ جي صورت ۾ ظاهر ڪونہ ٿي ٿئي. دراصل ڪوبہ طبعي نظام مختلف مگر محدود حالتن جي پيداوار آهي. پر جيئن تہ ڪن بہ ٻن مختلف مگر لڳاتار حالتن درميان ڪائنات ساڪن رهي ٿي، لهٰذا انهيءَ گهڙي پٽاڪ دوران ڇڻ تہ وقت بہ معطل ٿي وڃي ٿو. مگر ان جو مطلب اهو ڏيندو تہ وقت جو وجود بہ مسلسل نہ آهي يعني تہ وقت جا بہ جوهر يا اينٽم ٿين ٿا."

هتي غور طلب گهاهہ اها آهي تہ اهي اشعري هجن يا جديد دور جا مفڪر، هنهي جو وقت بابت نظريو نفسياتي تجزيي تي قائم ٿيل نہ آهي. دراصل اها ئي ڪوتاه نظري هئي جنهن

ڪري اشعري وقت جي داخلي پهلوءَ جو ڪڏهن به ادراڪ ڪري نه سگهيا. بلڪ انهيءَ ناڪامي جي ڪري هو ان قسمن جي ايٽمي نظامن جا قائل ٿي ويا، جن مان ميڪڙو مادي ايٽمن جو نظام هو ته ٻيو وقت جي ايٽمن جو ۽ وري انهن ٻنهي ۽ نفسياتي تسلسل جو ڪو تعلق ڪونه هو. مطلب ته سڀ پيچيدگيون ۽ مشڪلاتون وقت جي خارجي يا معروضي تصور جي پيداوار آهن. هونئن به اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته اسين خدا جي باري ۾ ايٽمي يا جوهري وقت جو اطلاق ڪريون؟ ڇو ته ان جو مطلب اهو ٿيندو ته حياتِ خداوندي ايجان معرض تڪوين ۾ آهي جيئن پروفيسر اليگزينڈر "زمان و مڪان ۽ ذات خداوندي" (Space, Time and Deity) جي موضوع تي ڏنل ليڪچرن ۾ ان ڳالهه جو انڪشاف ڪيو آهي.

بهرحال لڳي ٿو ته اڳتي هلي انسان جا مسلمان عالم انهن مشڪلاتن کي محسوس ڪرڻ لڳا هئا، اهوئي سبب آهي جو مُلا جلال الدين دواني جي ڪتاب "زوراء" ۾ هڪ اهڙو اقتباس ۽ ملي ٿو، جنهن کي پڙهڻ سان انسان جو ذهن پروفيسر رائس جي نظريءَ وقت طرف منتقل ٿي وڃي ٿو. هو چوي ٿو، سمجهو ته اسين وقت جو تصور هڪ محدود مڪاني فاصلي جي صورت ۾ ڪري رهيا آهيون، جنهن ۾ واقعات جو اهڙيءَ ريت ظهور ٿئي ٿو جئن ڪو جلوس حرڪت ڪري رهيو هجي. هاڻي ان محدود مڪاني فاصلي کي وحدت قرار ڏيڻ جو مطلب ٿيندو ته اسين ڪيس ذات باري تعالي جي تخليقي عمل جي هڪ بنيادي حالت سمجهي رهيا آهيون، ۽ اها حالت اهڙي آهي جيڪا بعد ۾ ظاهر ٿيندڙ سڀني متواتر حالتن کي پنهنجي گهيري ۾ رکيو ويٺي آهي. ايتري چوڻ ڪافيوه مُلا دواني اها راءِ ظاهر ڪري ٿو ته وقت جي سلسلي ۾ اڳ-پوءِ يا تواتر جو وجود سراسر اضافي نوعيت جو آهي. مطلب ته خدا جي ذات لاءِ انهن جو ڪو

وجود نہ آهي يا ائين ڪٽي چئجي تہ سڀ واقعا خدا تعالىٰ جي ادراڪ دوران هڪڙي عمل جي صورت ۾ موجود ڏين ٿا. هن سلسلي ۾ مشهور صوفي شاعر عراقيءَ جي ٻڌ ساڳي راءِ آهي. هو چوي ٿو تہ وقت جا لاتعداد قسم يا درجا آهن. يعني مادیت ۽ خالص روحانيت جي وچ تي جسم جو جيڪو درجو آهي، انجي مناسبت سان سندس وقت جو درجو آهي. مثلاً مادي شين جو وقت جڏن تہ گردش افلاڪ جو نتيجو آهي لهٰذا ڪيس ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ ورهائي سگهجي ٿو. مگر هتي وقت جي اصليت جي تقاضا آهي تہ جيستائين پهريون ڏينهن نہ گذري، تيستائين ٻيو ڏينهن نہ ٿو اچي سگهي. هاڻي جيتوڻيڪ غير مادي شين جو وقت به سلسليوار نوعيت جو ٿئي ٿو، پر ان صورت ۾ هڪڙو ڏينهن مادي جسم جي هڪ سال برابر ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح جڏهن اسين غير مادي شين جي وقت کان اڳتي وڌون ٿا تہ آخرڪار خدا ئي وقت جي نوبت اچي ٿي. اهو وقت اهڙو آهي جنهن ۾ گذرڻ جي ڪيفيت ڪي مطلقاً دخل ناهي، يعني نہ تہ سندس تجزيو ڪري سگهجي ٿو، نہ منجهس تواتر آهي ۽ نہ ورې تغير يا تبديلي. اهو وقت درحقيقت دائميت يا ابديت کان به بالاتر آهي، ان جي نہ ابتدا آهي ۽ نہ انتها. گويا خدا جي اک سيني مرئيات کي ڏسي ٿي ۽ سندس ڪن سيني مسموعات کي ٻڌن ٿا. مگر اهو سڀ ڪجهہ هڪڙي ئي ناقابل تجزيہ ادراڪ جي عمل دوران ٿي وڃي ٿو. لهٰذا خدا تعالىٰ جي اوليت وقت جي اوليت جو نتيجو ناهي بلڪ وقت جي اوليت سندس اوليت جو نتيجو آهي. اهو ئي سبب آهي جو قرآن مجيد خدا جي وقت کي "ام الڪتاب" ڪوٺيو آهي. ان وقت جي نوعيت اهڙي آهي جو منجهس پورو اتهاس، علت و معلول جي قيد کان آزاد ٿي، هڪ واحد ۽ فوق الابد "آن" جي صورت ۾ جمع ٿئي ٿو.

بهرحال مسلمان عالمن منجهان امام فخر الدين رازي وقت

جي مسئلي ني نهايت گهيڙ ڏيان ڏنو آهي. هن پنهنجي ڪتاب "مقالات شرقيه" ۾ ان وقت جي مشهور نظرين جي پوريءَ ريت چنڊ چاڻ ڪئي آهي. مگر جيئن تہ سندس انداز تحقيق گهٽي قدر معروض نوعيت جو هو، لهٰذا هو هن سلسلي ۾ ڪنهن خاص نتيجي تي پهچي نہ سگهيو. هو چوي ٿو:

"مان اڃا تائين ڪنهن اهڙي نتيجي تي پهچي نہ سگهيو آهيان جو چئي سگهان تہ وقت جي ماهيت دراصل ڇا آهي؟ لهٰذا منهنجي هن ڪتاب لکڻ جو مقصد آهي تہ وقت جي باري ۾ مخالف ۽ موافق نظرين جو بي لاڳ جائزو وٺان. وقت جي معاملي ۾ مون خاص طور انهيءَ ڳالهہ ڪي ٿي مدِ نظر رکيو آهي."

هن وقت تائين ٿيندڙ بحث منجهان اها ڳالهہ چڱيءَ طرح واضح ٿي چڪي هوندي تہ جيڪڏهن وقت جي باري ۾ خالص معروضي نقطئہ نظر اختيار ڪيو ويو تہ پوءِ وقت جي اصليت جي باري ۾ اسان جي معلومات اڌوري رهجي ويندي. لهٰذا صحيح رستو اهو آهي تہ اسين پنهنجي شعوري تجربي جو چڱيءَ ريت نفسياتي تجزيو ڪريون، ۽ تہ ان صورت ۾ ٿي اسين وقت جي اصليت کان پوريءَ ريت واقف ٿي سگهنداسين. مان سمجهان ٿو هن سلسلي ۾ توهان کي اها ڳالهہ ضرور ياد هوندي تہ هن کان اڳ انسان خودي۽ جي ٻن پهلوئن يعني فعال ۽ بصير پهلوئن جو ذڪر ڪري آيا آهيون. هاڻي جيستائين بصير نفس جي زندگيءَ جو تعلق آهي تہ انجو واسطو هميشہ محض مدت سان ٿئي ٿو يعني اهو تغير آهي پر تواتر کانسواءِ. اها ئي ڳالهہ آهي تہ جڏهن انساني نفس خلوت کان جلوت ڏانهن، يا قدرآشنائيءَ کان ڪارفرمائي ڏانهن وڌڻ لڳي ٿو، يا ايان بہ ٻين لفظن ۾ جڏهن وجدان کان فڪر طرف گامزن ٿئي ٿو، تہ اهڙيءَ صورت

۽ وقت جي نوعيت ايٽمي ٿيو پوي. مطلب تہ جيڪڏهن شعوري تجربي جو صحيح نمونو ۽ جائزو ورتو وڃي، ۽ چاڪاڻ تہ اهو ئي تجربو انسان جي هر ڇاڻ جو نقطئہ آغاز آهي؛ تہ پوءِ انسان وقت جي باري ۽ هڪ اهڙو تصور قائم ڪري سگهنداسين، جيڪو ثبات ۽ تغيّر جهڙن اضداد تي مشتمل هوندو. يعني جڏهن وقت بحيثيت هڪ نامياتي وحدت ۽ ابديت کانسواءِ ايٽمي حيثيت ۽ انسان جي آڏو اچي.

هاڻي جڏهن انسان پنهنجي شعوري تجربي جي روشنيءَ ۽ انهيءَ "انا" جو تصور ڪريون ٿا جيڪا هر شيءَ تي محيط آهي ۽ وري جڏهن انسان پنهنجي متناهي خودي‌ءَ سان سندس پيٽ ڪريون ٿا؛ تڏهن معلوم ٿئي ٿو تہ مطلق انا جو وقت هڪ اهڙي تغير جي مانند آهي جنهن ۽ تواتر يعني اڳ- پوءِ جو ڪو سوال پيدا نہ ٿو ٿئي. يعني مطلق انا هڪ اهڙي نامياتي وحدت آهي جنهن ۽ جيڪڏهن جوهريت ڪارفرما نظر اچي ٿي تہ اهو سندس تخليقي حرڪت جي ڪري آهي. منهنجي خيال ۽ مير داماد ۽ ملا باقر جڏهن اهو چون ٿا تہ وقت تخليقي عمل سان گڏ وجود ۽ اچي ٿو، تڏهن سندن اهو ئي ساڳيو مقصد آهي. گويا اهڙي‌ءَ طرح مطلق انا جا غير محدود ۽ غير متعين تخليقي امڪانات وجود ۽ اچن ٿا ۽ اهڙي‌ءَ ريت سندن اندازو پڻ لڳائي سگهي ٿو.

لهٰذا هڪ طرف انا جي زندگي ابديت سان منسلڪ آهي جنهن مان منهنجي مراد تواتر کان پاڪ تغير آهي، تہ ٻئي طرف سندس واسطو سلسليوار وقت سان آهي؛ پر ان کي وري آڻ ابديت سان اهڙي نامياتي نمونو ۽ ڪنديل سمجهان ٿو، جو اهو تواتر کانسواءِ تغير جو هڪ پيمانو ٿي ڪم اچي ٿو. منهنجي خيال ۽ قرآن شريف جي هن آيت "له اختلاف الليل و النهار" جو اهوئي مطلب آهي. بهرحال مسئلي جي هن مشڪل پهلوءَ تي انسان هن

کان اڳيئين ليڪچر ۾ ڪافي بحث ڪري آيا آهيون. هينئر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته خدا تعالى جي علم واري صفت ۽ قدرت ڪاملہ تي ڪجهه بحث ڪجي.

اسان کي خبر آهي ته متناهي خودي۽ جي صورت ۾ لفظ "علم" مان اسان جي مراد استدلالي علم هوندو آهي. مگر استدلالي علم هڪ وقتي عمل ڏئي ٿو جيڪو سڀ پڇ ڪنهن "غير" تي مرڪوز هوندو آهي ۽ ان شيء کي اسين ادراڪ ڪندڙ نفس جي آڏو واقعي موجود تصور ڪندا آهيون. هاڻي جيڪڏهن ان لحاظ کان ذات باري تعالىٰ جي علم کي ڪليت جو درجو ڏيو، انجو مطلب ٿيندو ته خدا تعالىٰ جو علم بڻ سندس آڏو "غير" جي مقابلي ۾ اضافي نوعيت جو آهي. لهذا اهڙي۽ صورت ۾ خدا تعالىٰ جي ذات کان علم جو اسناد ڪري نه سگهبو، چو ته خدا تعالىٰ جي ذات هر شيء تي محيط آهي ۽ ان کانسواءِ اها ڳالهه بلڪل غلط آهي ته ڪو خدا جي ذات بڻ انساني نفس وانگر ٻن شين جي مشاهدي ۾ مصروف آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان هن کان اڳ اها راءِ قائم ڪري چڪا آهيون ته خدا تعالىٰ جي آڏو هن ڪائنات جي حيثيت هڪ اهڙي بالمقابل غير جي ناهي جيڪا قائم بالذات هجي. هونئن به هي ڪائنات "غير" يا قائم بالذات ڏهن نظر اچي ٿي جڏهن اسين سندس تخليق کي حيات خداونديۃ جو هڪ مخصوص واقعو قرار ڏيون. ليڪن هڪ اهڙي ذات جا هر شيء تي محيط آهي، ان جو ڪو غير ناهي، اهو ئي سبب آهي جو سندس فڪر ۽ عمل يا سندس جاڻ جو عمل ۽ تخليق جو عمل بلڪل هڪجهڙا آهن، منجهن ڪو فرق ناهي. پر هتي شايد اهو سوال اڀاريو وڃي ته "انا" پوءِ اها متناهي هجي يا لامتناهي، ٻنهي صورتن ۾ سندس "غير-انا" جو هڻڻ ضروري آهي، چو ته هونئن اسين انا جو تصور ئي ڪري نه ٿا سگهون. وري هي ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن مطلق انا

جو ڪو غير ناهي يعني ڪائنس ٻاهر ڪنهن شيءَ جو وجود ناهي، تہ پوءِ ڪهڙيءَ ريت اسين ڪيس "انا" ڪوٺي سگهون ٿا؟ ان سوال جو جواب هي آهي تہ اسان جو مشاهدو جهڙيءَ ريت مطلق حقيقت جو انڪشاف ڪري ٿو، ان لحاظ کان جيڪڏهن سندس مثبت تصور قائم ڪيو وڃي تہ پوءِ منطقي مشڪلاتون پيدا ئي نہ ٿينديون. هونئن بہ اسان جي مشاهدي جي ناقدانہ جائزي منجهان اها ئي گاله ثابت ٿئي ٿي تہ مطلق حقيقت بابصيرت يعني عقليت بسند زندگي آهي. ان ڪانسواءِ اسانجي پنهنجي زندگيءَ جو تجربو بہ ان گاله جي شاهدي ڏئي ٿو تہ مطلق حقيقت هڪ نامياتي ڪليت آهي. يعني اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جيڪا پنهنجو پاڻ سان وابستہ آهي، البت سندس هڪ مرڪزي نقطو ضرور آهي. هاڻي جيڪڏهن اسانجي پنهنجي زندگيءَ جي اها نوعيت آهي تہ پوءِ واقعي مطلق زندگيءَ جو تصور صرف هڪ انا جي صورت ۾ ئي ڪري سگهي ٿو. مگر ان صورتحال جي تقاضا آهي تہ هڪ اهڙي ذات جيڪا عليم و خبير آهي ۽ جنهن جو علم موجودات عالم جو بنياد آهي؛ ان ذات کان اسين محدود يا لامحدود استدلالي علم جو استاد ڪري نہ ٿا سگهون. بدقسمتيءَ سان هتي زبان اسانجي مقصد ادا ڪرڻ کان قاصر آهي. درحقيقت اسان وٽ اهڙي قسم جي علم لاءِ ڪو لفظ ئي ڪونهي جيڪو معلوم شيءَ جو خالق ٿي آهي. من سلسلي ۾ ذاتِ باري تعالىٰ جي علم واسطي اسان وٽ پيو تصور اهو آهي تہ خدا تعالىٰ جو علم ڪُلي ادراڪ جو هڪ اهڙو واحد ۽ ناقابلِ تجزيہ عمل آهي، جنهن ۾ پورو عالمِ تاريخ، جيڪو مخصوص واقعات جو هڪ سلسلو آهي؛ سڏو سئون يعني بنا ڪنهن تعلق جي هڪ ابدي "گهڙيءَ" اندر سندس علم جي احاطي ۾ اچي وڃي ٿو.

هاڻي اهو آهي آهو تصور جيڪو جلال الدين دوّانيءَ، عراقي ۽ اسانجي موجوده دور ۾ پروفيسر رائس خدا تعالىٰ جي

علم جي باري ۾ قائم ڪيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مٿيون تصور ڪنهن حد تائين صداقت جو حامل آهي، پر انجو مطلب اهو ڏيندو تہ هيءَ ڪائنات پوريءَ ريت تعمير شده آهي ۽ سندس مستقبل اڳيئي متعيّن ٿيل آهي. ان کانسواءِ اهڙيءَ صورت ۾ هيءَ ڪائنات مخصوص واقعات جو هڪ اڻوٽ سلسلو فراهم ڪري ٿي جنهن ۾ ڪا تبديلي ممڪن نظر ڪونہ ٿي اچي. ٻين لفظن ۾ هيءَ ڪائنات هڪ اهڙي اٽل قسمت جيان آهي، جنهن خدا تعالىٰ جي تخليقي عمل لاءِ پڻ هڪ مخصوص رستو مقرر ڪري ڇڏيو آهي.

درحقيقت خدا جي ذات لاءِ انفعالي هم دانغ جو مطلب هڪ اهڙي اچل پولار جي مانند آهي جنهن جو تصور طبعيات ۾ اٽن اسٽائن کان اڳ هميشہ موجود رهيو آهي. جيتوڻيڪ ان صورت ۾ انسان کي ڪيترين شين وحدت جي رنگ ۾ رڳيل نظر اچن ٿيون، پر ان صورت ۾ ذات باري تعالىٰ جي علم جو مثال اهڙيءَ طرح آهي جيئن ڪو آئينو پنهنجي آڏو رکيل شين کي انفعالي طور منعڪس ڪندو آهي. بهرحال اهڙيءَ صورت ۾ اسانجو محدود ذهن انهن شين جي صرف هڪ جهلڪ پيش ڪندو آهي. مطلب تہ خدا تعالىٰ جي علم کي هڪ اڻوٽ زنده تخليقي عمل تصور ڪرڻ گهرجي، جنهن سان ٻيون سڀ شيون نامياتي طور ڳنڍيل آهن، حالانڪ اهي انسان کي پنهنجي ليکي قائم نظر اچن ٿيون. هتي اسان گهڻو ياد رکڻ گهرجي تہ ذات باري تعالىٰ جي علم کي آئيني سان تشبيهہ ڏيڻ ڪري، گهٽ ۾ گهٽ ايترو ضرور ثابت ٿئي ٿو تہ خدا جي ذات کي مستقبل جي واقعات جو پورو پورو علم آهي، مگر اهڙيءَ صورت ۾ سندس آزادي قائم ڪونہ ٿي رهي. اهو صحيح آهي تہ خدا تعالىٰ جي تخليقي زندگيءَ ۾ جيڪا هڪ نامياتي وحدت آهي، مستقبل اڳ ۾ موجود آهي، پر اهڙيءَ صورت ۾ مستقبل جي حيثيت هڪ ڪليل امڪان جي

آهي، انهن کونهي تہ ڪو واقعات جو هڪ سلسلو پسوريءَ
ريت ٺهيو تيار ٿيو رکيو آهي. هتي هڪ مثال شايد وڌيڪ
وضاحت جو باعث ٿئي، ڇو تہ انساني فڪر جي تاريخ ۾ انهن
ڪيترا پيرا ٿيو آهي. سمجهو تہ ڪو انتهائي نتيجہ خيز ۽ ڪارآمد
خيال توهان جي ذهن ۾ اچي ٿو. جيتوڻيڪ ان صورت ۾ توهان
کي فوري طور پنهنجي فڪر جي گونا گون نتيجن جي پروڙ حاصل
ٿي ويندي آهي، مگر جيستائين توهان پنهنجي سوچ يا عقل ذريعي
اصل نتيجن تائين رسائي حاصل ڪريو، تيستائين ڪافي وقت گهربل
هوندو آهي. حالانڪ ساڳي ڳالهہ کي جيڪڏهن وجدان جي
نقطہ نظر کان ڏٺو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ جڏ سڀ ممڪنات
اڳهئي اسان جي ذهن ۾ موجود هئا. باقي ان صورت ۾ جيڪڏهن
ڪنهن مخصوص امڪان جو علم اسان کي ڪنهن خاص موقعي
تي ٿئي ٿو تہ، ان مان اهو ثابت ڪونہ ٿو ٿئي تہ ڪو اسان
جو علم ناقص هيو. بلڪ انجو مطلب صرف اهو ٿيندو تہ ان
خاص وقت کان اڳ انهيءَ مخصوص امڪان جي ڄاڻ جي ڪا
صورت ڪونہ هئي. لهٰذا جيئن جيئن اسانجي تجربي ۾ اضافو ٿئي
ٿو، تيئن تيئن اسان کي اڳ خبر پوي ٿي تہ ڪنهن بہ خيال
کي استعمال ڪرڻ جا ڪهڙا امڪان ٿي سگهن ٿا. ۽ ڪڏهن
ڪڏهن جيستائين اهڙن امڪانات جو سلسلو پنهنجي انتها تي
پهچي، انهيءَ دوران نسلن جا نسل ختم ٿي وڃن ٿا.

بهرحال هتي اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ خدا تعالىٰ
جي علم جي بباري ۾ انفعالي قسم جو تصور اسان کي هڪ
سرجڻهار يا خالق جي تصوّر کان محروم ڪري ڇڏي ٿو. هاڻي
جيڪڏهن تاريخ مان مراد صرف هڪ اهڙي تصوير آهي جيڪا
آهستہ آهستہ اسانجي اڏو اچي رهي آهي، يعني سندس واقعات جو
سلسلو اڳ ۾ ئي متعين ٿيل آهي تہ پوء انجو مطلب اهو ٿيندو
تہ تاريخ کي پڻ واقعات جي نوان ۽ آپاڻ جو ذميوار قرار ڏئي

نہ ٿو سگھجي، بلڪ اهڙيءَ صورت ۾ "تخليق" جو لفظ اسان جي لاءِ بي‌معني ٿي پوندو. ڇو تہ تخليق جو مقصد آهي تہ اسان ۾ بهرحال ڪنهن حد تائين اها اهليت آهي تہ اسين ڪنهن نئين عمل جو آغاز ڪري سگهون. درحقيقت الٰهيات اندر تقدير جي باري ۾ اهو سڄو تنازعو محض ظن ۽ قياس جي پيداوار آهي، ڇو تہ جن سلسلي ۾ ان ڳالهہ کي پوريءَ ريت نظر انداز ڪيو ويو آهي تہ ڪو زندگيءَ ۾ از خود عمل جو استعداد ۽ موجود آهي. بهرحال اهڙين ڪهڙن اڻائن جي وجود ڪري، جن کي از خود عمل جي استطاعت سان نوازيو ويو آهي، ۽ وري وڏي ڳالهہ تہ اڳ ۾ سندن عمل جو اندازو ۽ لڳائي نٿو سگهجي، اهڙيءَ صورت ۾ مطلق انا لاءِ هڪ قسم جي حد قائم ٿي ٿي، حالانڪ اها ذات هر شيءِ تي محيط آهي. ليڪن اها حد خارجي ڪونہ ٿي ٿي، بلڪ ان جو سرچشمو سندس تخليقي آزادي آهي، ڇو تہ انهيءَ تحديد ذريعي اها ذات انساني خوديءَ کي پنهنجي زندگيءَ، قوت، آزاديءَ ۽ اختيار ۾ حصي وٺن جي لائق بنائي ٿي.

مگر هتي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا اِن تحديد جو مطلب ذاتِ خداونديءَ جي قدرتِ ڪامل جي نفي تہ نہ آهي؟ ان جو جواب هي آهي تہ اسان کي لفظ "تحديد" کان خوف کائڻ نہ کپي. قرآن پاڪ مجرد ڪليات کي ڪڏهن بہ قابلِ اعتنا قرار نہ ڏنو آهي. اهوئي سبب آهي جو قرآن مجيد هميشہ ٺوس حقيقتن ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي ۽ اِهو اُهو سبق آهي جيڪو عالمي متن متن وچي جديد فلسفي نظريہ اضافيت مان پرايو آهي، عمل، پوءِ ان جي نوعيت تخليقي هجي يا ان کان مختلف، هڪ قسم جي تحديد آهي. وري اها بہ حقيقت آهي تہ ان کانسواءِ ذاتِ الٰهيءَ جو فعي الواقع موجود هڻڻ ۽ فعال انا وارو تصور محال آهي. هونئن بہ مجرد نقطئہ نظر کان قدرتِ ڪامل جو

مطلب ٿيندو تہ هڪ اهڙي انڊا ڏنڊ ۽ بي لغام قوت جنهن لاءِ ڪنهن بہ قسم جي حد مقرر ڪونهي. مگر هتي اها گالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ قرآن شريف، نهايت واضح لفظن ۾ ان حقيقت جو اقرار ڪري ٿو تہ هيءَ فطرت باهمي طور مربوط قوتن جو نظام آهي. اهوئي سبب آهي جو الله تعالىٰ جي قدرت ڪاملہ ۽ سندس حڪمت کي وڏو دخل آهي ۽ هو پنهنجي لامحدود قوت جو اظهار ڪنهن بي ڊنگي ۽ بي اصولي نموني سان نٿو ڪري، بلڪ ان ۾ هميشہ هڪ اصول، ڊنگ ۽ ترتيب ڪارفرما هوندي آهي. ساڳئي وقت قرآن مجيد ۾ اهو پڻ فرمايو ويو آهي تہ "بيدک الخير" يعني هرسٹائي خدا تعالىٰ جي هٿ ۾ آهي. هاڻي جيڪڏهن مشيّت خداوندي سرتاسر حڪمت ۽ خير آهي تہ پوءِ هڪ پيو وڏو مسئلو پيدا ٿئي ٿو ۽ اهو آهي جديد سائنس طرفان قانون- ارتقا جو انڪشاف. ڇو تہ انهيءَ قانون جو مطلب آهي تہ هي پورو عالم تڪليفن ۽ دُک درد جو جهان آهي، يعني هرشيءَ کي ڪيترين تڪليفن ۽ دشوار مرحلن مان گذرڻو آهي. جيتوڻيڪ ظلم يا غلط ڪاري صرف انسان سان مخصوص آهي، پر دُک درد جو احساس عالمگير پڻ آهي، اها پي گالهہ آهي تہ انسان جنهن شيءَ کي سڌو سمجهيو آهي ان جي لاءِ وڏ ۾ وڏ تڪليفون اذيتون برداشت ڪيون آهن. بهرحال اهڙيءَ طرح من ڪائنات ۾ پر حقيقتون يعني اخلاقي ۽ طبعي شر بلڪل واضح آهن ۽ سندن انڪار ڪرڻ ناممڪن آهي. وري جيتوڻيڪ شر جو بنياد اضافي آهي ۽ بٽس غالب ايندڙ قوتون بہ ساڳيءَ وقت موجود آهن، پر اهي اسان جي تسڪين جو باعث قطعاً ڪونهن. چاڪاڻ تہ شر جيتوڻيڪ اضافي ۽ ختم ٿيندڙ آهي، پر پوءِ بہ سندس وجود جو اثبات ئي پنهنجي جڳهہ تي نهايت پوائتو آهي. ان ڪري سوال پيدا ٿئي ٿو تہ آخر اسان کهڙيءَ ريت هن ڪائنات ۾ ڦهليل هيڏي ساري شر کي خدا جي قدرت ۽ جڳهہ ڏيئي سگهون ٿا. چا پنهي ۾ ڪا مفاهمت

ٿي سگهي ٿي؟ درحقيقت مذهب جي لاءِ وڏي ۾ وڏو مسئلو اهو آهي جيڪو هر وقت اسانجي آڏو ڪنڙ ڪنيو بينو آهي. جديد دور جي هڪ مصنف ناؤمن (Naumann) پنهنجي ڪتاب (Briefe uber Religion) ۾ ان مسئلي کي جنهن خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي، اڄ شايد ٻيو ڪوبه مصنف ڪري نه سگهيو آهي. هو چوي ٿو:

"اسانکي دنيا بابت جيڪا ڄاڻ حاصل ٿي آهي، انهيءَ مطابق خدا جي ذات انتهائي طاقتور ۽ قدرت واري آهي. هو زندگيءَ ۽ موت کي اهڙيءَ طرح گڏ و گڏ سوکلي ٿو جهڙيءَ طرح اونده ۽ روشني. ان کانسواءِ هو وحي ۽ ايمان جي دولت پڻ عطا ڪري ٿو، اهو ايمان جيڪو اسانجي ڀوڻڪاري جو باعث بنجي ٿو. اهوئي سبب آهي جو خدا تعالىٰ کي پيءَ جي حيثيت ڏني وڃي ٿي. ٻئي طرف خداوند ڪائنات جي ٻيروي اسان ۾ جيئڻ جو اخلاقي جواز فراهم ڪري ٿي ته هي طرف يسوع مسيح جي پيءَ جي خدمت اسان ۾ شفقت ۽ رحمت جو احساس پيدا ڪري ٿي. حالانڪ حقيقت اها آهي ته خدا صرف هڪڙو آهي، ٻه نه آهن. لهٰذا اهي ٻئي هڪ ٻئي ۾ اهڙيءَ طرح ضم ٿي وڃن ٿا جو اسان کي ڪا خبر نه ٿي پوي ته اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت ٿئي ٿو."

انهن سڀني ڳالهين جي باوجود رجائيت پسند برائوننگ جو چوڻ آهي ته دنيا ۾ ڪا خرابي ڪانهي ۽ سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي، ليڪن قنوطيت پسند شوپنهار جو چوڻ آهي ته هيءَ دنيا سياري جي هڪ ڏکوئي رات وانگر آهي؛ جنهن ۾ ڪا انڊي

مُشيّت زندگيءَ جي اڻ گهڙت شڪلين ۾ ظاهر ٿئي ٿي، ان ڪانپوءِ اهي سڀ ٿوري دير لاءِ پنهنجي وجود تي ماتم ڪن ٿيون ۽ آخرڪار فنا ٿي وڃن ٿيون. هونئن به اها حقيقت آهي ته موجوده مرحلي تي هن ڪائنات بابت اسان کي جيڪا ڄاڻ آهي، ان جي آڌار تي اسين رجائيت ۽ قنوطيت جي مسئلي کي پوريءَ طرح حل ڪري نه ٿا سگهون. دراصل اسان جي ذهني جوڙجڪ ئي اهڙي قسم جي آهي جو اسين شين جو صرف جُزوي جائزو وٺي سگهون ٿا. اسانکي خبر ناهي ته ڪائنات جي انهن عظيم طاقتن جوآخر ڪهڙو مقصد آهي، جيڪي پنهنجي هلاڪت ۽ تباه ڪاريءَ جي باوجود نه رڳو زندگيءَ کي سهارو ڏين ٿيون، بلڪ سندس ترقيءَ ۽ وسعت جو سبب پڻ بنجن ٿيون. هونئن به قرآني تعليمات مطابق انساني عمل ۾ ترقيءَ جو وڏو امڪان آهي، ايتريقدر جو هو فطرت جي قوتن تي به دسترس حاصل ڪري سگهي ٿو. لهٰذا هن مسئلي بابت قرآن شريف جي راءِ نه ته قطعاً قنوطيت پسند آهي، ۽ نه مطلقاً رجائيت پسند. بلڪ هن مسئلي ۾ قرآن شريف جي راءِ فلاحيت پسند آهي يعني هيءَ ڪائنات ترقي پسند آهي ۽ اميد ڪري سگهجي ٿي ته هڪ نه هڪ ڏينهن انسان برائيءَ تي غالب ايندو.

متين‌ءَ مشڪل جي حل جي سلسلي ۾ آدم جي زمين تي اچڻ يعني هبوطِ آدم واري قصي ۾ هڪ وڏو اشارو سمايل آهي. جيتوڻيڪ قرآن شريف ان قصي جي ڪن پراڻين علامتن کي برقرار رکيو آهي، پر نفسِ مضمون کي گهٽي حد تائين بدلائي ڇڏيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هن قصي ۾ هڪ نئي معنيٰ پيدا ڪئي وئي آهي. درحقيقت قرآن پاڪ پراڻن قصن ۾ جُزوي يا ڪُلي تبديلي ڪري، انهن قصن کي نون خيالات جو حامل بنايو آهي ته جئن زماني جي وڌندڙ تقاضائن کي پورو ڪري سگهجي. مگر هي اهم نقطو مسلم توڙي غير مسلم عالمن جي

نظرن کان تقریباً اوجهل رهیو آهي. قرآن مجید ۾ جڏهن به کنهن قصي جو ذکر کیو ویو آهي تہ ان جو مطلب عام‌طور کنهن تاریخي قصي کي بیان کرڻ کونهي، بلک ان جو مقصد کو عالمگیر اخلاقي یا فلسفیانہ سبق آهي. اهوئي سبب آهي جو قرآن شریف ۾ خاص طور ماڻهن جي نالن ۽ جڳهن کي نظر انداز کیو ویو آهي، جو تہ هونئن کوبہ قصو مخصوص تاریخي حیثیت اختیار کري وڃي ٿو، ۽ اهڙيءَ طرح سندس معنیٰ ۽ مفهوم به محدود ٿي وڃي ٿو. ساڳيءَ ریت قرآن پاک اهڙین گالهین تي به توجہ کونہ ٿو ڏئي جن جو تعلق جذبات ۽ احساسات جي هک ٻيءَ دنیا سان آهي. وري پراڻن قصن یا روایتن کي اهڙيءَ ریت بیان کرڻ کا هرون پرون ڏکي گالهہ به کونهي. خاص طور غیر مذهبي ادب ۾ ان جا کیترائي مثال ملن ٿا، مثلاً فائوسٹ جو قصو، جنهن کي گوئٹي (Goethe) جي ذهانت بلکل هک نئین معنیٰ ۽ نئون مفهوم عطا کیو آهي.

هتي اها گالهہ ٻڌائڻ نهایت ضروري آهي تہ دنیا جي قدیم ادب ۾ آدم جي زمین تي اچڻ واري قصي جي سلسلي ۾ متعدد روایتون ملن ٿیون. ایتریقدر جو هینئر انهيءَ قصي جي مختلف ارتقائي مرحلن جي نشاندهي کرڻ ناممکن ٿي پئي آهي. ساڳيءَ ریت هاڻي انهن انساني محرکات جي وضاحت به ممکن نہ رهي آهي جیکي انهيءَ قصي جي مختلف صورتن لاءِ ذمیوار آهن. البت هن قصي جي ساڻي روایت مان اهوٰ پتو پوي ٿو تہ هن قصي جو اصل بنیاد، شروعاتي انسان جي اها حالت بیان کرڻ هئي، جنهن تحت هو هن اجنبي ماحول ۽ بي انتها مصیبتن ۾ اچي ڦاٿو هئو؛ جتي بیماري ۽ موت جي جهجهائي هئي، ۽ جتي انسان کي پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ هر قسم جي تکلیف سان منهن ڏیڻو ٿي پیو. هاڻي اها گالهہ ظاهر آهي تہ ان وقت جڏهن انسان کي فطرت جي قوتن تي

کو اختيار نہ هو، تڏهن زندگيءَ جي باري ۾ سندس نقطئہ نظر لازمي طور قنوطيت پسند ۽ نااميديءَ وارو هوندو. اهوئي سبب آهي جو قديم بابل جي ڏک ڪٿي ۾ نانگ (لِنگ)، وڻ ۽ عورت، ٿئي، مرد کي صوف (ڪنوارپ جي علامت) پيش ڪندي ڏيکاريا ويا آهن. هاڻي جيستائين هن ڏند ڪٿا جو تعلق آهي تہ سندس معنيٰ صاف ظاهر آهي، جو تہ ان ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ نعمتن واري زندگيءَ کان محروم ٿيڻ جو واحد سبب مرد جو عورت سان جنسي فعل آهي. مگر قرآن جنهن نمونيءَ ۾ هن قصي جو ذڪر ڪيو آهي، اهو "ڪتابِ پيدائش" (Book of Genesis) واري روايت کان قطعي مختلف آهي. لهٰذا قرآن مجيد ۽ بائيبل جي روايتن ۾ جيڪو اختلاف آهي، اهو ان گهالهه جو ثبوت آهي تہ قرآن مجيد جڏهن هن قصي کي بيان ڪري ٿو تہ سندس آڏو ڪو ٻيو مقصد آهي. هن سلسلي ۾ هيٺيون گهالهيون قابل- توجه آهن:

۱- سڀ کان پهريائين قرآن مجيد "نانگ" ۽ "پاسريءَ" جو قطعي طور ذڪر نہ ڪيو آهي. نانگ جي ذڪر نہ ڪرڻ جا ٻہ مقصد آهن، هڪ تہ جئن سڄي قصي کي جنسيت کان پاڪ ڪري سگهجي، ۽ ٻيو تہ زندگيءَ جي باري ۾ قنوطيت پسند نظريي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي. ساڳيءَ ريت پاسريءَ مان پيدائش واري روايت کي ترڪ ڪري قرآن شريف اهو واضح ڪيو آهي تہ سندس مقصد عهدنامئہ عتيق (Old Testament) وانگر ڪنهن تاريخي قصي کي محفوظ ڪرڻ ناهي. هونئن ٻہ عهدنامہ عتيق ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ پهرئين انساني جوڙي جي پيدائش کوڙيءَ ريت ٿي هئي، گويا ان نمونيءَ ۾ اسرائيل جي تاريخ جو مهاڳ بيان ڪيو ويو آهي. هتي اها گهالهه ياد رکڻ گهرجي تہ قرآن شريف ۾ جتي ٻہ انسان جي پيدائش جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اتي "بشر" يا

"انسان" جو لفظ استعمال ٿيل آهي ۽ نہ "آدم" جو. البت آدم جو لفظ اتي ڪم آيل آهي جتي اهو ڏيکارڻ مقصود هيو تہ انسان خلافتِ الٰهيءَ جو اهل آهي. لهٰذا قرآن شريف هن سلسلي ۾ اهي سڀ ذاتي يا شخصي نالا ترڪ ڪري چڏيا آهن جيڪي اسانکي عهدنامہ عتيق ۾ ملن ٿا، مثلاً "آدم ۽ حوا." اهوئي سبب آهي جو قرآن پاڪ ۾ جتي بہ لفظ "آدم" آيو آهي، ان جو اشارو ڪنهن مخصوص انسان ڏانهن نہ سمجهڻ گهرجي، بلڪ ان مان مراد هڪ تصور آهي. خود قرآن مجيد ان گالهہ جي تائيد ڪري ٿو. هيٺين آيت ۾ ان گالهہ ڏانهن واضح اشارو موجود آهي:

ولقد خلقناكم ثم صورناكم ثم قلنا
للملائكة اسجدو لآدم (۷:۱۰)

"اسان توهان کي پيدا ڪيو ۽ صورت عطا ڪئي.
ان کانپوءِ اسان ملائڪن کي چيو تہ آدم کي
سجدو ڪريو."

۲ــ قرآن مجيد ان سڀني قصي کي ٻن الڳ الڳ حڪايتن ۾ ورهائي چڏيو آهي. پهرئين حصي ۾ اسانکي "الشجرة" يعني وڻ جو ذڪر ملي ٿو تہ ٻئي ۾ وري "شجرة الخلد" ۽ "ملڪ لايبلي" جو بيان ملي ٿو. لهٰذا پهرين حڪايت قرآن شريف جي ستين صورت "اعراف" ۾، ۽ ٻي حڪايت ويهين صورت يعني "طٰهٰ" ۾ مذڪور آهي. قرآن شريف جو چوڻ آهي تہ شيطان، جنهن جو ڪم ئي انسان جي دل ۾ وسوسا وجهڻ آهي، آدم ۽ حوا ڏانهن زال کي برغلائڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ اهڙيءَ طرح هو وڻن جو ميوو چکي ويٺا. ان جي برعڪس عهدنامہ عتيق جو چوڻ آهي تہ جڏن آدم کان نافرمانيءَ جو فعل سرزد ٿيو، تڏن فوري طور ڪيس باغِ عدن مان نڪري ويو. ان کانپوءِ خدا تعالىٰ

باغ جي اپرندي طرف کجهه ملائڪن کي مقرر ڪيو ۽ اتي هڪ اهڙي آتشين تلوار ڇڻ رکي وئي جيڪا چؤطرف گردش ڪري سگهي؛ اهو سڀ کجهه ان ڪري ڪيو ويو تہ جئن انهيءَ وڻ ڏانهن رستو روڪي سگهجي.

٣- عهد نامٽ عتيق، آدم جي نافرمانيءَ واري فعل سبب ڏرتيءَ کي ملعون قرار ڏنئي ٿو، پر ان جي مقابلي ۾ قرآن ڏرتيءَ کي انسان جي لاءِ هڪ اهڙي "جاءِ رهائش" ۽ "مفيد سرچشمي" جي حيثيت ۾ پيش ڪري ٿو، جنهن لاءِ انسان کي خدا تعالىٰ جو شڪرگذار هٽڻ کپي.

و لقد مكنّٰكم في الارض و جعلنا لكم
فيها معايش قليلاً مّا تشكرون (٧:٩)

"اسان توهان کي ڏرتيءَ جو رهندڙ بنايو
۽ ان کانسواءِ توهان جي زندگيءَ جو منجهس
بندوبست ڪيو، مگر توهين ڪيترا نہ گهٽ
شڪر ادائي ڪندڙ آهيو!"

هتي اها گالهہ ۾ ياد رکڻ گهرجي تہ هن سلسلي ۾ لفظ جنت (باغ) مان مراد هرون پرون اهو فوق الحواس بهشت نہ آهي، جنهن مان چيو وڃي ٿو تہ آدم کي هيٺ زمين تي لاٿو ويو هيو. ڇو تہ قرآن مجيد جو چوڻ آهي تہ انسان هن ڏرتيءَ تي ڏاريو يا اجنبي ناهي. جيئن ارشاد آهي:

و الله انبتكم من الارض نباتًا

"يعني اسان توهان کي انهيءَ ڏرتيءَ مان پيدا ڪيو آهي."

لهٰذا هن قصي ۾ جنهن جنت جو ذڪر آهي، اها جنت آها نہ آهي جنهن ۾ خدا جا نيڪ ٻانها هميشه لاءِ رهائش اختيار ڪندا. هونئن ۾ قرآن مجيد انهيءَ جنت جو ذڪر، جنهن ۾ نيڪ ٻانها هميشه لاءِ رهندا، هنن الفاظن ۾ ڪيو آهي:

يتنازعون فيها كاساً لا لغواً فيها و لا تاثيماً

"يعني جتي اهي نيڪ ٻانها ٻڪ ٻئي ۽ پيالن
جي ڏي وٺ اهڙيءَ طرح ڪندا جو هو نہ
تہ ڪا اجائي ڳالهہ ڪندا ۽ نہ وري گناه
جو ارادو."

هن سلسلي ۾ هڪ ٻي آيت ۽ هيئن فرمايو ويو آهي:

لا يمسّهم فيها نصب و ماهم منها بمخرجين

"يعني اها هڪ اهڙي جڳهہ آهي جتي انهن
نيڪ ٻانهن کي نہ تہ ڪو ٿڪ ٿيندو ۽
نہ وري ڪڍن کين اتان ڪيو ويندو."

مگر موجوده قصي ۾ جنهن جنت جو ذڪر ٿيل آهي، اتي انسان ڏسون ٿا تہ پهريون واقعو انسان جي نافرمانيءَ واري گناه جو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ کيس اتان ڪيو ب وڃي ٿو. دراصل قرآن شريف جتي ب ڪو اهڙو لفظ استعمال ڪيو آهي، اتي ٻي وري انجي مطلب کي ب واضح ڪيو آهي. لهٰذا اڳتي هلي هن قصي جي ٻيءَ حڪايت ۾ انهيءَ باغ جي تعريف هن ريت ڪئي وئي آهي:

ان لڪ الا تجوع فيها ولا تعري (٢٠لا) و انڪ
لا تظمؤ فيها ولا تضحى ٥ (٢٠:١١٨)

"يعني جتي نہ بک جو سوال پيدا ٿئي ٿو
۽ نہ آڇ جو، نہ وري گرميءَ جو ۽ نہ وري
ڪو اوگهڙ جو."

انهيءَ ڪري منهنجو خيال آهي تہ هتي جنت مان مراد انساني زندگيءَ جو اهو ابتدائي يا شروعاتي دور آهي، جڏهن انسان جو پنهنجي ماحول سان ڪو عملي تعلق يا لاڳاپو قائم

کونہ ٿيو هو، يعني جڏهن انسان پنهنجي ضرورتن جي سلسلي ۽ هر قسم جي تڪليفده احساس کان آجو هو. حالانڪ اها به حقيقت آهي ته انهن ضرورتن منجهان ئي انساني تهذيب و تمدن جو آغاز ٿيو آهي.

لهٰذا اسين ڏسون ٿا ته قرآن مجيد ۽ بيان ٿيل هبوط آدم واري قصي جو ان گهالهه سان کو تعلق ناهي ته انسان کهڙيءَ ريت هن ڪره ارض تي نمودار ٿيو. بلڪ هن سلسلي ۾ قرآن شريف جي پيش نظر انساني زندگيءَ جو اهو ابتدائي دور آهي جڏهن مٽس جبلي خواهشن جو غلبو هو، ۽ جنهن دور مان گذرڻ کان پوءِ هن آهستي آهستي محسوس ڪيو ته هو هڪ آزاد انسان جو مالڪ آهي ۽ ان کري هو شڪ ۽ نافرماني پنهنجي جبلت اهل آهي. مطلب ته هيٺ اچڻ مان مراد هروڻ پروڻ اخلاقي پستي نه آهي، بلڪ انجو اشارو انهيءَ تغير يا تبديليءَ ڏانهن آهي، جنهن جي ڪري شعور پنهنجي سادي صورت مان اڳتي وڌي شعور ذات جي منزل تائين پهتو. هين لفظن ۾ جڏهن انسان خواب فطرت مان جاڳي ٿيو ۽ اهو محسوس ڪيائين ته پنهنجي جڪهه تي سندس حيثيت پڻ معنيٰ خيز آهي. هونئن به قرآن مجيد ۽ ان گهالهه جو ڪٿي ذڪر ڪونهي ته ڪو هيءَ ڏرتي انسان لاءِ پهڙا گهر آهي، يا جيئن ته انسان بنيادي طور ظالم آهي، ان کري هو پنهنجي اولين گناه جي پاداش ۾ قيد و بند جي سزا ڀوڳي رهيو آهي. حقيقت اها آهي ته انسان جي نافرمانيءَ وارو پهريون فعل ئي سندس اختياريءَ وارو فعل هو، جيڪو هن پنهنجي مرضيءَ ۽ ارادي سان ڪيو هو، ۽ اهو ئي سبب آهي جو قرآن شريف جي ارشاد موجب سندس اهو پهريون گناه معاف ڪيو ويو هو.

دراصل خير يعني نيڪي اختيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ جبر يا زور جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. خير جو مطلب آهي ته

انسان پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڪنهن اخلاقي آدرش جي پيروي ڪرڻ گهري ٿو. وري ان ڳالهه جو دارومدار ان حقيقت تي به آهي ته هڪڙي انا پي انا سان ڪيتري قدر تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هونئن به جيڪڏهن ڪنهن هستيءَ جا سڀ اعمال و افعال هڪ ڪل وانگر مقرر ٿيل آهن، ته ان صورت ۾ اها شيءِ آخر ڪهڙيءَ ريت نيڪي يا خير جي اهل ٿي سگهي ٿي؟ معلوم ٿيو ته آزادي، خير يعني نيڪيءَ جو اولين شرط آهي. پر هڪ اهڙي نفس جي لاءِ جيڪو پنهنجي ذات ۾ محدود آهي ۽ جنهن جي آڏو ڪيترائي رستا کليل آهن، وري وڏي ڳالهه ته انهن مان ڪنهن هڪ جو ڪهس انتخاب ڪرڻو آهي، ته اهڙيءَ صورت ۾ مسلسل ڪنهبر صورت اختيار ڪري وڃي ٿو، جو ته جيڪڏهن انسان خير ۽ نيڪيءَ جو انتخاب ڪري سگهي ٿو ته پوءِ اهو ٻڌ ممڪن آهي ته هو خير جي بجاءِ انڌندو شر جو انتخاب ڪري ويهي. لهٰذا خدا جي ذات جو انسان جي باري ۾ ايڏو وڏو جوکم ڪنهن آهي، اهو ڏيکاري ٿو ته خدا تعالي ٻئي نوع انسان ۾ ڪيتري قدر اعتماد جو مظاهرو ڪيو آهي. هاڻي اهو انسان جو فرض آهي ته هو انهيءَ اعتماد کي صحيح ثابت ڪري ڏيکاري. هونئن به هڪ اهڙي هستي جنهن جي تخليق لاءِ "احسن تقويم" جو ارشاد موجود هجي ۽ جنهن کي وري "اسفل سافلين" جو مصداق بنايو ويو هجي، ان جي لاءِ اها خطري واري ڳالهه ٿي آهي جيڪا سندس مخفي قوتن کي جيلا بخشي سگهي ٿي ۽ کيس اڳتي وڌڻ لاءِ مجبور ڪري سگهي ٿي. هن سلسلي ۾ قرآن پاڪ جو ارشاد آهي:

و نبلوكم بالشر و الخير و الفتنة

"يعني اسين توهانجي آزمائش خير ۽ شر ذريعي ڪنداسين."

ان ڪري ثابت ٿيو ته خير و شر جيتوڻيڪ هڪ ٻئي جو ضد آهن، پر وري به هڪڙي ئي ڪل سان وابسته آهن. دراصل

ڪنهن به اهڙي حقيقت جو وجود ڪونهي جيڪا هر لحاظ کان الڳ ۽ جدا هجي، ڇو ته اهي حقيقتون پنهنجي جڳهه تي هڪ ڪُل جي حيثيت رکن ٿيون، ۽ سندن جُزن کي ورڇي هڪ ٻئي جي حوالي کانسواءِ سمجهي نٿو سگهجي. باقي جيڪڏهن منطقي لحاظ کان حقيقت جي جُزن کي علحده ڪري سگهجي ٿو ته ان جو مطلب اهو ئي آهي ته اهي جُـزا اصل ۾ هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن.

مگر خودي۽ جي بنيادي تقاضا آهي ته پنهنجي ذات کي ذات جي حيثيت ۾ برقرار رکي. انهي مقصد لاءِ ڪيس علم سان گڏ پنهنجي ذات جي واڌاري ۽ طاقت جي ضرورت پـوي ٿي، جنهن لاءِ قرآن شريف "ملڪ لا يبلي" جا الفاظ استعمال ڪيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو قرآني روايت جي پهرئين حصي ۾ صرف علم جي خواهش جو ذڪر ملي ٿو، مگر ٻئي حصي ۾ پنهنجي ذات جي واڌاري ۽ طاقت جـو ذڪر پڻ ملي ٿـو. هتي پهرين حصي جي سلسلي ۾ ۽ ڳالهيون ياد رکڻ ضروري آهن. پهريون ته اها روايت ان واقعي کان جلد ئي پوءِ بيان ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ آدم کي شين جي نالن ياد ڪرڻ ۽ ٻڌائڻ جي ڪري ملائڪن تي فوقيت جو ذڪر آهي. لهـذا انهن آيتن منجهان، جُن هـن کان اڳ اسين عرض ڪري آيا آهيون، اهـو ظاهر ڪرڻ مقصود آهي ته انساني علم تصوراتي نوعيت جـو آهي. ٻي ڳالهه اها آهي جنهن ڏانهن مادام بلوٽسڪي۽ (Balvatski) جنهن کي قديم رمزيت ۽ اشاريت تي غير معمولي دسترس حاصل هئي، پنهنجي ڪتاب "مخفي عقيدي" (Secret Doctrine) ۾ اشارو ڪيو آهي. هنجو چوڻ آهي ته قدماءَ وٽ وڻ راز جي علامت آهي، جيڪو ڳجهن يا مخفي علومن جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي. لهٰذا آدم کي جـو انهيءَ وڻ جي ميوي کائڻ کان منع ڪئي وئي ته انجا اهي ئي اسباب هيا. هڪ ته سندس

محدود ذات جي ڪري ٻيو تہ ڪيس خاص قسم جا حواس عطا ڪيا ويا هٿا ۽ ڏيون تہ ڪيس خاص قسم جـون ذهني قـوتون عطا ڪيون ويون هيون؛ ۽ انهن سڀني ڳالهين جو اصل مطلب آدم کي علحده قسم جو علم وديعت ڪرڻ هيو.

هاڻي ان علم جي هڪڙي بنيادي خاصيت اها آهي تہ ان لاءِ گهڻيرِ مشاهدي جي ضرورت پوي ٿي ۽ ٻيو تہ اهو علم آهستي آهستي حاصل ٿئي ٿو. بهرحال هتي اسين ڏسون ٿا تہ شيطان آدم کي ٻيلائڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو ۽ آدم مخفي علم جي سرچشمي يعني سڀ ڪجهہ ڄاڻي چڪي ويهي ٿو. مگر آدم جـو ائين ڪيو، اهـو ان ڪري نہ تہ هو بنيادي طـور ظالم يا جاهل هو، بلڪ اهـو سڀ ڪجهہ سندس فطري عجلت پسنديءَ جي ڪري هو، چاڪاڻ تہ هن حصول علم خاطر آسان ترين رستو اختيار ڪرڻ گهربو ٿي. ظاهر آهي تہ انسان جي انهيءَ غلط رجحان جي اصلاح صرف ان صورت ۾ ممڪن هئي تہ ڪيس اهڙو ماحول ٺاهيو ڪيو وڃي، جيڪو ڪنهن حد تائين ايذائيندڙ ۽ تڪليف ده هجي، پر ساڳئي وقت سندس ذهني صلاحيتن کي اڃاگر ڪرڻ لاءِ موزون هجي. گـويـا آدم کي هن ايذائيندڙ ماحول ۾ رکڻ جو اهو مطلب ڪونہ هو تہ ڪيس سزا ڏني وڃي، بلڪ ان جو مقصد انسان جي ازلي دشمن يعني شيطان جي ارادن کي شڪست ڏيڻ هو. چاڪاڻ تہ شيطان حرفت کان ڪم وٺي انسان کي ذاتي نشوونما ۽ ترقيءَ کان محروم ڪرڻ ٿي گهربو. هونئن ٻہ جتي هر لمحي تي رڪاوٽون موجود آهن. ان ماحول ۾ انساني نفس جي زندگيءَ جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ پنهنجن حقيقي تجربن جي روشنيءَ مطابق پنهنجي علم ۾ مستقل اضافي جي صورت پيدا ڪري. مگر اهڙي هنڌ جتي انساني تجربي واسطي ڪيئي امڪانات موجود آهن، اتي وسعت جي صورت اها آهي تہ ڪوشش ۽ آزمائش کان ڪم ورتو وڃي، ۽ اها صورت حال

وري ڪڏهن به غلطين يا اوڻاين ڪان خالي ڏي نه ڏي سگهي. لهٰذا غلطي يا خطا، جيڪا ڪ هڪ قسم جي ذهني برائي آهي، انساني تجربي جي لازمي گهاڙهه آهي. هاڻي جيستائين هبوطِ آدم عم جي سلسلي ۾ قرآن مجيد ۾ مذڪور هي روايت جو تعلق آهي تم ان لاءِ هيٺ فرمايو ويو آهي:

فوسوس اليه الشيطان قال يا آدم هل ادلّك علىٰ شجرة الخلد و ملك لايبلى ٥ فاكلا منها فبدت لهماسواتهما و طفقا يخصفٰن عليهما من ورق الجنه و عصىٰ آدم ربه فغوىٰ ٥ ثم اجتبٰه ربه فتاب عليه و هدىٰ ٥ (۲۰:۱۱۹-۱۲۱)

"شيطان آدم کي ڀڙڪايو ۽ کيس چيائين: "اي آدم، چا آءٌ تو کي ابدي وڻ ۽ اڻ ختم ٿيندڙ حڪمراني ۽ جو ڏس ڏيان!" ان کانپوءِ جڏن هنن ٻنهي اهو (ميوو) کاڌو تم سندن اوگهڙ ظاهر ٿي پئي ۽ هو پاڻ کي باغ جي پنن سان ڍڪڻ لڳا. اهڙيءَ طرح آدم پنهنجي پالڻهار جي نافرماني ڪئي ۽ گمراهي اختيار ڪيائين. مگر ان کانپوءِ سندس پالڻهار کيس منتخب ڪيو ۽ ڏانهس متوجه ٿيو، ۽ سندس رهبري فرمايائين."

در اصل هنن آيتن ۾ اهوئي مرڪزي خيال ڪارفرما آهي تم هيءَ زندگي "اڻ ختم ٿيندڙ حڪمراني يعني "ملك لايبلى" جي هوس ۾ سرگردان آهي. ٻين لفظن ۾ هرهڪ فرد جي آڏو اڻ ڪٽ مستقبل آهي. مگر جڏن تم هن زندگيءَ جو وجود وقت سان منسلڪ آهي ۽ سوت هر وقت سندس مستقبل کي منقطع ڪرڻ جي تاڪ ۾ نظر اچي ٿو، ان ڪري انسان جي لاءِ صرف

اهو ڪڙو ئي رستو باقي رهيو آهي تہ هو گهٽ ۾ گهٽ افزائش نسل ذريعي اجتماعي بقا حاصل ڪري. لهٰذا "شجرة الخلد" جي منع ڪيل ميوي کائڻ جو مطلب توالد و تناسل جي عمل ڏانهن رجوع ڪرڻ هو تہ جيئن انساني نسل فنا ٿيڻ کان محفوظ رهي سگهي. اهو ائين آهي جيئن زندگي موت کي چئي رهي هجي: "جيڪڏهن تون منهنجي هڪ نسل کي ختم ڪندي تہ ڀا ٿي ٻيو، آءٌ وري ٻيو نسل پيدا ڪندس."

بهرحال قرآن شريف قديم فنون مطابق استعمال ٿيندڙ تناسلي علامت کي رد ڪري، نجي جڳهہ تي صرف آدم جي ان پريشانيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪا جنسي فعل، سر زد ٿڻ ڪري ڪيس لاحق ٿي هئي، ۽ جنهن ڪري پنهنجي جسم جي اوگهاڙ کي ڍڪڻ شروع ڪيو هئائين. هاڻي جيستائين زندگي گهارڻ جو تعلق آهي تہ ان صورت ۾ سندس ڪانہ ڪا مخصوص شڪل يا خاڪو ضرور ٿئي ٿو يعني زندگي هڪ ٺوس انفراديت ٻڌ آهي. درحقيقت اهڙيءَ انفراديت جا اڻ گهڙت روپ آهن ۽ اها ذات حقيقي پنهنجي وجود جي لامحدود وسعتن کي اهڙيءَ طرح پڌرو ڪري ٿي. مگر اهڙيون انفراديتون جن جي پيدائش ۽ واڌ اهڙيءَ طرح ٿئي ٿي جو انهن مان هرهڪ وري پنهنجن امڪانات کي عملي صورت ڏئي ٿي ۽ اها ڪوشش ڪري ٿي تہ سندس غلبو قائم ٿئي، اهڙي صورت ۾ سندن وچ ۾ نهايت خوفناڪ ۽ طويل جدوجهد شروع ٿي وڃي ٿي. قرآن شريف جو ٻڌ هن سلسلي ۾ ارشاد آهي تہ: "و قلنا اهبطو بعضكم لبعض عدوّ". يعني هاڻي اوهين هڪ ٻئي جا دشمن ٿي هيٺ لهو.

مطلب تہ مخالف انفراديتن جو اهو باهمي تصادم ٿي آهي جيڪو ڪلجگ پيڙا جي نوعيت اختيار ڪرڻ جي باوجود، هن زندگيءَ جي وقتي مستقبل کي هڪ لحاظ کان روشن بہ ڪري ٿو تہ ٻئي لحاظ کان تاريڪ ٻڌ بنائي ٿو. مگر جتي انسان جي

شخصيت ۾ انفراديت جو اهو احساس زياده گهرو ٿئي ٿو، اتي غلط ڪاريءَ جا ٻه وڏ ۽ وڏا امڪان ٿين ٿا، ۽ اهو ئي سبب آهي جو زندگيءَ ۾ پيڙا جو احساس ۽ شديد ٿئي ٿو. درحقيقت زندگيءَ کي هڪ ذات يا خودي‌ءَ جي صورت ۾ تسليم ڪرڻ جو مطلب ئي اهو آهي ته اسين انهن سڀني خامين ۽ اوڻاين جي وجود کي ميڙون ٿا جيڪي زندگيءَ جي محدود هٿ مان پيدا ٿين ٿيون. لهذا قرآن شريف جو ارشاد آهي ته انسان شخصيت جي صورت ۾ امانت جو اهو بار کڻي ايڏي وڏي جوکم جو ڪم ڪيو آهي جنهن جي کڻڻ کان آسمان، زمين ۽ جبل انڪار ڪري چڪا هئا:

انا عرضنا الامانة علي السموٰت و الارض و الجبال
فابين ان يحملنها و اشفقن منها و حملها الانسانo(ط)
انه كان ظلوماً جهولا o (۳۳:۷۲)

"بيشڪ اسان انهيءَ "امانت" جي کڻڻ لاءِ آسمانن، ڌرتيءَ ۽ جبلن کي آڇ ڪئي. پر انهن کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ هو ڊڄي ويا. انسان اهو بار کنيو مگر هو ظالم ۽ جاهل ثابت ٿيو آهي."

هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا امانت جي انهيءَ ڳري بار کي، جنهن ۾ ظاهر آهي ته پيون ٻه ڪيترين مصيبتون سمايل آهن، اسين کڻڻ لاءِ تيار رهون يا نه نابري واريون؟ حالانڪ قرآن مجيد جي چوڻ مطابق سچي مردانگيءَ جو مطلب آهي ته هر قسم جي تڪليفن ۽ ڏکن ڏاکڻن کي صبر سان سهي وڃجي. بهرحال اصل ڳالهه اها آهي ته ذاتي ارتقا جي جنهن مرحلي مان هينئر اسين گذري رهيا آهيون، اتي نظم و ضبط جي سلسلي ۾ پيش ايندڙ دکن جو مطلب اسان جي سمجهه کان ٻاهر آهي.

شايد انهن ڏکن برداشت ڪرڻ جو اهو مطلب هجي تہ انسان جي خودي۽ ۾ مضبوطي پيدا ٿئي تہ جئن فنائيت کان سندس بچاءَ ٿي سگهي. پر هتي وري اهو سوال آهي جتي اسين فڪر محض جي سرحدن کان اڳتي وڌي وڃون ٿا. درحقيقت هن هنڌ پهچڻ ڪانپوءِ اسانجو اهو يقين تہ آخرڪار فتح خير يعني نيڪي۽ جي ٿيڻي آهي، هڪ مذهبي عقيدي جي شڪل اختيار ڪري ٿو. "والله غالب علىٰ امره ولٰكن اكثر الناس لا يعلمون" ۾ اهوئي اشارو آهي.

مان سمجهان ٿو تہ هينئر اوهين اها گالهہ چڱي۽ طرح سمجهي ويا هوندا تہ اسلام، خدا جي ذات جي باري ۾ گهڙو تصور قائم ڪيو آهي، ۽ فلسفيانہ لحاظ کان ان کي ڪيئن صحيح ثابت ڪري سگهجي ٿو. ليڪن آءٌ اها گالهہ هن کان اڳ ۾ واضح ڪري آيو آهيان تہ مذهب جو نصب العين فلسفي کان گهڻو مٿي آهي. مذهب صرف تصورات تي قناعت ڪونہ ٿو ڪري، بلڪ پنهنجي محبوب ۽ مطلوب جي باري ۾ گهري ڄاڻ ۽ ويجهڙائي حاصل ڪرڻ گهري ٿو. هاڻي جيستائين انهيءَ ويجهڙائيءَ ۽ قرب جو تعلق آهي تہ ان جو هڪڙو ئي ذريعو آهي ۽ اهو آهي دعا يا عبادت، جنهن جي انتها لازمي طور روحاني تجليءَ جي صورت ۾ ٿئي ٿي. مگر عبادت هڪ اهڙو فعل آهي جنهن جا مختلف طبيعتن تي مختلف اثرات پون ٿا. اهوئي سبب آهي جو هڪ نبيءَ جي شعور جي صورت ۾ سندس نوعيت گهڙو ڪري تخليقي قسم جي ٿئي ٿي. يعني ان صورت ۾ هڪ اهڙي نئين اخلاقي دنيا وجود ۾ اچي وڃي ٿي، جتي انبياءَ ڪرام پنهنجي مشاهدن جي عملي آزمائش ڪرڻ لڳن ٿا. مگر هن موضوع تي آءٌ پنهنجي ٻئي ليڪچر "مسلم ثقافت جو روح" ۾ وڌيڪ روشني وجهندس. باقي جيستائين صوفيانہ شعور جو تعلق آهي تہ ان صورت ۾ عبادت جو مطلب هڪ قسم جي ساڃهہ يا

واقفيت پيدا ڪرڻ آهي. هتي آءٌ عبادت جي انهيءَ مفهوم تي ڪجهه وڌيڪ گهاليائڻ ڪرڻ ٿو. هونئن به جيڪڏهن عبادت جي اصلي محرڪ کي نظر ۾ رکيو وڃي تہ اهو نقطہ نظر گهڻو صحيح معلوم ٿئي ٿو. هتي آءٌ اوهان جو ڌيان امريڪا جي هڪ وڏي نفسيات دان پروفيسر وليم جيمز جي هيٺين اقتباس ڏانهن ڇڪائڻ ڪرڻ ٿو:

"سائنس خواه ڇا به چوي يا ڪجهه به ڪري ڏيکاري، پر ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ جيستائين هيءَ دنيا قائم آهي، انسان عبادت کان منهن نہ موڙيندو. البت هڪڙي صورت آهي ۽ اها هيءَ تہ انسان جي ذهني جوڙ جڪ ئي بدلجي وڃي، مگر ان گهالهہ جو اسان جي ڄاڻ مطابق ڪو امڪان ڪونهي. دراصل عبادت جو محرڪ ان گهالهہ جو شاهد آهي تہ انساني نفس جا عملي طور ڪيترا درجا آهن. وري انهن تهہ بتهہ درجن ۾ هڪ اهڙو اجتماعي نفس پوشيده آهي جيڪو هر وقت پنهنجي سچي ساڻي (يعني اعليٰ رفيق) جي جستجو ڪندي نظر اچي ٿو ۽ اهو ساڻي ڪيس هڪ آدرشي دنيا ۾ ئي ملي سگهي ٿو.... اهوئي سبب آهي جو اسان کي ڪيترا اهڙا ماڻهو ملندا جيڪي پنهنجي دل ۾ گهڻو ڪري يا هميشه انهيءَ سچي ساڻيءَ جي سُرت سانڊي گهمندا آهن. اها سُرت ۽ ساڃهہ اهڙي ٿئي ٿي جو جيڪڏهن ڪنهن ٻڪيل يا ڏکاريل انسان کي پلڻ پئجي وڃي تہ هيڪر هو وري پنهنجي حقيقي مُلهہ کي محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. حقيقت اها آهي تہ جيڪڏهن انسان جي لاه اهو اندريون آسرو يا سهارو

تہ هجي، ۽ جڏهن اسانجو نفس اجتماعي ناڪام ۽ نامراد ٿي اسانجو سات ڇڏي وڃي ٿو، تہ اهڙيءَ صورت ۾ جيڪر هيءَ دنيا اسان گهٽن جي لاءِ نسورو جهنم بنجي پوي. هتي سون اسان مان گهٽن لاءِ ان ڪري ڇو آهي ڇاڪاڻ جو اهو احساس تہ هڪ اعليٰ هستي اسانجي عملن جو مشاهدو ڪري رهي آهي، سيني ماڻهن سان هڪجهڙو لاڳو نہ ٿو ٿئي، ڪن ماڻهن ۾ اهو احساس گهڻو گهرو ٿئي ٿو تہ ڪن ۾ بنهہ گهٽ! وري ڪن ماڻهن جي اصل طبيعت ئي اهڙي قسم جي ٿئي ٿي جو منجهن پين جي مقابلي ۾ اهو احساس نهايت شديد ٿئي ٿو. پين لفظن ۾ هيٺن ڇنجي تہ جيترو ڪنهن دل ۾ اهو احساس زياده گهرو ٿئي ٿو، اوترو اهو ماڻهو مذهب سان وڌيڪ لڳاءُ رکي ٿو. البت مونکي اهو يقين آهي تہ اهي ماڻهو جيڪي هن سلسلي ۾ بنهہ انڪار ڪن ٿا، اهي پاڻ کي دوکو ڏيئي رهيا آهن، ڇاڪاڻ تہ ٿورو يا گهڻو، مگر اهو احساس منجهن ضرور موجود ٿئي ٿو."

مطلب تہ نفسياتي لحاظ کان دعا يا عبادت انسان جي هڪ بنيادي جبلت آهي. باقي جيستائين علم جي حاصلات جو تعلق آهي تہ ان سلسلي ۾ عبادت جي حيثيت غور و فڪر يا سوچ ويچار جهڙي آهي، پر پوءِ به اعليٰ درجي واري عبادت سوچ ويچار کان گهڻو مٿي آهي. جيتوڻيڪ غور و فڪر جي عمل وانگر هي به هڪ قسم جو اڪتسابي عمل آهي، پرعبادت دوران منجهس مرڪزيت جي هڪ اهڙي طاقت پيدا ٿي پوي ٿي، جنهن کان فڪر محض جو عمل سراسر نا آشنا ٿئي ٿو. دراصل فڪر جي حالت ۾

اسانجو ذهن مطلق حقيقت جي مشاهدي تائين محدود ٿئي ٿو يا وڌ ۾ وڌ سندس ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺندو رهي ٿو، مگر عبادت جي حالت ۾ اسانجو ذهن انهيءَ آهستگيءَ واري عام طريقي کي ڇڏي، فڪر ڪان اڳتي وڌي مطلق حقيقت سان سڌو سنئون لهه وچڑ ۾ اچي ٿو، ۽ اهڙيءَ طرح ارادي طور سندس زندگيءَ ۾ شريڪ يا ساڻي پائيوار ٿئي ٿو. هتي هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هي سڀ ڳالهيون هرون پرون تصوف سان واسطو ڪونه ٿيون رکن. درحقيقت عبادت عام رواجي زندگيءَ جو هڪ اهڙو عمل آهي جو ان جي روحاني تجليءَ جي روشنيءَ ۾ اسان کي اهو احساس ٿئي ٿو ته، زندگيءَ جي مها ساگر ۾ اسانجي شخصيت جي هن ننڍڙي ٻيٽ جي کهڙي حيثيت آهي. هتي منهنجو مطلب خود - رمزيت ڏانهن اشارو ڪرڻ ناهي. هونئن به خود - رمزيت جو انساني نفس جي گهراين سان ڳنڍي نڪرندڙ ڏاڙائن سان ڪو واسطو ڪونهي. اهوئي سبب آهي جو انساني شخصيت مٿان سندس ڪي به مستقل اثرات مرتب ڪونه ٿا ٿين، پر ان جي برعڪس روحاني تجلي انساني شخصيت جي تعمير ڪري ٿي، ۽ انسان اهو محسوس ڪرڻ لڳي ٿو ته ڪيس هڪ نئين قوت حاصل ٿي وئي آهي. هتي منهنجو اشارو حصول علم جي ڪنهن مخفي يا مخصوص طريقي ڏانهن نه آهي. دراصل منهنجو مقصد آهي ته توهان جو ڌيان اهڙن حقيقي انساني تجربن ڏانهن مبذول ڪرائجي، جن جي پٺيان پوري تاريخ يا مڪمل ماضي آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جو سندن آڏو هڪ مستقبل آهي. آءٌ اهو تسليم ٿو ڪريان ته تصوف اهڙي قسم جي مشاهدن جو خصوصي مطالعو ڪري ٿو، ۽ اهوئي سبب آهي جو تصوف انساني خوديءَ جي ڪيترن ئي جاتل درجن يا هڪ لحاظ کان مختلف قسمن جي نشاندهي ڪئي آهي. مطلب ته متعوفانه ادب هن سلسلي ۾ معلومات سان پُر آهي، مگر سندس اصطلاحات هڪ اهڙي مابعد الطبعيات جي فڪري صورت فراهم

کن ڳل جيڪا تمام گهٽو اڳ بيڪار ٿي چڪي آهي ۽ جديد ذهن لاءِ ان ۾ ڪا ڪشش باقي نه رهي آهي. هونئن به نوافلاطوني تصوف، پوءِ اهو مسيحي هجي يا اسلامي، هڪ اڻ ڄاتل لا شيءِ جي جستجوءَ تي مشتمل آهي، لهٰذا اهو جديد ذهن کي مطمئن ڪري نٿو سگهي، ڇو ته جديد ذهن ٺوس فڪر جو عادي آهي ۽ اهو چاهي ٿو ته جيڪڏهن خدا واقعي موجود آهي ته پوءِ انسان کي سندس موجودگيءَ جو به سڌ پڌ حقيقي علم هٿ ڪجي. تاريخ جو مطالعو ڏيئي ٿو ته اهڙي قسم جي مشاهدي مان لاءِ ضروري آهي ته انسان جو ذهني رجحان عبادت کان آشنا هجي. مطلب ته عبادت ڪائپوءِ نظرت جو عقلي مشاهدو اڻپورو آهي، اهو تڏهن مڪمل ٿئي ٿو جڏهن عبادت کي به منجهس شامل ڪيو وڃي. هونئن به نظرت جو سائنسي مشاهدو انسان کي وڌ ۾ وڌ مطلق حقيقت جي ڪردار يعني هلت جي ويجهو آڻي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح حقيقت جي مشاهدي مان لاءِ انسان جي باطني ادراڪ کي تيز تر ڪري ٿو. باقي جيستائين صوفيءَ جي تلاش حق جو تعلق آهي، ۽ جنهن خوبصورتيءَ سان ان کي مولانا روميءَ پيش ڪيو آهي، ان جي تقاضا آهي ته آءٌ اهي شعر توهان جي آڏو پيش ڪريان:

دفتر صوفی سواد و حرف نیست جز دل سپید مثل برف نیست
زاد دانش مند آثار قلم زاد صوفی چیست آثار قدم
همچو صیاد ے سوئے اشکار شد گام و آهر دید و بر آثار شد
چند گامش گام آهو درخور است بعد زان خود ناف آهو رهبر است
راه رفتن یک نفس بر بوئے ناف خوشتر از صد منزل گام و طواف

[يعني صوفي جو ڪتاب مَسُ ۽ اڪرن تي
مشتمل ناهي. انجو مثال برف جيان سفيد دل
جهڙو آهي. هڪ عالم ماڻهوءَ جي سوڙي

سندس اکرن جا اِنڈا آهن. هر صوفيءَ جي
ملکيت ڇا آهي، سندس قدمن جا نشان!
صوفي همیشه هڪ شڪاريءَ وانگر آهي ۽
ان کري جڏهن به هرڻ جو رَندُ ڏسندو
آهي تہ انجي کتيَ هلڻ شروع کندو آهي.
جيتوڻيڪ ٿوري دير لاءِ هرڻ جي پيرن جا
نشان سندس رهنمائي کن ٿا، مگر ان کان
پوءِ نافِ آهو سندس رهبري کري ٿو.
دراصل نافِ آهو جي سُرهاڻ تي هڪڙي
وک اڳتي وڌڻ اهڙين سون وکن کان بهتر
آهي، جو کو ماڻهو رڳو پيرن جا نشان
ڏسي هلندو رهي يا رُلندو رهي!]

سچي گالهہ اها آهي تہ علم جي جستجو پوءِ اها کهڙي به رنگ ۾ کئي وڃي، عبادت جو درجو رکي ٿي. ان لحاظ کان فطرت جو سائنسي مشاهدو صوفيءَ جي سلوڪ ۽ معرفت جي منزلن جهڙو آهي. ان ۾ کو شڪ ناهي تہ جيتوڻيڪ موجوده مرحلي تي سندس نگاهون گامِ آهو تي کُتل ڏين ٿيون ۽ ان کري گويا سندس تلاش بہ محدود آهي. پر علم جي اها آسات اڳي پوءِ کيس ان منزل تي پهچائيندي جتي هو گامِ آهو جي بجاءِ نافِ آهو مان رهبري حاصل کرڻ لڳندو. اهڙيءَ طرح کيس فطرت جي مٿان غلبو ۽ قوت حاصل ٿي ويندي ۽ کيس هڪ اهڙي قسم جي بصيرت عطا ٿيندي جو هو آن بي انت ذات جو پوريءَ ريت مشاهدو ماڻي سگهندو. جيتوڻيڪ فلسفو انهيءَ منزل جو تمنائي آهي پر آهو ان کي ڪڏهن بہ ماڻي نہ سگهيو آهي. ڇو تہ قوت کانسواءِ يعني صرف بصيرت جي آڌار تي اخلاقي سربلندي تہ پيدا کري سگهجي ٿي، مگر اهڙي ريت هڪ مستقل کلچر يا ثقافت وجود ۾ اچي کونہ ٿي سگهي. ساڳيءَ ريت

وري جيڪڏهن قوت بصيرت کان محروم آهي تہ انجو نتيجو بہ تباهي ۽ بربادي‌ءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نٿو نڪري. دراصل بني نوع انسان جي روحاني ترقي‌ءَ لاءِ ٻنهي جو سنگم انتهائي ناگريز آهي.

هاڻي جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا تہ عبادت جو اصلي مقصد حاصل ٿئي تہ ان جي هڪڙي صورت آهي ۽ اها هيءَ تہ عبادت کي اجتماعي شڪل ڏني وڃي. هونئن بہ سچي عبادت همٻشہ اجتماعي رنگ ۾ رڳيل ٿئي ٿي. هڪ ساڌو ٻڻ ان آس تي دنيا کان منهن موڙي گوشي نشيني اختيار ڪري ٿو تہ جئن هو پڳوان کي پنهنجو ميٽر بنائي سگهي. مطلب تہ جڏهن اسين عبادت جي لاءِ گڏ ٿيندا آهيون، تڏهن عام طور اسان سيني ۾ هڪڙي قسم جو جذبو ڪارفرما ٿئي ٿو. وري جيئن تہ اهڙي‌ءَ صورت ۾ اسان جو سمورو ڌيان هڪڙي مقصد تي ڪٽل ٿئي ٿو، ان ڪري ساڳئي محرڪ خاطر اسان جو باطن ٻڻ شريڪ عمل ٿي وڃي ٿو. اها هڪ وڏي نفسياتي حقيقت آهي تہ اجتماع جي حالت ۾ هڪ عام ماڻهوءَ جي توت ادراڪ تمام گهٽ وڌي وڃي ٿي. سندس جذبات ۾ هڪ قسم جي تيزي اچي وڃي ٿي ۽ سندس ارادن ۾ تحرڪ پيدا ٿي پوي ٿو، جيڪو هونئن فرد جي حيثيت ۾ منجهس ڪڏهن بہ پيدا ٿي نٿو سگهي.

حقيقت اها آهي تہ عبادت جو نفسياتي پهلو اڃان هڪ راز آهي، ڇو تہ نفسيات وارا اڃا تائين ان گالهہ جو پتو لڳائي نہ سگهيا آهن تہ آخر ڪهڙن سببن جي ڪري هڪ مجموعي ۾ عام ماڻهوءَ جي حواسن اندر تيزي اچي وڃي ٿي. اسلام عبادات کي گهٽو ڪري اجتماعي شڪل ۾ پيش ڪري ٿو ۽ اهڙي‌ءَ طرح سندن روحاني تجليات کي بہ اجتماعي رنگ بخشي ٿو، ان ڪري هي‌ءَ گالهہ انتهائي توجہ جي مستحق آهي. ڏسو تہ اسلام ڪيئن نہ روزمره جي نماز باجماعت کان وٺي پنهنجو دائرو وسيع

ڪرڻ شروع ڪري ٿو، ۽ آخرڪار هر سال مڪي مڪرمه ۽ مسجد حرام جي چوڌاري حج جي عظيم اجتماع جو منظر پيش ڪري ٿو. هتان هر ماڻهو اهو اندازو لڳائي سگهي ٿو ته اسلام ڪهڙيءَ ريت صرف هڪڙي عبادت يعني اقامتِ صلوات ذريعي نبي نوع انسان جي اتحاد ۽ اجتماع جو دائرو وسيع ڪرڻ گهري ٿو.

لهٰذا عبادت، پوءِ اها انفرادي نوعيت جي هجي يا اجتماعي، انساني ضمير جي اها لڪل آرزو آهي، جنهن کي هن ڪائنات جي ڊيڄاريندڙ ۽ خوفناڪ خاموشيءَ ۽ ڪنهن جواب جو انتظار آهي. عبادت هڪ اهڙو بي مثال عمل آهي جنهن ۽ حق جي طالب لاءِ پنهنجي ذات جي نفي سندس اثباتِ ذات جو سبب بنجي ٿي. اهڙيءَ طرح هڪ فرد پنهنجي صحيح قدر و قيمت ڪان آشنا ٿئي ٿو ۽ هن ڪائنات ۽ پنهنجي فعال حيثيت جو صحيح اندازو لڳائي سگهي ٿو. هڪ لحاظ ڪان ڏٺو وڃي تہ اهو ئي سبب آهي جنهن ڪري انساني ذهن جي نفسياتي تقاضائن جي مدِ نظر اسلامي عبادات ۽ نفي ۽ اثبات کي ملحوظ رکيو ويو آهي. وري جيئن تہ عبادت انسان جو اندروني يا باطني عمل آهي، ان ڪري مختلف قومن ۽ قبيلن ۽ عبادت جا مختلف نمونا ملن ٿا. قرآن شريف ۽ ان ڳالهہ ڏانهن هن ريت اشارو ڪيو ويو آهي:

لِكل اُمة جعلنا منسكاً هم ناسكو o فلا
ينازعنك في الامر وادع الىٰ ربك (ط) انك لعلىٰ
هدىً مستقيم o وان جادلوك فقل الله اعلم
بما تعملون o الله يحكم بينكم يوم القيٰمة فيما
كنتم فيه تختلفون o (٢٢:٦٦-٦٩)

"انسان هر امت لاءِ عبادت جا جدا طريقا
مقرر ڪيا آهن. ان ڪري توهان سائن ان

گالهه تي جهگڙو نه ڪريو بلڪ ڪين پنهنجي
بالڪهار ڏانهن سڏيو. بيشڪ توهان سڏي
رستي تي آهيو. مگر ان کانپوءِ به جيڪڏهن
هو توهان سان بحث ڪن ته کين چؤ:
خدا بهتر ڄاڻي ٿو، جيڪي ڪجهه توهين
ڪري رهيا آهيو. بيشڪ خدا تعالىٰ قيامت
جي ڏينهن اسان ۽ توهان جي وچ ۾ انهن
اختلافي گالهين درميان فيصلو ڪندو.

سچ پچ عبادت جو ڪوبه طريقو تنازعي جو باعث نه هئڻ کپي. اها گالهه هونئن به غير اهم آهي ته عبادت دوران اوهان پنهنجو منهن ڪهڙي طرف ڪريو ٿا. قرآن مجيد جو هن سلسلي ۾ نهايت واضح ارشاد موجود آهي:

لله المشرق و المغرب (ق) فاينما تولوا فثم وجه الله (ط) (٢:١١٥)

اوڀر توڙي اولهه، الله جا آهن. پوءِ اوهين ڪهڙي به طرف منهن ڪريو ته ان طرف الله جي ذات آهي.

ليس البر ان تولوا وجوهكم قبل المشرق و المغرب و لٰكن البر من آمن بالله و اليوم الاخر و الملئكة و الكتٰب و النبيين (ج) و آتى المال علىٰ حبه ذوي القربىٰ و اليتٰمىٰ و المسٰكين و ابن السبيل و السائلين و فى الرقاب (ج) و اقام الصلوٰة و آتى الزكوٰة (ج) و الموفون بعدهم اذا عاهدو (ج) و الصٰبرين فى الباساء و الضراء و حين الباس (ط) اولئك الذين صدقو (ط) و اولائك هم المتقون ٥ (٢:١٧٦)

نيڪي اها ناهي تہ اوهين پنهنجا منهن اوپر
يا اولهہ طرف ڪريو، مگر نيڪي اها آهي
تہ اهو ماڻهو الله تي ايمان آڻي ٿو. انڪان
سواءِ قيامت جي ڏينهن ملائڪن، ڪتابن ۽
نبين تي پڻ ايمان آڻي ٿو؛ ۽ خدا جي محبت
۾ پنهنجو مال پنهنجن ويجهن مائٽن، يتيمن،
ضرورتمندن، مسافرن، سوال ڪندڙن ۽ چڏي
هيٺ آيل ماڻهن ۾ تقسيم ڪري ٿو. اهو
ماڻهو نماز قائم ڪري ٿو، زڪواة ڏئي
ٿو ۽ جيڪي وعدا ڪري ٿو انهن کي پاڙي
ٿو. اهي ماڻهو مصيبت ۾ صبر ڪن ٿا،
ڏک ۽ تڪليف ۾ راضي رهن ٿا. اهي ئي
ماڻهو واقعي سچا آهن ۽ اهي ئي پنهنجي
رب کان ڈجن ٿا."

مگر انهن سيني گالهين جي باوجود اسان کي اها حقيقت وسارڻ نہ ڪجي تہ انساني ذهن، جسماني بيهڪ کان تمام گهڻو متاثر ٿئي ٿو. لهذا اسلام جيڪڏهن عبادت جي لاءِ ڪنهن مخصوص طرف يعني قبلي جو انتخاب ڪيو آهي، تہ ان جو مطلب آهي تہ جيئن جماعت کي هڪڙي ئي قسم جي جذبات جو حامل بنائي سگهجي. ساڳئي ريت نماز جي ظاهري شڪل جو مطلب سماجي مساوات جي نشوونما آهي ۽ انجو مقصد هر قسم جي اوچ نيچ کي ختم ڪرڻ آهي، جنهن ۾ نسلي برتريءَ جو سوال پڻ شامل آهي. سوچيو تہ سهي جيڪڏهن ڏکڻ هندوستان جو هڪ متڪبر برهمڻ هر روز هڪ اڇوت سان گڏ ڪلهوڪلهي ۾ ملائي بيهي تہ جيڪر ٿوريءَ ويرم ۾ ڪيڏو نہ عظيم روحاني انقلاب رونما ٿي پوي! دراصل انسانذات بنيادي طور هڪ وحدت آهي، ڇوتہ اها هستي جيڪا هر شيءِ تي محيط آهي ۽ جيڪا هر انسا جي

تخليق جو باعث ۽ سهارو آهي، اها پڻ هڪ وحدت آهي. اهوئي سبب آهي جو قرآن شريف ۾ انسانذات جي مختلف نسلن، قومن ۽ قبيلن کي محض تعارف جو ذريعو قرار ڏنو ويو آهي. مطلب ته اسلامي عبادات ۾ نماز نه صرف حصولِ معرفت جو ذريعو آهي، بلڪ اهو هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن جي ذريعي انسانذات جي بنيادي وحدت کي نئين سر آڃاگر ڪري سگهجي ٿو ۽ انسانذات درميان تفريق پيدا ڪندڙ ديوارن کي هميشه لاءِ ڪيرائي سگهجي ٿو.

—*—

انساني خودي- سندس آزادي ۽ بقا

قرآن مجيد انسان جي انفراديت ۽ يڪتائيت کي نهايت سادي مگر مؤثر انداز ۾ پيش ڪيو آهي. ازانسواءِ منهنجي خيال ۾ جئن ته قرآن شريف زندگيءَ کي هڪ وحدت قرار ڏئي ٿو، لهٰذا انساني تقدير جي باري ۾ به وڏس هڪ خاص نظريو آهي. ٻئي طرف انسان کي هر لحاظ کان منفرد قرار ڏيڻ جو لازمي مطلب آهي ته کوبه انسان ٻئي انسان جو بار کڻي نٿو سگهي، ۽ اهڙيءَ طرح هر انسان کي صرف اهو ڪجهه پلئه پوندو جنهن جي لاءِ هو هٿ پير هڻندو. مطلب ته قرآني تعليمات مطابق ٻئي ڪنهن سهاري يا آڌار تي ۽وڻڪاري جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. هن سلسلي ۾ قرآن شريف ۾ گهڻيون نهايت وضاحت سان پيش ڪيون آهن:

(الف) پهريون ته انسان خدا جي چونڊيل مخلوق آهي.

ثم اجتبٰه ربه فتاب اليه و هدىٰ ○ (۲۰:۱۲۲)

"ان کانپوءِ خدا تعالىٰ (آدم) جو انتخاب ڪيو، ڏانهس متوجه ٿيو ۽ سندس رهبري فرمايائين!

(ب) ٻيو ته سڀني اوٽاين جي باوجود انسان هن ڌرتيءَ تي خدا تعالىٰ جو خليفو يا نائب آهي.

و اذقال ربك للملائكة انى جاعل في الارض خليفة قالوا اتجعل فيها من يفسد فيها و يسفك الدماء (ج) و نحن نسبح بحمدك و نقدس لك

قال انی اعلم مالا تعلمون (سورة ٢، آيت ٣٠)

"جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي فرمايو ته آءٌ ڌرتيءَ تي پنهنجو خليفو موڪلڻ وارو آهيان ته هو چوڻ لڳا، "ڇا اهو جيڪو ڌرتيءَ تي وڃي فساد ڦهلائيندو ۽ رت وهائيندو؟" بيشڪ اسين تنهنجي واکاڻ ڪريون ٿا ۽ تنهنجي وڏائي بيان ڪريون ٿا. ان تي خدا تعالي فرمايو: "بيشڪ آءٌ اهو ڄاڻان ٿو، جيڪي توهين نٿا ڄاڻو."

و هو الذي جعلكم خلئف الارض و رفع بعضكم فوق بعض درجات ليبلوكم في ما اتاكم ط (سورة ٢، آيت ١٦٥)

"الله الله جي ذات آهي جنهن توهان کي هن ڌرتيءَ تي پنهنجو خليفو بنايو. انڪانسواءِ توهان منجهان ڪن جا درجا بلند ڪيا آهن ته جئن توهان جي پرک ڪري سگهجي."

(ج) ڇون ته انسان آزاد شخصيت جو حامل آهي، جيڪا گهڻهم قبول ڪري ۽ وڏي جوکم جو ڪم ڪيو آهي.

انا عرضنا الامانة على السمٰوات و الارض و الجبال فابين ان يحملنها و اشفقن منها و حملها الانسان ط انه كان ظلوماً جهولاً ○ (سورة ٣٣: آيت ٧٢)

بيشڪ اسان آسمانن، ڌرتيءَ ۽ جبلن کي "امانت" جي آڇ ڪئي، پر هنن کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڊڄي ويا، انسان ان آڇ کي قبوليو، مگر هو ظالم ۽ جاهل ثابت ٿيو آهي.

بهرحال اها عجيب ڳالهه آهي ته اسلامي فڪر جي تاريخ ۾ انساني شعور جي وحدت ڏانهن بہ گهري دلچسپيءَ جو باعث نہ بني آهي، حالانڪ انساني نفس جي اها وحدت انساني شخصيت لاءِ مرڪزي حيثيت رکي ٿي. متڪلمين ان خيال جا هيا ته روح مادي جي هڪ نهايت لطيف شڪل آهي يا روح محض عرض آهي جيڪو مادي سان گڏ فنا ٿي وڃي ٿو ۽ قيامت جي ڏينهن وري ڪيس ڀيهر پيدا ڪيو ويندو. هتي اها ڳالهه صاف نظر اچي ٿي ته مسلمان فلاسفر يوناني فلسفي جي زير اثر اچي چڪا هئا. البت جيستائين ٻيا مذاهب فڪر آهن تہ ان سلسلي ۾ هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اسلام جي چوڌس ڦهلاءَ سان گڏ مختلف نسلن سان تعلق رکندڙ ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿيندا ويا، مثلاً يهودي، زردشتي ۽ نطوري وغيره. انهن ماڻهن جو فڪري نقطئه نظر سندن صدين کان مروج ڪلچر جي خمير مان پيدا ٿيو هو، ۽ سندن اهي نظريا صدين کان وٺي پوري وچ ايشيا ۽ اولهه ايشيا ۾ ڇانيل رهيا هئا. هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اهو ڪلچر پنهنجي ابتدا ۽ نشو و نما جي لحاظ کان پوريءَ ريت مجوسي الاصل يعني عجمي (Magian) نوعيت جو هيو. اهوئي سبب آهي جنهن ڪري سندس اصلي روح بنيادي طور دوئي يا ثنويت تي ٻڌل آهي ۽ اسلامي الاهيات ۾ پڻ ان جي ٿوري گهڻي جهلڪ ضرور ملي ٿي. البت هن سلسلي ۾ تصوف وارن انسان جي باطني تجربي ۽ سندس وحدت کي سمجهڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي آهي. هونئن بہ قرآن پاڪ باطني تجربي کي علم جي ڏن اهم سرچشمن منجهان هڪ اهم سرچشمو قرار ڏنئي ٿو، باقي ٻيا ٻہ اهم سرچشما "تاريخ" ۽ "فطرت جو مطالعو" آهن، پر جيڪڏهن ڪنهن مذهبي زندگيءَ ۾ انسان جو اهو اندريون تجربو يا مشاهدو ڪمال تي پهتو آهي ته اهو حلاج جي نعرهءِ "اناالحق" ۾ آهي. جيتوڻيڪ حلاج جي همعصرن ۽ پوئلڳن سندس انهن لفظن کي وحدت الوجود

يعني هم اوست جو رنگ ڏنو آهي، پر ويجهڙائيءَ ۾ هڪ فرينچ مستشرق ايم- ميسينون (M .Massignon)، جنهن حلاج جي ڪن تحريرن کي شايع ڪرايو آهي؛ انهن تحريرن مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته هن شهيد صوفيءَ جي انهن لفظن جو مطلب خدا جي ماورائيت جو انڪار ڪرڻ نه هو. مطلب ته حلاج جي مشاهدي جي صحيح تشريح اها نه آهي جنهن مطابق قطرو درياءَ ۾ پنهنجو وجود وڃائي ويهي ٿو. بلڪ اهو ان ڳالهه جو واضح ۽ اسر اعلان هو ته انساني خودي هڪ مستقل حقيقت آهي ۽ هر گنهيار شخصيت ۾ انجو اثبات ڪري سگهجي ٿو. هڪ لحاظ کان ڏنو وڃي ته حلاج جا اهي الفاظ متڪلمين لاءِ وڏي للڪار هئا. مگر مذهب جي جديد طالبعلم کي پڻ هن سلسلي ۾ ساڳئي قسم جون مشڪلاتون آڏو اچن ٿيون. مثلاً اهو ئي حلاج وارو تجربو جيتوڻيڪ بنيادي طور عام رواجي تجربو آهي، پر جڏن جڏن معاملو اڳتي وڌڻ لڳي ٿو ته اسان کي انساني شعور جي الائجي ڪيترين اڻ ڄاتل سطحن ۽ درجن سان واسطو پوي ٿو. ابن خلدون گهڻو وقت اڳ اهو محسوس ڪيو هو ته شعور جي انهن سطحن جي چنڊ ڇاڻ لاءِ ڪو ٻڌڻ سائنسي طريقو اختيار ڪيو وڃي. جيتوڻيڪ جديد نفسيات ويجهڙائيءَ ۾ اهڙي طريقه ڪار جي ضرورت کي محسوس ڪيو آهي، مگر سندس تحقيقات جو دائرو صوفيانه شعور جي سطحن ۽ سندس خصوصيات کان اڳتي وڌي نه سگهيو آهي.

مطلب ته ايڏان تائين اسان ڪو اهڙو سائنسي طريقو ايجاد ڪري نه سگهيا آهيون جنهن جي ذريعي اهڙي قسم جي باطني تجربات جي برڪ ڪري سگهجي. يعني جنهن جي ذريعي امين حلاج جي انهيءَ راءِ کي پرکي سگهون ۽ اڏڻ تجربن منجهان علمي لحاظ کان ممڪن حد تائين فائدو حاصل ڪري سگهون. هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته الهيات جا اهي تصورات

جيڪي مدي خارج ما بعد الطبعيات جي اصطلاحن ذريعي پيش ڪيا وڃن ٿا، انهن ماڻهن لاءِ بلڪل بيڪار آهن جن جو ذهني پس منظر يڪسر مختلف آهي. لهٰذا جديد دور جي مسلمان کي هڪ وڏي مهم درپيش آهي. ڪيس ماضيءَ کي يڪسر نظرانداز ڪرڻ ڪانسواءِ پوري نظام اسلام جو نئين سر جائزو وٺڻو آهي. هن سلسلي ۾ شاه ولي الله دهلوي اهو پهريون شخص آهي جيڪو انهيءَ نئين روح سان معمور نظر اچي ٿو. ان کان پوءِ سيد جمال الدين افغاني جي شخصيت آهي جنهن کي انهيءَ سڄي ڪم جي حقيقي اهميت ۽ افاديت جو پوري ريت اندازو رهيو. سڄ پڄ هو هڪ اهڙو ماڻهو هيو جنهن کي اسلامي فڪر جي تاريخ ۾ ميلاني زندگيءَ جي باري ۾ گهرو ادراڪ هيو. ازانسواءِ جڏن تہ ڪيس مختلف ماڻهن جي ميل جول ۽ طور طريقن جو وسيع مشاهدو هو، ان ڪري پنهنجي وسيع النظريءَ سبب ماضيءَ ۽ مستقبل درميان هڪ جيڏي جاگهندي ضمانت بنجي سگهيو ٿي. ڪاش، هو پنهنجون چوڙچوڙ ڪوششون رڳو ان ڏس ۾ صرف ڪري ها تہ اسلام، هڪ انساني عقيدي ۽ عملي نظام جي حيثيت ۾ دنيا کي چا ڏنو؟! مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن هو ائين ڪري ها تہ اڄ اسان مسلمانن جي فڪري عمارت زياده مضبوط بنيادن تي قائم هجي ها!

بهرحال هينئر اسان جي لاءِ صرف هڪڙو رستو باقي رهيو آهي ۽ اهو اهو آهي تہ جديد علومن منجهان پوريءَ ريت استفادو ڪيو وڃي ۽ آزاديءَ راءِ کي برقرار رکندي انهن علومن جي روشني ۾ اها گالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ ائين ڪرڻ سان ممڪن آهي تہ اسين پنهنجي اسلاف سان به اختلاف ڪري ويهون. لهٰذا هن ليڪچر ۾ آءٌ انهيءَ گالهہ تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس.

جديد فڪر جي تاريخ ۾ بريڊلي (Bradely) اهو پهريون

شخص آهي جنهن ان گالهه جا کافي ثبوت پيش ڪيا آهن تہ خودي جي حقيقت کان انڪار ناممڪن آهي. هيتوڻيڪ هو پنهنجي ڪتاب "اخلاقيات جو مطالعو" (Ethical Studies) ۾ خوديءَ جي وجود کي تسليم ڪري ٿو، مگر منطق (Logic) ۾ ان کي محض هڪ عملي مفروضي جي حيثيت سان مڃي ٿو. البت پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ڏيک ۾ حقيقت (Appearance and Reality) ۾ هو خوديءَ تي نهايت گهري نظر وجهي ٿو. باڪ ان چوڻ ۾ ڪو وڏاءُ نہ ڏيندو تہ انهيءَ ڪتاب جا ٻہ باب جيڪي هن خوديءَ جي اصليت ۽ حقيقت جي باري ۾ لکيا آهن، اهي گويا جديد "اپنشد" آهن جيڪي "جيو آتما" جي عدم حقيقت کي واضح ڪن ٿا. بريڊلي جي چوڻ مطابق حقيقت جي سچائپ اها آهي تہ اها تضاد کان پاڪ هجڻ گهرجي. مگر جئن تہ اسانجي تجربي جو دائرو محدود آهي، تنهن ڪري لفظن ۾ خودي؛ وحدت ۽ ڪثرت تغير ۽ ثبات جهڙن ان ڏهڪندڙ تصورات جو مجموعو آهي، لهٰذا ثابت ٿيو تہ خوديءَ جو وجود هڪ فريب آهي. ازانسواءِ خوديءَ جي باري ۾ اسين گهڙو ٻہ تصور قائم ڪريون ـ احساس، ذاتي تشخص، روح يا مُشيّت ـ پر هر صورت ۾ سندس جائزو فڪري قوانين تحت ئي وٺڻو پوندو. اسان کي خبر آهي تہ فڪر خود "نسبتي" نوعيت جو ٿئي ٿو ۽ سڀ نسبتون تضاد جو شڪار هونديون آهن. هيتوڻيڪ بريڊلي جي انهن ٻي رخ منطقي موشگافين جو مطلب اهو ئي هو تہ خوديءَ جي حقيقت واضح نہ آهي، پر ان جي باوجود هو اهو تسليم ٿو ڪري تہ خودي ڪنهن نہ ڪنهن لحاظ کان هڪ حقيقت ضرور آهي، يعني هڪ ناقابلِ انڪار حقيقت. اها گالهه صحيح آهي تہ خودي پنهنجي محدود صورت ۾ زندگيءَ اندر سمايل وحدت جو مظاهرو ڪونہ ٿي ڪري، مگر خوديءَ جي سڀاويڪ ڪُنهر آهي تہ هوءَ مڪمل طور مؤثر متوازن، بي مثال ۽ جامع وحدت حاصل ڪرڻ لاءِ هروقت ڪوشان رهي. اهوئي سبب آهي جو جڏهن ڪنهن تہ خوديءَ کي

مڪمل وحدت جي حصول لاءِ الائجي ڪيترن مختلف قسم جي ماحولن مان گذرڻو پوي! جيستائين خودي‌ءَ جي موجوده جوڙجڪ جو تعلق آهي تہ خودي مسلسل ڇڪتاڻ جو شڪار آهي ۽ انهيءَ لاءِ ڪيس ننڍ جي صورت ۾ مستقل آرام جي ضرورت پوي ٿي. ان کانسواءِ اهو ٻڌ ممڪن آهي تہ معمولي نوعيت جو هيجان سندس موجوده وحدت کي هيٺ مٿي ڪري وجهي ۽ منس ضابطو رکندڙ توانائي کي بلڪل ختم ڪري ڇڏي. پر اها ٻڌ حقيقت آهي تہ فڪر ڪهڑي به نموني ۾ سندس تجزيو ڪري، مگر اسانجو احساس خودي پنهنجي جڳهہ تي قائم ۽ دائم آهي، وري اهو احساس ايڏو تہ شديد ٿئي ٿو جو بربادي جهڙو ماڻهو به سندس اعتراف ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو پوي.

مطلب تہ اسان جي تجربي جو اهو محدود مرڪز هڪ حقيقت آهي، البت ايترو ضرور آهي تہ سندس عقلي سمجهاڻي پيش ڪرڻ اسان جي وس کان ٻاهر آهي. ان ڪري سوال پيدا ٿو ٿئي تہ پلا سندس وڏي ۾ وڏي خصوصيت ڪهڙي آهي؟ هن سلسلي ۾ سڀ کان پهرين ڳالهہ اها آهي تہ خودي پنهنجو اظهار نفساني ڪيفيتن جي وحدت ذريعي ڪري ٿي. وري اهي ڪيفيتون هڪ ٻئي کان الڳ وجود ڪونہ ٿيون رکن، بلڪ اهي شروع ۾ ئي هڪ ٻئي سان گنديل ۽ هڪ ٻئي ۾ سمايل هونديون آهن. دراصل اهي سڀ هڪ اهڙي پيچيده ڪُل جا درجا آهن، جنهن کي اسين انساني "نفس" ڪوٺيون ٿا. اهڙيءَ طرح انهن هڪ ٻئي سان گنديل ڪيفيتن يا ٻين لفظن ۾ واقعن جي نامياتي وحدت ۾ خاص قسم جي ٿئي ٿي. يعني سندن وحدت مادي شين جي وحدت کان بلڪل جداگانہ قسم جي ٿئي ٿي، ڇوتہ مادي شين جا جُزا هڪ ٻئي کان الڳ ۾ قائم رهي سگهن ٿا، پر نفس جي صورت ۾ اُهي ڪونهي. مطلب تہ نفس جي اها وحدت پنهنجو مٿت پاڻ آهي.

اهو ئي سبب آهي جو اسين اڃين چئي نٿا سگهندا آهيون ته منهنجو هيءُ عقيدو يا ويساه فلاڻي عقيدي جي ڪهي يا سچي طرف واقع آهي. اڙيءَ طرح جيڪڏهن اسين تاج محل جي سونهن کان متاثر آهيون ته پوءِ اها گالهه قطعاً فضول آهي ته اسين آگري کان ڪيترو پري يا ويجهو آهيون. ساڳيءَ ريت مڪان جي تصور وقت منهنجي خيال کي مڪاني لحاظ کان ساڻس ڪا نسبت ڪانهي.

درحقيقت خودي‌ءَ کي اها قدرت حاصل آهي جو ڪيترن ئي مڪاني نظامات جو تصور ڪري سگهي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو سڃاڻپ ۽ ننڍ جي حالت ۾ مڪان بابت اسانجا تصورات مختلف ٿين ٿا ۽ پنهنجي جي پاڻ ۾ ڪا نسبت ڪونه ٿي ٿئي، بلڪ انهن جو پاڻ ۾ ڪو تعلق ڪونه ٿو ٿئي ۽ نه وري ڪڏهن پاڻ ۾ ڳڏجي يا ملي سگهن ٿا. ان جي برعڪس اسين جسم سان هڪڙي ئي قسم جو مڪان وابسته ڪري سگهون ٿا. پهن لفظن ۾ خودي مڪاني لحاظ سان اڙيءَ طرح محدود نه آهي جهڙيءَ طرح اسان جسماني لحاظ کان محدود آهيون. ساڳيءَ ريت جيتوڻيڪ ذهني ۽ طبعي واقعات وقت سان منسلڪ ٿين ٿا، مگر بنيادي طور خودي‌ءَ جو پيمانءِ وقت طبعي وقت جي پيماني کان مختلف ٿئي ٿو. ازانسواءِ طبعي واقعات جي مدت اڃين آهي جڏن ڪا موجود حقيقت مڪاني لحاظ کان ڦهليل هجي. مگر خودي‌ءَ جي صورت ۾ اڃين ناهي ڇو ته سندس مدت داخلي طور مرڪوز آهي، ۽ اها نهايت عجيب نموني ۾ پنهنجي ماضي ۽ حال سان وابسته آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن ڪو طبعي واقعو وجود ۾ اچي ٿو ته اهو پنهنجي پٺيان ڪيترائي نشان ڇڏي ايندو آهي، جن کي ڏسي اسان گذريل مدت جو اندازو لڳائيندا آهيون، پر هتي اها گالهه ياد رکڻ گهرجي ته اهي نشان محض نشان ئي آهن، يعني بذات خود مدت نه آهن. مطلب ته حقيقي مدت صرف

خودي‌۽ سان منسلڪ آهي.

خودي‌۽ جي وحدت جي پي اهم خصوصيت سندس خلوت جو پهلو آهي، جنهن سان وري سندس يڪتائيت جو اظهار ٿئي ٿو. انجو سادي ۽ سادو مثال اهو آهي ته جيڪڏهن توهان ڪنهن منطقي نتيجي تي پهچڻ گهرو ٿا، ان لاءِ ضروري آهي ته منطقي قضيئي جا ٻئي مقدمات توهان جي ذهن جي پيداوار هجن. مثلاً جيڪڏهن منهنجو ذهن صرف ان قضيي کي تسليم ڪري ٿو ته "انسان فاني آهي"، ۽ ان قضيي کي تسليم نٿو ڪري ته سقراط انسان آهي"؛ ظاهر آهي ته ان صورت ۾ آڻ اهو نتيجو ڪڍي نٿو سگهان ته: "سقراط فاني آهي." لهٰذا ثابت ٿيو ته ٻنهي قضين جو هڪ ئي ذهن سان وابستہ هڻ ضروري آهي. اهڙي‌۽ طرح جيڪڏهن مونکي ڪنهن شيءِ جي خواهش آهي ته بنيادي طور اها منهنجي ئي خواهش آهي ۽ انجي پوري ٿيڻ سان ئي مونکي خوشي حاصل ٿي سگهي ٿي. ساڳي‌۽ ريت جيڪڏهن مي سارو جڳ ڪنهن شيءِ جي خواهش ڪري ٿو ۽ سندن اها خواهش پوري ٿئي ٿي، ان صورت ۾ ۽ منهنجي خواهش ايستائين پوري نہ ٿيندي جيستائين مونکي پاڻ کي اها شيءِ نہ ٿي ملي. هاڻي اهڙي‌۽ طرح سمجهو ته مونکي ڏند ۽ سور آهي. جيتوڻيڪ ان صورت ۾ اهو ممڪن آهي ته ڏندن جو معالج مون سان همدردي ڪري، پر ڪيس منهنجي سور جو احساس ته ڪوبہ ٿو ٿي سگهي، اهو صرف مونکي ئي ٿي سگهي ٿو. مطلب ڪالهہ جو ته منهنجون خوشيون، يا منهنجون تڪليفون ۽ خواهشون، مڪمل طور منهنجون آهن ۽ منهنجي ذاتي خودي‌۽ جو اڻوٽ انگ آهن. ساڳي‌۽ ريت منهنجا احساسات، منهنجي محبت ۽ نفرت، منهنجا رايا ۽ ارادا، اهي سڀ منهنجا پنهنجا آهن. ايتريقدر جو جڏهن منهنجي آڏو هڪ ڪاڻ وڌيڪ رستا کليل آهن ته ان صورت ۾ خدا جي ذات ۾ منهنجي احساس، راءِ ۽ پسند ۽ مداخلت نہ ٿي ڪري ـ اهڙي‌۽

ريت جيڪڏهن آڏ ٽوهان کي سڃاڻان ٿو تہ انجو اهوئي مطلب آهي تہ آڏ هن کان اڳ بہ ٽوهان سان ملي چڪو آهيان.

مطلب تہ جيڪڏهن آڏ ڪنهن شخص يا جڳهہ جي سڃاڻپ ڪري سگهان ٿو تہ منهنجي انهيءَ سڃاڻپ جو دارومدار منهنجا گذريل تجربات آهن. انهن ڪونہ ٿو ٿي سگهي تہ اهي تجربات ڪنهن ٻئي شخص جا هجن ۽ انسان پنهنجي انهن ذهني ڪيفيتن جي بي مثال باهمي ربط کي "مان" يا "آڏ" جي لفظ ذريعي ظاهر ڪندا آهيون. وري حقيقت اها آهي تہ انهن ئي نفسيات جو وڏي ۾ وڏو مسئلو جنم وٺي ٿو، جيڪو اهو آهي تہ انهيءَ "آڏ" جي اصليت يا ماهيت ڪهڙي آهي؟

اسلامي الٰهيات جو اهو مڪتبِ فڪر جنهن جو سهرو امام غزاليءَ جي سِرَ آهي، انهن جو چوڻ آهي تہ خودي هڪ اهڙو سادو روحاني جوهر آهي جيڪو ناقابل تقسيم هڻڻ کانسواءِ ناقابل تغير ٿڻ آهي. ان کانسواءِ خودي انسان جي ذهني ڪيفيتن کان قطعي مختلف آهي ۽ وقت جي اثرات کان آزاد ٿڻ. گويا ان لحاظ کان انسان جو شعوري تجربو ان کي وحدت آهي ۽ڪاڻ جو انسان جو ذهني ڪيفيتون ان سادي جوهر جي مختلف صفتن سان واسطو رکن ٿيون. وري اهو جوهر اهڙو ٽئي ٽئو جيڪو پنهنجي خاصيتن ۾ تبديليءَ جي باوجود پنهنجي اصليت کي برقرار رکهو اچي. يعني جيڪڏهن مان توهان کي سڃاڻان ٿو تہ انجو مطلب آهي تہ مون جڏهن پهريائين توهان کي ڏٺو هو ۽ وري جڏهن هاڻي ڏسان ٿو تہ انهي عرصي دوران ان سلسلي سون ۾ ڪا تبديلي نہ آئي آهي. گويا سڃاڻپ ۽ ساڃهہ لاءِ "اتي ئي آهين، جتي اوهان ڇڏيون" واري ڪيفيت لازمي گهاڙهہ آهي.

بهرحال حقيقت اها آهي تہ ڏن مڪتبِ فڪر وارا نفسيات جي مقابلي ۾ مابعدالطبعيات طرف زياده مائل هئا. هتي اها گهاڙهہ ياد رکڻ گهرجي تہ پوءِ ڪٽي انسان روح جو وجود ان لاءِ تسليم

کريون. تہ اهڙيءَ طرح اسين پنهنجي شعوري تجربي جي سمجهاڻي ڏئي سگهون ٿا، يا ان کي تہ روح بقا حاصل ڪرڻ جو بنياد آهي؛ مگر پنهي صورتن ۾ آءٌ سمجهان ٿو، نہ تہ نفسيات جو ڪو ڪارڻ پورو ٿئي ٿو ۽ نہ وري مابعدالطبعيات جو ڪو مقصد حل ٿئي ٿو. هتي اهو ڏيکارينڊو هلان تہ جديد فلسفي جو طالبعلم انهن مغالطن کان پوريءَ ريت واقف آهن جيڪي عقل- محض مان جنم ورتا ۽ جن جي نشاندهي ڪانٽ اڳيئي ڪري ڇڏي آهي. ڪانٽ چوي ٿو: اها جيڪا "مان سوچان ٿو" واري ڳالهہ آهي. اها اسان جي سوچ جو لازمي حصو آهي ۽ ان کي اسان جي فکر جي هڪ عام رواجي حالت ٻڌ آهي. مگر فکر جي ان عام حالت منجهان ڪنهن وجودياتي حقيقت تي استدلال ڪرڻ منطقي لحاظ کان بلڪل غلط آهي. ڪانٽ جي انهيءَ خيال کان سواءِ اي ڳالهہ اها بہ آهي تہ ڪنهن شيءِ جو ناقابل تقسيم هجڻ صرف ان ڳالهہ جو دليل ڪونهي تہ اها شيءِ غير فاني ٿي آهي. ۽ تہ ڪا غير تقسيم پذير شيءِ، جنهن ڪانٽ جي ٿي هن سلسلي ۾ راءِ هئي، تہ هڪ باطني خاصيت وانگر آهستي آهستي ختم ٿي سگهي ٿي، يا انهيءَ بہ ٿي سگهي ٿو تہ اها شيءِ خود بخود اوچتو ختم ٿي وڃي.

بهرحال روح جي باري ۾ اهڙو غير متحرڪ نظريو نفسياتي لحاظ کان ڪو مقصد پورو ڪونہ ٿو ڪري. هن سلسلي ۾ پهرين مشڪلات اها آهي تہ انهن ڪرڻ سان شعوري تجربي جي مڙني حالتن کي روح جي خاصيتن جو نتيجو قرار ڏيئو پوي ٿو ۽ ان جو مثال انهن آهي جنهن مادي شين جو وزن سندن خاصيتن جو نتيجو قرار ڏجي. پر اسانجو مشاهدو ٻڌائي ٿو تہ اسانجو تجربو همٿيشہ ڪنهن نہ ڪنهن امر تي دلالت ڪندو آهي، ان ڪري سندس مخصوص وجود ٿئي ٿو. هن سلسلي ۾ لئرڊ (Laird) جي راءِ نهايت وزندار آهي. هو چوي ٿو تہ اسان جا اهي تجربا

درحقيقت هڪ نئين دنيا جي جوڙجڪ ڪن ٿا، يعني اهي ڪنهن پراڻي دنيا جي نشاندهي ڪونه ٿا ڪن. پي ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن واقعي اسانجا تجربا ۽ مشاهدا محض روح جون خاصيتون آهن، پوءِ سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر اهي خاصيتون منجهس پيدا ڪيئن ٿيون؟ لهٰذا ثابت ٿيو ته شعوري تجربي منجهان ان ڳالهه جي ڪا شاهدي ڪونه ٿي ملي ته خودي هڪ روحاني جوهر آهي. ڇو ته اسانجو مفروضو هو ته روح هڪ اهڙو جوهر آهي جيڪو مشاهدي يا تجربي وسيلي پنهنجو اظهار ڪونه ٿو ڪري ازانسواءِ هن نظريي مطابق پي ڳالهه هيءَ فرض ڪئي وئي هئي ته اسانجو جسم مختلف وقتن تي مختلف روحن جي تابع ٿئي ٿو. حالانڪ ان ڳالهه جو به ڪو امڪان ڪونهي. اهوئي سبب آهي جو هي نظريو شخصيت جي بدلجندڙ پهلوئن جي وضاحت ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو، ڇو ته هن نظريي مطابق ائين ٿي سمجهيو ويو ته اهو سڀ ڪجهه بدروحن جي ڪري ٿئي ٿو، جيڪي ڪنهن شخصيت مٿان ڪجهه وقت لاءِ حاوي ٿي وڃن ٿا.

بهرحال سيني ڳالهين جي باوجود اهو اسانجو شعوري تجربو ئي آهي، جيڪو خودي‌ءَ جي حقيقت کان اسانکي پوريءَ ريت آگاه ڪري سگهي ٿو. ان ڪري هاڻي اچو ته جديد نفسيات ڏانهن رجوع ڪريون ۽ ڏسون ته اهو علم خودي‌ءَ جي باري ۾ ڇا ٿو چوي يا ان موضوع تي ڪهڙي روشني ٿو وجهي. جيستائين ولیم جيمز جو تعلق آهي ته هو شعور کي "خيال جو وهڪرو" ڪوٺي ٿو ۽ ان مان سندس مراد مسلسل تغيرات جي هڪ شعوري وهڪ آهي. هو چوي ٿو ته اهو هڪ قسم جو اصول آهي جيڪو اسانجي مشاهدات کي يڪجا ڪري ٿو. يا ايا ته ائين ڪئي ڇڏجي ته اهو اسانجي فڪري زندگيءَ جي مشاهدن کي "ڪڙو منجهه ڪڙي" واري ڪيفيت بخشي ٿو، جنهنڪري اهي اسانکي هڪ وهڪري جي صورت ۾ نظر اچن ٿا. مگر

خودي جئن تہ اسانجي جذبات ۽ احسات تي مشتمل آهي، لهلڏا خودي اسانجي فڪري نظام جو ڏاڪ حصو آهي. ان کانسواءِ اسانجي خيال جي هر حرڪت، ڀوءِ ان جو تعلق ماضيءَ سان هجي يا حال سان، ڏاڪ اهڙي ناقابل تقسيم وحدت آهي جنهن ۾ علم توڙي حافظو ۽ڀي ڪارفرما ٿين ٿا. مطلب تہ اهو سڄو ڪمال اسانجي خودي‌ءَ جو آهي جنهن ڪري اسين پنهنجي فڪر جي موجوده حرڪت کي ماضيءَ سان، ۽ موجوده کي مستقبل سان وابستہ ڪري سگهندا آهيون. جيتوڻيڪ اسانجي فڪري زندگيءَ جي باري ۾ وليم جيمز جو اهو تصور انتهاهي ذهانت تي ٻڌل آهي، ليڪن منهنجي ناقص راءِ موجب سندس اهو نظريو شعور جي صحيح نمونن ۾ عڪاسي ڪونہ ٿو ڪري، خاص طور جهڙيءَ ريت اسانکي پنهنجي اندر ۾ ان جو احساس ٿئي ٿو. دراصل شعور هڪ اهڙي وحدت آهي جيڪو اسانجي فڪري زندگيءَ ۾ اڳيئي موجود آهي، ان ڪري شعور کي صرف اهڙن جُزن جو مجموعو ڪوئي نہ ٿو سگهجي جيڪي رڳو هڪ ٻئي کي خبرون پهچائيندا رهن ٿا. لهلڏا شعور جي باري ۾ ٻڌيون نظريو هڪ تہ خودي‌ءَ جي حقيقت جو ڪو پتو ڪونہ ٿو ڏئي، ۽ ٻيو تہ انين ڪرڻ سان اسانجي مشاهدي جو اهو عنصر بہ ڪالعدم ٿي وڃي ٿو جيڪو هونئن ڳهٽ ۾ ڳهٽ اضافي طور مستقل نظر اچي ٿو. وري هن سلسلي ۾ ٻي ڳالهہ اها آهي تہ انين ڪرڻ سان گذرندڙ خيالات جو وجود تسلسل کان عاري ٿي ٻوي ٿو. ڇو تہ جڏهن هڪ خيال پيدا ٿئي ٿو تہ ٻيو از خود اڳيئي گم ٿيو وڃي. ان ڪري سوال پيدا ٿئي ٿو تہ هر گذرندڙ خيال، جيڪو ٿوري دير کانپوءِ ختم ٿي وڃي ٿو، اهو ڪهڙي ريت ٻئي ايندڙ خيال سان واهپو رکي ٿو ۽ ڪهڙيءَ ريت ڪيس پنهنجي خبر ڏئي ٿو. هتي منهنجو مطلب اهو ناهي تہ خودي مشاهدي جي ان ڪثرت کان بلڪل الڳ ۽ بالاتر آهي جنهن جا جُزا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل يا ڇڪيل

ٿين ٿا. بلڪ منهنجو مطلب آهي تہ اسانجو داخلي مشاهدو ئي ان ڳالهہ جو شاهد آهي تہ خودیءَ جو عمل جاري و ساري آهي، يا هيئن ڪٽي چڄي تہ اسانجو باطني تجربو فعال خودیءَ جو ٻيو نالو آهي. دراصل ڪنهن بہ شيءِ جي ادراڪ دوران يا ان جي باري ۾ پنهنجي راءِ ۽ ارادي کي ظاهر ڪرڻ وقت انسان جو عمل خودیءَ کان الڳ ٿي نہ ٿو سگهي. حقيقت اها آهي تہ خودیءَ جي زندگي هڪ قسم جي ڪشمڪش آهي. يعني اها هڪ اهڙي ڇڪتاڻ آهي جيڪا خودي ۽ ماحول جي باهمي آويزش جو نتيجو آهي. ان ڪري اهو سمجهڻ غلط ٿيندو تہ خودي انهيءَ باهمي ڪشمڪش دوران پاڻ کي الڳ رکي سگهي ٿي، هرگز نہ! بلڪ ان صورت ۾ خودیءَ جو ڪردار هڪ رهنمائي ڪندڙ طاقت جهڙو ٿئي ٿو، جيڪا اهڙي قسم جي تجربن منجهان پڻ پنهنجي تشڪيل ۽ تڪميل ڪري ٿي. قرآن شريف خودیءَ جي ان رهنما ڪردار طرف هيئن اشارو ڪري ٿو:

و يسئلونک عن الروح ؕ قل الروح من امر ربّي
وما اوتيتم من العلم الا قليلاo (سورة ١٧، آيت ٨٧)

"۽ هو توکان روح بابت سوال ڪن ٿا. تون کين چؤ تہ: روح منهنجي رب جو هڪ "امر" يعني حڪم آهي ۽ توهان کي تمام ٿورڙو علم ڏنو ويو آهي."

هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ اِن لفظ "امر" جو ڇا مطلب آهي؟ هن سلسلي ۾ قرآن پاڪ لفظ "امر" ۽ "خلق" جي وچ ۾ جيڪو فرق قائم ڪيو آهي، اهو ڏيان ۾ رکڻ ضروري آهي. جو تہ اِها آڳاهہ آهي جنهن ڪري پرنگل پٽيسن (Pringle Pattison) نهايت افسوس سان چيو هو تہ انگريزي زبان ۾ هن

سلسلي ۾ صرف هڪڙو لفظ ملي ٿو ۽ اهو آهي "تخليق" (Creation). سندس چوڻ مطابق اهو هڪڙوئي لفظ آهي جيڪو هڪ طرف خدا ۽ ڪائنات درميان نسبت کي ظاهر ڪري ٿو تہ ٻئي طرف انساني خودي ۽ خدا جي تعلق کي پڻ واضح ڪري ٿو. مطلب تہ هن سلسلي ۾ عربي زبان نهايت بختاور آهي جو وڌ ۾ لفظ موجود آهن يعني "خلق" ۽ "امر"؛ ۽ اهي ٻئي لفظ خدا تعاليٰ جي تخليقي عمل کي ظاهر ڪن ٿا. خلق لفظ جي معنيٰ آهي "پيدائش" ۽ "امر" مان مراد آهي "هدايت". جئن قرآن پاڪ ۾ پڻ هڪ ٻئي هنڌ ارشاد آهي: "الا له الخلق و الامر." هن کان اڳ اسان جنهن آيت جو حوالو ڏنو آهي ان ۾ به روح جي ماهيت کي لفظ "امر" سان ئي ظاهر ڪيو ويو آهي، چاڪاڻ تہ سندس بنيادي سرچشمو خدا تعاليٰ جو قدرتي حڪم آهي. بهرحال اها خبر ڪونہ ٿي پوي تہ اهو امرِ خداوندي آخر ڪهڙيءَ ريت انهن وحدتن جي شڪل اختيار ڪري ٿو جن کي اسين خودين جو نالو ڏيون ٿا. وري انهيءَ ساڳي آيت ۾ لفظ "ربّي" جهڙو ضمير متڪلم استعمال ٿيل آهي، جيڪو پڻ خودين جي اصليت ۽ سندس طرزِ عمل تي وڌيڪ روشني وجهي ٿو. شايد ان جو مطلب اهو آهي تہ جيتوڻيڪ ڪجهہ تبديلين روح جي وحدت کي وسعت ۽ توازن جي لحاظ کان متاثر ڪن ٿيون، پر انهن جي باوجود روح کي پنهنجو مخصوص ۽ منفرد وجود آهي. قرآن شريف جو ارشاد آهي: "ڪُل ڪُلٌ يّعمل علىٰ شاكلته فربك اعلم بمن هو اهدىٰ سبيلا ٥" يعني هر هڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي نموني ۾ عمل ڪري ٿو، مگر تنهنجو رب ڄاڻي ٿو تہ ڪير زياده هدايت واري رستي تي آهي." مطلب تہ منهنجي اصل شخصيت ڪنهن شيءِ وانگر ناهي، بلڪ اهو هڪ عمل آهي. اهڙيءَ طرح منهنجو مشاهدو يا تجربو اعمالن جو هڪ اهڙو سلسلو آهي جنهن جو هر عمل هڪ ٻئي عمل تي دلالت ڪري ٿو، جيڪي هڪ رهنما مقصد جي وحدت

سڀاڻ هڪ ٻي سان وابستہ آهن. گويا منهنجي سموري حقيقت جو دارو مدار منهنجي رهنمائي ڪندڙ رجحان تي آهي. مطلب تہ توهان منهنجو ادراڪ هڪ اهڙي شيءِ وانگر ڪري نہ ٿا سگهو جيڪا زمان ۽ مڪان جي پابند آهي. بلڪ جيڪڏهن توهان منهنجي ذات کي سمجهڻ ۽ پرکڻ چاهيو ٿا تہ توهان منهنجي راه کي ڏسو! توهان کي ڪپي تہ اهو ڏسو تہ منهنجون خواهشون ڪهڙيون آهن، منهنجا مقصد ڪهڙا آهن، ۽ منهنجون تمنائون يا اميدون ڪهڙيون آهن؟!

هن بحث جو ٻيو اهم سوال اهو آهي تہ آخر خودي هن زمان و مڪان واري دنيا ۾ ڪهڙي ريت ظهور پذير ٿي آهي؟ هن سلسلي ۾ قرآن شريف جو ارشاد نهايت واضح آهي:

ولقد خلقنا الانسان من سلٰلة من طين ٥ (ج) ثم جعلنٰه نطفة في قرار مكين ٥ (ص) ثم خلقنا النطفة علقه فخلقنا العلقة مضغة فخلقنا المضغه عظٰماً فكسونا العظام لحما (ق) ثم انشانٰه خلقاً آخر ؕ فتبارك الله احسن الخالقين ٥ ؕ (سورة ۲۳، آيت ۱۲ کان ۱۴ تائين)

بيشڪ اسان انسان کي چڪي متيءِ مان پيدا ڪيو، ان کانپوءِ هڪ جيوڙي جي صورت ۾ ڪيس هڪ محفوظ جڳهہ تي پهچايو، جتي ان جيوڙي کي اسان رت جو دڳ ٻڌايو ۽ ان دڳ کي وري گوشت جو لوٿڙو بنايو. ان کانپوءِ ان گوشت ۾ اسان هڏا پيدا ڪيا ۽ آخر ۾ انهن هڏن تي گوشت چاڙهيو. آخر ۾ اسان کيس هڪ ٻي قسم جي مخلوق بنايو. بيشڪ الله جي ذات بابرڪت آهي ۽ اهوئي سهڻي ۾ سهڻو خالق آهي. ظاهر آهي تہ مٿئين آيت ۾ "خلق آخر" مان مراد انسان جي اها نشوونما آهي جيڪا سندس موجوده جسماني نظام سبب واقع ٿئي ٿي.

ان جو مطلب اهو ٿيو ٿو اسانجو موجوده جسماڻي نظام گوشت ذرجي وارين خودبن جو هڪ آماجگاه آهي، جن مان هڪ ڪنهر خودي هروقت مون تي پنهنجو عمل جاري رکيو اچي، اهڙي طرح مونکي موقعوفراهم ڪري ٿي تہ آءٌ پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن کي هڪ باقائدہ وحدت ۾ سموئي سگهان. ليڪن سوال پيدا ٿو ٿئي تہ پوءِ ڊيڪارٽ جو اهو چوڻ ڪيتريقدر درست آهي تہ روح ۽ جسم بہ جدا جدا شيون آهن ۽ اهي ٻئي پاڻ ۾ ڪنهن پر اسرار نموني ۾ ملبل آهن؟ منهنجي پنهنجي راءِ مطابق، اهو ويچار تہ مادي کي پنهنجي ليکي مستقل وجود آهي، سراسر بي بنياد ۽ غلط گاڻهم آهي، چو تہ ان باري ۾ جيڪو دليل ڏنو وڃي ٿو اهو هي آهي تہ اسانجي حواسن جي علت صرف اسانجر وجود ناهي بلڪ هن سلسلي ۾ مادي شيون بہ جڏوي علت جو درجو رکن ٿيون. هتي اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ منهنجي وجود کان علاوہ جيڪي بيون شيون آهن، انهن ۾ کي ابتدائي خاصيتون ٿين ٿيون ۽ اهي منهنجي حواسن سان مطابقت رکن ٿيون. باقي جيستائين ان سوال جو تعلق آهي تہ ان شيءِ ۾ اهي خاصيتون واقعي موجود بہ آهن يا نہ؟ اِن جو جواب اهو ٿو ڏنو وڃي تہ علت ۽ معلول ۾ مشابهت جو هڻ ضروري آهي. حالانڪ حقيقت اها آهي تہ علت ۽ معلول ۾ ڪنهن مشابهت جو هڻ ضروري ناهي. ان جومثال هي آهي تہ جيڪڏهن منهنجي ڪاميابيءَ جيڪري ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏک پهچي ٿو، تہ ان صورت ۾ منهنجي ڪاميابيءَ ۽ سندس ڏک جي وچ ۾ ڪهڙي مشابهت ٿي سگهي ٿي. بهرحال اسانجي روزمره جي تجربي ۽ سائنس جو اهو بنيادي مفروضو آهي تہ مادي کي پنهنجي ليکي مستقل وجود آهي. لهٰذا اچو تہ ٿوري دير لاءِ اها گاڻهم فرض ڪري وڻون تہ روح ۽ مادي کي پنهنجي ليکي مستقل وجود آهي، ۽ اهو ٻڌ تہ منجهن پر اسرار تعلق موجود آهي. ڊيڪارٽ ڀريون شخص هيو جنهن ان مسئلي کي باقاعدي ان نموني ۾ پيش ڪيو. مگر منهنجو خيال آهي تہ سندس اها سوچ انهن

اثرات جو ڏيڻ هڻي جيڪي عيسائين اوائل ۾ مانويت (Manichaen) کان قبول ڪيا هئا. بهرحال جيڪڏهن روح ۽ جسم ٻئي هڪ ٻئي کان جدا ۽ آزاد آهن ۽ هڪ ٻئي جو ڪو اثر قبول ڪونه ٿا ڪن، تہ پوء ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ روح ۽ جسم بن پور وچوٽ ليڪن وانگر آهن، ۽ اڳ ۾ ٿي منجهن هڪ قسم جي هم آهنگي موجود آهي. هتي اها گالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ مشهور فلسفي لائبنز ٻڌ ان ساڳئي خيال جو هيو. ٽورن لفظن ۾ ان سڄي گالهہ جو مطلب آهي تہ روح جي صرف اها حيثيت آهي تہ هو جسم جي اعمالن جو انفعالي طور مشاهدو ڪندو رهي. پر ان جي برعڪس جيڪڏهن اهو فرض ڪجي تہ روح ۽ جسم هڪ ٻئي کي متاثر ڪن ٿا، تہ پوء وري اهڙي ڪا ثابتي موجود ڪونهي جنهن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي تہ آهي ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت هڪ ٻئي تي عمل جو آغاز ڪن ٿا، يا ڪنهي مان ڪهڙو شروعات ڪري ٿو؟ بهرحال روح کي جسماني نشو و نما جو سبب قرار ڏجي يا جسم کي روح جو آڻڻ ڪار، مگر جيستائين نظريہ تعامل جو تعلق آهي تہ اهي ٻئي گالهيون هڪجيترو صحيح آهن. جيتوڻيڪ لانگي (Lage) جي نظريہ جذبات منجهان اها گالهہ واضح ٿئي ٿي تہ عمل جي سلسلي ۾ شروعات جسم کان ٿئي ٿي، پر ڪيتريون گالهيون هن نظريي جي تردید ڪن ٿيون ۽ هتي اهو ممڪن ناهي جو انهن جو تفصيلي جائزو ورتو وڃي. هتي صرف اهو عرض ڪرڻ ڪافي ٿيندو تہ فرض ڪيو تہ شروعات جسم طرفان ٿئي ٿي، تہ پوء ان سانجو ذهن رضا خوشيءَ ڪنهن جذبي ۾ تڏهن شريڪ ٿئي ٿو، جڏهن اهو جذبو پنهنجي نشو و نما جي ڪنهن خاص مرحلي تي پهچي ٿو. اها ساڳي گالهہ انهن خارجي هيجانات جي باري ۾ بہ صحيح آهي جيڪي لڳاتار اسانجي ذهن تي اثر انداز ٿيندا رهن ٿا. لهٰذا جيستائين ڪنهن جذبي جي شدت ۾ اضافي جو امڪان آهي يا ڪو هيجان لڳاتار اثر انداز ٿي سگهي ٿو،

انهن ٻنهي ڳالهن جو دارومدار ان حقيقت تي آهي تہ انسان انهن ڳالهن کيترو متوجہ ٿيون ٿا. يعني اهو ذهن جو راضپوئي آهي جيڪو آخر ڪار ڪنهن جڏهن ۽ آڏهي جي قسمت جو فيصلو ڪري ٿو.

مطلب تہ روح ۽ جسم جي باري ۾ تعامل ۽ پور وچوڻي وارا ٻئي نظريا غير اطمينان بخش آهن، ڇو تہ دراصل ڪنهن بہ فعل يا عمل دوران ٻئي ذهن ۽ جسم هڪ ٻي وچن ٿا. جڏهن آءٌ سوز تان ڪتاب ڪٽان ٿو تہ منهنجو اهو فعل هڪ واحد ۽ ناقابل تجزيہ فعل آهي، ڇو تہ ان صورت ۾ اهڙي ڪير ڪيڻ ناممڪن آهي جنهن ذريعي اسان اهو واضح ڪري سگهون تہ انهيءَ فعل ۾ ذهن جو ڪيترو حصو آهي ۽ جسم جو ڪيترو! ان ڪري معلوم ٿيو تہ ٻئي ڪنهن نہ ڪنهن نموني ۾ هڪ ٻي نظام سان وابستہ آهن. قرآن شريف جي پڙهن سلسلي ۾ ساڳي راه آهي. ارشاد خداوندي آهي "الا له الخلق و الامر" يعني خلق (مخلوق) ۽ امر (هدايت) ٻئي سندس هٿ ۾ آهن. ليڪن سوال پيدا ٿو ٿئي تہ اهڙي حقيقت جو تصور ڪهڙيءَ ريت ڪري سگهجي ٿو. اسان کي خبر آهي تہ جسم اهڙي شيءَ ناهي جيڪو مطلق خلا يا پولار ۾ واقع هجي، بلڪ اهو اعمالن يا واقعات جو هڪ نظام آهي. ان لحاظ کان اسان جي مشاهدي يا تجربي جو اهو نظام جنهن کي اسين روح يا خوديءَ جو نالو ڏيون ٿا، اهو پڻ هڪ قسم جو نظام عمل آهي. جيتوڻيڪ ان صورت ۾ روح ۽ جسم جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي، اهو ختم ڪونہ ٿو ٿئي مگر اهي هڪ ٻئي جي ويجهو ضرور معلوم ٿين ٿا. هونئن بہ خوديءَ جي اصل خاصيت سندس اختيار يا خودبخود وارو عمل آهي. مگر ان جي مقابلي ۾ جسماني افعال هميشہ پنهنجو پاڻ کي دهرائيندا رهن ٿا. لهٰذا جسم روح جي عملن ۽ عادتن جو مجموعو آهي ۽ ان ڪري ڪيئن روح کان جدا ڪري نہ ٿو سگهجي.

يا هيئن چئجي تہ روح شعور جو هڪ مستقل عنصر آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو خارجي لحاظ کان پڻ دائمي ۽ مستقل نظر اچي ٿو. هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ آخر مادو ڪهڙي بلا آهي؟ ان جو جواب هي آهي تہ مادو يا جسم دراصل هيئين درجي جي خودين جي هڪ اهڙي بستي آهي، جن جو اجتماع ۽ باهمي ردِ عمل جڏهن ايڪتا جي ڪنهن خاص درجي تي پهچي ٿو تہ منجهن هڪ اعليٰ خودي نمودار ٿئي ٿي. اڄين ڪٽي چئجي تہ اها اهڙي دنيا آهي جتي خودي پنهنجي رهنمائي لائق بنجي ٿي، جتي پوءِ اڄين لڳندو آهي تہ مطلق حقيقت پنهنجا راز کوليا آهن، ۽ پنهنجي ماهيت جو انڪشاف ڪيو اٿس. هتي اها گهالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اعليٰ خودي ادنيٰ خودي۽ منجهان نمودار ٿئي ٿي تہ ان ڪري سندس قدر و قيمت يا مان مرتبي ۾ ڪو فرق ڪونہ ٿو پوي. ڇو تہ اهم گهالهہ اها نہ آهي تہ ڪنهن شيءِ جو بُٽ بُٽياد ڪهڙو آهي، بلڪ اهم گهالهہ اها آهي تہ جيڪا شيءِ نمودار ٿي آهي، ان ۾ ڪهڙيون صلاحيتون موجود آهن؟ يعني سندس انتها يا مُدعا ڪهڙي آهي؟ بهرحال جڏهن اهو تسليم ٿي ڪجي تہ روحاني زندگيءَ جو بنياد خالصتاً طبعي قسم جو آهي، پوءِ ٻہ اها گهالهہ ثابت ڪونہ ٿي تہ جيڪا شيءِ نمودار ٿي آهي، اها وري ڀلجهر ان شيءِ ۾ تحليل ٿي ويندي، جيڪا سندس پيدائش ۽ نشوونما جو باعث هئي. اهوئي سبب آهي جو اتفاقي ارتقا (Emergent- Evolution) جي نظريي ۾ ويساه رکندڙ ان راهہ جا آهن تہ نمودار ٿيندڙ شيءِ هر لحاظ کان انوکي ۽ اڻڄاتل هوندي آهي، ۽ ان ڪري اسين ميڪانياتي لحاظ کان سندس ڪا سمجهاڻي پيش ڪري نہ سگهندا آهيون. جيتوڻيڪ زندگيءَ جي ارتقا منجهان اهو پتو پوي ٿو تہ شروعات ۾ جسم ذهن تي غالب هيو، پر پوءِ جئن جئن ذهن طاقتور ٿيندو ويو تہ جسم تي غالب پوڻ لڳو، ۽ ان ڪري اهو بلڪل ممڪن آهي تہ آخر ۾ ذهن يا روح جسم کان بلڪل آزاد ٿي

وجي. وري ٻئي لحاظ کان اهڙي خالص طبعي سطح ۾ نظر ڪونہ ٿي اچي جنهن کي محض مادیت ڪوٺي سگهجي، ۽ جنهن جي لاءِ پڪ سان ائين چئي سگهجي تہ بنيادي طور اڌا شيءِ ان ڪائنات جي اهل نہ هئي تہ منجهائنس زندگي ۽ شعور جي اوسر ٿي سگهي؛ لهٰذا هڪ اهڙي ماورا خدائي هستيءَ جي ضرورت ٻئي جيڪا ڪيس عقل ۽ سمجهہ جي خوبين سان نوازي! مطلب تہ مطلق خودي هر نمودار ٿيندڙ شيءِ لاءِ ذميوار آهي ۽ فطرت ۾ جاري و ساري آهي، جئن قرآن شريف جو ٻڻ هن سلسلي ۾ ارشاد آهي:

"هو الاول و الآخر و الظاهر و الباطن!"

مگر مادي جي باري ۾ اهو مٿيون نظريو هڪ نهايت اهم سوال کي جنم ڏئي ٿو. اسين اهو ڏسي آيا آهيون تہ خودي کا ٻوس شيءِ ناهي. بلڪ خودي وقت جي لحاظ سان ٻاڻ کي منظم ڪري ٿي ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي تجربي منجهان ٻاڻ کي سُوڌي ۽ سنواري ٿي. ازانسواءِ فطرت خودیءَ کي علت و معلول جي سلسلي کان آگاه ڪري ٿي ۽ خودي ان جي جواب ۾ ٻڻ ساڳيو مظاهرو ڪري ٿي.

هاڻي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ ڇا خودي پنهنجي عمل کي ٻاڻ متعين ڪري ٿي؟ جيڪڏهن جواب هائوڪار ۾ آهي تہ پوءِ وري ٻيو سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ اهڙيءَ صورت ۾ خودي جي خود مختياري ۽ انسان جي هن زمان و مڪان جي جبريت ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟ ڇا علت ۽ معلول جو اهو سلسلو جيڪو انسان جي ذات سان وابستہ آهي، اهو ڪنهن خاص قسم جو آهي يا اهو به فطرت جي ميڪانيڪي عمل جي هڪ مخفي شڪل آهي؟ ڇيو وڃي ٿو تہ جبريت جا اهي ٻئي قسم علحده حيثيت نٿا رکن، بلڪ هن سلسلي ۾ انساني عمل تي سائنسي طريقئ ڪار جو اطلاق ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح اهو ٻڻ ڇيو وڃي ٿو تہ

اسان جو سوچ ويچار وارو عمل اسان جي محرکات ۽ ٿيندڙ تصادم جو نتيجو آهي، ۽ اهي محرکات دراصل خارجي قوتون آهن جيڪي اسان جي ذهن ۽ داخل ٿيڻ کانپوءِ هڪ ٻئي سان نبرد و آزما ٿين ٿا. هين لفظن ۽ سوچ ويچار جو عمل خودي۽ جو موروثي عمل ناهي، جيڪو سندس عملي يا غير عملي رجحانن جي پيداوار ٿجي. بهرحال انهن سڀني گالهين جي باوجود آخري انتخاب جو ذميوار ان قوت کي قرار ڏنو وڃي ٿو جيڪا انهن سڀني ۽ وڌيڪ طاقتور آهي. حالانڪ طبعي لحاظ کان ائين ٿيڻ ڪهندو هو تہ انهن محرکات جي باهمي تصادم منجهان جيڪا قوت وجود ۾ اچي ها، ان کي ذميوار قرار ڏجي ها. ليڪن منهنجو اهو پڪو ويساه آهي تہ ميڪانيت ۽ انساني آزادي۽ جي علمبردارن ۾ اهو جهگڙو ان ڪري شروع ٿيو آهي جو جديد نفسيات وٽ اسانجي شعوري يا ذهني عمل بابت غلط نظريو آهي. وري جديد نفسيات ان غلط نظريي جو ان ڪري شڪار ٿيو آهي ڇاڪاڻ جو اها هر طبعي سائنس جي غلامانہ تقليد ۾ مبتلا آهي. حالانڪ جديد نفسيات بذات خود هڪ الڳ ۽ مخصوص سائنس آهي ۽ سندس مشاهدي لاءِ چند مخصوص حقيقتون پڻ موجود آهن ان ڪري اهو نظريو تہ خودي۽ جو عمل اصل ۾ خيالات ۽ افڪار جو هڪ اهڙو سلسلو آهي، جيڪي اڳي پوءِ حواسن جو نتيجو آهن، جوهري مادي جي ئي هڪ شڪل آهي ۽ جديد سائنس جي پوري عمارت انهي۽ بنياد تي تعمير ٿيل آهي. مگر انهي۽ نظريي کي قبول ڪرڻ جو مطلب ٿيندو تہ شعور جي ميڪانيڪي سمجهاڻي پيش ڪري سگهجي ٿي.

هن سلسلي ۾ اها گالهہ ڪنهن حد تائين اطمينان جو باعث آهي تہ جديد جرمن نفسيات جنهن کي "تشاڪلي نفسيات" جو نالو ڏنو وڃي ٿو، اها شايد، نفسيات کي هڪ مستقل ۽ الڳ سائنس جو درجو ڏيئي سگهي. انجو مثال ائين آهي جيئن

اتفاقي ارتقا واري نظريي کي جاچڻ کانپوءِ اهو يقين ڏئي ڏو ٿو شايد کنهن نہ کنهن ڏينهن حياتيات جي آزادانہ حيثيت کي پڻ تسليم کيو وڃي. ان جديد جرمن نفسيات جو چوڻ آهي تہ عقلي طرز- عمل جو ڳوڙهو مطالعو اها ڳالهہ واضح ڪري ڏو تہ منجهس حواسن جي تسلسل کان علاوه هڪ خاص قسم جي بصيرت کي پڻ دخل آهي.

هاڻي سوال پيدا ڏو ٿئي تہ اها "بصيرت" ڇا آهي؟ درحقيقت اها بصيرت خودي۽ طرفان هڪ قسم جو اعتراف آهي تہ شيون زمان و مڪان ۾ علت و معلول جي نسبتن ذريعي هڪ ٻئي سان منسلڪ آهن. يعني خودي۽ جو ڪم آهي تہ پنهنجي آڏو موجود وسيع ۽ پيچيده ڪُل منجهان وقت ۽ مقصد جي مناسبت سان انهن نسبتن جو انتخاب ڪري. هونئن ٻہ جڏهن اسين ڪو مقصد حاصل ڪرڻ گهرندا آهيون ۽ پوءِ جڏهن اهو مقصد حاصل ٿي ويندو آهي، تڏهن اسان کي پنهنجي اهميت جو احساس ڏيندو آهي ۽ اسين اهو سمجهڻ لڳندا آهيون تہ اسين ٻہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري سگهون ٿا. دراصل ڪوبہ عمل جيڪو ڪنهن مقصد کي آڏو رکي سرانجام ڏنو وڃي ڏو، ان ۾ مستقبل جو تصور موجود ٿئي ڏو، ۽ هي۽ اهڙي ڳالهہ آهي جنهن جي عضوياتي لحاظ کان ڪا سمجهاڻي پيش ڪري نہ ٿي سگهجي.

درحقيقت علت ۽ معلول جو اهو سلسلو جنهن ۾ اسين خودي۽ جي لاءِ ڪنهن مقام جا متلاشي آهيون، خودي۽ جو پنهنجو هٿرادو ڪمال آهي جيڪو هن پنهنجي مقاصد کي آڏو رکي سر انجام ڏنو آهي. ازانسواءِ جئن تہ خودي۽ کي هڪ پيچيده ماحول ۾ زندگي بسر ڪرڻي آهي، جتي خودي کي پنهنجي زندگي برقرار رکڻ لاءِ خارجي ماحول کي هڪ نظام جي حيثيت ۾ سمجهڻ جي ضرورت پوي ٿي، ان ڪري خودي۽ لاءِ لازمي ٿيو پوي تہ پنهنجي چوڌاري ڦهليل شين جي طرز- عمل کان چگي۽

ريت آگاهي حاصل ڪري. اهڙيءَ طرح هن ماحول کي علت و معلول جي هڪ نظام طور پيش ڪرڻ جو مطلب آهي ته اهو خودي‌ءَ جي لاءِ هڪ لازمي هٿيار آهي. باقي انجو مطلب اهو ناهي ته ڪو اهڙيءَ ريت اسين مطلق حقيقت جي ماهيت جي وضاحت ڪري سگهون ٿا. در اصل گالهه هيءَ آهي ته جڏهن خودي فطرت جي ترجماني ان رنگ ۾ ڪري ٿي، تڏهن نه رڳو پنهنجي ماحول کي پوريءَ ريت سمجهي ٿي ۽ منجهس تصرف حاصل ڪري ٿي، بلڪ اهڙي ريت خودي اها آزادي حاصل ڪري ٿي جنهن جو دائرو هر وقت وسيع ٿيندو رهي ٿو.

لهٰذا جڏهن اسين ڏسون ٿا ته خودي‌ءَ جي ڪاميابي سرگرمي هدايت ۽ مقصد کان خالي ناهي، تڏهن اهو يقين ٿئي ٿو ته خودي‌ءَ جي شخصيت هڪ آزاد علت جو درجو رکي ٿي. ازانسواءِ اها خودي مطلق خودي‌ءَ جي زندگي ۽ آزادي‌ءَ ۾ شريڪ آهي. مگر انجو مطلب اهو ٿيندو ته مطلق خودي هڪ اهڙي محدود خودي‌ءَ جي پيدائش جي ذميوار آهي جيڪا ذاتي طور ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي اهل آهي، گويا اهڙيءَ طرح مطلق خودي‌ءَ پنهنجي آزاد ارادي تي هڪ قسم جي حد قائم ڪئي آهي. هن سلسلي ۾ قرآن شريف خودي‌ءَ جي عمل جي باري ۾ جيڪو نظريو پيش ڪيو آهي، اهو ٻڻ انسان جي شعوري طرز-عمل جي آزادي‌ءَ جي تائيد ڪري ٿو. هيٺين آيتن ۾ ان طرف واضح اشارو موجود آهي:

قل الحق من ربكم (قف) فمن شاء فليؤمن (قف)
و من شاء فليكفر (ج) (سورة ۱۸، آيت ۲۹)

"چون ڪين ڇو ته حق سچ پالڻهار طرفان آهي. پوءِ جنهن کي وڻي ته ايمان آڻي ۽ جنهن کي وڻي ته ڪفر يعني انڪار ڪري."

ان احسنتم احسنتم لا نفسكم (قف) و ان اساتم فلها
(سورة ۱۷، آيت ۷)

جيڪڏهن توهين ڪو چڱو ڪم ڪريو
ٿا تہ اهو توهين پنهنجي لاءِ ڪريو ٿا، ۽
جيڪڏهن توهين برائي ڪريون ٿا تہ اها
بہ توهان جي لاءِ آهي."

هن سلسلي ۾ اسلام، انساني نفسيات جي هڪ ٻي اهم حقيقت طرف پڻ اشارو ڪري ٿو، جيڪا هيءَ آهي تہ انسان جي اها قوت جنهن ڪري هو ڪوبہ عمل پوري آزاديءَ سان اختيار ڪري ٿو، هر وقت هڪ جهڙي نٿي رهي، بلڪ ڪڏهن گهٽجي ٿي تہ ڪڏهن وڌي ٿي. مگر اسلام چاهي ٿو تہ آزادي ۽ اختيار جي اها قوت خودي‌ءَ جي زندگي‌ءَ ۾ مستقل حيثيت اختيار ڪري. هن سلسلي ۾ قرآن شريف جو چوڻ آهي تہ روزانہ پنج وقت نماز هڪ طرف انسان کي پنهنجي ذات تي ضابطو رکڻ سيکاري ٿي تہ ٻئي طرف خودي‌ءَ کي زندگي‌ءَ ۽ اختيار جي حقيقي سرچشمي جي قريب آڻي ٿي. ان کانسواءِ نماز جو هڪڙو مقصد اهو بہ آهي تہ خودي‌ءَ کي ننڍ ۽ ڪسبِ معاش جي ميڪانيڪي اثرات کان محفوظ رکي. مطلب تہ اسلام ۾ نماز جو اصلي مقصد اهو آهي تہ جئن خودي پاڻ کي ميڪانيت کان بچائي، آزادي ۽ اختيار طرف راغب ٿي سگهي.

بهرحال هتي هيءَ گالهہ ڏيان ۾ رکڻ جوگي آهي تہ قرآن پاڪ ۾ جابجا تقدير جو ذڪر ملي ٿو، ۽ آءٌ هن کان اڳ تقدير جي بهاري ۾ قرآني نقطهٔ نظر جي وضاحت ڪري چڪو آهيان. پر هتي اسان وري تقدير جي مسئلي تي بحث ڪرڻ گهرون ٿا، خاص طور ان ڪري جو اسپينگلر پنهنجي ڪتاب "زوالِ مغرب" (Decline of the West) ۾ اها راءِ قائم ڪئي

تہ اسلام مڪمل طور خودیءَ جي نفي ڪري ٿو. اسپينگلر جو چوڻ آهي تہ هن دنيا ڪي پنهنجو ڪرڻ جا ٻہ طريقا آهن، هڪڙو عقلي طريقو آهي ۽ ٻيو جنهن جي لاءِ في الحال ڪو مناسب لفظ نظر نٿو اچي، مگر ان ڪي اسين زندگيءَ وارو طريقو ڪوئي سگهون ٿا. جيستائين عقلي طريقہ ڪار جو تعلق آهي تہ اهو هن دنيا ڪي علت و معلول جي هڪ مقرر نظام طور سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، مگر ان جي مقابلي ۾ ٻئي طريقي جي تقاضا آهي تہ زندگي هڪ اٽل حقيقت آهي جنهن ڪي چپ چاپ قبول ڪرڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ زندگي هڪ اهڙي ڪُل جي حيثيت رکي ٿي جيڪا پنهنجي اندروني وسعت جي اظهار لاءِ سلسليوار وقت ڪي جنم ڏئي ٿي. درحقيقت ڪائنات ڪي سمجهڻ جو اهو ٻويون طريقو آهي جنهن کي قرآن مجيد پنهنجي مخصوص اصطلاح موجب "ايمان" جو نالو ڏنو آهي.

مطلب تہ ايمان صرف چند ڳالهن ڪي بي چون و چرا تسليم ڪرڻ جو نالو ناهي، بلڪ ايمان هڪ اهڙو جيئرو جاڳندڙ ويساه آهي جيڪو هڪ انوکي مشاهدي ۽ تجربي جي پيداوار آهي. اهوئي سبب آهي جو جهڙو تهڙو ماڻهو ايمان جو اهو مشاهدو يا تجربو حاصل ڪري نٿو سگهي، ڇو تہ منجهس حد درجي جي تقدير پرستي پڻ سمايل نظر اچي ٿي. چيو وڃي ٿو تہ نيپولين هڪ دفعي چيو هو: "آءٌ شيءِ آهيان، ماڻهو نہ آهيان." درحقيقت اهو ٻہ هڪ طريقو آهي جنهن جي ذريعي اڻاهہ هيڪڙائيءَ واري مشاهدي کي بيان ڪيو ويو آهي. اسلام ۽ مذهبي تجربي جي تاريخ ۾ڏائي ٿي تہ رسول اڪرم صلعم جي ان مشهور حديث يعني "تخلقو با خلاق الله" کانپوءِ، ان تجربي جي ترجماني نهايت مختلف طريقن سان ٿيندي رهي آهي.

مثلاً: "انا الحق" (حلاّج)، "اناالدهر" (محمّد صلعم)، انا قرآن ناطق (علي رضہ) ۽ ما اعظم ثاني (بايزيد). هونئن ٻہ اعلىٰ

درجي جي اسلامي تصوف مطابق محدود خودي لامحدود خودي ۾ پنهنجي ذات کي فنا کرڻ ٿي ڪري، بلڪ ان جي برعڪس لامحدود خودي محبت وچان محدود خودي سان همڪنار ٿئي ٿي. مولانا روميءَ فرمائي ٿو:

علم حق در علم، صوفی گم شود،
ایں سخن کے باور مردم شود.

[خدا جو علم صوفيءَ جي علم ۾ گم ٿي وڃي ٿو. مگر عام ماڻهو ان تي ڪيئن ويساه ڪن؟]

لهٰذا ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ تقدير کي مڃڻ جو مطلب پنهنجي ذات جي نفي هرگز ناهي، جئن اسپينگلر جو خيال هو. بلڪ انجو مطلب آهي تہ زندگيءَ کي بي انتها قوت ۽ شڪتيءَ سان نوازيو ويو آهي، جنهن ڪري زندگي پنهنجي آڏو ڪنهن رڪاوٽ کي تسليم نٿي ڪري، انلو جيڪڏهن چؤطرف کان گولين جي بوڇاڙ ٿئي ٿي تہ اڏڻي وقت ۾ بہ اهو انسان نهايت سڪون سان عبادت ۾ مگن رهي ٿو.

پر هتي شايد اوهين اهو سوال ڪري وجهو تہ، ڇا گذريل ڪيترين صدين دوران اسلام جي تاريخ ذليل تقدير پرستيءَ جي رجحان کان ناآشنا رهي آهي؟ مون کي ان ڳالهہ کان انڪار ڪونهي، پر ان حقيقت جي پويان پوري تاريخ آهي ۽ ان لاءِ هڪ الڳ دفتر جي ضرورت آهي. هتي صرف ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ مغربي عالم لفظ "قسمت" منجهان، تقدير پرستيءَ جو جيڪو مفهوم وٺن ٿا، ان جا مختصر اسباب هي آهن: پهريون فلسفانہ افڪار، ٻيو سياسي مصلحتون ۽ ٽيون زندگيءَ جي هاري ۽ گهڻجندڙ آتساه.... جيڪو اسلام جي شروعاتي ڏهاڙن ۾ مسلمانن ۾ بدرجئہ اتم موجود هو. هاڻي جيستائين فلسفي جو تعلق آهي

تہ ان خدا تعالیٰ کي صرف هڪ علت قرار ڏنو ۽ وقت کي وري علت و معلول جي وجود لاءِ لازمي سمجهيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو خدا جي باري ۾ هڪ ماورا تصور قائم ٿي ويو يعني هڪ اهڙو خدا جيڪو هن ڪائنات کان اڳ ۾ موجود هو ۽ جيڪو هن ڪائنات تي خارجي لحاظ کان اثر انداز آهي.

مطلب تہ اهڙيءَ ريت خدا جي وجود کي علت العلل يا علت و معلول جي سلسلي جي آخري علت قرار ڏنو ويو ۽ اهو فرض ڪيو ويو تہ جيڪي ڪجهہ هن دنيا ۾ ٿي رهيو آهي اهو سڀ خدا تعالیٰ جي حڪم سان ٿي رهيو آهي. ٻئي طرف دمشق جا اموي حڪمران جيڪي عملي طور مادیت پرست بنجي چڪا هئا، اهي وري ڪنهن اهڙي ٻهاني جي تلاش ۾ هئا، جنهن جي ذريعي هو ڪربلا ۾ ٿيل ڪتلورَن تي پردو وجهي سگهن ۽ امير معاويہ جي ڪامياب بغاوت منجهان هميشہ لاءِ فائدو حاصل ڪندا رهن، ڇو تہ هونئن ان ڳالهہ جو هر امڪان موجود هو تہ عوام سندن خلاف بغاوت جو علم بلند ڪري.

ڇهو وڃي ٿو تہ هڪ دفعي معبد جڏهن حسن بصريءَ کي اها ڳالهہ ٻڌائي رهيو هو تہ اموي مسلمانن جو قتل عام ڪن ٿا، ۽ ان سان گڏ اهو ٻڌ چون ٿا تہ الله جي مرضي ائين هئي، ان تي حسن بصري عليہ الرحمہ فرمايو: "اهي الله جا دشمن ڪوڙا آهن." مطلب تہ اهڙيءَ ريت علماءَ اسلام طرفان ڪلم ڪلا احتجاج جي باوجود اسلامي دنيا ۾ تقدير پرستيءَ جي انتهائي ذليل تصور کي اپنايو ويو. هن سلسلي ۾ دستوري نظريو جنهن کي "ڪامل حقيقت" جو نالو ڏنو وڃي ٿو، اهو ٻڌ مستقبل مفادن خاطر استعمال ڪيو ويو. ليڪن هن سڄي قصي ۾ تعجب جي ڪا ڳالهہ ڪونهي، آخر اسان جي پنهنجي دور جي مفڪرن ٻڌ ساڳئي نموني ۾ معاشري جي موجوده سرمايہ دارانہ جوڙجڪ کي

صحيح ۽ آخري قرار ڏيڻ جو عقلي جواز فراهم ڪيو آهي. مثلاً هيگل جو اهو چوڻ ته مطلق حقيقت لامحدود عقل جو پيو نالو آهي ۽ ان ڪري هر حقيقت معقول آهي. ان ڪانسواءَ هن سلسلي ۾ آگسٽس ڪومٽي جي اها راءِ بڻ قابل توجه آهي جنهن مطابق هر معاشرو هڪ اهڙي عضوياتي جسم وانگر آهي جنهن جي هر عضوي کي هميشه لاءِ هڪ مخصوص ڪم سونهيل آهي.

ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته اسلامي دنيا ۾ به سڀ ڪجهه بلڪل ساڳيءَ ريت ٿيندو رهيو آهي. البت فرق صرف هي آهي ته اسان مسلمان هر ڳالهه جو جواز قرآن شريف ۾ تلاش ڪندا آهيون، پوءِ پلي اها ڳالهه قرآن شريف جي سڌي سنئين معنيٰ ۽ مفهوم جي خلاف ڇو نه هجي. لهٰذا تقدير پرستيءَ جي باري ۾ به قرآن شريف منجهان هڪ اهڙو خطرناڪ تصور اختيار ڪيو ويو جنهن جا اڄتي مسلمانن تي نهايت دور رس اثرات مرتب ٿيا. هتي قران پاڪ جي اهڙين باطل تاويلن جا ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا، مگر پنهنجي جڳهه تي اهو موضوع جدا بحث جو محتاج آهي. ان ڪري اچو ته هينئر موت ڪانپوءِ واري زندگي يعني خودييءَ جي بقا ڏانهن ڌيان ڏيون.

حقيقت اها آهي ته خودييءَ جي بقا واري مسئلي اسانجي موجوده دور ۾ تمام وڏي اهميت حاصل ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو جديد ماديت جي ڪيترين فتوحات جي باوجود، هن موضوع تي تمام گهڻو مواد چڄي رهيو آهي. بهرحال ذاتي بقا جي سلسلي ۾ خالص مابعد الطبعياتي دليل مثبت يقين يا اعتماد پيدا ڪري نٿا ڪري سگهن. اهوئي سبب آهي جو ابن رشد، جنهن اسلامي فڪر جي تاريخ ۾ هن مسئلي کي خالص مابعد الطبعياتي نقطئه نظر کان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، منهنجي ذاتي خيال موجب ڪنهن نتيجي تي پهچي نه سگهيو آهي. پهريون ته ابن رشد حواس ۽ عقل درميان هڪ قسم جو

امتياز قائم ڪيو آهي، جڪو شايد ۽ قرآن مجيد ۾ استعمال ٿيل "روح" ۽ "نفس" جهڙن لفظن مان اخذ ڪيو آهي. هونئن ۾ اهي ٻئي الفاظ جيڪي بظاهر انسان ۾ ٻن متضاد قوتن جي نشاندهي ڪن ٿا، اسلام جي گهڻن مفڪرن لاءِ غلط فهميءَ جو باعث بنيا آهن. جيڪڏهن ابن رشد پنهنجو ٿيوريٽ وارو نظريو قرآن مان اخذ ڪيو آهي، تڏهن به آءٌ سمجهان ٿو ته هو هڪ وڏي غلط فهميءَ جو شڪار ٿيو آهي. حقيقت اها آهي ته قرآن پاڪ لفظ "نفس" کي ڪنهن خاص معني سان قطعاً استعمال ڪيو آهي، حالانڪ اسانجا عالم سگهورا اڪثر اهوئي سمجهندا رهيا آهن. مثلاً ابن رشد جو خيال هو ته عقل ڪنهن به صورت ۾ جسم جي پيداوارنه آهي، بلڪ اهو جسم کان بالاتر ۽ هڪ قسم جي جدا مخلوق آهي. لهٰذا عقل مفرد، آفاقي ۽ ابدي هستيءَ جو مالڪ آهي. ٻين لفظن ۾ ان جو مطلب اهو ٿيو ته چاڪاڻ ته اڪاهم عقل انسان جي انفرادي وجود کان بالاتر آهي، تنهنڪري انسان انسانن جي ڪثرت ۾ سندس انفرادي وحدت جو اظهار ٿڻ هڪ فريب آهي. حالانڪ انساني عقل جي دائمي وحدت يا هيڪڙائيءَ مان وڌ ۾ وڌ اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي، جنهن رينان جو اڻ خيال آهي ته، بني نوع انسان ۾ سندس تهذيب سدا حيات ۽ امر آهن؛ باقي ان منجهان اها ڳالهه قطعاً ثابت ڪونه ٿي ٿئي ته ڪو انسان پنهنجي انفرادي حيثيت ۾ لافاني آهي. دراصل ابن رشد جو نظريو وليم جيمز جي انهيءَ خيال جي وڌيڪ ويجهو آهي جنهن مطابق شعور جسم کان ماورا هڪ اهڙي ميڪانيت آهي، جڪو ڪنهن طبعي جسم تي ٿوري دير لاءِ اثر انداز ٿئي ٿو، مگر ان ڪانپوءِ هڪ راڊيڪي وانگر ڪيس ڇڏي ڏئي ٿو.

اڇڪلهه خودي‌ءَ جي بقا جي سلسلي ۾ جهڪي دليل ڏنا وڃن ٿا، اهي گهڻو ڪري سڀ جا سڀ اخلاقي نوعيت جا آهن،

اهوئي سبب آهي جو ڪانٽ ۽ سندس نظريي جي تازه ترين سمجهاڻيءَ موجب عدل و انصاف ان ڪاڻهه جا متقاضي آهن تہ انساني نفس جي بقا ڪي لازمي سمجهيو وڃي. هن سلسلي ۾ ٻيو دليل هيءُ آهي تہ جئن تہ انسان جي آڏو اڪٽ آدرش آهن ۽ سندس جستجو پڻ هر لحاظ کان انوکي ۽ بي مثال آهي، تنهن ڪري ڪيس وقت ۾ اڪٽ درڪار آهي. مگر ڪانٽ جو چوڻ آهي تہ هيءُ مسئلو عقل محض جي پهچ کان قطعي ٻاهر آهي، ۽ ڪيس عملي عقل جو هڪ مفروضو ڪوٽي سگهجي ٿو يا وري ڪيس اخلاقي شعور جو هڪ بنيادي تصور قرار ڏئي سگهجي ٿو. انسان اصل ۾ خير اعليٰ جو طالب آهي يعني تہ هو نيڪيءَ سان گڏ خوشي ۾ چاهي ٿو. ليڪن هتي هيءَ ڪاڻهه ياد رکڻ گهرجي تہ نيڪي ۽ خوشي، فرض ۽ خواهش اڻ ٺهڪندڙ تصورات آهن، جئن ڪانٽ جو ٻڌ خيال آهي. ان ڪري هن دنيا جي چند ڏينهن جي زندگيءَ دوران ٻنهي جي حاصلات ناممڪن آهي ۽ اسان مجبور آهيون تہ بقا جي نظريي کي هڪ مفروضي طور اختيار ڪريون. ڇو تہ صرف ان صورت ۾ ئي ممڪن آهي تہ اسين آهستي آهستي نيڪي ۽ خوشيءَ جوڙين باهمي علحده ڪاڻهين کي پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ حاصل ڪري سگهون. وري هن سلسلي ۾ خدا جي وجود جو اقرار ان ڪري لازمي آهي ڇو تہ اهائي هستي آهي جيڪا اڳي ٻوهه انهن ٻنهي ڪاڻهين کي هڪ هنڌ ڪنو ڪري سگهي ٿي. مگر هتي جيڪا ڪاڻهه غير واضح رهجي وڃي ٿي سا هيءَ آهي تہ آخر نيڪي ۽ خوشيءَ جي حاصلات لاءِ اڻ ڪٽ وقت جي ضرورت ڇو ٿي پوي؟ ٻيو تہ خدا ڪهڙيءَ ريت اهڙن تصورات کي يڪجا ڪري ٿو، جيڪي هونئن هڪ ٻئي کان بلڪل ڌار آهن؟ ان ڪري اسان جا ڪيترا مفڪر مابعد الطبعياتي دليلن جي معين ناڪاميءَ ڪانپوءِ، ان سوچ تي مجبور ٿيا آهن تہ ڪهڙيءَ ريت جديد مادييت جي ان اعتراض کي رد ڪيو وڃي، جنهن بطابق بقا جي

نظريي کي باطل قرار ڏنو وڃي ٿو. مادیت پرستن جو چوڻ آهي ته شعور دماغ جي پيداوار آهي، ان کري جئن دماغ جو عمل پورو ٿئي ٿو تہ شعور جو بہ خاتمو اچيو وڃي. مگر ولہر جھمز جو چوڻ آهي ته هيءَ اعتراض نڈهن درست ٿيندو جڏهن اهو فرض کيو وڃي ته دماغي عمل واقعي شعوري عمل جي پيدائش جو کارڻ ٻنجي ٿو. باقي ڪن جسماني تبديلين سان ڪن نفسياتي تبديلين جو گڏ و گڏ واقع ٿيڻ، ان گهالهہ جو دليل ڪونهي ته درحقيقت نفسياتي تبديلين جسماني تبديلين منجهان جنم وٺن ٿيون. ازانسواءِ انهن بہ ته ٿي سگهي ٿو ته دماغي عمل شعوري عمل جي پيدائش ۾ حصو نہ وٺندو هجي، بلڪ کيس رڳو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين اماڻڻ ۾ حصو وٺندو هجي. ان جو مثال اڻين آهي جئن اپٽيل بلبور ۽ روشنيءَ جا ڪرڻا يا تير ڪمان ۽ زهہ. مطلب تہ مٿين نظريہ مطابق شعور اسان جي جسم کان ماورا هڪ ميڪانيت آهي ۽ اسان جي داخلي زندگي سندس عمل دخل جو نتيجو آهي. يا اڻين ڪٽي چنجي تہ اهو شعور ئي آهي جيڪو ڪجهہ وقت لاءِ هڪ راندیڪي طوز ڪنهن مادي جسم جو انتخاب ڪري ٿو. ظاهر آهي تہ ان صورت ۾ ڪا خبر نٿي پوي تہ اسانجي مشاهدي جي اصلي دنيا ڪيترقدر جتادار آهي. جيتوڻيڪ مادیت ڪي صحيح نمہ ني ۾ رد ڏيڻ لاءِ آڳ هن کان اڳ ڪيترن هنڌن تي واضح اشارا ڪري چڪو آهيان، پر هتي ايترو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ جيستائين سائنس جو تعلق آهي تہ اها مطلق حقيقت جي صرف چند مخصوص پهلوئن جو اڀياس ڪري ٿي ۽ باقي پهن پهلوئن کي ڇڏي ڏئي ٿي. لهٰذا سائنس جي اها دعويٰ محض هڪ وهم ۽ قياس آهي تہ هو مطلق حقيقت جي سڀني پهلوئن جو جائزو وٺي سگهي ٿي يا سائنس جن پهلوئن جو انتخاب ڪري ٿي، اهي ئي حقيقت جا سڀ پهلو آهن. ان ۾ ڪوشڪ ناهي تہ انسان مڪاني پهلوءَ رکي ٿو، مگر انساني زندگيءَ جو اهو صرف هڪ ڪڙو پهلو نہ آهي، سندس پياهہ ڪيترائي پهلو

آهن. مثلاً جيڪڏهن اسانجي آڏو ڪو مقصد آهي تہ ان صورت ۾ اسانجي تجربي يا مشاهدي جو انداز يڪسان ٿئي ٿو، اڌيءَ طرح حق سچ جي جستجو وغيره؛ اهي سڀ ڳالهيون اهڙيون آهن جن ڪي سائنس نظر انداز ڪرڻ تي مجبور آهي، ڇو تہ انهن کي سمجهڻ لاءِ جن ڳالهين جي ضرورت آهي، اهي سائنس جي ڳالهين کان بلڪل مختلف آهن.

بهرحال جديد فڪر جي تاريخ ۾ صرف هڪڙو اهڙو مثبت نظريو ملي ٿو جيڪو خودي‌ءَ جي بقا جي باري ۾ قائم ڪيو ويو آهي. منهنجو اشارو نٽشي جي "ابدي رجعت" (Etrnal Recurrence) ڏانهن آهي. اهو نظريو ۽ن ڳالهين جي ڪري خاص طور توجهہ طلب آهي. پهريون تہ نٽشي جي انهيءَ نظريي ۾ پيغمبراڻو اُتساه موجود آهي ۽ ٻيو تہ جديد ذهن جو ان طرف واقعي لاڙو آهي. جيتوڻيڪ اهو ساڳيو خيال، ان وقت جي ٻين مفڪرن جهڙوڪ هربرٽ اسپينسر وٽ ملي ٿو، مگر نٽشي وٽ سندس حيثيت هڪ شاعرانہ الهام جي آهي. لهٰذا اها خيال جي اندروني قوت هئي ۽ نہ منطقي انداز جنهن نٽشي جي اڪابر ذهن کي متاثر ڪيو. هتان اها ڳالهہ ۽ن ثابت ٿئي ٿي تہ ڪو بہ مثبت نظريو جيڪو ڪنهن شيءِ جي اصل حقيقت يا ماهيت جي وضاحت ڪري سگهي، اهو مابعد الطبعياتي اصولن جي روشنيءَ ۾ نہ، بلڪ اندروني الهام جي آڌار تي قائم ڪري سگهجي ٿو. وري جئن تہ نٽشي پنهنجي ان نظريہ کي مدّلل نموني ۾ پيش ڪيو آهي، ان ڪري اسان سندس نظريہ جي جائزي وٺڻ ۾ حق بجانب آهيون. هن نظريي جو بنيادي مفروضو اهو آهي تہ هن ڪائنات ۾ توانائيءَ جو مقدار هميشہ يڪسان رهي ٿو ۽ اهو مقدار محدود آهي. مڪان داخلي ڪيفيت جو نالو آهي ۽ ان ڪري ڪائنات جي مڪاني ڪيفيت مان اهو مطلب وٺڻ سخت غلطي آهي تہ ڪو هيءَ ڪائنات واقعي

مطلق خلا يا پولار ۾ واقع آهي. باقي جيستائين وقت جو تعلق آهي تہ نتشي، ڪانٽ، ۽ شوپنهار سان ان معاملي ۾ اختلاف ڪري ٿو تہ وقت محض هڪ داخلي ڪيفيت آهي، سندس چوڻ مطابق وقت هڪ حقيقي ۽ لامحدود عمل آهي، جنهن جو تصور هڪ دائري جي صورت ۾ ڪري سگهجي ٿو. لهٰذا لامحدود خالي مڪان هڻن جي باوجود توانائي جي ختم ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ان ڪانسواءِ جئن تہ ان توانائيءَ جا چند محدود مرڪز ٿين ٿا، ان ڪري سندن ميلاپ جو ٻڌ صحيح اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مطلب تہ اهڙي توانائي جيڪا سدائين سرگرم عمل آهي، ان جي نہ ڪا ابتدا آهي ۽ نہ انتها، نہ منجهس توازن جو ڪو مسئلو آهي ۽ نہ وري ڪا شروعاتي يا آخري تبديلي مٿس اثر انداز ٿئي ٿي. البت جئن تہ وقت لامحدود آهي، ان ڪري توانائيءَ جا جيترا بہ ممڪن ميلاپ ٿي سگهيا، اهي سڀ جو سڀ وجود ۾ اچي چڪا آهن. يعني هينئر دنيا جو ڪوبہ واقعو نہ آهي، بلڪ جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي اهو هن کان اڳ بہ بي شمار دفعا ٿي چڪو آهي، ۽ بلڪل ساڳيءَ طرح مستقبل ۾ بہ ٿيندو رهندو. لهٰذا نتشي جي هن نظريہ مطابق ڪائنات ۾ واقعن جي ترتيب مقرر ۽ ناقابل تغير آهي. ان ڪانسواءِ جئن تہ لامحدود وقت گذري چڪو آهي، ان ڪري انهيءَ مدت دوران توانائي جا جيڪي مرڪز قائم ٿيا، اهي پنهنجي لاءِ هڪ مقرر رستو ٻڌ اختيار ڪري چڪا هوندا. دراصل نتشي جي "رجعت" مان مراد اها ئي قطعيت آهي. مگر مٿين گالهہ مان هڪ ٻيو نتيجو ٻڌ نڪري ٿو ۽ آهو هيءَ آهي تہ توانائيءَ جا جيڪي ميلاپ هڪ دفعو وجود ۾ اچي چڪا آهن، اهي لازمي طور وري موٽ کائيندا رهن ٿا. چاڪاڻ تہ هونئن ڪنهن آخر انسان جي موٽ جي ڪا پڪ ڪونهي. نتشي چوي ٿو:

"هر شيءِ موت کائي ٿي، آسمان جي تارن کان وٺي
کورئيڙي تائين! اڙيءَ طرح اهي خيال جيڪي
هينئر توهان جي دل ۽ آهن، جن ۾ اهو خيال
پڻ شامل آهي ته هر شيءِ موت کائي ٿي؛ اهي
سڀ موت کائن ٿا. اي منهنجا ساٿيو! توهان جي
زندگي واريءَ جي ان گهڙيال سمان آهي جيڪو
هر وقت پرجندو رهي ٿو ۽ وري خالي ٻه ٿئي ٿو.
ان جو مثال هڪ اهڙي مالها وانگر آهي جنهن ۾
توهان جي حيثيت هڪ داڻي جهڙي آهي ۽ اها
مالها سدائين چمڪندي رهي ٿي."

اهو آهي نٽشي جو ابدي رجعت وارو نظريو جيڪو هڪ لحاظ کان سخت ميڪانيت جو شڪار آهي. دراصل هيءُ نظريو حقائق تي مبني نه آهي، بلڪ هن نظريي لاءِ وڌ ۾ وڌ ايترو چئي سگهجي ٿو ته سائنسي لحاظ کان هڪ قابلِ عمل مفروضو آهي. ان کانسواءِ ائين ٿو لڳي ته نٽشي وقت جي مسئلي تي خاص ڏيان نه ڏنو آهي. جيتوڻيڪ هو وقت جي خارجي حيثيت کي تسليم ڪري ٿو، مگر ساڳئي هنڌ هر وقت کي لامحدود واقعات جو هڪ اهڙو سلسلو قرار ڏئي ٿو، جيڪي وري وري موٽ کائيندا رهن ٿا. هاڻي جيڪڏهن وقت جي حرڪت جو تصور هميشه گول دائري جي شڪل ۾ ڪجي ٿو ته ان صورت ۾ بقا جو تصور ناقابلِ برداشت ٿي پوي ٿو. نٽشي کي پاڻ ان گهالهه جو احساس هو. اهوئي سبب آهي جو هو پنهنجي نظريي کي بقا جو نظريو ڪونه ٿو ڪوئي، بلڪ ان کي زندگيءَ جو هڪ اهڙو نظريو قرار ڏئي ٿو جنهن جي ڪري بقا جو تصور قابلِ برداشت ٿي پوي ٿو. ليڪن سوال پيدا ٿو ٿئي ته بقا جو اهو نظريو آخر ڪهڙيءَ ريت قابلِ برداشت ٿئي ٿو؟ ڇا صرف انهيءَ اميد تي ته، توانائيءَ جا اهي مرڪز جن جو ميلاپ

انسان جي شخصيت جي تعمير ڪري ٿو، انهن جي وري موت کائن ڪري ڏک اڏڻو آدرشي ميلاپ جلوه گر ٿيندو، جنهن کي انسان فوق البشر يا آتم انسان جو نالو ڏيون ٿا؟ پر جيڪڏهن اهڙي اتم انسان جو ظهور هن کان اڳ بي شمار دفعا ٿي چڪو آهي ۽ هينئر به سندس ظهور ناگزير آهي، تہ اهڙيءَ صورت ۾ انسان لاءِ اها گالهه ڪنهن آتساه جو باعث هرگز ڪونهي. ڇو تہ انسان همیشه ڪنهن اهڙي شيءِ جي تمنا ڪندا آهيون جيڪا بلڪل نئين هجي. مگر نٽشي جي هن نظريي مطابق انسين اهڙي شيءِ جو تصور ئي نٿا ڪري سگهون. اهڙيءَ طرح هيءَ نظريو تقدير پرستيءَ جي ان نظريي کان به وڌيڪ بدتر آهي جنهن کي لفظ "قسمت" سان موسوم ڪيو وڃي ٿو. دراصل هيءَ نظريو انسانکي زندگيءَ جي جدوجهد لاءِ اڪسائي تہ ڪونہ ٿو، الٽو انسانجي عملي رجحانات کي ملیا ميٽ ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح خوديءَ جي ڪشمڪش کي پڻ نيستو ۽ نبل ڪري ٿو.

هينئر اچو تہ مٿين مسئلي بابت قرآن پاڪ ڏانهن رجوع ڪريون. تقدير جي باري ۾ قرآن مجيد جو نظريو پوريءَ ريت تہ نہ، البت جُزوي طور حياتياتي نوعيت جو ضرور آهي. آءٌ جُزوي طور ان ڪري ٿو چوان ڇاڪاڻ جو هن سلسلي ۾ قرآن شريف ڪجهہ اهڙا اشارا ڪيا آهن جيڪي سراسر حياتيات سان منسلڪ آهن. ازانسواءِ انهن اشارن کي سمجهڻ لاءِ زندگيءَ جي اصليت جي باري ۾ ڪافي ڄاڻ ۽ بصيرت جي ضرورت آهي. مثلاً قرآن پاڪ ۾ برزخ جو ذڪر ملي ٿو، جنهن کي انسين موت ۽ قيامت درميان انتظار واري حالت ڪوٺي سگهون ٿا. اهڙيءَ طرح قيامت جي باري ۾ به انسانکي مختلف قسم جو تصور ملي ٿو. هتي اها گالهه به ياد رکڻ جوگي آهي تہ قرآن پاڪ عيسائيت وانگر قيامت کي ڪنهن مخصوص انسان جي وري

اڇڻ سان منسلڪ ڪونہ ڪيو آهي. ساڪ قرآني تعليمات مطابق قيامت زندگيءَ جو ڏک اڻو عالمگير مظهر آهي جيڪو پکن ۽ جانورن سان پڻ ڏک جهڙو لاڳو آهي. ارشاد خداوندي آهي: "و ما من دابه في الارض و لا طائر يطير بجناحيه الا امم امثالكم"، يا ڏک ۽ آيت جنهن ۾ قيامت جو ذڪر ڪندي فرمايو ويو آهي: "و اذالوحوش حشرت - الخ" ليڪن ان کان اڳ جو اسين قرآن مجيد طرفان پيش ڪيل بقا جي نظريي تي تفصيلي روشني وجهون، اهو ياد رکڻ ضروري آهي تہ قرآن پاڪ ۾ ڏنل گالهين جو ذڪر نهايت صراحت سان موجود آهي. ازانسواءِ اهي ڏي گالهيون اهڙيون آهن جن جي باري ۾ ڪنهن اختلاف جي گنجائش ڪونهي.

(۱) خوديءَ جو آغاز وقت سان منسلڪ آهي ۽ انڪري سندس وجود زمان و مڪان کان اوليت نٿو رکي. هيءَ گالهہ ان آيت سان ظاهر آهي جيڪا ٿوري دير اڳ آڻ هن سلسلي ۾ پيش ڪري چڪو آهيان.

(۲) قرآن مجيد جو چوڻ آهي تہ هن ڌرتيءَ تي ٻيهر موڪي اڇڻ جو ڪو امڪان ڪونهي. هيءَ گالهہ هيٺين آيتن سان واضح ٿئي ٿي:

حتىٰ اذا جاءَ احد هم الموت قال رب ارجعون ٥(لا) لعلي اعمل صالحا في ما تركت كلا (ط) انها كلمة هو قائلها (ط) و من ورائهم برزخ الىٰ يوم يبعثون ٥ (سورة ۲۳، آيتون ۹۹ کان ۱۰۰ تائين).

"جڏهن انهن مان ڪنهن ڏکڙي کي موت اچي ٿو تہ هو چوي ٿو، "اي خدا، مونکي واپس موڪل تہ جئن آڻ وڃي اهي نيڪ

ڪم ڪريان جيڪي هاڻي آڻ نہ ڪري آيو آهيان." پر ائين هرگز نہ ٿيندو. جيتوڻيڪ هو اهي ساڳيا الفاظ دهرائيندو رهندو. مگر دراصل سندس پويان هڪ رڪاوٽ (برزخ) آهي ۽ اها ان ڏينهن تائين قائم رهندي جيسين وري سڀني کي اٿاريو نہ ويندو."

و القمر اذا تسق ○ (ط) لترڪبن طبقاً عن طبق (ط)
(سورة ٨٤، آيت ١٨)

"چنڊ جي جوبن ۽ جواني جو قسم تہ يقيناً درجي بدرجي اڳتي وڌندا رهندا."

افرايتم ماتمنون ○ (ط) أنتم تخلقونه ام نحن الخالقون ○ نحن قدرنا بينكم الموت و ما نحن بمسبوقين ○ (لا) علىٰ ان نبدل امثالكم و ننشئكم فى ما لا تعلمون ○
(سورة ٥٦، آيت ٥٩-٦١)

"زندگي جا جھوڑا"- ڇا انهن جي تخليق اوهين ڪريو ٿا يا اسين؟ بيشڪ اسان اوهان لاءِ موت کي مقرر ڪيو آهي. مگر اها ڳالهہ اسان جي لاءِ رڪاوٽ جو باعث نہ آهي تہ اسين توهان جي جڳهہ تي هڪ ٻي مخلوق آڻيون يا توهان کي اهڙي صورت بخشيون جيڪا توهان جي لاءِ بلڪل نئين هجي!"

(٣) خودي جو متناهي هجڻ سندس اياڳ جي نشاني نہ آهي. قرآن پاڪ جو ارشاد آهي:

ان كل من فى السمٰوات والارض الا اٰتى الرحمٰن

عبدا ٥ (ط) لقد احصهم و عدهم عدا ٥(ط) و
كلهم آيه يوم القيٰمه فردا ٥
(سورة ١٩، آيت ٩٥ كان ٩٦)

"بيشڪ هن ڌرتيءَ ۽ آسمان ۾ ڪا اهڙي
شيءَ ڪونهي جنهن جي حيثيت ان ٻاجهاري
رب جي آڏو هڪ ٻانهي جي نه هجي! بلڪ
هو سڀني حالت کان باخبر آهي ۽ سڀني
گهاڙيٽي جي ٻڌ ٻوري جاڻ رکي ٿو. قيامت
جي ڏينهن هر شيءَ کي انفرادي حيثيت ۾
سڀني آڏو آندو ويندو."

هيءَ آيت جو آخري جملو نهايت معنيٰ خيز آهي ۽ خصوصي توجه جو مستحق آهي، ڇاڪاڻ ته منجهس چونڪاري بابت اسلامي نقطئه نظر جي ڪافي وضاحت موجود آهي. هونئن ته جڏهن محدود خودي لا محدود خوديءَ سان لهه وچڙ ۾ اچي ٿي، تڏهن سڀني منفرد هستي نهايت ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته ٻيءَ صورت ۾ محدود خودي پنهنجي ماضيءَ جي ڪارنامن جو جائزو وٺي نه سگهندي ۽ نه وري پنهنجي مستقبل جي امڪانات جو ڪو اندازو لڳائي سگهندي. ارشاد خداوندي آهي:

و كل انسان الزمنٰه طٰئره في عنقه (ط) و
نخرج له يوم القيٰمه كتاب يلقٰه منشورا ٥ اقرا
كتابك (ط) كفىٰ بنفسك اليوم عليك
حسيبا ٥ (سورة ١٧، آيت ١٤)

"انسان هر مائهوءَ جي قسمت جو لکيو سڀني
ڳچيءَ ۾ لٽڪائي ڇڏيو آهي ۽ قيامت جي
ڏينهن اهو هڪ کليل ڪتاب جي مانند ڪيس
ڏنو ويندو. ان ڪاپوءَ ڪيس چيو ويندو ته

ان کي پڙهه! چاکاڻ ته اچوکي ڏينهن
توکي ئي پنهنجي عملن جو حساب ڪتاب
ڏيڻو آهي."

بهرحال انسان جو آخري انجام چا ٻه ڏئي پر سندس معراج يا سعادت ان ڳالهه ۾ قطعاً ڪونهي ته هو پنهنجي محدود ذات تان هٽ ڏوئي ويهي! انسان جي لاءِ "اجر غير ممنون" جو مطلب آهي ته هو آهستي آهستي پنهنجي نفس تي مڪمل ضابطو حاصل ڪري ۽ پنهنجي يڪتائيت ۾ اضافو ڪري. ان ڪانسواءِ خودي جي عمل ۾ ايتري شدت ۽ تيزي پيدا ڪر، جو قيامت جي ڏينهن ڪان اڳ ۾ اچڻ واري تباهي ٻه جئن سندس سڪون واري ڪيفيت تي اثر انداز ٿي نه سگهي.

و نفخ فی الصور فصعق من فی السمٰوات و من
في الارض الا من يشاءَ الله ٥ (ط)
(سورة ٣٩، آيت ٦٩)

"جڏهن صور کي ڦوڪيو ويندو ته جيڪي
ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، اهي سڀ
پنهنجي اڳين حالت ويڃائي ويهندا، مگر انهن
شين کان سواءِ جن لاءِ الله تعالىٰ کو ٻيو
ارادو ڪري."

هاڻي سوال پيدا ٿو ٿئي ته انهيءَ "ٻي مخلوق" ۾ ڪير شامل ٿي سگهي ٿو. انجو جواب هي آهي ته اهي انسان جن جي خودي ايتري ترقي يافته ٿي چڪي هوندي يعني جن جي خودي انتهائي شدت جي حامل هوندي. لهٰذا خودي جي ترقيءَ جي انتها اها آهي ته جڏهن هو مطلق خودي سان سڏو سنئون لهه وچڙ ۾ اچي، جيڪا هر شيءِ تي محيط آهي، تڏهن ٻه پنهنجي

ذات کي قائم ۽ برقرار رکي. اهوئي سبب آهي جو جڏهن سرور ڪائنات مطلق خودي‌۽ جو جلوو پسيو تہ قرآن شريف انجو هن ريت ذڪر ڪري ٿو:

ما زاغ البصر و ما طغیٰ (سورة ٥٣، آيت ١٧)
يعني نہ تہ هن جي نظر هيڏانهن هوڏانهن
وئي ۽ نہ وري سندس نظرن دوکو کاڌو.

مطلب تہ اسلام ۽ ڪامل انسانيت جو اهو معيون آدرش آهي. هڪ فارسي شعر ۾ جنهن خوبصورتي‌۽ سان نبي اڪرم صلعم جن جي انهي‌۽ معراج واري واقعي کي بيان ڪيو ويو آهي، ايئن شايد ٻيو ڪوبہ نہ ڪري سگهيو آهي.

موسیٰ ز هوش رفت بیک جلوهٔ صفات
تو عین ذات می نگری و در تبسمی

[حضرت موسیٰ خدا تعالیٰ جي هڪ جلوي
پسڻ سان بيهوش ٿي ويو، مگر تون خود
خدا کي ڏسي رهيو آهين ۽ پوءِ بہ تنهنجي
منهن تي مُرڪ آهي.]

ليڪن وحدت الوجود جا قائل صوفي حضرات ان ڳالهہ کي تسليم ڪرڻ کان لهرائڻ ٿا ۽ فلسفيانہ موشگافيون پيدا ڪري مسئلي کي الجهائڻ چاهين ٿا. هو چون ٿا تہ آخر اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ متناهي خودي لامتناهي خودي‌۽ کان بلڪل ڌار ۽ علحده رهي سگهي؟ پي ڳالهہ هي‌۽ آهي تہ متناهي خودي لامتناهي خودي‌۽ جي قريب هوندي ڪهڙي‌۽ ريت پنهنجي متناهيت کي برقرار رکي سگهي ٿي؟ ليڪن هي‌۽ سڄي غلط‌فهمي ان ڪري پيدا ٿي آهي ڇاڪاڻ جو انسان لامتناهي خودي‌۽ جي اصل حقيقت جي باري ۾ غلط تصور قائم ڪيو آهي. در اصل

لامتناهي هجڻ جو مطلب اهڙي اڻ کٽ وسعت يا ڦهلاءُ نہ آهي جيڪا هر نديءِ وڏي ماپ جي شيءِ کي پاڻ ۾ سمائي سگهي، بلڪ ان جي برعڪس سندس اصل حقيقت اندروني وسعت تي مشتمل آهي ۽ ان کي خارجي وسعت سان منسلڪ ڪرڻ غلط ٿيندو. وري اندروني وسعت تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ جيتوڻيڪ متناهي خودين کي پنهنجي امتيازي حيثيت آهي، مگر اها لامتناهي خودين کان ڌار يا الڳ ڪونهي. اهڙيءَ طرح خارجي وسعت جي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ انسان جو وجود هن زمان و مڪان ۾ گم ٿي وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ان صورت ۾ انسان جي حيثيت سندس هڪ جُز جي آهي. مگر اندروني يا داخلي وسعت جي لحاظ کان ڏسجي ٿو تہ زمان و مڪان جو اهو ساڳيو نظام انسان لاءِ هڪ اهڙي غير جي حيثيت رکي ٿو جيڪو هڪ مدِ مقابل وانگر انسان جي آڏو آهي. لهٰذا جنهن شيءِ تي منهنجي هستي ۽ بقا جو دارومدار آهي، آڻ ان کان الڳ ٿڻ آهيان، ليڪن ان سان منهنجي گهري وابستگي ۾ ضرور آهي. مٿي بيان ڪيل انهن ڏن ڳالهين کانپوءِ اسلام جو نقطهٔ نظر آساني سان سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿو. قرآن شريف جو چوڻ آهي تہ هن ڪائنات جو صحيح ادراڪ انسان کي لافاني بنائي سگهي ٿو:

ايحسب الانسان ان يترڪ سُدىٰ ۝ الم يڪ
نطفة من منى يمنىٰ (٣٧) ثم كان علقة فخلق
فسوىٰ (٣٨) فجعل منه الزوجين الذكر والانثىٰ ۝
اليس ذالك بقٰدرٍ علىٰ ان يحىَ لموتىٰ ۝

(سورة ٧٥، آيت ٣٦-٤٠ تائين)

”ڇا انسان سمجهي ٿو تہ انسان ڪيس هڪ بيڪار شي خيال ڪري ڇڏي ڏيندا سون؟ ڇا هو هن کان اڳ رڳو ڦَٽَ جي صورت

ڇا نہ ٿو؟ ان کانپوءِ اهو رت جو دڳ ٻنيو جنهن کي وري اسان سنواريو ۽ سينگاريو. آخر ۾ اسان سندس جوڙو بنايو يعني نر ۽ ماد. پوءِ ڇا خدا تعاليٰ ايتري قدرت وارو نہ آهي جو مُردن کي وري جيئرو ڪري سگهي ؟!"

هونئن ٻہ اها ڪالهہ انتهائي غير مناسب ٿي لڳي تہ جنهن هستيءَ جي ارتقا ۾ لکين ڪروڙين سال صرف ٿيا هجن، ان کي بيڪسر بيڪار ۽ عبث سمجهي ڇڏي ڏنو وڃي. سچ پچ تہ خودي هميشہ ارتقا پذير آهي ۽ اهڙي طرح خودي ئي هن ڪائنات جي مقاصد جو ساڻ ڏيئي سگهي ٿي. ارشادِ خداوندي آهي:

و نفس و ماسوّاها ○ فالهمها فجورها و تقواها ○ قد افلح من زكّٰها ○ و قد خاب من دسّٰها ○
(سورة ۹۱، آيت ۷-۱۰)

"قسم آهي روح جو ۽ ان ذات جو جنهن کيس سنواريو آهي ۽ جنهن کيس هدايت ۽ گمراهيءَ جي ڄاڻ ڏني آهي؛ تہ اهو شخص ڪامياب آهي جنهن جو روح ترقي پذير آهي، ۽ اهو شخص ناڪام آهي جنهن جو روح بگڙي ويو!"

هاڻي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ آخر روح ڪهڙيءَ ريت ترقي ڪري ٿو ۽ ڪيس بگڙڻ کان ڪيئن بچائي سگهجي ٿو. ان جو جواب آهي تہ صرف "عمل" جي ذريعي!

تبارك الذي بيده الملك وهو على كلّ شيء قدير ○ (لا) نِ الذي خلق الموت و الحيٰوة

ليبلوكم ايكم احسن عملا ۽ وهوالعزيزالغفورo(لا)
(سورة ٦٧، آيت ١-٢)

"بيشڪ اها ذات برڪت واري آهي جنهن
جي هٿ ۾ هي سارو جهان آهي ۽ جيڪو
هر شيءِ تي قادر آهي، جنهن موت ۽ زندگي
کي ان ڪري پيدا ڪيو آهي ته جئن اوهان
جي آزمائش ڪري ته ڪير سڀ کان ڪري
ٿو. بيشڪ اهو ئي طاقتور ۽ باجهارو آهي."

ثابت ٿيو ته هيءَ زندگي خودي‌ءَ جي لاءِ هڪ ميدانِ عمل آهي ۽ موت سندس اجتماعي ڪوششن جو پهريون امتحان آهي. ڪوبہ عمل بذات خود ڏڪ سڪ جو ڪارڻ ڪونهي، البت هر عمل خودي‌ءَ کي جيارڻ ۽ مارڻ جو سبب بنجي سگهي ٿو. اهو عمل ئي آهي جيڪو هڪ طرف خودي‌ءَ جي تباهي ۽ بربادي‌ءَ جو سبب بنجي سگهي ٿو ته ٻئي طرف وري ڪيس مستقبل ۾ ڪنهن قابلِ ذڪر ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پاڻ آماده ڪري سگهي ٿو. بهرحال خودي‌ءَ جي جياپي جو مدار ان ڳالهہ تي ہ آهي ته اسين پنهنجي انفرادي زندگي‌ءَ ۾ هڪ ٻئي جي خودي‌ءَ جو ڪيترو احترام ڪريون ٿا. هونئن ہ خودي‌ءَ جي بقا اسان جو ذاتي يا پيدائشي حق ناهي، بلڪ اها اسان جي ذاتي ڪوششن ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي. يعني ته انسان جي حيثيت صرف هڪ اميدوار جي آهي. هن سلسلي ۾ جديد ماديت پڻ هڪ سخت غلط فهمي‌ءَ جو شڪار آهي، ۽ اها سندس چوڻ مطابق هيءَ آهي ته اسان جو شعور محدود هئڻ جي باوجود پنهنجي آڏو موجود حقيقت جو پوري‌ءَ ريت احاطو ڪري سگهي ٿو. حالانڪ اها سائنس جي يا فلسفو، ٻئي حقيقت تائين پهچڻ واسطي صرف هڪ رستي جي نشاندهي ڪن ٿا، ۽ ته هن سلسلي ۾ اسان جي سامهون ٻيا ہ ڪيترائي رستا ڪليل آهن. مطلب ته جيڪڏهن اسانجا موجوده

اعمال خودیءَ کي ايترو مضبوط ڪري وجهن ٿا جو مٽس موت جهڙي طبعي انتشار جو به ڪو اثر نٿو پوي، تہ ان صورت ۾ موت جي حيثيت پڻ هڪ رستي جي آهي، جنهن کي قرآن پاڪ "برزخ" جو نالو ڏنو آهي.

هن سلسلي ۾ صوفيانہ مشاهدات پڻ ان ڳالهہ جي شاهدي ڏين ٿا تہ برزخ دراصل انسان جي شعور جي هڪ اهڙي بدليل حالت آهي، جتي زمان و مڪان جو تصور هڪ نئين صورت اختيار ڪري ٿو؛ ۽ هيءَ ڳالهہ هرو پرو غير ممڪن بہ ناهي. هيلم هولز (Helm Hotlz) پهريون شخص هو جنهن اها راءِ ڏني هئي تہ اعصابي هيجان کي شعوري ڪيفيت جي درجي تائين پهچڻ لاءِ وقت درڪار ٿئي ٿو. جيڪڏهن اها ڳالهہ صحيح آهي تہ انجو مطلب اهو ٿيندو تہ وقت جو موجوده تصور انسان جي پنهنجي جسماني نظام جي پيداوار آهي. لهٰذا ان صورت ۾ جڏهن جسم جو هيءَ نظام منتشر ٿي وڃي ٿو ۽ خودیءَ جو وجود باقي رهي ٿو، تہ اهڙيءَ صورت ۾ خودیءَ جي تصور- زمان و مڪان جو بدلجڻ هڪ قدرتي ڳالهہ آهي. هونئن بہ انسان اهڙين تبديلين کان بلڪل بي خبر ناهيون. مثلاً خواب جي حالت ۾ انسان جا ذهني تاثرات غير معمولي طور هڪ هنڌ ٽيڪيل هوندا آهن، يا مرڻ ويل ڪڏهن ڪڏهن انسان جو حافظو انتهائي تيز ٿي ويندو آهي.

اهي ٻئي مثال ڏيکارين ٿا تہ خودي وقت جي باري ۾ ڪيترا ئي معيار قائم ڪري سگهي ٿي. لهٰذا برزخ مان مراد انتظار جي محض هڪ انفعالي ڪيفيت ناهي، بلڪ اها هڪ اهڙي حالت آهي جتي خودي مطلق حقيقت جي ڪن نون پهلوئن جي جهلڪ پسي ٿي، ۽ پاڻ کي نئين قسم جي حالتن سان ٺاهہ ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ٿي. مطلب تہ اها هڪ اهڙي حالت آهي جتي انساني نفس کي هڪ وڏي آڏل پٽيل سان منهن ڏيڻو پوي ٿو، خاص طور انهن

ماڻهن کي جن جي خودي پوريءَ ريت ترقي يافته ٿئي ٿي، چوته هو هڪ مخصوص زمان و مڪان اندر ڪنهن خاص طرز- عمل جا عادي ٿين ٿا. باقي اهي جيڪي هن سلسلي ۾ بد قسمتيءَ جو شڪار آهن، اهي مورڳو پنهنجي وجود تان هٿ ڏوئي ويهن ٿا. بهرحال خودي‌ءَ کي پنهنجي جدوجهد ايستائين جاري رکڻي آهي جيستائين منجهس موت کانپوءِ واري زندگيءَ جي صلاحيت پيدا ٿئي. ان لحاظ کان ڏڻو وجي تم قيامت خارجي واقعو نه‌آهي، بلڪ خودي‌ءَ جي اندر ئي اندر زندگيءَ جو هڪ تڪميلي مرحلو آهي. انفرادي توڙي اجتماعي لحاظ کان قيامت جو مطلب آهي تم خودي‌ءَ کي هڪ اهڙو موقعو فراهم ڪيو وڃي، جو هوءَ نه صرف پنهنجي ماضيءَ جي ڪارنامن جو جائزو وٺي سگهي، بلڪ مستقبل جي امڪانات جو پڻ اندازو لڳائي سگهي. اهوئي سبب آهي جو قرآن پاڪ موت کان پوءِ واري زندگيءَ کي اسانجي پهرين زندگيءَ جهڙو ڪوٺيو آهي.

و يقول الانسان أذا ما مت لسوف اخرج حيّا ٥
اولا يذكر الانسان ان خلقنٰه من قبل و لم يك
شيئا ٥ (سورة ١٩، آيت ٦٦-٦٧)

"انسان چوي ٿو: "ڇا، مون کي مري وڃڻ کانپوءِ وري ٻيهر جيئرو ڪيو ويندو؟ ڇا، انسان اها ڳالهه وساري ڇڏي آهي تم پهريون دفعو جڏهن اسان کيس پيدا ڪيو هو، تڏهن به هو ڪجهه نه هو!

نحن قدّرنا بينكم الموت و مانحن بمسبوقين٥(لا)
على ان نبدل امثالكم و ننشئكم في مالاتعلمون
٥ و لقد علمتم النّشاة الاولىٰ فلولاتذكرون٥
(سورة ٥٦، آيت ٦٠-٦٢)

"بيشڪ اسان اوهان لاءِ سوت ڪي مقرر ڪيو آهي. ليڪن اها اسان جي لاءِ اهڙي رڪاوٽ نه آهي جو اسين اوهان جي بدران اوهان جهڙي ٻي مخلوق نه آڻي سگهون. يا اوهان کي هڪ اهڙي صورت بخشيون جيڪا توهان جي لاءِ بلڪل نئين هجي! توهان پنهنجي پهرين تخليق کان واقف آهيو، پوءِ اوهين غور ڇو نه ٿا ڪريو؟

لهٰذا هاڻي اچو ته انهيءَ سوال تي غور ڪريون ته انسان جي پهرين تخليق ڪيئن ٿي؟ متي جن آيتن جو حوالو ڏنو ويو آهي انهن ۾ هن طرف هڪ واضح اشارو موجود آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو مسلمان مفڪر هن سلسلي ۾ هڪ نئين حقيقت سان روشناس نظر اچن ٿا. جاحظ (وفات ٢٥٥ هـ) اهو پهريون شخص هو جنهن ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي هئي ته هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ لڏ پلاڻ ۽ ماحول جي تبديليءَ ڪري حيوانات جي زندگيءَ ۾ پڻ تغير رونما ٿئي ٿو. ڪانئس پوءِ اخوان الصفا وارن سندس نظريات ۾ وڌيڪ وسعت پيدا ڪئي.

بهرحال ابن مسڪويه (وفات ٤٢١ هـ) اهو پهريون مسلمان مفڪر هو جنهن انسان جي اصل نسل ۽ بُڻ بُنياد جي باري ۾ هڪ نهايت واضح ۽ ڪيترن پهلوئن کان بلڪل نئون نظريو ڏنو. ان ڪانپوءِ اها ڳالهه تقريباً فطري بنجي چڪي هئي جنهن جو اظهار مولانا روميءَ هنن لفظن ۾ ڪيو ته "انسان جي دائمي بقا جو مسئلو درحقيقت سندس حياتياتي ارتقا جو مسئلو آهي، ۽ سندس چوڻ مطابق اها راءِ قرآني تعليمات جي عين مطابق آهي. هو وڌيڪ چوي ٿو ته اهو مسئلو مابعدالطبعياتي دليلن جي بنياد تي حل ڪري نٿو سگهجي، جيئن ڪجهه مسلمان مفڪر سمجهن ٿا." جديد دور ۾ اهو ساڳيو نظريئه ارتقا زندگيءَ جي باري ۾ اميد

۽ آتساه پيدا ڪرڻ بجاءِ، نااميدي ۽ نراسائي جو ڪارڻ بنجي رهيو آهي. انجو سبب هي آهي تہ انسان بنا ڪنهن دليل جي اها ڳالهہ فرض ڪري ورتي آهي تہ انسان جي موجوده طبعي بناوت نفسياتي توڙي جسماني لحاظ کان حياتياتي ارتقا جي آخري منزل آهي، ۽ موت انسان جي زندگيءَ جو هڪ اهڙو واقعو آهي، جنهن جو ڪو تعميري پهلو ڪونهي. دراصل اڄ دنيا کي وري هڪ رومي‌ءَ جي ضرورت آهي، جيڪو زندگيءَ جي بناري ۽ اميد ۽ آتساه جي مشعل کي هڪ دفعو وري روشن ڪري. سندس هي اشعار ڪيڏا نہ لاجواب آهن:

آمده اول بہ اقليم جماد — وز جمادی در بنام اوفتاد
سالها اندر نباتی عمر کرد — وز جمادی ياد ناورد از نبرد
وز نباتی چوں بحيوانی فتاد — نايدش حال نباتی هيچ باد
جُزهمان سيلے کہ دارد سوئے آں — خاصہ در وقت بهار ضيمران
هم چنيں اقليم تا اقليم رفت — تا شد اکنوں عاقل و دانا و زفت
عقلهائے اولينش ياد نيست — هم ازيں عقلش تحول کرد نيست

بهرحال مسلمان مفڪرن ۽ الٰهيات جي عالمن درميان اها ڳالهہ اڃان تائين اختلاف جو سبب بنيل آهي تہ، جڏهن انسان پهر جيئرو ٿيندو تڏهن ڪيس اڳيون طبعي جسم وارو قالب پهر ڏنو ويندو يا نہ؟ اڪثر عالم جن ۽ شاه ولي الله دهلوي پڻ شامل آهي، جنهن تي گويا اسلامي الٰهيات جي پچائي ٽئي ٽيئ اهي سڀ ان راءِ جا آهن تہ جيتوڻيڪ خودي‌ءَ کي نئين قسم جو ماحول مهيا ڪيو ويندو، پر انهي‌ءَ ماحول سان مطابقت پيدا ڪرڻ لاءِ خودي‌ءَ کي ڪنهن نہ ڪنهن مادي جسم يا قالب جي گهرج پوڻ لازمي ڳالهہ آهي. منهنجي خيال ۽ سندن انهي‌ءَ نظريي جو خاص سبب هي آهي تہ خودي‌ءَ جو انفرادي تصور ڪنهن جڳهہ يا تجرباتي پس منظر کانسواءِ ڪري نٿو سگهجي.

قرآن مجيد جي هيٺين آيتن ۾ ان مسئلي تي وڌيڪ روشني پوي ٿي:

أ ذا متنا و كنا ترابا ۝ ذالك رجع بعيد ۝
قد علمنا ما تنقص الارض منهم (ج) و عندنا
كتاب حفيظ (سورة ۵۰، آيت ۳-۴)

"ڇا مرڻ کانپوءِ جڏهن اسين مٽي ٿي ڇڪا هونداسين، وري جيئرا ٿي پونداسين؟ جيتوڻيڪ اهڙي واپسي ڏاڍي ڏورانهين آهي. جيتوڻيڪ کين مٽي کائيندي رهي ٿي، پر اسان وٽ هر شيءِ جو حساب کتاب محفوظ آهي."

منهنجي خيال موجب مٿينءَ آيت منجهان اها گهالهه ڇڪيءَ ريت واضح ٿئي ٿي تہ هيءَ ڪائنات ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان انساني انفراديت جو اهڙو نمونو باقي رکڻ گهري ٿي، جو جيڪڏهن موجوده ماحول ۾ سندس طبعي انتشار واقع ٿي پوي، تڏهن بہ منجهس آخري عمل سر انجام ڏيڻ جي اهليت باقي رهي. البت اهو کهڙو طريقو آهي جنهن سان اڻين ٿي سگهي ٿو، ان جي ڪا خبر ڪونهي. پر جيڪڏهن اهو ڪٽي تسليم بہ ڪجي تہ "ٻيهر تخليق" لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن مادي قالب جو هئڻ ضروري آهي، تہ ان صورت ۾ پڻ انسان کي سندس باري ۾ ڪا صحيح خبر ڪونہ ٿي پوي. هونئن بہ هن سلسلي ۾ قرآن شريف جيڪي تشبيهون يا مثال ڏنا آهن، انهن جو مطلب هڪ حقيقت جي نشاندهي ڪرڻ آهي، اهي ان زندگيءَ جي اصليت يا ماهيت بابت ڪو انڪشاف ڪونہ ٿا ڪن. هتي اها گهالهه ياد رکڻ گهرجي تہ فلسفيانہ لحاظ کان پڻ انسان وڌ ۾ وڌ ساڳي قسم جي راءِ قائم ڪري سگهون ٿا. يعني جيڪڏهن انسان جي ماضيءَ تي غور ڪجي ٿو تہ اها گهالهه تقريباً عقل کان ٻاهر نظر اچي

ٿي تہ ڪو انسان جو مستقبل سندس طبعي موت جي واقع ٿيڻ کانپوءِ ختم ٿي وڃي ٿو.

قرآن مجيد جي تعليمات مطابق جڏهن انسان پنهنجي جيئرو ٿيندو تہ ڪيس انتهائي تيز نظر سان نوازيو ويندو، ايتري قدر جو هو پنهنجي سموري قسمت جو احوال پنهنجي ڳچيءَ ۾ لٽڪيل محسوس ڪندو. گويا جنت ۽ دوزخ انساني نفس جون حالتون يا ڪيفيتون آهن، ۽ ڪين ڪنهن جڳهه يا مقام سان منسوب ڪري نٿو سگهجي. اهو ئي سبب آهي جو قرآن شريف ۾ سندن جيڪا ڪيفيت بيان ڪئي وئي آهي، ان مان مراد هڪ داخلي حقيقت آهي. يعني جئن انسان جي اندر جو نقشو سندس اڪين آڏو ڦري وڃي. دوزخ جي باري ۾ قرآن پاڪ جو ارشاد آهي تہ "اها الله جي جلابل آگ آهي جيڪا دلن تائين پهچي ٿي": "نار الله الموقدة ٥ التى تطلع على الافئده ٥" هين لفظن ۾ دوزخ انسان جي ناڪاميءَ ۽ پيڙا جو ڏ ڪوئيندڙ احساس آهي. ان جي مقابلي ۾ جنت مان مراد خوشي ۽ سرهائيءَ جو هڪ اهڙو احساس آهي جيڪو فنا ۽ انتشار جي قوتن تي سوپ پائڻ سان حاصل ٿئي ٿو. اسلام انسانذات کي هميشه لاءِ هڇارو تصور نہ ڪيو آهي. البت جيستائين "خالدًا فيها" جو تعلق آهي تہ هن آيتن ۾ ان جي تشريح ڪئي وئي آهي تہ ان مان مراد خاص مدت آهي. هونئن ب انساني شخصيت جي تعمير ۾ وقت کي وڏو دخل آهي. وري جئن تہ انساني ڪردار مستقل نوعيت اختيار ڪرڻ گهري ٿو، ان ڪري ڪيس تبديل ڪرڻ لاءِ ڀڻ وقت گهربل ٿئي ٿو. ان ڪري قرآن شريف جي چوڻ مطابق دوزخ اهڙي دائمي عذاب جو نالو نہ آهي جيڪو هڪ انتقامي خدا پنهنجي ڀانهن لاءِ تيار ڪري ڇڏيو آهي، بلڪ ان مان مراد هڪ اهڙو اصلاحي تجربو آهي جيڪو انسان جي ٻڌر جهڙي سخت خودي‌ءَ کي هڪ دفعو وري ان ڳالهه جي لائق بڻائي ٿو تہ جئن هو رحمتِ خداوندي

جي نسيمر جانفزا جو اثر قبول ڪري سگهي.

ساڳيءَ ريت جنت جو مطلب بہ هرو پرو عيش و آرام يا ڇڙواڳيءَ جي زندگي ناهي. دراصل سموري زندگي هڪ وحدت آهي، هڪ سلسلو آهي، ۽ انسان هر گهڙي ان آس تي اڳتي وڌي رهيو آهي تہ جئن هو ان بي انت ذات جي نت نئين جهلڪ پسي سگهي، ڇو تہ اها ذات "ڪل يوم هو فی شان" جي مصداق آهي. پر جيڪو ماڻهو هڪ دفعو اها خدائي تجلي پسي ٿو، سو رڳو ان تي قناعت ڪري نٿو سگهي. ڇاڪاڻ تہ آزاد انسان جو هر عمل هڪ نئين صورتحال کي جنم ڏئي ٿو ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي تخليقي انڪشاف جا نئين سر نوان موقعا پيدا ڪري ٿو.

—*—

اسلامي ثقافت جو روح

"محمد عربي صلعم عرش عظيم تي ويو مگر واپس موٽي آيو. خدا جو قسم جيڪڏهن آءٌ وڃان ها تہ هرگز موٽي نہ اچان ها!" هي الفاظ مشهور صوفي بزرگ شيخ عبدالقدوس گنگوهيءَ جا آهن. مگر حقيقت اها آهي تہ اِن هڪڙي مختصر جملي اندر، جنهن نموني سان هڪ نبي ۽ صوفيءَ جي شعور ۾ بنيادي فرق جي وضاحت ڪئي وئي آهي، تصوف جي پوري تاريخ ۾ ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. عام طور هڪ صوفيءَ کي قرب ۽ وصال جي ڪيفيت مان جيڪو حظُ حاصل ٿئي ٿو، ان کي هو ڪڏهن بہ ترڪ ڪرڻ نہ چاهيندو آهي. پر چاڪاڻ تہ هن کي ائين ڪرڻو ئي پوي ٿو، تنهنڪري هو پنهنجي اصلوڪي حالت تي واپس اچي ٿو؛ ليڪن سندس اها واپسي دنيا وارن لاءِ ڪا ايڏي معنيٰ خيز ڪونہ ٿي ٿئي. ان جي مقابلي ۾ هڪ نبيءَ جي واپسي مختلف يعني تخليقي نوعيت جي ٿئي ٿي. هو نہ رڳو وقت جي وهڪري ۾ پنهنجي اهميت کي محسوس ڪرائي ٿو، بلڪ تاريخ ساز قوتن تي قبضو حاصل ڪري هڪ نئين آدرشي دنيا جي تخليق جو باعث بنجي ٿو. هڪ صوفيءَ جي لاءِ وصال جي لذت سندس مقصد جي انتها آهي، پر هڪ نبيءَ جي لاءِ اها هڪ اهڙي جاگرتا جو سبب بنجي ٿي جنهن ڪري هو پنهنجي نفسياتي قوتن ذريعي هن دنيا کي آٽلائي پٽلائي وجهي ٿو. ٻن لفظن ۾ هو انهن قوتن ذريعي انساني دنيا ۾ هڪ مڪمل انقلاب آڻي سگهي ٿو. لهٰذا هڪ پيغمبر يا نبيءَ جي اها وڏي ۾ وڏي خواهش هوندي آهي تہ هو پنهنجي

مذهبي مشاهدي يا تجربي کي هڪ عالمگير ۽ زنده قوت جي صورت ۾ ڏسي سگهي. ان لحاظ کان ڏنو وڃي تہ نبيءَ جي واپسي سندس مذهبي مشاهدي جي صحيح کسوٽي يا عملي پرک ٿئي آهي. يعني اهو هڪ اهڙو تخليقي عمل آهي جنهن دوران هڪ نبي يا پيغمبر ارادي طور هڪ طرف پنهنجي ذات جو جائزو وٺي ٿو تہ ٻئي طرف هو انهن ٿوس حقائق ڏانهن ٿئي متوجہ ٿئي ٿو، جيڪي سندس کوشش جي ڪري وجود ۾ اچن ٿا. هونئن بہ ٿئي چا ٿو تہ جڏهن هڪ پيغمبر يا نبي هن غير اثرپذير دنيا جو رخ ڪري ٿو تہ سڀ کان پهريائين مٿس پنهنجي ذات جو انڪشاف ٿئي ٿو، ۽ ان کانپوءِ سندس شخصيت دنيا وارن جي اکين اڳيان آپرٽ لڳي ٿي. ان ڪري هڪ پيغمبر جي مذهبي مشاهدي جي ٻي وڏي کسوٽي اها آهي جو اهو ڏنو وڃي تہ سندس زير اثر ڪهڙي قسم جا انسان پيدا ٿيا، ۽ سندس نئين نياپي سبب ڪهڙي قسم جي تهذيب و تمدن جنم ورتو؟ هن ليڪچر ۾ آءٌ مٿين کسوٽي جي ٻئي يعني تهذيب و تمدن واري پهلوءَ تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس. هتي منهنجو مقصد اهو ناهي تہ اسلام علم وحڪمت جي سلسلي ۾ جيڪي خدمتون سر انجام ڏنيون آهن انهن جو تفصيلي ذڪر ڪريان، بلڪ منهنجو مقصد آهي تہ توهان جو ڌيان انهن چند بنيادي تصورات ڏانهن ڇڪايان جيڪي اسلامي تهذيب وثقافت جو روح آهن. ۽ ان سمجهان ٿو ان کانپوءِ اوهان اسلامي ڪلچر بابت صحيح اندازو لڳائي سگهندا ۽ سندس اصليت پروڙي سگهندا. مگر ان کان اڳ جو اسين اصل موضوع ڏانهن وڌون، آءٌ اهو ضروري ٿو سمجهان تہ توهان جو ڌيان اسلام جي هڪ نهايت اهم ۽ بنيادي تصور يعني ختم نبوت طرف مبذول ڪرايان.

جيتوڻيڪ نبوت جو مثال صوفيانہ شعور جهڙو آهي، پر دراصل اهو هڪ اهڙو "وجداني تجربو" آهي جيڪو نہ صرف پنهنجي حدن کان تجاوز ڪري ٿو، بلڪ اهو تجربو اجتماعي

زندگيءَ جي قوتن کي هڪ نئون رخ ڏئي ٿو ۽ سندن نئين سر تعمير ڪري ٿو. مطلب ته هڪ پيغمبر يا نبي پنهنجي محدود شخصيت جي باوجود جڏهن اندر جي اٿاهه گهرائين ۾ غوطه زن ٿيڻ کانپوءِ ٻاهر اچي ٿو ته هو هڪ نئين قوت جو حامل ٿئي ٿو، هڪ اهڙي قوت جنهن جي ذريعي هو ماضيءَ کي مٽائي، زندگيءَ جي نين راهن جي نشاندهي ڪري ٿو. ليڪن پنهنجي هستيءَ يا وجود جي بنياد سان اهو تعلق صرف انسان سان مخصوص ناهي. اهو ئي سبب آهي جو قرآن شريف ۾ جتي به لفظ "وحي" آيو آهي اتي وحي مان مراد زندگيءَ جي هڪ عالمگير صفت آهي. اها پڻ گهڻو آهي ته جئن جئن زندگي پنهنجي ارتقا جا مختلف مرحلا طئ ڪري ٿي ته وحي جي نوعيت ۽ ماهيت پڻ بدلبي رهي ٿي. مثلاً فضا ۾ هوڻي جي آزادنه پرورش، يا ڪنهن جاندار ۾ نئين ماحول مطابق ڪنهن نئين عضوي جي نشو و نما، يا هڪ انسان جو پنهنجي اندر جي اونهاين مان روشني حاصل ڪرڻ: اهي سڀ وحيءَ جون مختلف صورتون آهن. دراصل وحيءَ جي نوعيت ۾ ان ڪري تبديلي اچي ٿي ڇاڪاڻ ته ان شئ جون ضرورتون اهڙي قسم جون هونديون آهن، يا جنهن نوع جي اها شئ هوندي آهي، ان جون خاص قسم جون گهرجون هونديون آهن. لهٰذا ڀني نوع انسان جي شروعاتي دور ۾ جڏهن انساني ذهن ايڏا پنهنجي باروغت تي نه پهتو هو، تڏهن سندس نفس جي نشو و نما شعور نبوت جي صورت اختيار ڪئي هئي. ڇو ته اهوئي هڪ اهڙو طريقو هيو جنهن جي ذريعي انسان پنهنجي انفرادي سوچ ويچار کي استعمال ڪرڻ ڪان پالهو رهي سگهيو ٿي. هن لفظن ۾ ڪيس ڪنهن فيصلي يا نتيجي تي پهچڻو نه هو ۽ نه وري سندس آڏو پسند ۽ ناپسند يا انتخاب جو مسئلو هو. ساڳيءَ ريت ڪيس ان سوچڻ جي به ڪا ضرورت نه هئي ته سندس طرزِ عمل ڪهڙو هڻڻ کپي؟ مطلب ته انهن سڀني ڳالهين جا جواب ڪيس ڏهيل ٽڪيل صورت ۾ مُهيا ڪيا

ويا هئا. گويا نبوت مان مراد انساني فڪر جي ڪفايت ۽ قناعت هئي، ۽ ان جو مقصد انسان کي انتخاب جي عظيم مسئلي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ هو. پر جئن جئن انساني عقل نشو و نما حاصل ڪئي ۽ منجهس تنقيدي قوت جنم ورتو، ان صورت ۾ اها گهالهه خود زندگيءَ جي مفاد وڌان هئي تہ اهڙن عقل کان ماورا طور طريقن تان هٽ ڪٽي وڃي، جڪي هونئن انساني ارتقا جي شروعاتي مرحلن دوران اختيار ڪيا ويا هئا. انسان بنيادي طور جذبات جو ٺهيل آهي ۽ مٽس جبلتن جو راڄ آهي، ۽ ان جي باوجود هو پنهنجي استقرائي عقل جي مدد سان هن ماحول جي تسخير ڪري سگهي ٿو، ۽ اهوئي سندس وڏي ۾ وڏو ڪمال آهي، تنهن ڪري انسان کي کپي تہ هو علم حاصل ڪرڻ جي ٻين ذريعن کي ترڪ ڪري، استقرائي عقل واري طريقي کي اختيار ڪري. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پراڻي دور ۾ فڪر ۽ فلسفي جا عظيم نظام وجود ۾ آيا آهن، پر اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿيو آهي، جڏهن انسان شروعاتي مرحلن مان گذري رهيو هو ۽ هو ٻين جي اشارن تي هلڻ جو عادي هيو. ان ڪانسواءِ هتي اسان کي اها گهالهه ٻڌ وسارڻ نہ کپي تہ اهي سموريا فڪري نظام دراصل مُجرد فڪر جي بنياد تي ٻڌل هئا؛ ۽ مجرد فڪر، وڌ ۾ وڌ، مُبهم، مذهبي عقيدن ۽ روايتن جي وچ ۾ هڪ قسم جو ربط ۽ ترتيب پيدا ڪري سگهي ٿو، باقي ان جي وسيلي اسين زندگيءَ جي ڪنهن حقيقتن تي ضابطو حاصل ڪري نٿا سگهون.

هاڻي ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ پيغمبر اسلام جي شخصيت قديم ۽ جديد دنيا درميان هڪ ڳانڍاپي جي حيثيت رکي ٿي، يعني سندس ذات گرامي قديم ۽ جديد جو سنگم آهي. جيستائين سندن الهام جي سرچشمي جو تعلق آهي تہ ٻاڻ قديم دنيا سان واسطو رکن ٿا، پر جيستائين سندن الهام جي روح جو تعلق آهي تہ ٻاڻ جديد دنيا سان وابستہ آهن. سندن ذات گرامي انهن

سڀني ڳالهين جو ڪارڻ آهي جنهن ڪري زندگيءَ تي علم و حڪمت جي اهڙن نون سر چشمن جو انڪشاف ٿيو، جيڪي زندگيءَ جي هر نئين موڙ سان مطابقت رکندڙ آهن. لهٰذا اسلام جو ظهور، جئن آءٌ اڳتي هلي ان ڳالهه کي چگيءَ ريت ثابت ڪندس، تہ استقرائي عقل جو ظهور آهي. اسلام ان ڳالهه جو قائل آهي تہ نبوت پنهنجو معراج ماڻي چڪي آهي ۽ ان ڪري سندس خاتمو ضروري هيو. ٻين لفظن ۾ ان جو مطلب آهي تہ انسان کي هميشه نئين ٻار وانگر چيڀ کان وٺي اڳتي هلي نئو سگهجي، ٻلڪ سندس ذاتي شعور جي تڪميل لاءِ اهو ضروري هو تہ ڪيس پنهنجن پيرن تي بيهارڻ سيکاريو وڃي. اهوئي سبب آهي جنهن ڪري اسلام مذهبي اجاره داري ۽ يقين نئو رکي ۽ نہ وري موروثي بادشاهت کي جائز تسليم ڪري ٿو. ازانسواه قرآن ۾ جو ايترو عقل ۽ مشاهدي تي زور ڏنو ويو آهي يا "فطرت" ۽ "تاريخ" کي علم جو ذريعو قرار ڏنو ويو آهي؛ انهن سڀني ڳالهين ۾ اهوئي نڪتو پوشيده آهي؛ يا ٻين لفظن ۾ اهي ختمِ نبوت جي تصور جا مختلف پهلو آهن، پر هتي اها غلط فهمي ڏيڻ نہ ڪپي تہ ڪو انساني زندگي هيئئر پنهنجي باطني تجربي، جنهن جي ڪيفيت ٻڌ هڪ نبيءَ جي تجربي جهڙي ٿئي ٿي، ان کان بکسر محروم ٿي چڪي آهي. حقيقت اها آهي تہ قرآن شريف "النفس و آفاق" ٻنهي کي علم جو يڪسان ذريعو قرار ڏنو آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جو خدا تعالي پنهنجي نشانين کي انسان جي داخلي توڙي خارجي تجربي وسيلي ظاهر ڪري ٿو. هاڻي اهو انسان جو فرض آهي تہ هو انهن مشاهدن ۽ تجربن جي علمي پهلوءَ جو صحيح اندازو لڳائي. هتي هڪ ٻي غلط فهميءَ جو ازالو ٻڌ ضروري آهي جهڪا هيءَ آهي تہ ختمِ نبوت مان مراد اها هرگز ناهي تہ ڪو هيئئر انساني زندگيءَ ۾ صرف عقل جو عمل دخل آهي ۽ جذبات کي منجهس ڪو دخل ناهي. اها ڳالهه نہ ڪڏهن ٿي سگهي ٿي ۽ نہ

ڪڏهن هٿ کپي. ڳالهه جو مطلب صرف ايترو آهي ته هينئر اسين ڪهڙي به قسم جي باطني مشاهدي يا تجربي تي انتهائي آزاديءَ سان تنقيد ڪري سگهون ٿا ۽ منجهائس نتيجا اخذ ڪري سگهون ٿا. چاڪاڻ ته هينئر انساني تاريخ ۾ ان ڳالهه جو هميشه هميشه لاءِ خاتمو ٿي چڪو آهي، ۽ ڪوبه ماڻهو اها دعويٰ ڪري نٿو سگهي ته ڪو سندس علم جو تعلق مافوق الفطرت سرچشمي سان آهي. دراصل ختمِ نبوت جو عقيدو هڪ قسم جي نفسياتي قوت آهي جنهن جي آڏار تي اهڙين دعوائن جو قلع قمع ڪري سگهجي ٿو. ازانسواءِ ان جو مطلب اهو پڻ آهي ته انسان جو باطني تجربو علم جي نت نون ذريعن جو بنياد آهي. ان جو مثال ائين آهي جئن ڪلمي جو پهريون جُز انسان کي اهو سبق ڏئي ٿو ته هو خارجي دنيا جو تنقيدي نگاه سان مطالعو ڪري، ۽ فطرت جي قوتن کي الوهيت جو درجو نه ڏئي، جئن اسلام کان اڳ وارين تهذيبن جو رواج هيو. لهٰذا مسلمانن کي کپي ته هو باطني مشاهدي کي سندس غيرمعمولي ۽ غيرفطري نوعيت جي باوجود کيس پهن تجربن جهڙو سمجهن ۽ انساني تجربي جي پين قسمن وانگر سندس ناقدانه جائزو وٺن. خود رسولِ اڪرم صلعم جن ابن صيّاد جي نفسياتي جائزي وقت اهو طريقو اختيار ڪيو هو. هونئن به اسلامي تصوف صوفيانه مشاهدات ۽ نظم و ربط جي هڪ ڪوشش آهي، ۽ ابن خلدون اهو پهريون شخص هو جنهن هن مسئلي تي خالص سائنسي انداز ۽ روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

مگر هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته باطني مشاهدو انساني علم جو صرف هڪڙو ذريعو آهي ۽ قرآن شريف جي چوڻ مطابق علم جا به ٻيا سرچشما "فطرت" ۽ "تاريخ" آهن. جيستائين انهن ٻنهي سرچشمن منجهان استفادي جو تعلق آهي ته هن سلسلي ۾ اسلام جنهن قسم جو عملي مظاهرو ڪيو آهي

اهو سندس روح جو بهترين اظهار آهي. اهوئي سبب آهي جو قرآن شريف جي چوڻ مطابق سج ۽ چنڊ جي اپرڻ، پاڇولن جي وڌڻ ۽ گهٽجڻ، ڏينهن ۽ رات جو اچڻ، انساني رنگ و زبان جو فرق، قومن جو ڪمال ۽ زوال ـ مطلب ته هيءَ سموري فطرت، جنهن جو ادراڪ اسانکي حواسن ذريعي ٿئي ٿو، مطلق حقيقت جو هڪ عظيم اڇاڻ آهي. لهٰذا هر مسلمان جو فرض آهي ته هو انهن نشانين تي غور و فڪر ڪري ۽ هڪ اڻڌي ۽ ٻوڙي ماڻهوءَ وانگر زندگي نه گذاري، ۽ ته جيڪو ماڻهو هن زندگيءَ ۾ انهن نشانين کي نٿو پسي، اهو آئنده ۾ زندگيءَ جي حقيقتن کان انڌو ئي رهندو. ارشادِ خداوندي آهي: "و من كان في هٰذه اعمىٰ فهو في الاخره اعمىٰ و اضل سبيلا." لهٰذا جڏهن مسلمانن زندگيءَ جي ٻوس حقيقتن ڏانهن توجه ڏيڻ شروع ڪيو ۽ کين اهو معلوم ٿيو ته قرآن شريف جي چوڻ مطابق هيءَ ڪائنات متحرڪ ۽ محدود هئڻ سان گڏ وڌندڙ ۽ ڦهاجندڙ آهي؛ تڏهن هنن يوناني فلسفي جي خلاف علمِ بغاوت بلند ڪيو، حالانڪ پنهنجي ابتدائي فڪري دور ۾ هنن يوناني فلسفي جو نهايت گوڙهو مطالعو ڪيو هو. بهرحال شروع ۾ مسلمانن کي ان ڳالهه جو بنهه احساس ڪونه ٿيو ته ڪو قرآن مجيد جو روح ڪلاسڪي فڪر جي خلاف هيو. ان جو اصل سبب اهو هيو ته هو يوناني مفڪرن کان تمام گهٽو متاثر هئا، ايتريقدر جو هو قرآن پاڪ جو تفسير ۽ تشريح به يوناني فلسفي جي روشنيءَ ۾ ڪرڻ لڳا هئا. مگر جڏن ته قرآن شريف جو سمورو زور ٻوس حقائق تي آهي ۽ يوناني فلسفو صرف نظريات جو مجموعو آهي ۽ حقيقتن کي سراسر نظر انداز ڪري ٿو، ان ڪري اهڙيءَ صورت ۾ سندن ناڪامي لازمي هئي. ها، پر انهيءَ ناڪامي منجهان هڪڙو فائدو ضرور پهتو ۽ اهو هي آهي ته اسلامي تهذيب و تمدن پنهنجي حقيقي روح سان جلوه گر ٿيڻ لڳي، ۽ جديد تهذيب ۾ ڪيترن پهلوئن کان سندس

مرهون منت آهي.

يوناني فلسفي خلاف اها عقلي بغاوت اڳتي هلي فڪر جي هر شعبي ۾ ظاهر ٿيڻ لڳي. پر مان سمجهان ٿو ته جهڙي‌ءَ ريت ان جو اظهار رياضي‌ءَ، فلڪيات ۽ طب ۾ ٿيو، آڳ ان کي هتي پيش ڪرڻ کان قاصر آهيان. جيتوڻيڪ اسعرين جي ما بعد الطبعياتي نقطئه نظر ۾ پڻ ان بغاوت کي چگي‌ءَ ريت محسوس ڪري سگهجي ٿو، پر مان سمجهان ٿو ته اها گاڏهه يوناني منطق تي ڏيل تنقيد منجهان وڌيڪ بهتر نموني ۽ اسانجي آڏو اچي ٿي. هڪ لحاظ کان ڏڻو وڃي ته اها گاڏهه فطري پڻ هئي چاڪاڻ ته جڏهن هڪ دفعو انسان اهڙي فلسفي کان بدگمان ٿئي ٿو، جنهن جو بنياد محض ظن تي رکيل آهي، ته پوءِ ان صورت ۾ هو علم جي اهڙي سرچشمي جي ڳولها ڪري ٿو جيڪو بالڪل يقيني هجي. منهنجي خيال موجب نظام پهريون مفڪر هو جنهن اها گاڏهه چئي هئي ته علم جي شروعات شڪ کان ٿيندي آهي. ڪانٽ پوءِ امام غزاليءَ پنهنجي ڪتاب "احياءُ العلوم" ۾ ان تي وڌيڪ روشني وڌي، ۽ اڳتي هلي ڊيڪارٽ جو طريقئه فڪر پڻ ان ساڳي گاڏهه منجهان آسريو، پر ان جي باوجود منطق ۾ غزالي گهڻو ڪري ارسطوءَ جو پوئلڳ رهيو، ايتريقدر جو هو پنهنجي ڪتاب "قسطاس" ۾ قرآني دليلن کي پڻ ارسطوءَ جي منطقي رنگ ۾ پيش ڪري ٿو. گويا هو اها گاڏهه بلڪل وساري ويهي ٿو ته، ڪو قرآن شريف جي سورة الشراء ۾ ان گاڏهه جي ثابتي لاءِ ته نبين جي تڪذيب ڪرڻ وارن لاءِ عذاب آهي، تاريخي مثالن کان ڪم ورتو ويو آهي. بهرحال اهو سهرو اشراقي ۽ ابن تيميه جي سر آهي جن يوناني منطق تي باقاعده تنقيد جو آغاز ڪيو ۽ ڪانٽ پوءِ وري ابوبڪر رازي اهو پهريون شخص هو جنهن ارسطوءَ جي پهرين منطقي شڪل تي تنقيد ڪئي. رازيءَ جو اهو اعتراض استقرائي نوعيت جو

هو ۽ اسان جي موجوده دور ۾ وري جان اسٽوئرٽ مل (J. S. Mill) انهيءَ ساڳي اعتراض کي ورجايو آهي. ابن حزم پنهنجي کتاب "التقريب في حدود المنطق" ۾ ان گالهه تي زور ڏنو تہ حواسن وسيلي ادراک ٿي علم جو اصل ذريعو آهي. ساڳيءَ ريت ابن تيميہ پنهنجي کتاب "الرد علی المنطق" ۾ اهو نتيجو قائم ڪري ٿو تہ استقرائيت ٿي علم جو قابل اعتماد ذريعو آهي.

مطلب تہ اڻڙيءَ طرح علمي ميدان ۾ مشاهدي ۽ تجربي واري طريقي جي ابتدا ٿي، پر اها بہ رڳو نظرياتي طور نہ، پاڪ اها پنهنجي نوعيت ۾ واقعي عملي قسم جي هئي. جيستائين نفسيات جو تعلق آهي تہ هن سلسلي ۾ البيروني ۽ ڪ اهڙو انڪشاف ڪيو جنهن کي اڇڪلهہ اسين "وقت ردِ عمل" (Reaction Time) جو نالو ڏيون ٿا. هن سلسلي ۾ بيو اهم انڪشاف الڪندي جو آهي جنهن اهو نتيجو قائم ڪيو تہ اسانجو احساس همیشہ اسان جي هيجان سان متناسب هوندو آهي.

لهاذا اها راءِ قائم ڪرڻ تہ تجرباتي طريقي جي دريافت جو سهرو مغرب جي سر آهي، بلڪل غلط آهي. ڊيهورنگ (Duhring) جو چوڻ آهي تہ راجر بيڪن جا سائنسي تصورات سندس مشهور و معروف نسالي پائي يعني فرئنسيس بيڪن جي نظريات کان زياده واضح ۽ صاف آهن. هاڻي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ راجر بيڪن سائنس جي تعليم ڪٿان پرائي؟ انجو جواب آهي اندلس جون اسلامي درسگاهون ! اهو ئي سبب آهي جو راجر بيڪن جي ڪتاب "اوپس ماجس" (Opus Majius) جو پنجون باب جيڪو "رويت" جي باري ۾ آهي، اهو سڄو جو سڄو ابن الهيثم جي بصريات جو نقل آهي. ازانسواءِ ڪتاب جو مصنف ابن حزم جي نظريات کان بہ ڪافي حد تائين متاثر نظر اچي ٿو. جيتوڻيڪ يورپ وارا اڄ تائين ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ کان ٽٽائيندا رهيا آهن تہ سائنسي طريقي جي ابتدا مسلمانن کان ٿي آهي، پر

آخرڪار ڪين انهيءَ سڄ جي آڏو سر تسليم خم ڪرڻو پيو آهي. لهٰذا مونکي اجازت ڏيو تہ آءٌ هتي بريفالٽ (Briffault) جي ڪتاب "تعمير انسانيت" مان ڪجهہ اقتباس پيش ڪريان:

"ايترو ضرور چئبو تہ آڪسفورڊ اسڪول
آف اهي عربن جا جانشين ٿي هٿا جن ڪان
راجر بيڪن عربي پوليءَ ۽ پين سائنسي علومن
۾ مهارت حاصل ڪئي. لهٰذا تجرباتي طريقي
کي رواج ڏيڻ جو سهرو نہ تہ راجر بيڪن
جي سر آهي ۽ نہ وري سندس نالي پائي
فرئنسس بيڪن ڏانهن ان کي منسوب ڪري
سگهجي ٿو. حقيقت اها آهي تہ راجر بيڪن
جي حيثيت هڪ اهڙي نمائندي جي آهي
جنهن مسيحي يورپ ۾ اسلامي سائنس ۽ سندس
طريقہ ڪار کي متعارف ڪرايو. هو هميشہ
پنهنجن همعصرن کي اهو مشورو ڏيندو رهيو
تہ جيڪڏهن هو سڄ پڄ علم جا متلاشي
آهن تہ پوءِ ڪين عربن جي پوليءَ ۽ سندن
سائنسي علومن ڏانهن رجوع ڪرڻ کپي.
بائي جيستائين ان سوال جو تعلق آهي تہ
تجرباتي طريقو ڪنهن جي ايجاد آهي.... سو
ان باري ۾ ايترو عرض ڪرڻ ڪافي آهي
تہ يورپي تهذيب و تمدن جي باري ۾ جيڪي
وڏيون وڏيون دعوائون ڪيون ويون آهن
هيءَ بہ انهن مان هڪ آهي۔ سڄ اهو آهي
تہ بيڪن جي زماني تائين عربن جو تجرباتي
طريقہ ڪار يورپ ۾ ڦهلجي چڪو
هو ۽ وڏي دلچسپيءَ جو باعث بنيل هو."

"عرب تهذيب و تمدن جيڪا جديد دنيا جي وڏي ۾ وڏي خدمت ڪئي آهي، اها سائنس آهي. اها ئي ڪالهه آهي تہ انجا نتيجا تمام گهڻو پوءِ ظاهر ٿيا. بهرحال اهو سڀ ڪجهه نڊاڻ ظاهر ٿيو جڏهن اسلامي اندلس هڪ دفعو وري اونداهيءَ ۾ غرق ٿي ڇڪو هو. ازانسواءِ اها صرف سائنس نہ هئي جنهن يورپ ۾ زندگيءَ جي نئين لهر ڊوڙائي ڇڏي، بلڪ يورپ وارن تي اسلامي تهذيب و تمدن جا ٻيا بہ ڪيترا اهڙا اثرات مرتب ٿيا جن سندن زندگيءَ کي نئون آب و تاب بخشيو!"

"جيتوڻيڪ مغربي تهذيب جو ڪو اهڙو پهلو ڪونهي جيڪو اسلامي تهذيب و ثقافت جي فيصلہ ڪن اثرات کان متاثر نہ ٿيو هجي. پر جنهن شعبي ۾ وڌيڪ واضح ۽ دور رس اثرات مرتب ٿيا يا جنهن کي اڄ اسين جديد دنيا جي مستقل ۽ ممتاز قوت تسلم ڪريون ٿا، يا جديد دنيا ۾ جنهن کي قوت ۽ غلبي جو عظيم سرچشمو سمجهيو وڃي ٿو؛ اها آهي سائنس ۽ سائنسي جذبو!"

"اسان جي موجوده سائنس تي عربن جو نہ صرف اهو احسان آهي تہ هنن اچرج ۾ وجهندڙ ۽ انقلابي نظريون جي کوجنا ڪئي؛ بلڪ سائنس تي سندن ان کان بہ وڏو احسان آهي، ٿورن لفظن ۾ هينئن ڪٽي چئجي تہ سائنس جو وجود ئي سندن مرهونِ منت آهي."

"اسان کي خبر آهي تہ قديم دنيا کي سائنس کان اڳ وارو دور ڪوئي سگهجي ٿو. اهو اهڙو دور هو جڏهن يونان وارا فلڪيات ۽ رياضيءَ کي هميشه پاهران آندل شيءَ تصور ڪندا هئا، ۽ اهو ئي سبب هو جو يوناني تهذيب آخر تائين ڪين پنهنجو ڪري نہ سگهي. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ صحيح آهي تہ يونانين جو نظريات جي تشڪيل ۽ ترويج ۾ وڏو هٿ آهي، پر جيستائين کوجنا جي ڪنهين طريقن جو تعلق آهي، يا مثبت ڄاڻ ڪڏ ڪرڻ جو معاملو آهي، يا سائنس جي انتهائي دقيق طريقن کي سمجهڻ جو سوال آهي، يا عميق مشاهدي ماڻڻ ۽ تجرباتي طريقن کي استعمال ڪرڻ جو مسئلو آهي تہ اهي سڀ ڳالهيون دراصل يوناني طبيعت ۽ سياڻ جي آٻڙ هيون. ها البت قديم دنيا ۾ صرف اسڪندريا هڪ اهڙو هنڌ هو جتي پراچين يوناني (Hellenic) تهذيب جي زيراثر سائنسي کوجنا جو هڪ اڌ مثال ملي ٿو. تاهم ايترو ضرور چئبو تہ يورپ ۾ سائنس جي نشو و نما؛ تحقيق جي نئين جذبي ۽ کوجنا جي نون طريقن کانسواءِ، تجرباتي طريقي ۽ مشاهدي، پيمائش ۽ رياضيءَ جي اوسر جو نتيجو آهي؛ ۽ اهي سڀ اهڙيون ڳالهيون هيون جن کان يوناني سراسر ناآشنا هئا. لهٰذا يورپ ۾ انهيءَ نئين جذبي ۽ نون سائنسي طريقن کي رواج ڏيڻ جو سهرو عربن جي سر تي آهي." (صفحہ ١٩٠)

مطلب تہ اسلامي تهذيب و ثقافت جو اصل روح ان حقيقت ۾ پنهان آهي تہ سندس نظر ۾ علم جي شروعات محدود ۽ ٺوس حقائق کان ٿئي ٿي. لهٰذا مسلمانن ۾ مشاهداتي ۽ تجرباتي طريقہ ڪار جي ابتدا يوناني فڪر جي زير اثر ڪونہ ٿي هئي، بلڪ اها يوناني فڪر سان مسلسل تصادم جو نتيجو هئي. هن سلسلي ۾ بريفالٽ جي اها راءِ نهايت اهميت واري آهي تہ يونانين کي دراصل حقائق جي بجاءِ نظريات سان لڳاءُ هو. هڪ لحاظ کان اهو ئي سبب هو جنهن ڪري قرآن پاڪ جو حقيقي روح مسلمانن جي نظرن کان اوجهل ٿيڻ لڳو هو، نہ صرف ايترو بلڪ انهيءَ عرصي دوران گويا عربن جو عملي مزاج ۾ تعطل جو شڪار رهيو. تنهن ڪري آءٌ ان غلط فهميءَ کي هميشہ لاءِ دور ڪرڻ گهران ٿو تہ ڪو يوناني فڪر اسلامي تهذيب و تمدن تي ڪنهن نموني ۾ اثر انداز ٿيو آهي يا اسلامي ثقافت جي جوڙجڪ ۾ سندس عمل دخل رهيو آهي. هن سلسلي ۾ آءٌ ڪجهہ دليل هن کان اڳ ڏئي چڪو آهيان ۽ باقي هتي پيش ڪري رهيو آهيان.

هينئر اها ڳالهہ تسليم شده آهي تہ علم جي ابتدا محسوسات يا ٺوس حقائق کان ٿيڻ کپي. جو تہ جيستائين ذهن محسوسات تي گرفت حاصل نٿو ڪري، تيستائين انساني فڪر محسوسات کان اڳتي وڌڻ جي صلاحيت حاصل ڪري نٿو سگهي. ارشادِ خداوندي آهي:

"يا معشر الجن و الانس ان استطعتم ان تنفذوا من اقطار السمٰوات و الارض فانفذوا ط لا تنفذون الا بسلطان ٥ (سورة ٥٥، آيت ٣٣)

"اي جنن ۽ انسانن جي جماعت، اوهين آسمان ۽ زمين جي مدار کي پار ڪري نڪا سگهو.

البت، هڪڙي صورت آهي ته اوهين "طاقت"
۽ قوت جي آڏار تي ائين ڪري سگهو ٿا.
پر جيڪڏهن اسين اهو تسليم ڪريون ٿا ته هي ڪائنات محدود اشيا جو هڪ مجموعو آهي، ته انجو مطلب اهو ٿيندو ته هيءَ ڪائنات هڪ اهڙو بيٺ آهي جيڪو خالي پولار ۾ ڪٿي واقع آهي. ساڳيءَ ريت جيڪڏهن وقت هڪ اهڙو سلسلو آهي جيڪو هڪ ٻئي کان علحده لمحات تي مشتمل آهي، ته اهو وقت جو هڪ بيڪار تصور آهي، جو ته انجو مطلب وري اهو ٿيندو ته وقت ڪائنات تي بنهه اثرانداز ڪونه ٿو ٿئي. ازانسواءِ مجموعي طور ڏٺو ويجي ته ڪائنات بابت اهو سمورو تصور انساني ذهن کي حيراني ۽ پريشاني کانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪونه ٿو ڏئي. دراصل اهو خيال ته اسان جي زمان و مڪان جي هڪ مقرر حد آهي، انتهائي چوڪائيندڙ تصور آهي. ٻئن لفظن ۾ محدود هٿ وارو تصور انساني ذهن جي حرڪت کي مسدود ڪري ڇڏي ٿو، يا وري انهن حدن کي پار ڪرڻ جو ٻيو طريقو اهو آهي ته اسان جو ذهن سلسليوار وقت سان گڏو گڏ پنهنجي آڏو ڦهليل خالي پولار تي ضابطو حاصل ڪري.
ارشادِ خداوندي آهي: و انّ الیٰ ربک المنتهیٰ . غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته هن آيت ۾ تمام وڏي معنيٰ سمايل آهي. جو ته انهيءَ آيت ۾ چنيءَ طرح سمجهايو ويو آهي ته جيڪڏهن اسان کي پنهنجي منتها جي تلاش آهي ته پوءِ ستارن ڏانهن وڌڻ اجايو آهي، بلڪ انجو ڏس پتو وري به هن اڻاهه ڪائناتي زندگي ۽ روحانيت ۾ ئي ملي سگهندو. ظاهر آهي ته عقل جو اهو سفر انتهائي طويل ۽ ڪٺن آهي. ازانسواءِ غور ڪري ڏسبو ته اتي به اسلامي طريقئه فڪر يوناني فڪر کان قطعي مختلف آهي. اسپينگلر جو چوڻ آهي ته يونانين تناسب کي ئي آدرش قرار ڏنو هو ۽ ڪين لامحدوديت سان ڪا دلچسپي ڪونه هئي. حقيقت اها آهي ته يونانين جو ذهن همٿيه محدود شين جي طبعي موجودگيءَ

سان لهڻ وڃڻ ۽ اڇڻ ڪري، پنهنجي ناپائيداري جي تلافي ٻڌ ڪري ٿي. البت هتي خوديءَ جي لاءِ صرف اهو خطرو آهي ته تلاش حق جي انهيءَ عمل دوران سالڪ، آخري مشاهدي مائڻ کان اڳ، يعني شروعاتي مشاهدي جي لطف اندوزي ۽ اشتغراق کانپوءِ سُست ٿي ويهي نه رهي! مشرقي تصوف جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته پنهنجي جڳهه تي اهو خطرو واقعي موجود آهي. هن کان اڳ هندوستان جي جنهن عظيم صوفيءَ جو آءٌ حوالو ڏئي چڪو آهيان، ان جي اصلاحي تحريڪ شروع ڪرڻ جو به دراصل اهوئي مقصد هو. مطلب ته گالهه صاف ظاهر آهي يعني خوديءَ جو منزل مقصود ڪجهه "پسڻ" نه آهي، بلڪ ڪجهه "ٻنجڻ" آهي. ان کانسواءِ اهو سڀ ڪجهه "ٻنجڻ" واري ڪوشش ۽ سمايل آهي، جنهن ڪري خوديءَ کي اهو آخري موقعو ملي ٿو ته پنهنجي معروضيت جو اونهو ادراڪ حاصل ڪري، ۽ بنيادي طور "مان آهيان" چوڻ جي لائق ٿي سگهي. يعني خوديءَ کي پنهنجي حقيقت جي شاهدي ڊيڪارٽ جي "مان سوچيان ٿو" جي بجاءِ ڪانٽ جي "مان ڪري سگهان ٿو" سنجهان ملڻ کپي. خوديءَ جي جستجو جو آخري مقصد انفراديت جي حدن سنجهان جان ڇڏائن ناهي، بلڪ ان جي برعڪس انفراديت جي مڪمل وضاحت ڪرڻ آهي. لهٰذا خوديءَ جو آخري عمل نڪري عمل ناهي، بلڪ اهو زنده عمل آهي، جيڪو خوديءَ جي وجود ۾ زياده گهرائي پيدا ڪري سگهي ٿو. ان کانسواءِ اهڙو عمل سندس ارادن کي تقويت بخشي ٿو ۽ ڪيس اهو تخليقي يقين ڏياري ٿو ته هيءَ دنيا رڳو ڏسڻ جي خاطر ڪونهي، يا رڳو تصورات ذريعي سمجهڻ لاءِ ڪونهي، بلڪ اها هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن کي اسين پنهنجي لاڳيتي عمل ذريعي هر گهڙيءَ ۽ وري وري ٺاهيندا رهون ٿا. جيتوڻيڪ خوديءَ جي لاءِ اها انتهائي خوشيءَ ۽ سرهائيءَ جي گهڙي آهي، پر ساڳئي وقت اها انتهائي آزمائش جي گهڙي ٻڌ آهي:

اڏيءَ طرح گويا هن انهيءَ نظريي جو بنياد رکيو جنهن موجب وقت ڪثيرالابعاد مڪان ۾ حرڪت ڪري سگهي ٿو. وري البيروني اهو پهريون شخص هو جنهن جديد رياضياتي تفاعل جي نشاندهي ڪئي، ۽ ان سان ڪڏ خالص سائنسي نقطئ نظر وسيلي اهو ثابت ڪيو تہ ڪائنات جو ساکن ۽ جامد تصور ڪيڏو نہ ناقص هو! ظاهر آهي تہ هي نظريو يوناني فڪر کان ڪوهين ڏور آهي. دراصل تفاعل جو تصور ان گهالهہ جو متقاضي آهي تہ وقت کي ڪائنات جو لازمي جُز سمجهيو وڃي، ڇو تہ تفاعل جو مطلب آهي مستقل کي متغيّر ۾ تبديل ڪرڻ. هين لفظن ۾ هيءَ ڪائنات ڄهي راس ٿيل شيءَ ڪونهي بلڪ اها هروقت زير تعمير آهي. جيتوڻيڪ اسپينگلر جو خيال آهي تہ تفاعل جو رياضياتي تصور خاص مغرب جي پيداوار آهي ۽ دنيا جي ٻي ڪنهن بہ ڪلچر ۾ اڏيءَ تصور ڏانهن ڪو اشارو ڪونہ ٿو ملي، پر حقيقت اها آهي تہ البيروني وٽ نيوٽن جي اندراجي قاعدي جي جيڪا عام صورت ملي ٿي ۽ جنهن مطابق هڪ تفاعل کي ٻي تفاعل ۾ پڻ تبديل ڪري سگهجي ٿو، اها گهالهہ ثابت ٿي ڪري تہ اسپينگلر جي دعويٰ بلڪل غلط آهي. ازانسواءِ يونانين جو اهو تصور تہ عدد يعني انگ جي وسيلي خالص مقدار جي بجاءِ خالص نسبت کي ظاهر ڪري سگهجي ٿو، دراصل تڏهن پايئہ تڪميل تي پهتو جڏهن الخوارزميءَ انگيءَ جي بجاءِ آلجبرا کي وجود ۾ آندو. هونئن بہ البيروني وٽ اهو تصور نهايت واضح صورت ۾ ملي ٿو جنهن کي اسپينگلر "تاريخي عدد" جو نالو ڏئي ٿو ۽ هتان اها گهالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ ڪهڙيءَ ريت اسان جو ذهن هن ڪائنات کي ڄهل ٺڪيل نہ بلڪ ڄهندڙ تصور ڪري ٿو.

بهرحال ويجهڙائي اندر يورپ ۾ رياضيءَ جي اوسر منجهان هڪ ٻي گهالهہ هيءَ سامهون آئي آهي تہ وقت کي ڪا حقيقت ڪونهي، ۽ وقت کي وڌ ۾ وڌ مڪان جي هڪ شڪل قرار

ڏئي سگهجي ٿو. انهن ڳالهين کي ڏسندي چئي سگهجي ٿو ته وائيٽ هيڊ جو نظريه اضافيت آئن اسٽائن جي نظريئہ اضافيت جي مقابلي ۾ اسان مسلمانن وٽ وڌيڪ قابل قبول ٿي سگهي ٿو، ڇو ته آئن اسٽائن جي نظريي مطابق وقت پنهنجي گذرڻ واري خصوصيت وڃائي ويهي ٿو ۽ نهايت پراسرار طريقي سان مڪان ۾ مدغم ٿي وڃي ٿو.

هتي هي ڳالهه قابل غور آهي ته اسلامي دنيا ۾ رياضي جي ٻين ترقيءَ سان گڏوگڏ ارتقا جو تصور به جنم وٺڻ لڳو هو. سپ کان پهريائين جاحظ انهن تبديلين جي نشاندهي ڪئي جيڪي نقل مڪانيءَ سبب پکين جي زندگيءَ ۾ رونما ٿين ٿيون. ڪانئس پوء البيروني جي همعصر ابن مسڪويه ان نظريي کي وڌائي ۽ سڌاري پيش ڪيو ۽ الٰهيات جي موضوع تي لکيل پنهنجي ڪتاب "الفوز الاصغر" ۾ ان کي نقل ڪيائين. هتي آءٌ سندس نظريي جو تت پيش ڪري رهيو آهيان، پر ان لحاظ کان نه ته سائنس جي دنيا ۾ هينئر ان نظريي جي ڪهڙي اهميت آهي، بلڪ صرف اهو ڏيکارڻ لاءِ ته ان وقت مسلمانن جو فڪر ڪهڙي ڏس ۾ حرڪت ڪري رهيو هو.

ابن مسڪويه جي چوڻ مطابق نباتات جي زندگيءَ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سندن ارتقا جا شروعاتي مرحلا اهڙا آهن، جڏهن سندن پيدائش ۽ نشوونما لاءِ ڪنهن ٻج جي ضرورت ڪونه ٿي پوي. ساڳيءَ ريت پنهنجي جنس کي برقرار رکڻ لاءِ به هو ان ضرورت کان بي نياز آهن. لهٰذا هن مرحلي تي نباتات ۽ معدنيات جي زندگيءَ ۾ ان ريت فرق ڪري سگهجي ٿو ته هتي نباتات ۾ ٿوري گهڻي حرڪت جي قوت پيدا ٿئي ٿي، جيڪا سندن اعليٰ نوع جي صورت ۾ برابر وڌندي رهي ٿي، تانجو اهو مرحلو اچي ٿو جڏهن ٻوٽي ۾ ڏاريون پيدا ٿين ٿيون ۽ ٻوٽو پنهنجي نوع جي تسلسل کي برقرار رکڻ لاءِ ٻج جو

وسيلو تلاش ڪري ٿو. ان ڪانپوءِ حرڪت جي انهيءَ قوت ۽ آهستي آهستي واڌارو ٿيندو رهي ٿو، تانجو هڪ وڻ ۽ ٽڙ ۽ پنن ڪانسواءِ ميوو به ٿيڻ لڳي ٿو. هن مرحلي گذرڻ ڪان پوءِ جيڪو ٻيو ارتقا جو مٿيون مرحلو اچي ٿو اتي وري نباتات جي نشو و نما لاءِ سڀني قسم جي زمين ۽ سڀني قسم جي آبهوا جي ضرورت پوي ٿي. اهڙي طرح انگور ۽ ڪجور گويا نباتاتي ارتقا جي آخري منزل آهن، ڇو ته اهي حيواني زندگيءَ جي ٻُنيي تي بينل معلوم ٿين ٿا. ڪجور ۽ ته جنسي اختلاف ۾ نمايان صورت اختيار ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ڪجور ۽ پاڙن ۽ تاندورن ڪانسواءِ هڪ ٻي شيءِ ۾ نشو و نما حاصل ڪري ٿي، جيڪا حيواني دماغ وانگر منجهس ڪم ڪري ٿي ۽ جنهن جي سلامتيءَ تي ڪجور جي وڻ جي زندگيءَ جو دارومدار ٿئي ٿو. گويا نباتات جي زندگيءَ جو آخري يا اعليٰ ترين مرحلو اهو آهي ۽ اتان ئي حيواني زندگيءَ جو آرنپ ٿئي ٿو. مگر حيواني زندگيءَ جو پهريون ڏاڪو ڏرتيءَ اندر پاڙن ڪان آزادي حاصل ڪرڻ آهي ۽ ان کي شعوري حرڪت جي ابتدا ڪوئي سگهجي ٿو. انهيءَ مرحلي کي اسين حيواني زندگيءَ جو آغاز ۾ چئي سگهون ٿا، جنهن ۾ سڀ کان پهريائين ڇُهڻ جي حِس ۽ سڀ کان آخر ۾ ڏسڻ جي حِس پيدا ٿئي ٿي. ليڪن حواسن جي نشو و نما ڪانپوءِ وري حيوان گهڻ ڦرڻ اختيار ڪن ٿا، مثلاً حشرات الارض، چُرندڙ جانور، ڪنليون، ماکوڙا ۽ ماکيءَ جون مکيون وغيره. هاڻي جيستائين چوپاين جو تعلق آهي ته گهوڙو سڀني ۾ اتم آهي ۽ پڪين ۾ وري عقاب. اهڙي طرح باندر وري هڪ اهڙو جانور آهي جنهن ۾ حيوانيت گويا انسانيت جو دروازو کڙڪائي ٿي. اهوئي سبب آهي جو باندر ارتقا جي لحاظ سان انسان ڪان صرف هڪ قدم يا هڪ درجو گهٽ آهي. ان ڪانپوءِ ارتقا جي باقي مرحلن دوران جسماني تبديلين سان گڏ انسان ۾ ذهني ۽ روحانيت واريون قوتون زور وٺن ٿيون، تانجو سندس وحشي جيوت جو

خاتمو ٿئي ٿو ۽ انسان متمدن زندگيءَ جو آغاز ڪري ٿو.

پر درحقيقت اهو ڪارنامو مذهبي نفسيات جو آهي جنهن ڪري اسين زمان و مڪان جو هڪ اهڙو تصور قائم ڪري سگهيا آهيون، جيڪو جديد تصور سان گهڻو قريب آهي. هن سلسلي ۾ عراقيءَ ۽ خواجه محمد پارسا جا خيالات قابل ذڪر آهن. عراقيءَ جيڪي وقت جا مختلف درجا قائم ڪيا آهن، ان طرف آڻڻ هن کان اڳ اشارو ڪري آيو آهيان. البت مڪان جي باري ۾ سندس خيالات جو هتي ذڪر ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو.

عراقيءَ جو خيال آهي ته خدا جي ذات ڏانهن پڻ ڪنهن نه ڪنهن قسم جو مڪان منسوب ڪري سگهجي ٿو. هن سلسلي ۾ هو هيٺيون آيتون پيش ڪري ٿو.

الم تر ان الله يعلم ما في السمٰوات وما في الارض ما يكون من نجوىٰ ثلثه الا هو رابعهم ولا خمسه الا هو سادسهم ولا ادنىٰ من ذالك ولا اكثر الا هو معهم اين ما كانو(ج) (سورة ۵۸، آيت ۸)

چا تو ڏسو نه ٿا ته الله تعالىٰ اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي؟ جيڪڏهن ڪٽي ڏي ماڻهو ڳجهو ڳالهائن ٿا ته اتي چوٿون هو پاڻ آهي، ۽ جي پنج ڇٽا ڳالهائن ٿا ته ڇهون هو آهي! مطلب ته اهي ٿورا ڏجن يا گهٽا يا وري ڪٽي به هجن، پر خدا جي ذات ساڻن گڏ آهي!"

وما تكون في شان وما تتلوا منه من قرآن ولا تعلمون من عمل الا كنا عليكم شهوداً اذ تفيضون

فيه، وما يعزب من ربك من مثقال ذرة في الارض ولا في السماء ولا اصغر من ذالك ولا اكبر الا في كتاب مبين ٥ (سورة ١٠، آيت ٦٢)

اوهين كهڙي به كم ۽ مشغول هجو، يا ڪٽي قرآن پڙهڻ شروع ڪريو، غرض اوهين كهڙي به كم جو آغاز ڪريو، اسين هر صورت ۾ اوهان تي گواه جي حيثيت رکون ٿا. اهڙيءَ طرح هن ڌرتيءَ تي يا آسمان ۾ ڪڍي به ننڍڙي شئي چو نه هجي، پر اها خدا جي ذات کان ڳجهي ڪانهي. مطلب ته هر ننڍي شئي کان وڏي وڏي شئي تائين، سڀ ان ڪليل ڪتاب ۾ موجود آهن.

ولقد خلقنا الانسان و نعلم ماتوسوس به نفسه (ج) و نحن اقرب اليه من حبل الوريد.
(سورة ٥٠، آيت ١٦)

بيشڪ اسان انسان کي پيدا ڪيو آهي ۽ اسين چاڻون ٿا ته سندس نفس کيس چا چئي رهيو آهي. ۽ اسين سندس ساه جي رڳ کان به ويجها آهيون.

هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته خدا تعالي جي ويجهي يا پري هجڻ جو اهو مفهوم قطعاً ناهي، جيڪو عام طور اسين مادي شين جي صورت ۾ وٺندا آهيون. دراصل خدا جي ذات جو هن ڪائنات سان اهڙو تعلق آهي جهڙو روح جو بدن سان، يعني جهڙي طرح روح، نه بدن جي اندر هوندو آهي ۽ نه ٻاهر، نه بدن سان ڳنڍيل هوندو آهي ۽ نه وري ڪائنس علحده! پر پوءِ به اسانکي خبر آهي ته روح جو جسم جي هر ذري سان حقيقي لاڳاپو ٿئي ٿو، ليڪن اهو تصور صرف ان صورت ۾ ڪري سگهجي ٿو جڏهن اسين روح جي لاءِ هڪ اهڙي مڪان

جو وجود تسليم ڪريون جيڪو روح جهڙي لطيف ۽ نازڪ شيءِ جي شايانِ شان هجي. لهٰذا خدا جي ذات جي صورت ۾ ٻڌ اسانکي ڪنهن نه ڪنهن قسم جو مڪان ضرور تسليم ڪرڻو پوندو. ائا ٻي ڳالهه آهي ته اسانجو اهڙو تصور اهڙو هڻ ڦهرجي جو ان سان خدا جي مطلقيت ۾ ڪو فرق نه پوي. دراصل مڪان جا ٽي قسم آهن، پهرين جو تعلق مادي شين سان آهي، ٻئي جو تعلق غير مادي شين سان آهي ۽ ٽين جو تعلق خدا جي ذات سان آهي. وري مادي شين جي مڪان جا به ٽي قسم آهن. پهرين جو تعلق ڪثيف شين سان آهي جيڪي جڳهه والارين ٽيون ۽ ان صورت ۾ سندن حرڪت لاءِ وقت جي ضرورت پوي ٿي. گويا هر جسم کي پنهنجي مقرر جڳهه ٿئي ٿي ۽ ان کري اهو جسم ڏڪ جڳهه ڪان ٻي جڳهه تائين منتقليءَ دوران رڪاوٽ پيدا ڪري ٿو. ٻيو قسم لطيف جسمن جي مڪان جو آهي جنهن ۾ هوا ۽ آواز اچي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ هن صورت ۾ به جسم ڏڪ ٻئي لاءِ رڪاوٽ پيدا ڪن ٿا ۽ سندن حرڪت جو اندازو ٻڌ وقت جي مناسبت سان ڪري سگهجي ٿو. پر سندن وقت ۽ ڪثيف جسمن جي وقت ۾ ڪجهه فرق ضرور ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو ڏڪ نلڪيءَ ۾ ٻي هوا کي ايستائين داخل ڪري نٿو سگهجي جيستائين منجهائس پهرين هوا کي خارج نه ڪيو ويو آهي، پر جيڪڏهن ڪثيف شين جي مقابلي ۾ آواز جي لهرن جي وقت جو اندازو ڪيو وڃي ته عملي طور ان جي ڪا حيثيت ڪونهي. سڀني کان آخر ۾ روشنيءَ جي مڪان جو وجود آهي. اسانکي خبر آهي ته سج جي روشني ڪنا دير جي ڏرتيءَ جي ڏورانهن حصن تائين پهچي وڃي ٿي. گويا روشني ۽ آواز جي رفتار جي صورت ۾ وقت ذري گهٽ ٻڌي برابر ٽيو وڃي. ان ڪري اسين چئي سگهون ٿا ته روشنيءَ جو مڪان، هوا ۽ آواز جي مڪان کان قطعي مختلف آهي. هن سلسلي ۾ اسان وٽ ٻيو ڏڪ اهم ثبوت اهو آهي ته ڏٺيءِ يا

ميڻ بتيءَ جي روشني هوا جي موجودگيءَ جي باوجود ڪمري ۾ ڦهلجي ويندي آهي. اِن مان اها گهالهه پڻ ثابت ٿئي ٿي ته روشنيءَ جو مڪان هوا جي مڪان کان زياده لطيف آهي، ۽ تہ هوا جو مڪان روشنيءَ جي مڪان ۾ داخل ٿي نٿو سگهي. وري مڪان جا اهي سڀئي قسم هڪ ٻئي جي ايترو قريب واقع آهن، جو منجهن فرق قائم ڪرڻ ناممڪن آهي. البت هڪڙي صورت اها آهي ته اسين سندن عقلي تجزيي سان ڪڏ روحاني طور مشاهدو ٻڌ ڪريون. ان جو مثال ائين آهي جئن گرم پاڻيءَ کي هٿ لڳائڻ سان محسوس ٿيندو آهي ته به ضد يعني ٻاهه ۽ پاڻي ڏک هنڌ اڇي گڏ ٿيا آهن. حالانڪ سندن فطرت جي تقاضا آهي ته ٻنهي جو هڪڙي جڳهه تي ڪٺو ٿيڻ ناممڪن آهي. هن گهالهه جي سمجهاڻي ان ريت پيش ڪري سگهجي ٿي ته جيتوڻيڪ ٻنهي شين جا مڪان ڏک ٻئي جي نهايت ويجهو آهن، پر اهي ڏک ٻئي کان علحده ۽ مختلف ضرور آهن. ازانسواءِ اهڙيءَ صورت ۾ مفاصلي جو وجود بلڪل ناهيد ڪونہ ٿو ٿئي، ليڪن روشنيءَ جي مڪان ۾ باهمي مزاحمت جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. اهوئي سبب آهي جو جيڪڏهن هڪ جڳهه تي رکيل ميڻ بتيءَ جي روشني ڪجهه مفاصلي تائين پهچي ٿي، تہ اسي رکيل سؤ ميڻ بتين جي روشني به پاڻ ۾ اهڙي طرح ملي ويندي، جو ان جي ڦهلجڻ لاءِ پهرين روشنيءَ کي هڪالي ڏيڻ جي ضرورت نہ پوندي.

مطلب تہ اهڙيءَ طرح عراقي سادي جسمن جي مڪان جا ڪيترا ئي لطيف درجا چاڻائي ٿو، ۽ ان کانپوءِ هو غير مادي جسمن جهڙوڪ ملائڪن وغيره جي مڪان جا مختلف قسم بيان ڪري ٿو، ليڪن مڪان جي انهيءَ قسم ۾ پڻ فاصلي جو عنصر جئن جو تئن قائم رهي ٿو. اهوئي سبب آهي جو غير مادي جسم جيتوڻيڪ سولائي سان پٿر جي ديوارن مان

ٻه گذر ڪري سگهن ٿا، پر پوءِ ٻه سندن حرڪت وقت جي پابند آهي. هتي وري عراقي چوي ٿو ته حرڪت جو وجود جئن ته اوٽائيءَ جي علامت آهي، لهٰذا اهو صرف انساني روح جو ڪمال آهي تنهن هو مڪان کان وڌ ۽ وڌ آزادي حاصل ڪري سگهي ٿو، ۽ ان ڪري اسين ڪيس نه ته متحرڪ ڪوٺي سگهون ٿا ۽ نه وري ساڪن! هاڻي حقيقت اها آهي ته مڪان جي ايترن اڻ ڪٽ قسمن کانپوءِ آخر ۾ خدا تعالي جي مڪان جي نوبت اچي ٿي، جيڪو هر قسم جي ابعاد کان پاڪ آهي ۽ منجهس هر قسم جي لامحدوديت سمائجي وڃي ٿي.

عراقيءَ جي نظريي بابت منهنجي اختصار مان اوهين چڱيءَ ريت اندازو لڳائي سگهو ٿا ته ان دور ۾ جڏهن رياضيءَ ۽ طبعيات جا جديد تصورات بلڪل ناپيد هئا، ان وقت ٻه ڏهڪ روشن خيال صوفي پنهنجي باطني مشاهدن جي ڪهڙيءَ ريت فڪري ترجماني ڪري رهيو هو. دراصل عراقيءَ جي ڪوشش هئي ته هو مڪان کي متحرڪ ڏيڪ جو درجو ڏيئي سگهي. جيتوڻيڪ هو مبهم نموني ۾ مڪان کي لامحدود تسلسل تصور ڪري رهيو هو، پر لڳي ٿو ته هو پنهنجي ئي خيالن مان نڪرندڙ نتيجن کان اڻ واقف هيو. ان جو هڪڙو سبب اهو آهي ته هو رياضيءَ کان بلڪل واقف نه هو ۽ ٻيو ته هو ارسطوءَ جو سياويڪ پوئلڳ هو ۽ ارسطوءَ وانگر ڪائنات کي هڪ هنڌ بينل يا ٽيڪيل تصور ڪري رهيو هو. آخر ۾ هو اها راءِ قائم ڪري ٿو ته مطلق حقيقت جي آڏو مڪان کان ماورا "هتي" جو وجود ابد کان بالاتر "هينئر" ۾ گم ٿي وڃي ٿو. اهو ساڳيو خيال پروفيسر اليگزينڈر پنهنجي ڪتاب "زمان و مڪان ۽ خدا" (Space Time, and Deity) ۾ ان ريت ورجائي ٿو ته جديد تصور مطابق، زمان و مڪان هر شيءِ لاءِ قالب يا سانچي جي حيثيت رکن ٿا. دراصل جيڪڏهن

عراقي وقت جي ماهيت بابت گهري سوچ ويچار کان ڪم ولي ها تہ مٿس اهو واضح ٿي وڃي ها تہ ڪهي منجهان وقت زياده بنيادي اهميت جو حامل آهي. ازانسواءِ ڪيس ان حقيقت جو پڻ پتو پئجي وڃي ها تہ وقت يا زمان دراصل مڪان جو "دماغ" آهي، ۽ اها ڳالهہ محض استعارو ناهي جئن پروفيسر الیگزينڈر سمجهيو آهي. جيتوڻيڪ عراقيءَ جي خيال موجب خدا جي ذات جو هن ڪائنات سان اهڙو ئي تعلق آهي، جهڙو روح جو بدن سان، پر ڪيس اڃو نتيجو فلسفيانہ اوڪ ڏوڪ ذريعي حاصل ڪونہ ٿيو هو؛ ڇاڪاڻ تہ هن اهو نتيجو مشاهدي جي زماني ۽ مڪاني پهلوءَ تي تنقيد ڪرڻ کانسواءِ، سڌو سنئون پنهنجي روحاني مشاهدي مان اخذ ڪيو هو. اهڙيءَ طرح سموري زمان و مڪان کي هڪ ختم ٿيندڙ لمحاتي، نقطي ۾ تبديل ڪرڻ سان ہ مسئلو حل ڪونہ ٿو ٿئي. ازانسواءِ جنهن فلسفيانہ اصول جي بنياد تي اسين اهو مڃڻ لاءِ تيار ٿيون ٿا تہ خدا تعالیٰ هن ڪائنات لاءِ هڪ "ڪُلي نفس" جي حيثيت رکي ٿو، انهيءَ اصول جي تقاضا آهي تہ زمان و مڪان کي سندس "زنده فڪر" قرار ڏنو وڃي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ عراقيءَ جو ذهن صحيح ڏس ۾ حرڪت ڪري رهيو هو، پر جئن تہ هو ارسطوءَ جو حد کان وڌيڪ معتقد هو ۽ پاڻ نفسياتي تجزيہ ڪان ہ غير واقف هو، ان ڪري هو صحيح رخ ۾ اڳتي وڌي نہ سگهيو. سندس بنيادي غلطي اها هئي تہ هن خدائي وقت کي تغير کان عاري قرار ڏنو هو. ظاهر آهي تہ سندس اهو خيال شعوري مشاهدي جي اڻپوري تجزيہ تي ٻڌل هو ۽ اهو ئي سبب هو جنهن ڪري هو خدائي وقت ۽ سلسليوار وقت درميان لاڳاپو ڪي پڻ سمجهي نہ سگهيو، جيڪڏهن هو رڳو اها ڳالهہ سمجهي ها تہ پوءِ ضرور مسلسل تخليق جي خالص اسلامي نظريہ تي پهچي وڃي ها، جنهن جو مطلب آهي تہ هيءَ ڪائنات وڌندڙ ۽ ڦهلجندڙ يعني ترقي پذير آهي!

مطلب تہ اسلامي فڪر جو هر پهلو ان حقيقت ڏانهن وڌي وڃي ٿو تہ هيءَ ڪائنات متحرڪ آهي. هن سلسلي ۾ ابن مسڪويہ جو زندگيءَ جي بناوٽ ۾ ارتقائي حرڪت وارو نظريو ۽ ابن خلدون جو تاريخ بابت نظريو، ستين حقيقت جي پڌرائي ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو قرآن پاڪ تاريخ کي "ايام الله" ڪوٺيو آهي ۽ ڪيس علم جو ٽيون بنيادي سرچشمو قرار ڏنو آهي. قرآن مجيد جي اها بنيادي سکيا آهي تہ قومن جي پرک انفرادي توڙي اجتماعي لحاظ سان ڪئي ويندي آهي، ۽ ڪين پنهنجي بداعمالين جي سزا پڻ ڏني ويندي آهي. هن سلسلي ۾ قرآن شريف بار بار تاريخي مثالن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اڙهندڙن تي زور ڏنو آهي تہ هو بني نوع انسان جي ماضيءَ ۽ حال وارين ڪارگذارين تي غور و فڪر ڪن:

ولقد ارسلنا موسىٰ بآيٰتنا ان اخرج قومك من الظلمات الى النور ۝ و ذكرهم بايام الله ؕ ان فى ذالك لآيت لكل صبّار شكور ۝
(سورة ١٤، آيت ٥)

"بيشڪ اسان موسيٰ کي پنهنجون نشانيون ڏئي موڪليو تہ جئن هو پنهنجي قوم کي اونداهيءَ مان ڪيڏي روشنيءَ ۾ آڻي. اسان ڪيس اهو ب چيو تہ تون پنهنجي قوم کي خدا جي ايامن کان واقف ڪر. بيشڪ انهيءَ ۾ صبر ۽ شڪر ڪندڙ ماڻهن لاءِ نشانيون آهن.

و ممن خلقنا امة يهدون بالحق و به يعدلون ۝ و الذين ڪذبو بآيٰتنا سنستدرجهم من حيث لايعلمون ۝ (ج) و املى لهم ؕ ان ڪيدي متين ۝
(سورة ٧، آيت ١٨١)

"بيشڪ اسان جن ماڻهن کي پيدا ڪيو آهي انهن ۾ ڪوڙو گروه اهڙو آهي جيڪو ٻين کي سچ جي هدايت ڪري ٿو ۽ هو پاڻ به عدل و انصاف کان ڪم وٺن ٿا. پر اهي ماڻهو جيڪي اسان جي آيتن کي کوڙو ڪن ٿا، انهن کي اسين ايترو هيٺ کيرائي ڇڏيون ٿا جو هو هر قسم جي سُڌ ٻُڌ وڃائي ويهن ٿا. جيتوڻيڪ اسين کين ڍڪو رسو ڏيون ٿا، پر آخرڪار اسان جي چال ڪامياب ٿئي ٿي."

قد خلت من قبلكم سنن (لا) فسيروا في الارض فانظروا كيف كان عاقبة المكذبين ٥
(سورة ٣، آيت ١٣٦)

بيشڪ اسان توهان کان اڳ ڪ بہ مثال قائم ڪري ڇڏيا آهن. پوءِ اوهين رڳو ڏرتيءَ جو سير ڪريو، اوهان کي خبر پئجي ويندي تہ خدا جي نشانين کي کوڙو ڪنڊ ماڻهن جو ڪهڙو حال آهي؟

ان يمسسكم قرح فقد مس القول قرح مثله و تلك الايام نداولها بين الناس ٥
(سورة ٣، آيت ١٣٩)

جيڪڏهن توهان تي ڪا مصيبت اچي ٿي، تہ اهڙي مصيبت توهان کان اڳ ڪ ٻين تي بہ اچي چڪي آهي. اسين ماڻهن کي ڪاميابين ۽ ناڪامين جا ڏينهن ضرور ڏيکاريندا آهيون.

و لكل امة اجل ٥ (سورة ٧، آيت ٣٤)

هر قوم لاءِ مقرر مدت آهي.

آخري آيت تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ قرآن شريف ڪهڙي ريت تاريخي حقيقتن کي بلا تخصيص هرڪنهن سان لاڳو ڪرڻ گهري ٿو. ازانسواءِ انهيءَ آيت ۾ هن حقيقت ڏانهن ٻڌ لطيف اشارو موجود آهي تہ انساني معاشري جو مثال هڪ ساهواري جهڙو آهي، لهٰذا ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سائنسي انداز ۾ سندس مطالعو ڪيو وڃي.

هاڻي جيڪڏهن اڄان بہ ڪو ماڻهو اهو چوي ٿو تہ قرآن مجيد تاريخ بابت ڪو نقطئہ نظر پيش نٿو ڪري تہ اهو سخت غلط فهميءَ جو شڪار آهي. دراصل ابن خلدون جو سڀو مقدمو ان ڳالهہ جو شاهد آهي تہ هن قرآن جي تاريخي نقطئہ نظر مان گهٽو ڪجهہ پرايو هو، ۽ سندس پوري مقدمي ۾ اهو ئي روح ڪارفرما آهي. ايتري قدر جو جڏهن هو قومن جي عادتن ۽ خصلتن جي باري ۾ ڪا راءِ قائم ڪري ٿو، تہ ان صورت ۾ ٻڌ هو قرآن مجيد کان وڌ ۾ وڌ متاثر نظر اچي ٿو. جڏهن هو عرب قوم جي سيرت و ڪردار بابت ڪجهہ لکڻ ويهي ٿو تڏهن بہ هو قرآن پاڪ منجهان ئي رهنمائي حاصل ڪري ٿو. هن سلسلي ۾ هو هيٺين آيتن کي خاص طور مدِ نظر رکي ٿو، بلڪ هڪ لحاظ کان هو انهن آيتن جو تتُ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

الاعراب اشد كفرًا و نفاقًا و اجدرا لا يعلموا
حدود ما انزل الله على رسوله (ط) و الله عليم
حكيم ٥ و من الاعراب من يتخذ ما ينفق
مغرما و يتربص بكم الدوائر (ط) عليهم دائرة
السوء (ط) و الله سميع عليم ٥
(سورة ٩، آيت ٩٨-٩٩)

"بدّو عرب کفر ۽ نفاق جي معاملي ۾ نهايت سخت آهن. اهڙيءَ طرح هو الله تعالىٰ جي انهن حڪمن کان به اڻڄاڻ آهن جيڪي هن پنهنجي پيغمبر ذريعي موڪليا آهن. بيشڪ خدا تعالىٰ جاڻندڙ ۽ حڪمت وارو آهي. اهي بدو عرب جيڪي خدا جي وات ۾ خرچ ڪن ٿا، ان کي هڪ قسم جو بار سمجهي ڏين ٿا، ۽ ان ڪانپوءِ انتظار ڪن ٿا تہ اها مصيبت ڦري اچي توهان تي پوندي. حالانڪ اها مصيبت مٿن پوندي. بيشڪ الله تعالىٰ ٻڌندڙ ۽ جاڻندڙ آهي.

قرآن مجيد تاريخ کي نہ رڳو انساني علم جو هڪ سرچشمو سمجهي ٿو ۽ بلا تخصيص ان کي هر ڪنهن سان لاڳو قرار ڏئي ٿو، بلڪ قرآن شريف تاريخ کي ان کان به مٿانهون درجو ڏئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو قرآن پاڪ تاريخي تنقيد جو هڪ بنيادي اصول قائم ڪيو آهي. هونئن به تاريخ کي سائنس جي درجي تي پهچائڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ تاريخ جي مواد ڪڏ ڪرڻ وقت واقعات جي صحت کي لازمي امر قرار ڏنو وڃي. مگر واقعات جي صحت جو دارومدار وري ان گهالهه تي آهي تہ سندن راوي يا بيان ڪندڙ ڪير آهن. لهٰذا تاريخي تنقيد جو پهريون اصول اهو آهي تہ راوي جو سيرت و ڪردار قابلِ اعتماد هجڻ گهرجن، ۽ تہ ڏهن ئي اسان سندس شاهديءَ تي پروسو ڪري سگهون ٿا. قرآن پاڪ جو ارشاد آهي:

يا ايها الذين آمنو ان جاءڪم فاسق بنبإ
فتبيّنوا ٥ (سورة ٤٩، آيت ٦)

اي ايمان وارو، جيڪڏهن ڪو غلط ماڻهو

توهان وٽ کا خبر ڪٿي اچي تم ٻوءِ ان
جي چنڊ چاڻ ڪريو.

دراصل هن آيت ۾ اهو اصول بيان ڪيو ويو آهي جنهن جي آڌار تي اڄڪلهه علمي حديث جي راوين جي پرک ڪئي وئي ۽ اهڙيءَ طرح تاريخي تنقيد جا اصول نهايت واضح صورت ۾ ايرڻ لڳا. هونئن به اسلام ۾ تاريخي شعور جو اُسرڻ هڪ انتهائي دلچسپ موضوع آهي. قرآن مجيد طرفان مشاهدي ۽ تجربي جي بار بار دعوت، رسولِ اڪرم صلعم جي حديثن کي صحيح نموني ۾ گڏ ڪرڻ جو احساس، ان کانسواءِ اها خواهش ته آئنده نسلن کي مستقل الهامي سرچشمن جي باري ۾ صحيح چاڻ ڏني وڃي؛ اهي سڀ اهڙا عوامل هئا جن جي زير اثر اسلامي دنيا ۾ ابن اسحاق، طبري ۽ مسعوديءَ جهڙيون شخصيتون پيدا ٿيون. جيتوڻيڪ تاريخ، پڙهندڙن جي دلين ۾ ولولي ۽ آتساه پيدا ڪرڻ جو هڪ ذريعو بڻ رهي آهي، پر اهو تاريخ جو هڪ اهڙو ابتدائي مرحلو هو جنهن مان آهستي آهستي تاريخ سائنس جي درجي تي پهچي ٿي، ليڪن تاريخ کي سائنسي حيثيت ڏيڻ لاءِ وسيع مشاهدي ۽ عملي عقل جي پختگي ضروري آهي. ازانسواءِ زندگي ۽ وقت جي اصليت جي باري ۾ ڪن بنيادي تصورات جو صحيح ادراڪ بڻ لازمي آهي. هن سلسلي ۾ مجموعي طور هيٺيان ٻه تصور بنيادي حيثيت رکن ٿا ۽ اهي ٻئي قرآن مجيد مان اخذ ڪيا وڃا آهن:

(١) انسان جو بڻ بٽياد هڪڙو آهي: هن سلسلي ۾ قرآن مجيد جو واضح ارشاد آهي خلقڪم من نفس واحده. يعني انسان توهان سڀني کي هڪڙي ئي نفس مان پيدا ڪيو آهي. مگر زندگيءَ جي باري ۾ بنيادي وحدت جو اهو احساس هڪ دير طلب مسئلو ضرور آهي، ڇاڪاڻ ته اهو احساس تڏهن وڌي ويجهي ٿو جڏهن مختلف انساني گروهن واقعات عالم جي مڪ وهڪري ۾ داخل ٿين ٿا. جڏن ته اسلامي فتوحات جي رفتار انتهائي تيز هئي

تنهن ڪري مسلمانن کي گويا اهو موقعو جلدي هٿ لڳو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ عيسائيت اسلام کان گهڻو وقت اڳ انساني مساوات جو درس ڏنو هو، پر اها ڳالهہ روم جي عيسائين جي سمجهہ کان گهڻو مٿي هئي تہ ڪو پوري انسانذات هڪ نامياتي جسم جي حيثيت رکي ٿي. هن سلسلي ۾ فلنٽ (Flint) جي راءِ نهايت مناسب آهي. هو چوي ٿو تہ وڌ ۾ وڌ جيڪا ڳالهہ اسين ڪنهن عيسائي يا رومي سلطنت جي ڪنهن ليکڪ ڏانهن منسوب ڪري سگهون ٿا، اها هيءَ آهي تہ ونڊن انساني وحدت جو هڪ عام ۽ مجرد تصور موجود هو. وري ٻئي لحاظ کان ڏسجي ٿو تہ رومين جي عهد کان وٺي اڄ ڏينهن تائين يورپ ۾ اهو تصور پنهنجي پاڙ پختي ڪري نہ سگهيو آهي. انلو علاقائي قوم پرستيءَ جي نشوونما، جنهن جو سمورو زور نام نهاد قومي ڪردار تي آهي، وسيع انسانيت جي بنيادي عنصر کي يورپ جي ادب ۽ آرٽ مان تڙي ڪيڻ جو وڏو سبب ٻڌي آهي. مگر اسلام جي تاريخ ان ڳالهہ جي بلڪل ابتڙ آهي، ڇو تہ اسلام ۾ انساني هيڪڙائيءَ جو نظريو محض هڪ فلسفيانہ تصور نہ آڻي ۽ نہ وري رڳو شاعرانہ سپنو آهي. بلڪ اسلام هڪ سماجي تحريڪ جي حيثيت سان انساني وحدت جي تصور کي هڪ زنده حقيقت بنائڻ گهري ٿو ۽ مسلمانن جي روزمره جي زندگيءَ ۾ نهايت مخفي نموني سان ان حقيقت کي توڙ تائين پهچائڻ جو بندوبست ڪري ٿو.

(٢) هن سلسلي ۾ پهرين بنيادي تصور اهو آهي تہ اسانکي وقت جي اصليت بابت گهرو احساس هڻڻ گهرجي ۽ ان لحاظ کان زندگيءَ کي مسلسل حرڪت سمجهڻ گهرجي. دراصل زندگي ۽ وقت جي هاري ۾ اهو تصور ابن خلدون جي نظريہ تاريخ جو انتهائي دلچسپ پهلو آهي. اهوئي سبب آهي جو فلنٽ، سندس ساراهہ جا ڏُڪ پري ٿو ۽ چوي ٿو تہ پلي اهو افلاطون هجي يا ارسطو

يا آگسٽائن، پر انهن سان ڪوبہ ڏکڙو سندس مٽ ناهي. باقي هن سلسلي ۾ پين جو ذڪر ڪرڻ ئي اجايو آهي، ڇو تہ ابن خلدون جي نالي سان سندن نالو بہ نڪو وڻي سگهجي. هتي منهنجو مطلب اهو ناهي تہ ابن خلدون جي فڪر ۽ ڪا نواڻ ڪونهي يا اسان کي ان ڄاڻهہ ۽ ڪو شڪ نظر اچي ٿو. در اصل منهنجو مطلب آهي اسلامي تهذيب جيڪو رخ اختيار ڪري رهي هئي، انجي پيش بيني هڪ اهڙو مسلمان ئي ڪري سگهيو ٿي جيڪو تاريخ کي مسلسل ۽ اجتماعي حرڪت تصور ڪندو هجي، يا جيڪو وقت جي لحاظ کان تاريخ جي نشوونما کي ناگزير سمجهي.

لهٰذا ابن خلدون جي نظريہ تاريخ سان اسان جي دلچسپي جو وڏو سبب بہ اهو آهي تہ هو تاريخ کي تغير و تبدل جو هڪ عمل سمجهي ٿو. ابن خلدون جو اهو تصور نهايت اهم آهي ڇو تہ جيڪڏهن تاريخ وقت جي لحاظ کان واقعي مسلسل حرڪت آهي تہ پوءِ سندس تخليقي نوعيت ۽ ڪنهن بہ قسم جو شڪ نہ هئڻ گهرجي. پين لفظن ۾ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ تاريخ اهڙي حرڪت جو نالو ناهي جنهن جو رستو اڳ ئي مقرر ڪيو ويو هجي. هتي اها ڄاڻهہ ياد رکڻ گهرجي تہ ابن خلدون کي مابعدالطبعيات سان ڪا دلچسپي ڪونہ هئي، اڏلو هو مابعدالطبعيات جو مخالف هو. مگر وقت جي بهاري ۽ سندس تصور کي مدنظر رکندي اسين ڪيس جائز طور برگسان جو پيش رو ڪوئي سگهون ٿا.

آڻ هن کان اڳ انهن ڄاڻهين طرف اشارو ڪري آيو آهيان جيڪي اسلامي تهذيب جي تاريخ ۽ انهيءَ تصور جي پيداوار جو ڪارڻ آهن. مختصر طور هيٺئن چئي سگهجي ٿو: قرآن شريف طرفان اختلاف ليل و نهار کي مطلق حقيقت جو اهڃاڻ ڪوٺڻ، ڪيس ڪُل يوم هو فی شان جي مصداق ٺهرائڻ، اسلامي

مابعدالطبعيات جو اهو رجحان تہ وقت هڪ خارجي حقيقت آهي، ابن مسڪويہ جو اهو چوڻ تہ زندگي ارتقائي حرڪت جو نالو آهي، البيروني‌ءَ جو اهو تصور تہ هي‌ءَ ڪائنات هڪ تڪويني عمل آهي- اِهي آهن آهي سڀ گالهيون جيڪي ابن خلدون جي فڪري ميراث آهن. لهٰذا ابن خلدون جو وڏو ڪارنامو اهو آهي تہ هو اسلامي تهذيب و ثقافت جي روح تائين پهچي چڪو هو، حالانڪ اها بہ اوتري ئي حقيقت آهي تہ هو خود انهي‌ءَ تهذيب جي پيداوار هو. هتي ايترو پڻ ضرور چئبو تہ اهو سندس ذهانت جو ئي ڪارنامو هو جو قرآن مجيد جو اصل روح جيڪو ڪلاسيڪي فڪر جي خلاف هو، هميشہ هميشہ لاءِ يوناني فڪر تي غالب پنجي ويو. چو تہ يونانين وٽ وقت جي ڪا حقيقت ڪونہ هئي، جئن افلاطون ۽ زينو جو خيال هو، يا وري اهو خيال تہ وقت دائري جي صورت ۾ گردش ڪري ٿو، ۽ اها راءِ وري هيراقليطس ۽ رواقين جي هئي. ليڪن ڪا بہ تخليقي حرڪت جيڪا اڳتي وڌي رهي آهي، ۽ جيڪڏهن سندس اها حرڪت دائري جي صورت ۾ آهي، تہ پوءِ اها پنهنجي تخليقي نوعيت کي قائم رکي نٿي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو دائمي رجعت کي دائمي تخليق ڪوئي نٿو سگهجي، بلڪ اها دائمي ورجاءَ جي هڪ صورت آهي.

منهنجو خيال آهي تہ هينئر اسين انهي‌ءَ فڪري بغاوت جي اهميت کي چڱي‌ءَ پر پروڙي سگهون ٿا جيڪا اسلامي دنيا ۾ يوناني فلسفي خلاف پيدا ٿي هئي. مسز جي گالهم اها آهي تہ انهي‌ءَ فڪري بغاوت جو آغاز وري بہ خالص الٰهياتي نقطئہ نظر سان ٿيو، ۽ اهو ڏيکاري ٿو تہ قرآن مجيد جو غير ڪلاسيڪي روح ڪهڙي ريت وري منظرِ عام تي آيو، حالانڪ شروع شروع ۾ اها ڪوشش ڪئي وئي هئي تہ قرآن شريف جي سمجهاڻي يوناني فڪر جي روشني‌ءَ ۾ ڏني وڃي.

آخر ۾ آءٌ صرف ان غلط فهميءَ جو ازالو ڪرڻ باقي ٿو سمجهان جيڪا اسپينگلر پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "زوال مغرب" وسيلي ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ ڪتاب جا ٻه باب جيڪي هن عربي تهذيب و تمدن جي باري ۾ لکيا آهن، ايشيائي تهذيبن جي تاريخ ۾ هڪ اهميت جوگو اضافو آهن. پر جيستائين اسلام جو تعلق آهي تہ اسپينگلر اها گالهہ سمجهي نہ سگهيو آهي تہ هڪ مذهبي تحريڪ جي حيثيت ۾ اسلام جي اصليت ڇا آهي ۽ اسلام، ڪهڙي قسم جي تهذيبي سرگرمين کي جنم ڏنو آهي؟ اسپينگلر جو بنيادي نظريو آهي تہ هر تهذيب کي پنهنجي ليکي هڪ نامياتي وجود آهي ۽ انڪري ڪيس پاڻ کان اڳ يا پوءِ وارين تهذيبن سان ڪنهن بہ قسم جو لڳاءُ نہ آهي. اسپينگلر جي چوڻ مطابق هر تهذيب کي پنهنجو هڪ اهڙو مخصوص نقطئہ نظر ڏئي ٿو جو ٻين تهذيبن سان واسطو رکندڙ ماڻهو ان کي قطعاً سمجهي ڪونہ سگهندا آهن. وري مٿين دعويٰ کي ثابت ڪرڻ جو مٿس ايڏو تہ جنون سوار آهي جو هو ڪيترن حقائق جي مختصر جائزي ۽ تشريح کان پوءِ يڪدم اهو نتيجو قائم ڪري ويهي ٿو تہ بس مغربي تهذيب هر لحاظ کان ڪلاسيڪيت جو ضد آهي، ۽ هتي مزي جي گالهہ اها آهي تہ مغربي تهذيب جو اهو روح سراسر سندس پنهنجي ذهانت جو ڪمال آهي.

اسپينگلر جي ائين ڪرڻ جو دراصل مقصد اهو هو تہ جئن هو مغربي تهذيب تي اسلامي تهذيب جي ممڪن اثرات جو انڪار ڪري سگهي. اهوئي سبب آهي جو هو اسلامي تهذيب کي سندس روح ۽ جوڙجڪ، مطلب تہ هر لحاظ کان مجوسي تهذيب سان ملائي رهيو آهي. هاڻي جيستائين جديد تهذيب جي اصل روح جو تعلق آهي تہ ان سلسلي ۾ اسانکي اسپينگلر سان پورو اتفاق آهي تہ جديد تهذيب جو اصل روح ڪلاسيڪيت جي خلاف آهي، تہ اهو صرف اسلام جو ڪمال آهي ڇاڪاڻ تہ اهو اسلام ئي هو جنهن يوناني

فکر جي خلاف علم بغاوت بلند ڪيو. ظاهر آهي تہ اسپينگلر اهڙي ڳالهہ کي تسليم ڪري نٿي سگهيو، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن هو اهو تسليم ڪري ها تہ جديد تهذيب کي غير ڪلاسيڪي روح سندس پيش رؤ تهذيب کان ورثي ۾ مليو آهي، تہ ان صورت ۾ وري سندس اهو نظريو تہ تهذيبون هڪ ٻئي کان بلڪل جدا ۽ خود مختيار آهن، قائم رهي نہ سگهي ها. منهنجي خيال ۾ اسپينگلر تي پنهنجي دعويٰ کي ثابت ڪرڻ جو پوت سوار هو ۽ انڪري هو اسلام جي تهذيبي ڪردار کي سمجهڻ ۾ بري طرح ناڪام ويو آهي.

هتي اها وضاحت ڪرڻ ضروري آهي تہ اسپينگلر وٽ "مجوسي تهذيب" مان مراد اها مشترڪ يا ڪڏيل تهذيب آهي جيڪا مجوسي مذهبن جي پيداوار آهي يعني جيڪا يهوديت، قديم ڪلداني مذهب، اوائلي عيسائيت، زردشتيت ۽ اسلام تي مشتمل آهي. اسان کي ان حقيقت کان انڪار ڪونهي تہ ڪو اسلام تي مجوسي تهذيب جو ٻاهريون تهہ ڪڏهن بہ نہ چڙهيو آهي. بلڪ اصل ڳالهہ اها آهي ۽ جئن سون هن وقت تائين ڪوشش ڪئي آهي تہ اسلام جي مٿنهن تان مجوسي تهذيب جي انهن پردن کي هٽائڻو آهي جيڪي سندس اصل چهري کي لڪائي ڇڏين ٿا، ۽ جنهن ڪري اسپينگلر جهڙن ماڻهن کي غلط فهمي ٿي آهي. بهرحال هڪ تہ اسپينگلر وقت جي اصليت جي باري ۾ اسلامي طرز فڪر کي ٻنهہ ڪونہ سمجهيو ۽ ٻيو تہ اسلام جي مذهبي مشاهدي ۾ خوديءَ کي جنهن آزاد ۽ خودمختار مرڪز جي حيثيت سان تسليم ڪيو ويو آهي، ان ڳالهہ کان ٻن هو قطعي طور ناواقف نظر اچي ٿو. لهٰذا ائين ٿو محسوس ٿئي تہ وقت جي ابتدا ۽ انتها بابت اسپينگلر اسلامي فڪر ۽ مشاهدي جي تاريخ مان ڪو سبق حاصل ڪونہ ڪيو آهي، بلڪ ان جي بجاءِ هو پنهنجا ٻيهودا نظريا گهڙي ٿو ۽

انهن جي آڏار تي راءِ قائم ڪري ٿو. ذرا سوچيو تہ اسپينگلر جهڙو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو اسلام ۽ تقدير پرستيءَ جي ثبوت خاطر هتن عام مشرقي مقولن کي پيش ڪري ٿو: مثلاً وقت جي وک يا "هر شيءَ جو وقت مقرر آهي." هتي انهيءَ موضوع تي وڌيڪ روشني وجهڻ جي ضرورت ڪونهي تہ اسلام ۽ وقت جو تصور ڪيئن شروع ٿيو ۽ سندس نشوونما ڪهڙيءَ ريت ٿي آهي؟ ازانسواءِ انهيءَ موضوع تي بہ وڌيڪ ڳالهائڻ جي ضرورت ناهي تہ انساني خودي هڪ آزاد ۽ بااختيار قوت آهي، دراصل انهن موضوعن تي آءٌ هتن ڪان اڳ ڪافي بحث ڪري چڪو آهيان. البت هتي ايترو عرض ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ اسلام ۽ اسلامي تهذيب جي باري ۾ اسپينگلر جن خيالات جو اظهار ڪيو آهي، انهن جي تحقيق ۽ تنقيد لاءِ هڪ الڳ ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. باقي هتي آءٌ ان سلسلي ۾ صرف هڪڙي ئي اهم ڳالهہ جو اضافو ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو.

اسپينگلر پنهنجي خيالات جو اظهار ڪندي چوي ٿو: تعليمات نبوي جو لُب لباب دراصل مجوسي آهي. ۽ جو هو بہ چوي ٿو تہ خدا هڪڙو آهي، پوءِ ان کي يهواہ چئو يا اهو رامزدا ڪوئيو، يا مردوڪ بعل جو نالو ڏيو؛ اهو ئي نيڪي جو اصل آهي، باقي هيا سڀ بيوس ۽ لاچار آهن يا وري محض شر آهن. وري ان عقيدي سان گڏ هڪ ٻيو ويساه بہ آهي يعني مسيح جي اچڻ جو آسرو، ۽ جنهن جو اليسعياہ ۽ واضح ذڪر موجود آهي تہ خاص ضرورت جي ماتحت ايندڙ صدين دوران سندس ظهور ناگريز آهي. دراصل اهو مٿين ڳالهہ مجوسي مذهب جو بنيادي تصور آهي، يعني سندن چوڻ مطابق هن ڪائنات جو آغاز ئي خير و شر جي باهمي آويزش سان ٿيو آهي، جنهن ۽ ڪجهہ عرصي لاءِ جيتوڻيڪ شر غالب اچي ٿو، پر آخرڪار قيامت جي ڏينهن فتح خير جي ٿيندي!

هاڻي اسان جو چوڻ صرف ايترو آهي ته جيڪڏهن اسپينگلر سمجهي ٿو ته، مٿين گالهه جو اطلاق اسلام سان به ٿي سگهي ٿو ته اها سندس وڏي ۽ وڏي ڀُل آهي. هتي هيءَ گالهه ياد رکڻ جوگهي آهي ته مجوسي بهرحال باطل خدائن جي وجود جا قائل رهيا آهن، البت هو سندن عبادت کان انڪاري هئا، ليڪن اسلام باطل خدائن جي وجود کي منڊ کان ئي تسليم نٿو ڪري. اهوئي سبب آهي جو اسپينگلر ختم نبوت جي اصل اهميت کي پڻ سمجهي نه سگهيو آهي. ان گالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته مستقل اميد ۽ آسرو مجوسي تهذيب جو هڪ اهم عنصر آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو هو زردشت جي اڻ چاول ٻڌن جي ظهور جو اڃان سوڌو انتظار ڪندا اچن، پوءِ ان جو نالو مسيح هجي يا انجيل جي چوٿين حصي ۾ چاڻايل "فارقليط". ليڪن هتي آءٌ اسلام جي طالبعلم جو ڏيان وري به ان طرف ڇڪائيندس جنهن ڏي آءٌ هن کان اڳ به اشارو ڪري آيو آهيان يعني ختم نبوت جو عقيدو، ۽ آءٌ ڪيس اهو چوندس ته هو انهيءَ عقيدي جي تهذيبي مفهوم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. بلڪ منهنجو خيال آهي ته ختم نبوت جو عقيدو مجوسي تهذيب طرفان ڦهلايل انهيءَ بيماري جو نفسياتي علاج ٿي آهي، جو ته هونئن تاريخ جي باري ۾ انتهائي غلط نظريو قائم ٿي پوي ٿو. دراصل ابن خلدون پٺهنجي نظريي سبب تاريخ جي حقيقي روح کي ڇڳيءَ طرح پروڙيو هو ۽ اهوئي سبب آهي جو هن ڪنهن به اهڙي آمد واري نظريي جا ڇوڙا لاڌا آهن. هين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته هو اسلامي دنيا اندر مجوسي تهذيب جي زير اثر اهڙي تصور جي وري اپرڻ کان چڱيءَ طرح واقف هو، لهذا اهڙي عقيدي جي نفسياتي اثرات کي پيش نظر رکندي، هن اها راءِ قائم ڪئي هئي ته اسلام ۾ ان جي ڪا گنجائش ڪونهي.

—*—

اسلام ۾ حرڪت جو اصول

اسلام هڪ اهڙي ثقافتي تحريڪ جو نالو آهي جنهن هن ڪائنات بابت پراڻي غير متحرڪ نظريي کي مڪمل طور رد ڪري، ان جي جاءِ تي هڪ متحرڪ نظريو پيش ڪيو آهي. ازانسواءِ جيستائين جذبات جي آڏار تي هڪ نظام اتحاد جي تشڪيل جو سوال آهي تہ ان صورت ۾ پڻ اسلام، فرد جي انفرادي حيثيت کي اهميت ڏئي ٿو، ۽ رت جي رشتن کي انساني اتحاد جي بنياد ،بڻ کان انڪار ڪري ٿو. ڇو تہ رت جي رشتن جو لازمي مطلب قرتيءَ سان گهٽجڻ آهي. هونئن ۾ انساني اتحاد لاءِ خالص نفسياتي بنيادن جي کوجنا تڏهن ممڪن آهي، جڏهن اها ساڃهہ پيدا ٿئي تہ انساني زندگيءَ جي اصليت روحاني نوعيت جي آهي. دراصل اهو احساس اهڙين نئين وفادارين کي جنم ڏئي ٿو جن کي زنده رکڻ لاءِ ڪنهن رسم و رواج جي ضرورت باقي نہ ٿي رهي. بلڪ انهيءَ احساس ڪائنات جي انسان لاءِ اهو ممڪن ٿي پوي ٿو تہ قرتيءَ جي پنڌڻ کان پاڻ کي آجو محسوس ڪري. هاڻي عيسائين عيسائيت جو تعلق آهي تہ اها شروعات ۾ ئي هڪ ڪليسائي نظام يعني رهبانيت جي شڪل ۾ ظاهر ٿي هئي. اهو ئي سبب آهي جو جيتوڻيڪ ڪانسٽنٽائين (Constantine) ان کي هڪ اهڙي نظام اتحاد طور هلائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي، مگر عيسائيت اهڙي نظام طور ڪم ڪرڻ ۾ ناڪام وئي، جنهن ڪاڻهہ شهنشاهہ جولئن (Julian) کي مجبور ڪيو تہ هو روم جي قديم ديوتائن ڏانهن رجوع ڪري ۽ سندن تائيد ۾ نئين قسم جي فلسفيانہ تاويلات جو سهارو تلاش

ڪري. بهرحال، جڏهن انساني تاريخ ۾ اسلام جو ظهور ٿئي ٿو تہ هڪ جديد تاريخدان ان وقت مهذب دنيا جو نقشو هن ريت چٽي ٿو :

"ان وقت انهن ٽي ڏسڻ ۾ آيو تہ آها عظيم تهذيب جنهن جي تعمير ۾ چار هزار سال صرف ٿيا هئا، تباهيءَ جي ڪناري تي اچي پهتي هئي. انهن ٽي لڳو تہ ماڻهو وري انهيءَ جهالت واري حالت ڪي پهچڻ وارو هو، جتي هڪ قبيلو ٻئي قبيلي جو دشمن ۽ هڪ طبقو ٻئي طبقي جو مخالف هو، جتي قانون ۽ انتظام اڻ چاتل هئا. ازانسواءِ قديم قبائلي حد بندين ۽ رواج پنهنجو سمورو زور وڃائي چڪا هئا. اهڙيءَ طرح شهنشاهيت جا پراڻا طريقا ڀڻ ناقابلِ استعمال ٽي پيا هئا. عيسائيت جون پيدا ڪيل نيون حد بندیون اتحاد ۽ تنظيم بدران نفاق ۽ انتشار جو ڪم ڪري رهيون هيون. انهن کٽي چٽجي تہ اهو خوف ۽ ڏهڪاءُ جو سمو هو. تهذيب جو اهو عظيم الشان درخت جنهن جو ڇانورو ذري گهٽ سڄي دنيا تي ڦهليل هو، ۽ جنهن جون ٽاريون ادب و فن ۽ سائنس جي سونهري ميون سان جهڄميل هيون، هينئر پنهنجي ڇمار پوري ڪري چڪو هو. سندس ٽڙڻ منجهان محبت ۽ مٺاس جي رَس پيدا ڪرڻ واري سگهه ختم ٿي چڪي هئي. نہ صرف ايترو بلڪ جنگ و جدل جي طوفانن سندس پاڙون کوکليون ڪري ڇڏيون هيون. مطلب تہ هينئر اهو درخت صرف پراڻين رسمن ۽ رواجن جي رسين جي آڌار تي بيٺل هو، جيڪي ڪنهن به وقت ڇڄي ٽي سگهيون. تنهنڪري

سوال پيدا ٿو ٿئي تہ ڇا ان وقت اهڙي ڪا تهذيب موجود هئي، جيڪا محض جذبات جي بنياد تي بني نوع انسان کي هڪ دفعو وري متحد ڪري سگهي ۽ تهذيب جي وجود کي برقرار رکي سگهي! هتي اها گهالهه ياد رکڻ گهرجي تہ اها تهذيب لازمي طور هڪ نئين قسم جي تهذيب هئڻ گهربي هئي، ڇو تہ قديم قاعدن ۽ پراڻين رسمن جو خاتمو اچي چڪو هو. البت ساڳئي قسم جي نئين رسمن ۽ رواجن کي پيدا ڪرڻ لاءِ صديون گهربل هيون!"

اڳتي هلي ساڳيو مصنف اها راءِ قائم ڪري ٿو تہ ان وقت دراصل دنيا کي هڪ اهڙي نئين ڪلچر جي ضرورت هئي، جيڪو اڳئين تخت و تاج واري ڪلچر جي جڳهه وٺي سگهي، ۽ جيڪو انهيءَ اتحاد واري نظام جي جاءِ والاري سگهي جنهن جو بنياد رت جي رشتن تي رکيل هيو. آخر ۾ مصنف ان گهالهه تي تعجب جو اظهار ڪري ٿو تہ جڏهن اهڙي ڪلچر جي سخت ضرورت محسوس ٿي رهي هئي، تڏهن اهڙو ڪلچر عربستان جي سرزمين تان جنم وٺي رهيو هيو. بهرحال ان ۾ تعجب جي ڪا گهالهه ڪونهي. دراصل هن دنيا جي زندگي ٻئي ڪجهه اهڙي قسم جي آهي جو اها وجداني طور پنهنجي ضرورتن کي محسوس ڪري ٿي ۽ اهڙن نازڪ موقعن تي پنهنجو رخ پاڻ متعيّن ڪري ٿي، ۽ اِهائي آها گهالهه آهي جنهن کي مذهبي اصطلاح ۾ پيغمبرانہ الهام يا "نبوت" ڪوٺجي ٿو. وري اها به محض هڪ قدرتي گهالهه آهي تہ اسلام جو پرتوءُ اهڙن سادن ماڻهن تي پوڻ گهربو هو، جن جي ذهنن تي ڪنهن به قديم ڪلچر جو ڪٽ چڙهيل نہ هجي، ۽ جيڪي جاگرافيائي لحاظ کان هڪ اهڙي سرزمين تي آباد هجن جتي دنيا جا ٻي ڪنڊ

اچي پاڻ ۾ سان ٿا. جيستائين ان نئين ڪاڇر جو تعلق آهي تہ اهو ڪاڇر عالمگير اتحاد جو بنياد توحيد جي اصول تي قائم ڪرڻ گهري ٿو. ان ڪري اسلام جو سياسي پهلو هڪ اهڙو عملي ذريعو آهي، جيڪو توحيد جي اصول کي انسانذات جي عقلي ۽ جذباتي زندگيءَ ۾ هڪ زنده حقيقت بڻائي ٿو. اهو اصول ڪنهن تخت و تاج سان وفاداريءَ جو سبق نہ ٿو ڏئي، باڪ اهو اصول هڪ خدا جي اطاعت ۽ وفاداريءَ جي تقاضا ڪري ٿو، پر جئن تہ خدا جي ذات اسانجي زندگيءَ جو آخري روحاني سرچشمو آهي، ان ڪري خدا سان وفاداريءَ جو اڻ ٽٽي طرح مطلب اهو ٿيندو تہ انسان پنهنجي آدرشي فطرت سان وفادار آهي. اسلام جي چوڻ مطابق زندگيءَ جو اهو روحاني سرچشمو جيتوڻيڪ ازلي ۽ ابدي آهي، مگر پنهنجي ذات جي جلوه نمائي هميشه تغير ۽ تبدّل وسيلي ڪري ٿو. لهٰذا اهو معاشرو جنهن جو بنياد مطلق حقيقت جي اهڙي تصور تي رکيل هجي، اهو ئي ثبات ۽ تغير جهڙين خصوصيتن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ سمائي سگهي ٿو. ازانسواءِ ان قسم جي معاشري لاءِ لازمي آهي تہ ونس اهڙي قسم جا دائمي اصول هجن، جيڪي سندس اجتماعي زندگيءَ کي سنواري سگهن، ڇو تہ اها دائميت ئي آهي جيڪا انسان کي هن هميشه جي تغير واري دنيا ۾ قدم جمائڻ جي لائق بنائي ٿي. مگر دائمي اصولن جو اهو مقصد سمجهڻ نہ گهرجي تہ منجهن ڪنهن به قسم جي تبديليءَ جو امڪان ڪونهي، ڇو تہ قرآن شريف جي چوڻ مطابق تبديلي خدا جي وڏين نشانين منجهان هڪ آهي، ۽ جيڪڏهن ان ڳالهہ جو خاص خيال نہ رکيو ويو تہ پوءِ ان جو نتيجو اهو نڪرندو، جو اهي شيون جيڪي هونئن پنهنجي فطرت جي لحاظ کان متحرڪ آهن، تن کي اسين غير متحرڪ سمجهڻ لڳنداسون. هاڻي جيستائين سياسي ۽ سماجي سائنس جي ميدان ۾ يورپ جي ناڪاميءَ جو تعلق آهي تہ ان جو ڪارڻ پهرين ڳالهہ آهي. مگر جيستائين

گذريل پنج سؤ سالن دوران اسلام ۾ چانيل جمود جو تعلق آهي تہ ان جو سبب پوئين گاڻهه آهي. لهٰذا اهڙيءَ صورت ۾ سوال پيدا ٿو ٿئي تہ آخر ڪار اسلام جو اهو ڪهڙو اصول آهي جيڪو سندس حرڪت ۽ تغير کي برقرار رکي سگهي ٿو. ان جو جواب آهي "اجتهاد."

اجتهاد لفظ جي لغوي معني آهي ڪوشش ڪرڻ. اسلامي قانون جي اصطلاح ۾ ان جو مطلب اهڙي ڪوشش آهي جيڪا ان لحاظ کان ڪئي وڃي تہ جئن ڪنهن قانوني سوال بابت آزادانہ راءِ قائم ڪري سگهجي. منهنجي خيال مطابق مٿين گاڻهه جو بنياد قرآن پاڪ جي هيءَ مشهور آيت آهي ــ والذين جاهدو فينا لنهدينّهم سُبلنا ــ يعني "جيڪي ڪوشش ڪن ٿا، انهن کي اسين د ڪُ ڏيڪاريون ٿا." هن گاڻهه جي وڌيڪ وضاحت نبي ڪريم صلعم جي ان حديث منجهان ملي ٿي، جنهن ۾ حضرت معاذ کي يمن جي حاڪم مقرر ڪرڻ جو ذڪر ملي ٿو. روايت آهي تہ ان وقت آنحضرت صلعم جن معاذ کان پڇيو تہ "اي معاذ، تون پاڻ وٽ پيش ڏيندڙ معاملا ڪيئن نبيريندين؟!" هن وراڻيو، "خدا جي ڪتاب مطابق." پر جيڪڏهن خدا جي ڪتاب منجهان توکي اهڙي رهنمائي نہ ملي تہ پوءِ؟ چيائين: "سنتِ رسول مطابق." پلا، جيڪڏهن اتان ۾ توکي ڪا هدايت نہ ملي. جواب ڏنائين، "پوءِ مان پنهنجي راءِ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس!" بهرحال جن ماڻهن اسلامي تاريخ جو مطالعو ڪيو آهي، اهي اِن گاڻهه کان چڱيءَ ڀر واقف آهن تہ اسلام جي قهلاءَ سان گڏ، هڪ مڪمل قانوني نظام جي به از حد ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي هئي. اهوئي سبب آهي جو شروعاتي دور جي فقيهن، پوءِ انهن جو تعلق عرب سان هجي يا عجم سان، هن سلسلي ۾ اڻ ٽڪ محنت ۽ جاکوڙ ڪئي آهي، ۽ اهو سندن قانوني فڪر جو سرمايو هيو، جنهن منجهان بالآخر مختلف فقهي

مذاهب وجود ۾ آيا. قانون جا اڃ مڪتب فڪر اجتهاد جي ٽن درجن جا قائل آهن. (۱) قانون سازيءَ جو مڪمل اختيار، جيڪو عملي طور صرف هر مڪتب فڪر جي بانيءَ تائين محدود آهي. (۲) قانون سازيءَ جو محدود اختيار، جيڪو ڪنهن خاص فقهي مذهب جي حدن اندر استعمال ڪري سگهجي ٿو. (۳) قانون سازيءَ جو مخصوص اختيار، جنهن جو مطلب آهي ته اهڙين حالتن ۾ قانون جو تعيّن ڪرڻ، جڏهن ان مذهب جي بانيءَ ڪنهن مسئلي کي بنا ڪنهن فيصلي جي ڇڏي ڏنو هجي. هن ليڪچر ۾ منهنجو موضوع رڳو پهرئين درجي جو اجتهاد آهي يعني قانون سازيءَ جو مڪمل اختيار. جيتوڻيڪ ان قسم جي اجتهاد جو وجود به صرف اهلِ سنت وارا تسليم ڪن ٿا، مگر عملي طور جئن فقهي مذاهب قائم ٿيا آهن، تئن هنن به ان قسم جي اجتهاد جو دروازو بند ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته هن سلسلي ۾ هو جيڪي شرط لازمي سمجهن ٿا، انهن جو ڪنهن هڪ فرد ۾ ڪٺو ٿيڻ محال آهي. بهرحال اسان کي تعجب ان ڪري آهي ته رجحان هڪ اهڙي قانوني نظام ۾ جنم ورتي ٿو جنهن جو بنياد قرآني تعليمات تي رکيو ويو هجي، حالانڪ قرآن زندگيءَ بابت بنيادي طور هڪ متحرڪ نظريو پيش ڪري ٿو. لهٰذا اصل موضوع ڏانهن وڃڻ کان اڳ آءٌ انهن اسبابن جي اڀٽار ضروري ٿو سمجهان، جيڪي ان رجحان لاءِ ذميوار آهن، ۽ جن جي ڪري اسلامي قانون عملي طور غير متحرڪ بڻجي چڪو آهي. هن سلسلي ۾ ڪن مغربي ليکڪن جي راءِ آهي ته اسلام تي ڄاڻيل جمود ترڪن جي اثرات سبب آهي. مگر هيءَ تمام مٿاڇري راءِ آهي ڇو ته اسلامي قانون جا اهي مڪتبِ فڪر پين لفظن ۾ فقهي مذاهب، ترڪن جي اثر انداز ٿيڻ کان گهڻو وقت اڳ پوريءَ طرح قائم ٿي چڪا هئا. منهنجي پنهنجي سوچ مطابق ان جا هيٺيان سبب آهن:

۱ــ اسين سڀ ان عقلي تحريڪ کان واقف آهيون جيڪا عباسين جي ابتدائي دور حڪومت ۾ اسلامي الٰهيات اندر منظر عام تي اچي چڪي هئي ۽ جنهن جي ڪري سخت اختلافي مسئلا پڻ نمودار ٿي رهيا هئا. هن سلسلي ۾ سڀ کان اهم اختلافي مسئلو قرآن شريف جي مخلوق يا غير مخلوق هجڻ وارو سوال آهي ڇو ته اهو ئي مسئلو هو. جنهن، ان وقت جي عالمن کي پن واضح گروهن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو هيو. هڪ طرف قدامت پرست عالمن جو چوڻ هو ته قرآن غير مخلوق يعني ازلي ۽ ابدي آهي، ٻئي طرف عقليت پرست عالم ان ڳالهه جو انڪار ڪري رهيا هئا. هنن جو چوڻ هو ته اهو عقيدو دراصل عيسائيت جي ان تصور سان ملندڙ جُلندڙ آهي جنهن مطابق عيسائي هن دنيا کي قديم خيال ڪن ٿا. هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته عيسائي ڪلام (Logos) کي پڻ ازلي ۽ ابدي تصور ڪن ٿا. بهرحال قدامت پرست عالم، جن جي عباسين اڳتي هلي ان ڪري حمايت شروع ڪري ڏني، ڇاڪاڻ ته هو عقليت پرستيءَ ۾ مضمر سياسي نتيجن کان خائف هيا؛ تن جو چوڻ هيو ته عقليت پرست قرآن شريف جي ابديت کي ٽُڪرائي، پوري مسلم معاشري جون پاڙون اُکوڙي رهيا آهن. هن سلسلي ۾ نظام جو مثال اسان جي آڏو آهي، جنهن عملي طور حديثن جو انڪار ڪيو ۽ واڌائي چيو ته ابو هريره رضه پروسي جو ڪو راوي ناهي. مطلب ته غلط فهميءَ جو هڪڙو ڪارڻ عقليت پرستيءَ جي اصلي مقاصد کان عدم واقفيت هئي، ۽ هيو ته ان ۾ عقليت پرستن جي بي لغام سوچ جو وڏو هٿ هيو. لهٰذا قدامت پرست عالم عقلي تحريڪ کي تباهي ۽ انتشار جو باعث سمجهڻ لڳا هئا، ۽ ان کي اسلام جي سماجي استحڪام لاءِ وڏي ۾ وڏو خطرو قرار ڏئي چڪا هئا. ظاهر آهي ته اهڙيءَ صورت ۾ هنن جو اول مقصد اسلام جي سماجي استحڪام کي برقرار رکڻ هيو، ۽ انهيءَ لاءِ هنن وٽ سواءِ ان جي ٻيو ڪو چارو

نہ هيو تہ هو قانون شريعت کي اتحاد پيدا ڪندڙ قوت جي حيثيت ۾ استعمال ڪن، ۽ قانوني نظام جي جوڙ جڪ کي ممڪن حد تائين سخت بڻائين.

۲- اسلامي قانون تي چانيل جمود جو هيو وڏو سبب راهبانہ تصوف هيو، جنهن جي پوري نشو و نما گهڻو ڪري غير اسلامي اثرات تحت ٿي هئي، ۽ جيڪو هڪ لحاظ کان صرف غور و فڪر تائين محدود هيو. جيڪڏهن خالص مذهبي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ اهو تصوف، ابتدائي دور جي فقيهن ۽ سندن ڪج بحثين خلاف هڪ قسم جي بغاوت هئي، هتي سفيان ثوريۃ جو مثال بلڪل ٺهڪي اچي ٿو. هو پنهنجي وقت جو انتهائي بهترين قانوني دماغ هيو، ايتريقدر جو دو پنهنجي هڪ عاجده مڪتب قانون جو بنياد وجهڻ تي هيو، مگر هڪ تہ هو پاڻ روحانيت ڏانهن مائل هيو ۽ ٻيو تہ ان ڳالهہ ۾ سندس همعصر فقيهن جي خشڪ قانوني بحثن کي وڏو دخل هيو، جو آخرڪار هو راهبانہ تصوف ڏانهن ڇڪجي ويو. هونئن ہ فڪري لحاظ کان تصوف هڪ قسم جي آزادانہ سوچ آهي ۽ جيتوڻيڪ بعد جي پيداوار آهي مگر عقليت پرستيۃ سان گهاڻو سنڌ اٿس. وري جنهن نموني ۾ تصوف، ظاهر ۽ باطن تي زور ڏنو، تنهن ظاهر سان تعلق رکندڙ سڀني پهلوئن کي اسان جي نظرن کان اوجهل ڪري ڇڏيو، ڏيکاري ٿو تہ تصوف، حقيقت جي ظاهري پهلوۃ کي ڪهڙيۃ ريت يڪسر نظر انداز ڪيو آهي.

اڙيۃ طرح اڳتي هلي جڏهن تصوف ۾ هڪ ٻي دنيا جو تصور زياده عام ٿيڻ لڳو تہ ان جي ڪري وري اسلام جو اهم ترين سماجڪ سياسي پهلو، اسان جي نظرن کان غائب ٿيڻ لڳو. ان کانسواءِ تصوف غور و فڪر جو اڻ-ميو ميدان مهيا ڪري اسلام جي بهترين دماغن کي نہ صرف پاڻ ڏانهن ڇڪيو

بلڪ آخرڪار ڪين پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيو. ان صورتحال جو فوري نتيجو اهو نڪتو جو اسلامي رياست اهڙن ماڻهن جي ور چڙهي وئي جيڪي اعليٰ ذهانت کان محروم هئا. لهٰذا مسلمانن جو اهو سوادِ اعظم جيڪو سوچ ويچار کان قطعي عاري هيو، ۽ جن جي رهنمائي لاءِ ڪا اعليٰ پائي جي شخصيت موجود ڪونہ هئي؛ انهن پنهنجو تحفظ انهيءَ ڳالهہ ۾ ڄاتو تہ فقهي مذهبن جي اندڌي تقليد ڪندا رهن.

٣- ها، ۽ انهن سڀني ڳالهين کان مٿي، تيرهين صديءَ جي وچ ڌاري مسلمانن جي نڪري زندگيءَ جي مرڪز، بغداد جي تباهي آهي. درحقيقت اهو هڪ ڪاپاري ڏڪ هيو، ۽ ان وقت جي جن تاريخدانن تاتارين جي انهيءَ حملي جو ذڪر ڪيو آهي، تن دراصل دهل لفظن ۾ اسلام جي مستقبل بابت مايوسيءَ جو اظهار ڪيو آهي. لهٰذا سياسي خستہ حاليءَ جي اهڙي دور ۾ جڏهن مزيد تباهيءَ جو انديشو هو، اها طبعي ڳالهہ هئي تہ قدامت پرست عالم پنهنجون سڀ ڪوششون ان ڏس ۾ صرف ڪن، تہ آخر ڪهڙيءَ ريت مسلمان قوم اندر باقي رهيل ڪُهيل اتحاد کي برقرار رکي سگهجي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هنن، شروعاتي فقهين جي قانوني تشريحات کي جئن جو تئن برقرار رکيو ۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جو نئون اضافو نہ ڪيو. معلوم ٿو ٿئي تہ اسلام جي اجتماعي هيئت جو سوال هر وقت هنن جي آڏو ڪرُ ڪنيو بيٺو هيو، ۽ ان ۾ ڪو شڪ نالي تہ سندن اهو خيال ڪنهن حد تائين صحيح هيو. ڇو تہ اها حقيقت آهي تہ تنظيم يا نظم و ربط ذريعي گهٽي حد تائين انتشار ڦهلائيندڙ قوتن جو سدّباب ڪري سگهجي ٿو. البت اها ڳالهہ هنن ۾ محسوس ڪونہ ڪئي ۽ نہ ورِي اسانجي موجوده دور جا علماءَ ئي ان ڳالهہ کي محسوس ڪن ٿا، تہ ڪو قوم جي تقدير يا هستيءَ جو ذمہ دار هرو ڀرو تنظيم تي

ناهي، بلڪ ان جو دارومدار فرد جي ذاتي اهليت ۽ صلاحيت تي ٿئي آهي. هونئن ته حد کان وڌيڪ منظم سماج ۾ فرد پنهنجي وجود تان هٿ ڏوئي ويهي ٿو، ۽ جيتوڻيڪ اهڙي معاشري ۾ هو اجتماعي فڪر جي دولت سان مالا مال ٿئي ٿو، مگر پنهنجو حقيقي روح گنوائي ويهي ٿو. مطلب ته قومي زوال ۽ انحطاط جو اهو علاج قطعاً ڪونهي ته ماضيءَ جي اجائي پرستش ڪئي وڃي ۽ ان کي هٿرادو طور جيارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. جديد دور جي هڪ اهل قلم ڪيڏو نه سٺو چيو آهي:

"تاريخ جو اهو فيصلو آهي ته اهي فرسوده نظريات جن کي ڪا قوم پاڻ فرسوده سمجهي ڇڏي ڏني ٿي، وري انهيءَ قوم ۾ ڪڏهن به پروان چڙهي نه سگهندا آهن." ان ڪري ڪنهن به قوم ۾ تباهيءَ جي اثرات کي روڪڻ جو مؤثر ذريعو، اهڙن ماڻهن جي پرورش آهي جيڪي پنهنجي اندر جي اونهاين کان آگاه هجن. ڇو ته اهي ئي ماڻهو زندگيءَ جي گهراين کان باخبر هوندا آهن ۽ اهي ئي ماڻهو اهڙا نوان آدرش پيش ڪري سگهندا آهن، جن مان پتو پوندو آهي ته اسانجو هي ماحول سراسر ناقابل تغير ناهي، بلڪ منجهس سڌاري ۽ واڌاري جي ڪافي گنجائش موجود آهي. بهرحال تيرهين صديءَ ۾ ان ڪانپوءِ جي فقيهن ۾ ضرورت کان زياده تنظيم ڏانهن لاڙو ۽ ماضيءَ جي اجائي ڇڪتاڻ اهي به اهڙيون گهالهيون هيون جيڪي اسلامي روح جي بلڪل منافي هيون، ۽ اڳتي هلي جنهن جو نتيجو ابن تيميه طرفان پرپور ردِ عمل جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. ابن تيميه اسلام جو هڪ وڏو مبلغ ۽ اوچ مصنف ٿي گذريو آهي. هو بغداد جي تباهيءَ کان پنج سال پوءِ يعني ١٢٦٣ع ۾ پيدا ٿيو هو.

جيتوڻيڪ ابن تيميه جي تعليم و تربيت حنبلي ماحول ۾ ٿي هئي مگر هن پنهنجي لاءِ اجتهاد جي دعويٰ ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح گويا هن اڳين فقهي مذهبن جي قطعيت خلاف بغاوت جو

آغاز ڪيو. هن سلسلي ۾ هن اسلامي قانون جي بنيادي اصولن ڏانهن رجوع ڪيو ته جئن هو پاڻ ان کي وري نئين سير شروع ڪري سگهي. مطلب ته ظاهري مذهب جي بانيءَ ابن حزم وانگر هن ۾ حنفي فقه جي ٻن بنيادي اصولن يعني قياس ۽ اجماع کي رد ڪري ڇڏيو. هن جو خيال هو ته اجماع توهّم پرستيءَ جو بنياد آهي، ۽ ان ۾ کو شڪ ناهي ته جڏهن ان وقت جي اخلاقي تنزل ۽ ذهني پس ماندگيءَ جو جائزو وٺجي ٿو، ته سندس اها راءِ صحيح معلوم ٿئي ٿي. سورهين صديءَ ۾ وري سيوطيءَ اجتهاد جي ساڳي دعويٰ ڪئي، بلڪ هو ته چار ڪون اڳتي وڌي ويو ۽ چيائين ته هر صدي جي شروعات ۾ ڏڪ مجدد جو اچڻ ضروري آهي.

بهرحال ابن تيميه جي تعليمات جو پيش خيمو اها تحريڪ آهي، جيڪا ارڙهين صديءَ ڌاري نجد جي وارياسي سر زمين تان ڪنڊ موڙي اٿي، ۽ جنهن ۾ تمام گهٽيون صلاحيتون پوشيده هيون، اهو نجد جنهن کي ميڪدونالڊ، خسته حال اسلامي دنيا جو وڏ ۾ وڏ محفوظ ۽ صاف علائقو تصور ڪيو آهي. دراصل اها تحريڪ جديد دور جي مسلمانن ۾ زندگيءَ جي پهرين ڏڙڪن آهي. جو ته ان کانپوءِ ايشيا توڙي آفريڪا ۾ وڏي پيماني تي جيڪي به تحريڪون اڀريون آهن، اهي تقريباً سڀ، سڌي يا ان سڌيءَ طرح ان تحريڪ جو نتيجو آهن. مثال طور سنوسي تحريڪ، هيءَ اسلامڪ تحريڪ ۽ ان کانسواءِ بابي تحريڪ، جيڪا درحقيقت عرب احتجاجيت (Protestanism) جو چڙ ته ايراني عڪس هئي. محمد ابن عبدالوهاب، جنهن ۱۷۰۰ع ۾ جنم ورتو، دراصل هڪ عظيم ۽ خالص مذهبي مصلح هو. هن مديني منوره ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ ايران وغيره جو سفر ڪيو هئائين. اهو سندس بي چين روح جو ڪمال هو جو هو اڳتي هلي پوري اسلامي دنيا ۾ هڪ نئين جوت جڳائڻ ۾ ڪامياب ويو. هڪ لحاظ کان هو امام غزاليءَ جي شاگرد محمد ابن تومرت

سان مشابهت رکي ٿو. چاڪاڻ ته ابن تومرت برابر پڻ هڪ خالص ديني مصلح هو، ۽ نه مسلم اسپين ۾ ان وقت ظاهر ٿيو جڏهن اسپين تباهيءَ طرف وڃي رهي هئي، مگر اهڙي دور ۾ به هن اسپين جي مسلمانن ۾ نئين روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ليڪن جيستائين وهابي تحريڪ جي سياسي مستقبل جو سوال آهي، ته هتي اسان اهو ذڪر ڪرڻ ڪونه ٿا گهرون ته آخر ڪهڙيءَ ريت محمد علي پاشا جي فوجن انجو انت آندو، بلڪ هتي اسان جو مقصد ان تحريڪ جي اصل روح يعني اجتهاد جي آزاديءَ طرف ڏيان ڇڪائڻ آهي. هتي اها گالهه ياد رکڻ گهرجي ته داخلي طور هيءَ تحريڪ پڻ قدامت پسند هئي. جيتوڻيڪ هن تحريڪ وارن فقهي مذهبن جي قطعيت جو انڪار ڪيو، ۽ انجي بجاءِ ذاتي راءِ جي حق کي تسليم ڪيو؛ پر چاڪاڻ ته وڏن ماضيءَ جو سراسر غير تنقيدي تصور هو، لهٰذا قانوني معاملن ۾ هنن جو سمورو دارومدار صرف حديثن تائين محدود رهجي ويو.

هاڻي جيستائين ترڪيءَ ۾ مذهبي ۽ سياسي فڪر جي نشوونما جو تعلق آهي، ته آتي هن سلسلي ۾ تمام گهٽي عرصي کان جديد فلسفيانه خيالات جو عمل دخل نظر اچي ٿو ۽ اهوئي سبب آهي جو سندن اجتهاد جي نظريي ۾ هڪ قسم جي پختگي ۽ وسعت پڻ آئي آهي. هيءَ گالهه حليم ثابت جي اسلامي قانون بابت سندس جديد نظريه منجهان پڻ چڱيءَ ريت واضح ٿئي ٿي، جنهن جو بنياد هن جديد عمرانياتي تصورات تي رکيو آهي. جيڪڏهن اسلام جي نشاة ثانيه هڪ حقيقت آهي، ۽ منهنجو ايمان آهي ته اها حقيقت آهي؛ ته پوءِ اسان کي پڻ هڪ ڏينهن ترڪن وانگر، پنهنجي فڪري ميراث جو نئين سر جائزو وٺڻو پوندو. لهٰذا جيڪڏهن اسين اسلامي فڪر ۾ کو خاص واڌارو ڪري نه ٿا سگهون، ته پوءِ اسلامي دنيا ۾ وڌندڙ آزاد خياليءَ جي مقابلي ڪرڻ لاءِ، گهٽ ۾ گهٽ، قديم نقطهٰ نظر مطابق ئي

سڀ صحتمند تنقيد جو آغاز ڪرڻ لازمي ڳالهه آهي.

هينئر اچو تہ ترڪيءَ جي مذهبي ۽ سياسي فڪر جو ڪجهه جائزو وٺون، ڇو تہ انهيءَ منجهان اوهان تي اهو واضح ٿي ويندو تہ هن ملڪ اندر جديد فڪر و عمل جي ميدان ۾ اجتهاد جي قوت ڪي ڪهڙيءَ ريت استعمال ڪيو ويو آهي. ويجهڑائي جي ڳالهه آهي تہ ترڪيءَ ۾ ٻہ فڪري محاذ هئا. هڪڙي جي نمائندگي نيشنلسٽ پارٽي ڪري رهي هئي تہ ٻئي جي اڳواڻي مذهب سڌار (Religious Reform) پارٽيءَ جي هٿ ۾ هئي. قوم پرست مفڪرن جي نقطئہ نظر مطابق مذهب جي مقابلي ۾ رياست جو وجود اٽل آهي. گويا هنن جو چوڻ آهي تہ مذهب پنهنجي ليکي ڪنهن اهميت جو حامل ناهي. هلڪ ڪنهن بہ قوم جي زندگيءَ ۾ رياست ئي هڪ اهڙو اهم جُز آهي جيڪو ٻين سڀني جُزن جي ڪردار ۽ عمل جو تعين ڪري ٿو. انڪري هو رياست ۽ مذهب جي باري ۾ پراڻن نظرين کي رد ڪري، مذهب ۽ رياست جي باهمي علحدگيءَ تي زور ڏين ٿا.

جيتوڻيڪ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اسلام جي مذهبي-سياسي نظام جي جوڙجڪ ۾ مٿين نقطئہ نظر جي ڪجهه گنجائش موجود آهي، پر ذاتي طور مان سمجهان ٿو، اهو فرض ڪرڻ سخت غلطي آهي تہ اسلامي نظام ۾ رياست جو تصور زياده اهم آهي يا ٻين سڀني تصورات تي غالب آهي. دراصل اسلام ۾ روحاني ۽ مادي دنيا جي الڳ تفريق آهي ئي ڪونہ! ڳالهه صرف ايتري آهي تہ ماڻهو ڪٿي ڪهڙو بہ دنياوي ڪم ڪري، پر ان جو دارومدار اڳئين پوءِ سندس ذهني لاڙي تي آهي، ۽ اسلام صرف ان حقيقت کي تسليم ڪري ٿو. هونئن بہ ڪنهن بہ قسم جي عمل جو اهو نظر نہ ايندڙ ذهني پس منظر ئي آهي جيڪو سندس نوعيت جو تعين ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ڪو عمل محض دنياوي تڏهن آهي، جڏهن اهو عمل هن زندگيءَ جي ٻوڙيان

کارفرما لامحدود کثرت کي نظرانداز ڪري سرانجام ڏنو وڃي ٿو. پر جيڪڏهن انهيءَ کثرت جو خيال رکيو وڃي، تہ اهو ساڳيو عمل روحاني بڻجيو پوي.

مطلب تہ اسلام جي چوڻ مطابق حقيقت اها ساڳي هڪڙي آهي، جيڪا هڪ لحاظ کان ڪليسا جي صورت ۾ نظر اچي ٿي ۽ ٻئي لحاظ کان وري رياست جي شڪل ۾. انڪري اهو چوڻ بہ غلط آهي تہ رياست ۽ ڪليسا هڪ شيء جا ٻہ پاسا آهن. دراصل اسلام خود هڪ اهڙي واحد ۽ ناقابل۔ تجزيہ حقيقت آهي، جيڪو اسان کي پنهنجي پنهنجي نقطئہ نظر مطابق سمجهہ ۾ اچي ٿو. مگر هيءَ تمام وڏو بحث آهي ۽ ان جي ٻوزي سمجهاڻي شايد اسان کي هڪ وڏي فلسفيانہ بحث ۾ ڦاسائي ڇڏي. هتي صرف ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ هن پراڻي غلط فهميءَ جو اصل سبب انسان ذات جي وحدت کي نہ سمجهڻ آهي. يعني جڏهن اهو فرض ڪيو ويو تہ انسان جو وجود ٻن اهڙين الڳ الڳ حقيقتن جو مجموعو آهي، جيڪي هڪ ٻئي سان ميلاپ رکڻ جي باوجود، هڪ ٻئي جو ضد آهن. بهرحال، سچ اهو آهي تہ جيڪڏهن زمان و مڪان جي حوالي سان ڏٺو وڃي تہ مادو بہ چڙ روح ئي آهي ۽ انسان هڪ اهڙي وحدت آهي جنهن جو خارجي عمل ظاهر ڪري ٿو تہ هو محض هڪ جسم آهي، ورنہ اصل ۾ هو روح يا ذهن آهي. گويا توحيد جو عملي روح مساوات، آزادي ۽ انساني ايڪتا آهن. هاڻي جيڪڏهن ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ اسلامي رياست دراصل انهن آدرشي اصولن کي زمان و مڪان جي قوتن ۾ تبديل ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي. ايان بہ ائين ڪٿي چنجي تہ اها هڪ اهڙي خواهش آهي جنهن جي ذريعي ڪنهن مخصوص انساني معاشري ۾ انهن اصولن کي ڪارفرما ڏسي سگهجي ٿو. اسلامي رياست صرف انهيءَ لحاظ کان هڪ مذهبي حڪومت (*Theocracy*) آهي، باقي ان جو مطلب اهو قطعًا ناهي تہ ان جو هلائيندڙ هن ڌرتيءَ تي خدا جو

نمائندو آهي، جيڪو ڪڏهن ب غلطي ڪري نه ٿو سگهي، ۽ جنهن کي جڏن وڻي تڏن ڪري سگهي ٿو. ليڪن ستم ظريفي اها آهي ته اسلام جي ناقدين هميشه هن اهم گاڏهه کي نظرانداز ڪيو آهي.

قرآن شريف جي چوڻ مطابق مطلق حقيقت محض روح آهي، ۽ سندس زندگي ڏيڪ اڻڙو عمل آهي جنهن جو واسطو هن دنيا سان رهي ٿو. لهذا اهو روح ئي آهي جيڪو پنهنجي لاءِ طبعي، مادي ۽ دنياوي سوڌا ڳولهي لهي ٿو. گويا اهو سڀ ڪجهه جيڪي ڏيڪ ڏيڪ لحاظ کان صرف دنياوي ۽ مادي نظر اچي ٿو، سو دراصل پاڪ ۽ مقدس آهي. هتي اها گاڏهه ياد رکڻ جوگهي آهي ته جديد فڪر، اسلام خواه ڪنهن مذهب جي جيڪا وڏي ۾ وڏي خدمت سرانجام ڏني آهي، اها سندس طرفان مادييت ۽ فطرت جي تنقيد آهي. انهيءَ تنقيد اهو واضح ڪري ڇڏيو آهي ته محض مادي کي کو وجود ناهي، ڪنهن لفظن ۾ انهن کي چئجي ته هر مادي شيءِ روحاني اساس جي محتاج آهي.

مطلب ته اپوتر يا ناپاڪ دنيا جو کو وجود کونهي. البت مادي جي هيءَ ايڏي جهجهائي صرف ان ڪري آهي ته جڏن روح پنهنجي ذات جو ادراڪ ڪري سگهي. گويا جيڪي ڪجهه آهي اهو پاڪ ۽ پوتر آهي. نبي ڪريم صلعم جن ان گاڏهه کي نهايت خوبصورت انداز ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي ته: "هيءَ سڄي ڌرتي انسان لاءِ مسجد آهي." لهذا اسلامي نقطئه نظر مطابق رياست ڏيڪ اڻڙي ڪوشش جو نالو آهي جنهن ذريعي انساني معاشري اندر روحانيت جو حصول ممڪن ٿي سگهي. هاڻي ان لحاظ کان ڏٺو وڃي ته هر اها رياست مذهبي رياست آهي جيڪا محض اقتدار ۽ غلبي جي بنياد تي بيئل ناهي، بلڪ جنهن جو مقصد آدرشي اصولن جو حصول آهي.

دراصل تُرڪ قوم پرستن، مذهب ۽ رياست جي جدائيءَ وارو نظريو يورپ جي سياسي فڪر جي تاريخ مان اخذ ڪيو آهي. حالانڪ قديم عيسائيت جو بنياد سياسي ۽ مدني وحدت جي حيثيت ۾ قطعاً ڪونہ رکيو ويو هو، بلڪ ان جي ابتدائي هڪ اهڙي رهباني نظام طور ٿي هئي جنهن جي نظر ۾ ڏيءَ دنيا قطعي طور ناپاڪ هئي. اهو ئي سبب آهي جو مدني معاملات سان عيسائيت جو ڪوبہ لاڳاپو نہ رهيو، ۽ عملي طور هر مسئلي ۾ رومي طور طريقن کي تسليم ڪيو ويو هو. ان صورتحال جو اڳتي هلي اهو نتيجو نڪتو جو جڏهن عيسائيت کي رياست جو مذهب قرار ڏنو ويو تہ رياست ۽ ڪليسا جي هن قوتن درميان ان ختم ٿيندڙ سرحدي جهيڙو شروع ٿي ويو. مگر هتي اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ اسلام ۾ اهڙي صورتحال ڪڏهن بہ رونما ٿي نہ ٿي سگهي، ڇو تہ اسلام منڊ کان وٺي هڪ مدني سماج آهي. ان کانسواءِ قرآن شريف چند اهڙا سادا قانوني اصول فراهم ڪري ڇڏيا آهن، جن ۾ رومي ماڻهن جي "دوازده الواح" (Twelve Tables) وانگر، تشريح ۽ تعبير جا وسيع امڪان موجود آهن ۽ هيءَ ڳالهہ تجربن منجهان چڱيءَ طرح ثابت ٿي چڪي آهي. ان ڪري رياست بابت تُرڪ قوم پرستن جو نظريو غلط ۽ گمراهہ ڪُن آهي، ڇو تہ ان جو بنياد دُوئي تي آهي، جنهن جي اسلام ۾ ڪا گنجائش ڪانهي.

هني طرف مذهب سڌار پارٽي (Religious Reforms Porty) جنهن جي اڳواڻي سعيد حليم پاشا ڪري رهيو آهي؛ انهن وري هن بنيادي حقيقت تي زور ڏنو آهي تہ اسلام دراصل عينيت ۽ اثباتيت ۾ توازن قائم ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هنن جي ڇوٽ مطابق جئن تہ اسلام مساوات، حُريت ۽ انساني ايڪتا جهڙين ازلي سچاين کي هڪ وحدت ۾ سموئي ٿو، تنهن ڪري سندس ڪا جنم پڙمي ڪونہ آهي. هنن جو اهو پڻ ڇوٽ آهي تہ

جهڙيءَ طرح انگريزي رياضيات، جرمن فلڪيات ۽ فرينچ ڪيميا جو وجود ڪونهي، ساڳيءَ طرح ترڪي، عربي، ايراني ۽ هندوستاني اسلام جو وجود ڪونهي. مگر جهڙيءَ طرح سائنس جي عالمگير حقيقتن جي باوجود، مختلف قومن اندر سائنس جي نشو و نما هڪ خاص مقامي رنگ اختيار ڪري ٿي؛ بلڪل ساڳيءَ طرح اسلام جن عالمگير صداقتن جو پرچار ڪري ٿو، انهن مان هڪ مختلف قومي، اخلاقي ۽ سماجي آدرش جنم وٺن ٿا.

بهرحال فاضل مصنف جي بصيرت افروز راءِ آهي تہ جديد ڪلچر جيڪو قومي پاڻپاڻي تي ٻڌل آهي، درحقيقت وحشت ۽ بربريت جو ٻيو روپ آهي. اهو ڪلچر دراصل صنعتي ترقيءَ جي حد کان وڌيڪ واڌاري جو نتيجو آهي، ۽ ان جي وسيلي ماڻهو پنهنجي پراڻين جبلتن ۽ لاڙن کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. آخر ۾ سعيد حليم پاشا ان ڳالهہ تي افسوس جو اظهار ڪري ٿو تہ وقت گذرڻ سان گڏ، اسلام جا اصلوڪا اخلاقي ۽ سماجي آدرش ٻڌ، مسلم قومن جي اسلام کان اڳ وارن توهمات ۽ مقامي ڪردارن جي اثر هيٺ، آهستي آهستي غير اسلامي ٻڌجي رهيا آهن. مطلب تہ اڄ اهي آدرش اسلامي هئڻ جي بجاءِ زياده تر ايراني، ترڪي ۽ عربي رنگ ۾ رنگيل آهن. حد تہ اها آهي تہ توحيد جهڙي اصول جي خالص روشنيءَ کي به ذري گهٽ ڪفر جي اونداهي ويڙهي وئي آهي. ائين ٿو لڳي تہ اسلام جا اخلاقي آدرش ٻڌ مقامي اثرات تحت پنهنجو آفاقي ۽ غير شخصي ڪردار قائم رکي نہ سگهيا آهن. انڪري انسان جي لاءِ آخري چارہ ڪار اهو ويجي رهيو آهي تہ اسلام جي مٿان چڙهيل اهو سخت پردو لاهي ڦٽو ڪريون، جنهنڪري زندگيءَ بابت بنيادي متحرڪ نظريو به غير متحرڪ لڳي رهيو آهي. انسان کي ڪهي تہ مساوات، حريت ۽ ايڪتا جهڙين ابدي صداقتن کي نظر ۾ رکي پنهنجي اخلاقي، سياسي ۽ سماجي آدرشن

جي نئين سر تعمير ڪريون. تہ اهي آهن ترڪيءَ جي وڏي وزير جا خيالات جيڪي مون توهان جي آڏو پيش ڪيا. توهان ڏسي سگهو ٿا تہ جيتوڻيڪ سندس طرز فڪر اسلام جي اصل روح سان زياده مطابقت رکي ٿو، مگر عملي طور هو به انهيءَ ساڳي نيشنلسٽ پارٽيءَ واري نتيجي تي پهچي ٿي. يعني اجتهاد جي آزادي تہ جئن جديد فڪر ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ قانون شريعت جي نئين سر تشڪيل ڪري سگهجي!

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ اتان جي عظيم قومي اسيمبلي (Grand National Assembly) خلافت جي مسئلي بابت ڪهڙو اجتهاد ڪيو آهي. سُني نقطهٔ نظر پٽاندڙ خليفي يا امير جي مقرري قطعي طور ناگزير آهي. ان ڪري هن سلسلي ۾ پهريون سوال هي اپري ٿو: "ڇا منصب خلافت تي صرف هڪڙو ئي شخص فائز ٿي سگهي ٿو؟" ترڪيءَ وارن جو اجتهاد آهي تہ اسلامي تعليمات مطابق خلافت يا امارت جو منصب هڪ کان گهٽن ماڻهن يعني ڪنهن جماعت يا هڪ منتخب اسيمبليءَ کي سونهي سگهجي ٿو. جيتري قدر مون کي خبر آهي تہ مصر ۽ هندوستان جي مذهبي عالمن هن مسئلي تي اڃان پنهنجي راءِ ظاهر نہ ڪئي آهي. منهنجو ذاتي خيال آهي تہ ترڪن جي اها سوچ بلڪل صحيح آهي ۽ مان سمجهان ٿو تہ هن ڳالهہ تي وڌيڪ بحث ڪرڻ جي ڪا ضرورت ئي ڪانهي. دراصل حڪومت جو جمهوري طريقو نہ رڳو اسلامي تعليمات جي روح سان پوريءَ ريت ٺهڪي اچي ٿو، بلڪ اسلامي دنيا جي موجوده حالتن ۾ مسئلن جي پيش نظر اشد لازمي پڻ آهي.

هينئر اچو تہ ترڪن جي نقطهٔ نظر کي سمجهڻ لاءِ اسلام جي پهرين فيلسوف تاريخدان ابن خلدون ڏانهن رجوع ڪريون. ابن خلدون پنهنجي جڳ مشهور تصنيف "مقدمہ" ۾ اسلام جي عالمگير خلافت بابت ڏن نظرين جو ذڪر ڪيو آهي. (١) عالمگير

خلافت هڪ شرعي امر آهي ۽ سندس قيام واجب آهي. (٢) خلافت ضرورت ۽ مصلحت جي هڪ تقاضا آهي. (٣) خلافت جي هڪ به ضرورت نه آهي. هي ٽيون نقطئه نظر خارجن جو آهي.

انهن ٽنهن ۾ اڄ تائين جديد ترڪي ۾ وارن بهرين نظريي کي ڇڏي ٻئي کي اختيار ڪيو آهي، ۽ اهو نقطئه نظر معتزلين جو آهي، جيڪي عالمگير خلافت کي محض ضرورت ۽ مصلحت تائين محدود رکندا هئا. ترڪن جو استدلال آهي ته اسان کي پنهنجي ماضيءَ جي سياسي تجربن منجهان رهبري حاصل ڪرڻ گهرجي، ۽ اهو تجربو ٻڌائي ٿو ته عملي طور خلافت جو عالمگير نظريو ڪڏهن به ڪامياب نه ويو آهي.

دراصل اهو نظريو صرف ان وقت قابلِ عمل هو جڏهن اسلامي سلطنت در لحاظ کان مضبوط هئي. مگر اسلامي سلطنت جي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ کانپوءِ، جڏن ته آزاد ۽ خودمختار سياسي وحدتون قائم ٿي چڪيون آهي، ان کري هيءَ نظريو هاڻي ڪارگر ڪونه رهيو آهي. ازانسواءِ جديد دور ۾ اهو نظريو مسلمانن اندر تنظيم ۽ اتحاد جي لحاظ کان بلڪ ڪو قابلِ عمل ڪردار ادا ڪري نه ٿو سگهي. دراصل اهو نظريو ڪنهن مفيد ڪم سرانجام ڏيڻ جي بجاءِ، الٽو آزاد مسلم رياستن جي اتحاد ۾ هڪ وڏي رنڌڪ ثابت ٿيو آهي. ايران وارا ترڪن کان همٽشه انهيءَ معاملي ۾ پري رهيا آهن، جاکاڻ جو سندن تصورِ خلافت ترڪن کان اصولي طور مختلف آهي. اهڙيءَ طرح سراکش وارن وري هن مسئلي ڏانهن شروع کان ولي بي رخي اختيار ڪئي آهي. البت جيستائين عربن جو تعلق آهي ته هنن جو هن مسئلي سان ڪڏهن به ذاتي مفاد وابسته رهيو آهي. اسلامي دنيا ۾ اهو سڄو ڏڪيڙ محض طاقت جي هڪڙي فرسوده اڇاڻ جي ڪري آهي، جيڪو گهڻو وقت اڳ ختم ٿي چڪو آهي. لهٰذا ترڪن جو اهو چوڻ صحيح آهي ته اسان کي پنهنجي ماضيءَ جي سياسي

سوچ ۽ تجربي مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي. ڇا، ان وقت جڏهن قريشين جو سياسي زوال اچي چڪو هو ۽ هو مزيد حڪومت هلائڻ جا اهل نه رهيا هئا، تڏهن قاضي ابوبڪر باقلاني خلافت جي لاءِ قريشي هجڻ وارو شرط ختم ڪري نه ڇڏيو هو؟ جيتوڻيڪ ابن خلدون ذاتي طور خليفي لاءِ قريشي هجڻ واري شرط کي ويساه رکندو هو، پر پوءِ به اڄ کان ڪيترين صدين اڳ هو ان نتيجي تي پهتو هو ته خليفي لاءِ قريشي هجڻ ضروري ناهي. هن جو چوڻ آهي جڏن ته قريشين جي طاقت ختم ٿي چڪي آهي، جنهن ڪري هر اهو ماڻهو جيڪو جنهن ملڪ کي طاقتور آهي، ان کي ان هنڌ اڳواڻ تسليم ڪيو وڃي.

مطلب ته ابن خلدون حقيقتن جي اڌل منطق کي محسوس ڪندي، هڪ اهڙي ڳالهه چئي آهي جيڪا اڄوڪي بين‌الاقوامي اسلامي دنيا جو اڻ چٽو خاڪو فراهم ڪري ٿي. هن معاملي کي جديد ترڪيءَ وارن جو به تقريباً ساڳيو رجحان آهي ۽ اهو سندن تجربي جي ڏوس حقائق جي پيداوار آهي. هتي ايترو ضرور چئبو ته ترڪن جو اهو رجحان فقيهن جي متڪلمانه استدلال کان قطعي مختلف آهي، ڇاڪاڻ جو جنهن قسم جي ماحول ۾ اسان جي فقيهن زندگي بسر ڪئي ۽ سندن فڪر پرورش پاتي، اهو بلڪل هڪ الڳ ۽ نرالي قسم جو ماحول هو.

منهنجو پنهنجو خيال آهي ته مٿيان دليل، اسان جي آڏو اسلام جي هڪ اهڙي بين‌الاقوامي آدرش کي آجاگر ڪن ٿا، جيڪو دراصل اسلام جو روح آهي؛ ۽ منهنجي خيال ۾ ان روح کي منظرِ عام تي اچڻ کان روڪڻ جي سموري ذميواري ابتدائي دور جي عرب شهنشاهيت تي عائد ٿئي ٿي. هينئر البت انهيءَ نئين آدرش جو پڙاڏو ترڪيءَ جي قومي شاعر ضيا جي گيتن ۾ ملي ٿو. ضيا پنهنجي شاعريءَ ۾ آگسٽ ڪومٽي (Auguste Comte) کان متاثر هو ۽ ترڪيءَ جي جديد فڪر جي تعمير ۾ سندس

وڏو هٿ آهي. آڏون هتي سندس هڪ نظم جو خلاصو پيش ڪريان ٿو جيڪو سون پروفيسر فشر (Fisher) جي جرمن ترجمي تان ورتو آهي:

"اسلامي دنيا ۾ موثر سياسي اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته پهريائين سڀ مسلمان ملڪ آزاد ٿين، ۽ تنهن کان پوءِ اجتماعي طور ڪين هڪ خليفي جي ماتحت اچڻ گهرجي. ليڪن سوال پيدا ٿو ٿئي ته ڇا هن وقت اهڙي گاڏهه جو امڪان آهي؟ انجو جواب هي آهي ته جيڪڏهن اڄ ناهي ته بهرحال انتظار ڪرڻ ڪپي. انهيءَ دوران خليفي کي گهرجي ته گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي گهر جو انتظام ٺيڪ ڪري ۽ هڪ قابل عمل جديد رياست جو بنياد رکي.

بين الاقوامي دنيا ۾ ضعيف ۽ ڪمزور لاءِ ڪا همدردي ناهي، بلڪ هتي صرف طاقت ۽ قوت جي عزت آهي."

هي چند سٽون جديد دور جي مسلمان ۽ سندس ذهني رجحان جي چڱيءَ ريت غمّازي ڪن ٿيون. هونئن ٻه حقيقت اها آهي ته في الحال هر مسلمان قوم کي پنهنجي اندر جي گهرائين ۾ ٽپي هٽڻ ڪپي ۽ ڪجهه وقت تائين پنهنجو پاڻ تي نظرون کپائڻ گهرجن. دراصل اهو عمل ايستائين جاري رهڻ گهرجي جيستائين سڀ ملڪ ايترو مضبوط ۽ طاقتور ٿي وڃن، جو اسلامي جمهوريتن جي هڪ برادريءَ جي تشڪيل ٿي سگهي! ڏوڏانهن وري قوم پرست مفڪرن جي راءِ آهي ته سچو ۽ زنده اتحاد ايترو سولو ناهي، جيڪو خليفي جي محض علاماتي اڳواڻي منجهان

حاصل ٿي سگهي. بلڪ انجو سچو اظهار وري ب اهڙين آزاد ۽ خودمختار وحدتن جي گهٽائي منجهان ٿي سگهي ٿو، جن جون نسلي رقابتون ڊ مشترڪ روحاني بندڻ سبب ڊ ٻئي سان ملي هم آهنگ ٿي ويون ڏجن. ڏسون ڪي لڳي ٿو ته خداتعالي اسان تي آهستي آهستي اها حقيقت واضح ڪري رهيو آهي ته، اسلام نه ته قوم پرستيءَ جو نالو آهي ۽ نه شهنشاهيت جو، بلڪ اسلام ان مراد مجلس اقوام آهي؛ جنهن ۾ مصنوعي حدن ۽ نسلي تفاوت کي صرف تعارف خاطر تسليم ڪيو ويو آهي؛ باقي انجو اهو مطلب قطعاً ناهي جنهن جي ڪري سندس پوئلڳن جو اجتماعي نقطئه نظر ڪنهن به ريت متاثر يا محدود ٿيندو ڏسجي!

ساڳئي شاعر جي ڊ ٻئي نظم "مذهب ۽ سائنس" منجهان ڊ اقتباس پيش ڪجي ٿو. دراصل اهو اقتباس اڄوڪي اسلامي دنيا ۾ جنم وٺندڙ عام مذهبي نقطئه نظر تي وڌيڪ روشني وجهي ٿو:

"ٻني نوع انسان جا ڀهربان روحاني رهنما ڪير هٿا؟ بلاشڪ اهي پيغمبر ۽ اهڙيءَ طرح ٻيا نيڪ انسان هٿا. هر دور ۾ مذهب فلسفي جي رهنمائي ڪئي آهي، خود اخلاقيات ۽ فن کي به مذهب مان جيلا" ملي ٿي. پر پوءِ به مذهب ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندو وڃي ۽ منجهائنس اصلي آتماه ختم ٿيندو وڃي! نيڪ ماڻهو اڻ لڀ ٿيندا وڃن ۽ روحاني قيادت، سا به نالي ماتر وڃي فقيهن جي هٿ ۾ بچي آهي. وري گهاڻهه اها آهي ته فقيهه حضرات روايتن مان رهنمائي حاصل ڪرڻ جا عادي آهن ۽ هو مذهب کي به زوريءَ انهيءَ رستي تي وڌي وڃن ٿا، انجي برعڪس

فلسفو چوي ٿو: "منهنجو رهنما ستارو عقل آهي"، لهٰذا جيڪڏهن توهين ساچي ٿا ويچو تہ آءٌ ڪاهي ٿو ويچان."

مذهب ۽ فلسفو ٻئي انسان جي روح تي هدايت جو حق جتائين ٿا ۽ ٻئي ڪيس پنهنجي پنهنجي طرف ڇڪين ٿا.

هيڏانهن اها ڪشمڪش جاري آهي تہ انهيءَ دوران حاملہ تجربو اثباتي سائنس کي جنم ڏئي ٿو ۽ فڪر جو اهو نؤنهال رهنما چئي ڏي ٿو، "روايت تاريخ جي حيثيت رکي ٿي، مگر تاريخ عقلي طريقي لاءِ محتاج آهي". لهٰذا ٻئي تشريح و تعبير کان ڪم وٺن ٿا ۽ ٻئي هڪ ساڳي ناقابلِ تعريف شيءَ تائين پهچڻ گهرن ٿا."

هاڻي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ آخر اها شيءَ ڪهڙي آهي؟

"ڇا روحانيت سان ٽمٽار دل!"

"جيڪڏهن انهين آهي تہ پوءِ منهنجا هي آخري لفظ ياد رکو. مذهب اثباتي سائنس آهي، جنهن جو مقصد انسان جي دل کي روحانيت سان پُر ڪرڻ آهي."

مٿين سڀن منجهان صاف ظاهر آهي تہ شاعر، آگسٽ ڪومٽي طرفان پيش ڪيل انسان جي ذهني ترقيءَ جي ڏن منزلن کي نهايت خوبصورتيءَ سان اسلامي نقطئ نظر ۽ سموئڻ گهري ٿو. اهي ڏي منزلون يا مرحلا هي آهن: الٰهياتي، مابعدالطبعياتي ۽ سائنسي. مذهب بابت شاعر جو اهو مٿيون نظريو، ترڪي جي

تعليمي نظام ۾ عربي ٻوليءَ جي مقام جو تعين ڪندي ٿو. هو چوي ٿو:

"اها ڏرتي جتي نماز جو سڏ ترڪي ٻوليءَ ۾ گونجي ٿو ۽ جتي عبادت ڪندڙ ماڻهو پنهنجي مذهب جو مقصد سمجهن ٿا. جنهن ڏرتيءَ تي قرآن جي تلاوت ترڪيءَ ۾ ڪئي وڃي ٿي، جتي هر نئين توڙي وڏو خدائي احڪام چڱيءَ طرح سمجهي ٿو. او، ترڪيءَ جا فرزند، اها ڏرتي ئي تنهنجي اباڻي ڏرتي آهي."

جيڪڏهن مذهب جو مقصد واقعي دلين ۾ روحانيت پيدا ڪرڻ آهي، تہ پوءِ مذهب کي انساني روح جي گهراين ۾ سرايت ڪرڻ گهرجي. شاعر جو چوڻ آهي تہ اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن روحانيت پيدا ڪندڙ نظرين جي اڻٽار ماڻهوءَ جي مادري زبان ۾ ڪئي وڃي. هندوستان ۾ گهٽا ماڻهو عربي ٻوليءَ جي جڳهہ تي ترڪي ٻوليءَ جي استعمال کي نڏيندا. جيتوڻيڪ اهي اسباب پوءِ بيان ڪيا جيڪي شاعر جي مڃين اجتهاد تي سخت قسم جي اعتراض کي جنم ڏين ٿا، پر هتي اهو عرض ڪندو هلان تہ جنهن سڏاري يا اصلاح جي هو گهالهہ ڪري ٿو، انجو مثال اسلام جي تاريخ ۾ هن کان اڳ پڻ ملي ٿو. چيو وڃي ٿو تہ مسلم اسپين جو مهدي محمد ابن تومرت جنهن جو تعلق بربر قوم سان هو، جڏهن اقتدار ۾ آيو ۽ موحدين جي مذهبي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو، تڏهن سڀ کان پهريائين اهو حڪم ڪيائين تہ جئن تہ بربر اڻ پڙهيل قوم آهي تنهن ڪري انهن لاءِ قرآن شريف جو ترجمو بربر زبان ۾ ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح هن اهو پڻ چيو تہ قرآن شريف جي تلاوت بربر

زبان ۾ ڪئي وڃي. ان ڪانسواءِ هن اهو پڻ حڪم ڏنو تہ نماز لاءِ اذان به برابر زبان ۾ ڏني وڃي ۽ سڀني مذهبي ماڻهن يعني عالمن وغيره کي برابر زبان ضرور اچڻ گهرجي!

ساڳيو شاعر هڪ ٻئي هنڌ عورت بابت پنهنجو آدرش پيش ڪري ٿو. هو عورت ۽ مرد جي وچ ۾ مساوات قائم ڪرڻ واسطي ايترو تہ جوش ۾ پريل نظر اچي ٿو جو هو اسلام جي موجوده عائلي قوانين ۽ انهن جي عملي استعمال ۾ انقلابي تبديلين جو خواهان ٿيو پوي. هو چوي ٿو:

"عورت، جيڪا منهنجي ماءُ آهي، منهنجي ڀيڻ آهي ۽ منهنجي ڌيءَ آهي. عورت، جيڪا زندگيءَ جي گهراين منجهان پاڪيزه ترين جذبات کي جاڳائي ٿي. اها عورت جيڪا منهنجي محبوبہ پڻ آهي، جيڪا منهنجو سڄ به آهي تہ چنڊ به آهي، تہ ستارو به آهي. مطلب تہ اها عورت ٿي آهي جيڪا مون کي زندگيءَ جي شاعري سمجهائي ٿي. پلا پوءِ، خدا جو مقدس قانون ڪيئن اهڙي حسين مخلوق کي حقير مقام ڏيندو! گهٽو ڪري تہ عالمن قرآن شريف جي تشريح ۾ غلطي آهي."

"قوم ۽ رياست جو بنياد خاندان آهي!"

جيستائين عورت جو پورو قدر نہ ٿيندو، تيستائين قومي زندگي پڻ اڌوري رهندي. هر خاندان جي پرورش انصاف مطابق ٿيڻ گهرجي.

ان ڪري هنن ٻنهي گالهين ۾ مساوات لازمي

آهي ـ طلاق، خلع ۽ ورثو. جيستائين ورڻي
۽ عورت کي مرد جي اڌ برابر، ۽ شاديءَ
۽ چوڻين حصي برابر تصور ڪيو ويندو،
تيسين نه ڪو خاندان ترقي ڪري سگهندو
۽ نه ڪو ملڪ ضروج تي پهچي سگهندو.
هن حقن جي حاصل ڪرڻ لاءِ تہ اسان
عدالتون قائم ڪري ڇڏيون آهن، مگر
جيستائين عائلي حقوق جو تعلق آهي تہ اسان
اهو سڄو معاملو فقيهن جي هٿ ۽ ڇڏي
ڏنو آهي. مون کي سمجهہ ۽ نہ ٿو اچي تہ
اسان آخر عورتن کي اهڙو بيوس ۽ مجبور
ڇو تصور ڪيو آهي؟ ڇا هو ملڪ جي
ڪا خدمت سر انجام ڪونہ ٿي ڏئي؟ يا
اسين چاهيون ٿا تہ هو پنهنجي سُٹي کي
سنگين ۽ بدلائي ۽ انقلاب ذريعي اسان کان
پنهنجا حق زوريءَ وصول ڪري؟!"

هونئن ہ سچي ڳالهہ اها آهي تہ اڄ جي مسلم قومن منجهان صرف تُرڪيءَ وارا ئي خوابِ غفلت مان سجاڳ ٿيا آهن ۽ هوش سنياليو اٿائون. هن لفظن ۽ اڄا تائين صرف ترڪي ئي ذهني آزاديءَ جو حق ماڻي سگهي آهي. اهي ترڪ ئي آهن جيڪي هڪ خيالي دنيا کان گذري حقيقت تائين پهتا آهن. هڪ لحاظ کان اها تمام وڏي تبديلي آهي جنهن ۽ زبردست فڪري ۽ اخلاقي جدوجهد جي ضرورت پوي ٿي. هينئر ترڪن جي سمجهہ ۽ اها ڳالهہ اچي چڪي آهي تہ اهي هن متحرڪ ۽ وسعت پذير زندگيءَ جون وڏندڙ پيچيدگيون ٿي آهن، جيڪي نت نئين صورتحال سان دوچار ڪن ٿيون ۽ جنهن ڪري

نت نوان نظريا ۾ جنم ورڻ ڏاڍ اهڙيءَ طرح اصولن جي نئين سر تشريح جي ۽ ضرورت هوي ٿي، مگر اهو سڀ ڪجهه هڪ اڏڻي ماڻهوءَ لاءِ خشڪ بحث ئي رهندو، جيڪو روحاني وسعتن جي لذت کان ناآشنا آهي. ان پاڻيان ٿو اهو انگريز مفڪر هابس (Hobbes) هيو جنهن پنهنجي نڙ مشاهدي ڪائنات جيو هو: "ساڳي قسم جي خيالن ۾ احساس قائم رهڻ جو مطلب آهي ته اسين بنيادي طور خيالن ۾ احساس کان ئي واڪيفيل آهيون." اڄ گهڻن اسلامي ملڪن جي اها ساڳي حالت آهي. اهي هڪ ڪتل وانگر پراڻن قدرن کي ورجائي رهيا آهن، هوڏانهن ترڪ نون قدرن جي پيدا ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهن. دراصل ترڪ تمام وڏن وڏن تجربن منجهان گذريا آهن ۽ انهيءَ ڪري مٿن پنهنجي ذات جي اونهاين جو انڪشاف ٿيو آهي. هڪ طرف منجهن زندگيءَ جي چٽر پر، تبديل ۽ واڌ ويجهه نين خواهشن کي جنم ڏنو آهي ته ٻئي طرف انهيءَ ڪري هنن لاءِ نيون مشڪلاتون پڻ پيدا ٿيون آهن. مگر انهيءَ ساڳي صورتحال کين نئين تشريح ۽ تعبير طرف گامزن ڪيو آهي. بهرحال هن وقت سندن آڏو جيڪو سوال ڪنڙ ڪنيو بيٺو آهي، ۽ جيڪو ممڪن آهي ته مستقبل قريب ۾ پين مسلم ملڪن کي به پريشان ڪري؛ اهو هي آهي ته ڇا اسلامي قانون ارتقا جو متحمل آهي؟ هيءُ سوال جيتوڻيڪ وڏي ذهني ولوڙ گهري ٿو، پر ان جو جواب يقيناً هائوڪار ۾ آهي. البت شرط صرف اهو آهي ته اسلامي دنيا هن سوال ڏانهن حضرت عمر رضه وارو رويو اختيار ڪري! حضرت عمر اسلام جو پهريون آزادانه راءِ رکندڙ ناقدانه ذهن هيو، ۽ سندس اخلاقي جرئات جو اهو عالم هو جو آنحضرت صلعم جن جي آخري لمحات وقت به هي غير معمولي الفاظ چئي ڏنائين: "اسان جي لاءِ خدا جو ڪتاب ڪافي آهي."

اسين جديد اسلامي دنيا ۾ آزاد خيال تحريڪ جي دلي آجيان ڪريون ٿا، پر هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اسلامي تاريخ ۾ آزادانه نظريات جو اظهار لمحاتي فڪر بڻ آهي، پوءِ ته آزاد خياليءَ ۾ نفاق ۽ انتشار جي وڏي قوت پوشيده هوندي آهي ۽ هن وقت جڏهن اسلامي دنيا ۾ نسليت جو نظريو اڳي کان وڌيڪ، بلڪ پنهنجي پوري شدت سان ڪارفرما آهي، ان ڪري خطرو آهي ته مسلمانن منجهان اهو وسيع انساني نقطئه نظر ختم نه ٿي وڃي، جيڪو سندن مذهب کين عطا ڪيو آهي. ان کانسواءِ اهو پڻ ممڪن آهي ته اسانجا مذهبي ۽ سياسي مصلح، جنهن صورت ۾ سندن جوان فڪر تي ڪا پابندي عائد نه هوندي، آزاد خياليءَ جي جوش ۾ اڇي اصلاح جون مقرره حدون اورانگهي نه وڃن! دراصل اڄ اسين جنهن دور مان گذري رهيا آهيون اهو يورپ جي پروٽيسٽنٽ انقلاب جهڙو آهي. ان ڪري اسان کي ليوٿر تحريڪ جي آپرٽ ۽ ان جي نتيجن منجهان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. هونئن به تاريخ جو گهرو مطالعو ٻڌائي ٿو ته اصلاح جي اها تحريڪ بنيادي طور هڪ سياسي تحريڪ هئي. مگر يورپ ۾ ان جو نتيجو اهو نڪتو جو عيسائيت واري عالمگير اخلاقيات آهستي آهستي قومي اخلاقيات جي نظام ۾ تبديل ٿي وئي. هاڻي جيستائين قومي اخلاقيات جو تعلق آهي ته يورپ جي عالمگير جنگ ۾ ان جو نتيجو اسين پنهنجي اکين سان ڏسي چڪا آهيون. وري انهيءَ جنگ جي ڪري هن مختلف اخلاقي نظامن جو ڪو قابلِ عمل ميلاپ ته وجود ۾ ڪونه آيو، مورڳو يورپ جي صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وئي. لهٰذا موجوده دور ۾ اسلامي دنيا جي اڳواڻن جو فرض آهي ته يورپ ۾ جيڪي ڪجهه وهي واپري چڪو آهي، ان جي حقيقي معنيٰ کي سمجهن ۽ ان مان سبق حاصل ڪن. هنن کي ڪپي ته سڀ کان پهريائين اسلام جي سماجي پهلوءَ جا واضح مقاصد پنهنجي آڏو رکن، ۽ ان کانپوءِ خود ضابطگيءَ

جي جذبي سان اڳتي قدم وڌائڻ جي ڪوشش ڪن.

هن وقت تائين مون اوهانکي جديد اسلامي دنيا ۾ اجتهاد بابت ڊيفنڊڊ عملي ڪوششن سان گڏ، اجتهاد جي تاريخ بابت ڪجهه ٻڌايو آهي. هينئر اچو ته ڏسون ته اسلامي قانون جي تاريخ ۾ جوڙجڪ منجهان ان گهالهه جو ڪو اشارو ملي ٿو ته آيا، سندس اصولن جي نئين سر تشريح جو ڪو امڪان آهي يا نه؟ هن لفظن ۾ آءٌ اهو ساڳيو سوال اٺارڻ گهران ٿو ته ڇا اسلامي قانون واقعي ارتقا جو اهل آهي؟ هون يونيورسٽيءَ ۾ سامي هولين جي پروفيسر هارٽن (Horten) ڇ اسلامي الٰهيات ۽ فلسفي بابت ساڳيو سوال اٺاريو آهي. هو مسلمان مفڪرن جي خالص مذهبي فڪر جي جائزي کانپوءِ هيءَ راءِ قائم ڪري ٿو: اسلام جي تاريخ دراصل هن علحده قوتن جي تدريجي تعامل، توازن ۽ باهمي مطابقت جو نالو آهي. انهن هن قوتن مان هڪ طرف آريائي ڪلچر جو عنصر آهي ته ٻئي طرف سامي مذهب آهي، ليڪن اها هڪ اڻل حقيقت آهي ته مسلمانن پنهنجي مذهبي نقطئه نظر ۾ هميشه گردو پيش جي حالتن کي آڏو رکيو آهي ۽ اتان جي مقامي ڪلچر سان مطابقت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پروفيسر هارٽن جو چوڻ آهي ته رڳو ۸۰۰ع کان وٺي ۱۰۰۰ع تائين، اسلامي الٰهيات جا هڪ سؤ کن فڪري نظام وجود ۾ اچي چڪا هئا. هن حقيقت منجهان هڪ طرف اسلامي فڪر جي لچڪداريءَ جي خبر پوي ٿي ته ٻئي طرف شروعاتي عالمن جي اٽڪ ڪوشش جي پڻ ثابتي ملي ٿي. لهذا اسلامي ادب ۽ اسلامي فڪر جي گهري اپياس کانپوءِ، مٿيون مستشرق جيڪو اڄا حال حيات آهي، هيٺين نتيجي تي پهچي ٿو:

"دراصل اسلام جو روح ايترو ته وسيع آهي جو
ائين ڪٿي چئجي ته اهو عملي طور لامحدود آهي.

اڏوئي سبب آهي جو رگو ويد جي نظريي کانسواءِ گرد و پيش جي قومن جا تقريباً ٻيا سڀ قابلِ قدر افڪار منجهس سمائجي ويا آهن. وڏي ڳالهه تہ اسلام انهن نظرين جي پنهنجي مخصوص رنگ ۾ نشو و نما پڻ ڪئي آهي."

اسلام جو اهو جاذب روح قانون جي ميدان ۾ پاڻ زياده نمايان نظر اچي ٿو. اسلام جو ڊچ نقاد پروفيسر هرگرونجي (Hurgronje) چوي ٿو: "اسين جڏهن اسلامي قانون جي تاريخ جو مطالعو ڪريون ٿا، اسين ڏسون ٿا تہ ان طرف ابتدائي دور جا علماءَ ٽوري ٽوري ڳالهه تي هڪ ٻئي سٽان ڪفر جا الزام هڻن ٿا تہ، ٻئي طرف وري ساڳيا ئي ماڻهو هڪ وسيع اتحاد خاطر پنهنجي متقدمين جي تنازعن کي سلجهائڻ جي ڪوشش پڻ ڪن ٿا. هن سلسلي ۾ اسلام جي جديد مغربي نقادن جي ٻڌ اها راءِ آهي تہ ابتدائي دور جي فقيهن جي سخت قدامت پسنديءَ جي باوجود، نئين زندگيءَ جي آمد سان گڏ، اسلامي روح جي اندروني وسعت هڪ دفعو ضرور پنهنجو عملي مظاهرو ڪندي! مون کي يقين آهي تہ اسلامي قانون جي وسيع ذخيري جو گهرو مطالعو، جديد نقادن جي انهيءَ راءِ کي ب قائم رهڻ نہ ڏيندو تہ ڪو اسلامي قانون غير ترقي پذير ۽ اچل آهي. اها نهايت بدقسمتيءَ جي ڳالهه آهي جو هن ملڪ جا قدامت پرست مسلمان اڄا تائين فقہ تي تنقيدي تبصري ڪرڻ لاءِ تيار نهاهن. ۽ تہ امڪان آهي تہ انهن ڪرڻ سان گهڻا ماڻهو ناراض ٿي پون ۽ فرقيوارانہ تنازعات شدت اختيار ڪن. بهرحال آءٌ هن موضوع تي چند معروضات پيش ڪري جي جسارت ڪريان ٿو:

(۱) سڀ کان پهريائين اسان کي اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ شروعاتي دور کان وٺي تقريباً عباسين جي اقتدار ۾

اڃ تائين، مسلمانن وٽ قرآن پاڪ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ تحريري قانون موجود نہ هو.

(۲) پي اها گالهہ ڏيان ۾ رکڻ جوگي آهي تہ پهرئين صديءَ جي اڌ کان وڌي چوٿين صديءَ جي شروعات تائين، اسلامي دنيا ۾ موجود فقهي مذهبن جو گاڏيٽو ڪنهن بہ ريت اٽويهن کان گهٽ نہ هو. هڪ لحاظ کان صرف هيءَ گالهہ ئي ان حقيقت جو ڪافي ثبوت آهي تہ اسان جي علماءِ سلف، نئين قسم جي تمدني ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيڏي نہ مسلسل محنت ۽ جاکوڙ ڪئي آهي. هونئن بہ جئن جئن اسلامي فتوحات جو سلسلو ڦهلبو ويو تئن تئن اسلامي نقطئہ نظر ۾ ۽ وسعت ايندي وئي ۽ اڳتي هلي ان جو نتيجو اهو نڪتو جو فقيهہ حضرات ۾ قانوني مسئلن جو وسيع نظر سان جائزو وٺڻ لڳا. اهڙيءَ طرح هو اسلام ۾ داخل ٿيندڙ نون ماڻهن جي مقامي زندگيءَ جي حالتن ۽ سندن عادتن جو گهري نظر سان مطالعو ڪرڻ لڳا. اهو ئي سبب آهي جو هينئر جيڪڏهن ان وقت جي سياسي ۽ سماجي پس منظر کي آڏو رکي، انهن سڀني فقهي مذهبن جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ، تعبير ۽ تاويل جي ميدان ۾ فقيهہ حضرات دراصل استغرا جي طريقي جي بجاءِ استقرائي طريقو اختيار ڪري رهيا هئا.

(۳) ٻيون تہ جڏهن اسلامي قانون جي چئن مڃيل ماخذن جو جائزو وٺجي ٿو ۽ هن سلسلي ۾ پيدا ٿيل تنازعن جو پڻ گهرو مطالعو ڪجي ٿو، تڏهن انهن مذهبن طرفان اختيار ڪيل جُمود جو ڪو جواز نظر ڪونہ ٿو اچي. بلڪ اسلامي قانون جي مزيد ارتقا ۽ نشو و نما جا امڪان بلڪل واضح نظر اچن ٿا. هاڻي اچو تہ انهن چئن ماخذن تي مختصر طور روشني وجهون.

(الف) **قرآن :-** اسلامي قانون جو اولين ماخذ قرآن آهي.

تاهم قرآن قانوني ضابطن جو ڪتاب ناهي. بلڪ قرآن جو خاص مقصد جئن آڻ هن کان اڳ به چئي چڪو آهيان، انسان ۾ اها ساڃهه پيدا ڪرڻ آهي جنهن ذريعي هو هن ڪائنات سان ۽ خدا جي ذات سان، پنهنجي تعلق کي سمجهي سگهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته قرآن شريف قانوني نوعيت جا چند قاعدا ۽ اصول پيش ڪري ٿو، جيڪي خاص طور اسانجي سماجي زندگيءَ جي بنيادي ايڪي يعني خاندان يا ڪٽنب بابت آهن، ليڪن سوال پيدا ٿو ٿئي ته آخر اهي قاعدا هن الهامي ڪتاب ۾ ڇو ڏنل آهن، جنهن جو مقصود انسان جي اعليٰ زندگي آهي؟ ان سوال جو جواب دراصل عيسائيت جي تاريخ مان ملي ٿو، جو ته عيسائيت خود يهوديت جي قانون پرستيءَ خلاف شديد ردِ عمل طور وجود ۾ آئي هئي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته عيسائيت ڪ پي دنيا جو آدرش پيش ڪري، زندگيءَ کي روحانيت سان هم‌ڪنار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، مگر جيستائين انسان جي سماجي روابط جو تعلق آهي ته هن سلسلي ۾ عيسائيت ڪو بنيادي ڪردار ادا ڪري نه سگهي آهي. چنانچه نؤمن (Naumann) پنهنجي ڪتاب (Briefe ubre Religion) ۾ هيءَ راءِ قائم ڪري ٿو:

"دراصل قديم عيسائيت ۾ رياست، قانون، تنظيم ۽ پيداوار جهڙن مسئلن کي ڪا اهميت نه ڏني وئي آهي. بلڪ ائين ڪٽي چنجي ته انسان جي معاشرتي حالتن جو سڀ کان ذڪر ئي ڪونه ٿو ملي." آخر ۾ نؤمن هن نتيجي تي پهچي ٿو:
"ان ڪري اسان ۾ يا ته اها جرأت هجي جو اسين رياست کانسواءِ رهي سگهون، يعني چاڻي واڻي پاڻڪي انتشار جي حوالي ڪريون، يا وري اسان کي ڪپي ته پنهنجي مذهبي عقيدي سان گڏ وگڏ هڪ علحده سياسي عقيدو پڻ رکون." اهوئي سبب آهي جو قرآن شريف مذهب ۽ رياست، اخلاقيات ۽

سياست جي اتحاد کي قطعي طور لازمي قرار ڏنو آهي. تقريباً ساڳئي قسم جو نظريو افلاطون پنهنجي ڪتاب "ريپبلڪ" (Republic) ۾ اختيار ڪيو آهي.

بهرحال هن سلسلي ۾ اهم ۽ قابل توجه ڳالهه قرآن مجيد جو متحرڪ زاويئه نگاه آهي. هن نظريي جي اصليت ۽ تاريخ تي آءٌ هن کان اڳ پوريءَ ريت بحث ڪري چڪو آهيان. مطلب ڳالهه جو هي آهي ته اسلام جو پاڪ ڪتاب جڏهن ڏاڪ اڙي زاويئه نگاه جو حامل آهي ته اهو ارتقا جو مخالف ٿي نه ٿو سگهي. البت اسان کي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته زندگي محض تبديليءَ جو نالو به نامي ۽ نه وري زندگي کو ايڏي سادي سودي شيءِ آهي. دراصل زندگيءَ ۾ پنهنجي حفاظت ۽ سلامتيءَ جو عنصر پڻ ڪارفرما آهي. اهوئي سبب آهي جو جيتوڻيڪ انسان پنهنجي تخليقي عمل ۾ لطف اندوز ٿئي ٿو ۽ زندگيءَ جا نيت نوان رُخ پسي ڏو، پر پوءِ به جڏهن مٿس انڪشافِ ذات جو مرحلو اچي ٿو ته کيس ڏاڪ قسم جي بيچينيءَ جو احساس وکوڙي وڃي ٿو. مطلب ته انسان ماضيءَ کي يڪسر نظر انداز ڪري اڳتي قدم وڌائي نه ٿو سگهي ۽ خصوصاً اڙي لمحي تي جڏهن هو پنهنجي اندروني وسعتن کان به ڏاڪ قسم جو خوف محسوس ڪندو ڏجي. هونئن به انساني روح کي اڳتي وڌندي اڻڄاڻ قوتن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو جيڪي کيس مخالف ڏس ۾ گهلي وڃڻ گهرن ٿيون. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته زندگي پنهنجي پٺيءَ تي ماضيءَ جي بار سان گڏ اڳتي وڌي رهي آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جو ڪنهن به سماجي تبديليءَ ۽ قدامت پرستيءَ جي اهميت يا عمل دخل کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي، ان ڪري جديد عقليت پرستي کي گهرجي ته قرآني تعليمات جي انهيءَ جامعيت کي آڏو رکي، اسانجي موجوده ادارن جي پرک ڪري. دنيا جي ڪابه قوم پنهنجي ماضيءَ کي

مڪمل طور زد ڪري نہ ٿي سگھي، ڇو تہ اهو ماضي ٿي آهي جيڪو سندس شخصيت جي تعمير ڪري ٿو. ليڪن جيستائين اسلامي معاشري ۾ موجود پراڻن ادارن جي نئين سر جائزي وارو مسئلو آهي تہ اهو هڪ لحاظ کان وڌيڪ نازڪ آهي، ۽ اهو ئي سبب آهي جو هڪ مصلح جي ذميواري پاڻ وڌي وڃي ٿي. هتي اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ اسلام ڪنهن بہ صورت ۾ جاگرافيائي حدن جو قائل ناهي، بلڪ اسلام جو مقصد انسانيت جي آخري اتحاد لاءِ هڪ آدرشي نمونو فراهم ڪرڻ آهي. اهو ئي سبب آهي جو مختلف ۽ برسر پيڪار نسلن سان تعلق رکندڙ ماڻهو بہ جڏهن اسلام ۾ داخل ٿين ٿا، تہ اسلام انهن جڙوچڙ فردن کي بہ هڪ واحد امت ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو ۽ کين پنهنجو ذاتي شعور بخشي ٿو. جيتوڻيڪ هي تمام وڏو ڪم آهي ۽ ان جي تڪميل کا سولي ڳالهہ ناهي. پر هيءَ حقيقت آهي تہ اسلام پنهنجي منظم ادارن جي مدد سان مختلف قسم جي ماڻهن ۾، ان قسم جو اجتماعي شعور ۽ ان قسم جي اجتماعي خواهش پيدا ڪرڻ ۾ گهٽي حد تائين ڪامياب ويو آهي. دراصل اهڙي معاشري جي ارتقا ۾ معمولي سماجي قاعدن جهڙوڪ ڪائڻ پيئڻ ۽ پاڪائي نا پاڪائي وغيره جي طور طريقن کي بہ وڏي اهميت حاصل هوندي آهي. اهوان ڪري ڇاڪاڻ جوانهن ڳالهين جي ڪري معاشري ۾ هڪ قسم جي مخصوص اندروني ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي. ان کانسواءِ اهو ان ڪري بہ ضروري ٿيو پوي تہ جئن معاشري جي ظاهري ۽ باطني يڪسانيت کي برقرار رکي سگهجي، ۽ انهن انتشار ڦهلائيندڙ قوتن جو سدّ باب ڪري سگهجي، جيڪي اهڙي مرڪب معاشري ۾ مخفي طور موجود هونديون آهن. لهٰذا انهن ادارن تي تنقيد ڪرڻ کان اڳ، نقاد حضرات کي ڪپي تہ اسلام جي سماجي تجربي بابت چڱيءَ طرح آگاهي حاصل ڪن، ۽ ان جي حقيقي منشا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. هونئن بہ انهن ادارن جي جوڙ جڪ انهيءَ لحاظ کان ڏسڻ نہ ڪپي تہ

ڪنهن خاص ملڪ ڪي ڪيترو سماجي فائدو يا نقصان پهتو آهي، بلڪ اهو ڏسڻ گهرجي تہ انهن ڪرڻ سان بني نوع انسان جي زندگيءَ جو ڪهڙو عظيم مقصد پورو ٿي رهيو آهي!

هاڻي جڏهن اسين قرآن شريف طرفان فراهم ڪيل بنيادي قانوني اصولن جو جائزو وٺون ٿا تہ، اسا ڳالهہ وڌيڪ واضح ٿي پوي ٿي تہ هن سلسلي ۾ قرآن شريف جو مقصد، انسان جي فڪري ۽ قانوني سرگرمين تي ڪا رڪاوٽ قائم ڪرڻ ناهي، بلڪ غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ انهن اصولن جي اندروني وسعت انساني فڪر کي جيلا بخشڻ لاءِ ڪافي آهي. اهوئي سبب آهي جو ابتدائي دور جي فقيهن ان ڳالهہ جو پورو پورو فائدو ورتو ۽ انهن ٿي بنيادي اصولن جي آڌار تي ڪيترا فقهي مذاهب قائم ڪيائون. اسلامي تاريخ جا شاگرد اها ڳالهہ پلي‌ءَ پَٽ چاڻن ٿا تہ جيستائين سياسي ۽ سماجي ميدان ۾ اسلام جي ڪاميابيءَ جو تعلق آهي، تہ ان لاءِ انهن چئي سگهجي ٿو تہ ان جو اڌ حصو فقيهہ حضرات جي قانوني ذهانت جو مرهونِ منت آهي. هن سلسلي ۾ وان ڪريمر (Von Kremer) جو چوڻ آهي:

"رومين ڪاٿوهہ، عربن ڪانسواهہ پي ڪابہ اهڙي قوم ناهي جيڪا ان ڳالهہ جي دعويٰ ڪري سگهي تہ وٽن پنهنجو هڪ مخصوص ۽ وڏي محنت سان تيار ڪيل قانوني نظام موجود آهي."

بهرحال چا ۾ هجي، اهي فقهي مذاهب ڪڏهن ۾ ڪٿي جامع هجن، پر آخرڪار اهي ذاتي يا انفرادي تشريح و تعبير جو نتيجو آهن، ۽ انهيءَ ڪري حتميت جي دعويٰ ڪري نٿا سگهن. جيتوڻيڪ ڪيترا علماء سڳورا اسلامي فقہ جي مشهور مذهبن بابت قطعيت جي دعويٰ ڪن ٿا، مگر پوءِ ۾ هو اجتهاد جي نظرياتي

امکان کي ڪڏهن رد ڪري نه سگهيا آهن. آڳ هن کان اڳ انهن اسبابن جو تجزيو پيش ڪري چڪو آهيان جيڪي انهيءَ رجحان لاءِ ذميوار آهن. مگر هاڻي حالتن ۾ وڏي تبديلي اچي چڪي آهي، ۽ اسلامي دنيا اڄ اهڙين قوتن کان متاثر ٿي رهي آهي، جيڪي انساني فڪر جي غير معمولي نشوونما جو باعث بڻ آهن، ان ڪري ماڻ نه ٿو سمجهان ته انهيءَ رجحان کي ايڏا وڏيڪ قائم رهڻ گهرجي. سوال اهو آهي ته ڇا فقہ جي بانين پاڻ ڪڏهن پنهنجي استدلال ۽ تشريح کي حرف آخر قرار ڏنو؟ ڪڏهن به نه! لهٰذا منهنجو خيال آهي ته اڄ جو آزاد خيال مسلمان، جيڪڏهن جديد زندگيءَ جي بدليل حالتن ۽ تجربن جي روشنيءَ ۾ اها دعويٰ ڪري ٿو ته ڪيس فقہ جي بنيادي اصولن جي نئين سر تشريح جو حق پهچي ٿو ته اٿين ڪرڻ ۾ هو حق بجانب آهي.

قرآن شريف جي تعليمات مطابق جئن ته زندگي ترقي پذير تخليقي عمل آهي، تنهن ڪري هر نسل کي پنهنجن مسئلن حل ڪرڻ جو حق آهي. انهيءَ لاءِ کين پنهنجن وڏن جي ڪاوش منجهان پڻ رهنمائي حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي رندڪ سمجهڻ نه گهرجي.

هتي شايد اوهين ترڪيءَ جي شاعر ضيا جو ذڪر چيڙيو. توهين شايد اهو به چئو ته عورت ۽ مرد جي معاملي ۾ جنهن مساوات جي هو گهر ڪري ٿو، ۽ سا به خصوصاً طلاق، خلع ۽ وراثت جي معاملي ۾، ڇا اها اسلامي قانون تحت ممڪن آهي؟ ماڻ نٿو سمجهان ته ترڪيءَ ۾ عورت جي بيداريءَ کي اهڙا مطالبا پيدا ڪيا آهن، جن جو پورائو اسلام جي بنيادي اصولن جي نئين سر تشريح کانسواءِ نه ٿو ڪري سگهجي! اسان کي خبر آهي ته پنجاب ۾ ڪيترا اهڙا واقعا ٿيا هوندا جو ڪيترين مسلمان عورتون جيڪي پنهنجي غلط قسم جي مڙسن کان ڇوٽڪارو

حاصل ڪري نہ ٿيون سگھن، اهي مجبورًا مذهب کان انحراف جو رستو اختيار ڪن ٿيون. ڇا اسلام جهڙي تبليغي ۽ مشنري روح واري مذهب جي خلاف ان کان وڌيڪ ڪا ٻي گالهہ ٿي سگھي ٿي؟

هن سلسلي ۾ اسپين جي مشهور فقيہ امام شاطبيؒ جي راءِ نهايت معنيٰ خيز آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب "الموافقات" ۾ لکيو آهي تہ اسلامي قانون جو دراصل مقصد پنجن گالهين يعني دين، نفس، عقل، مال ۽ نسل جو تحفظ ڪرڻ آهي. هاڻي شاطبيؒ جي ان راءِ کي ڪسوٽي ٻڌائي آڻ اهو ٻڌڻ جي جُرات ڪريان ٿو تہ، ڇا هدايہ ۾ ارتداد کان ٻڌڻ لاءِ جن قانوني تحفظات جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي هن ملڪ ۾ مذهب جي مفاد لاءِ ڪافي آهن؟ هندوستاني مسلمانن جي انتهائي قدامت پسنديءَ جي ڪري، هتان جا مفتي ان کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڪري نٿا سگھن تہ، هو اڌڻ ڪتابن سان چُهٽيا پيا هجن جن کي معياري ۽ مستند سمجهيو وڃي ٿو. مگر ان صورتحال جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو قوم اڳتي وڌي رهي آهي، پر قانون اتي جو اتي ٻيٺو آهي.

باقي جيستائين ترڪيءَ جي شاعر طرفان مرد ۽ عورت جي وچ ۾ مساوات قائم ڪرڻ جو سوال آهي، سان سمجهان ٿو تہ هو اسلام جي عائلي قوانين کان چڱيءَ طرح واقف ڪونهي. ان کانسواءِ ائين ٿو لڳي تہ هو وراثت بابت قرآني قانون جي اقتصادي اهميت کي ٻہ سمجهي نہ سگهيو آهي. اسلامي قانون مطابق شادي هڪ معاشرتي معاهدو آهي. ان ڪري شاديءَ وقت عورت پنهنجي طرفان اهڙا شرط رکي سگھي ٿي جو هوءَ مرد کان طلاق جو حق پاڻ ڏانهن منتقل ڪري، ۽ اهڙيءَ طرح هوءَ مڙس سان طلاق جي سلسلي ۾ برابري حاصل ڪري سگھي ٿي. ساڳيءَ طرح وراثت جي قانون بابت شاعر موصوف جي تجويز ڪيل اصلاح ۾ غلط فهميءَ تي مبني آهي. ڇو تہ جيڪڏهن وراثت

جي قانون موجب عورت ۽ مرد جي حصن ۾ اڻ برابري آهي تہ انجو مطلب اهو ڪونهي تہ ڪو مرد ڪي عورت تي فوقيت ڏني وئي آهي. در اصل اهڙو ڪوبہ مفروضو اسلامي تعليمات جي بلڪل اُبتڙ آهي. قرآن تہ چوي ٿو:

ولهن مثل الذي عليهن (٢: ٢٢٨)

"عورتن جا مردن تي اهڙائي حق آهن،
جهڙا مردن جا عورتن تي آهن."

لهٰذا ڏيءَ جو حصو انهيءَ ڪري گهٽ مقرر نہ ڪيو ويو آهي تہ ڪو هوءُ فطرتي طور گهٽ آهي، بلڪ ائين ڪرڻ دوران سندس پنهنجي اقتصادي فائدن کي ۾ مدِ نظر رکيو ويو آهي. ازانسواءِ هن سلسلي ۾ سندس سماجي حيثيت جو ۾ خاص خيال رکيو ويو آهي. اها گهالهہ شاعر پاڻ ۾ تسليم ڪري ٿو تہ دولت جي تقسيم ۾ وراثت هڪ اڪيلو جُز نہ آهي، بلڪ ساڳئي سماجي مقصد لاءِ ڪم ڪندڙ ٻين جُزن منجهان هڪ جُزو آهي. هونئن ۾ ڏٺو وڃي تہ هڪ طرف ڏيءَ، پيءَ طرفان ملهل حصي جي وارث آهي، تہ ٻئي طرف مڙس طرفان شاديءَ وقت ملهل ملڪيت جي مالڪ پڻ آهي. ڪيس متهَر جي سلسلي ۾ ۾ پورو اختيار ڏنو ويو آهي تہ هوءَ مؤجّل قسم جو مهر قبول ڪري يا متعجّل، ۽ وري جيڪڏهن مڙس مهر ادا نہ ڪري تہ هوءَ مڙس جي پوري ملڪيت تي قابض پڻ رهي سگهي ٿي. اسلام ان گهالهہ تي بس ڪونہ ٿو ڪري، بلڪ سندس پوري زندگيءَ جي ڪفالت ۾ سندس مڙس جي ذميواري قرار ڏئي ٿو. هاڻي انهيءَ لحاظ کان جيڪڏهن توهين وراثت جي قانون جو جائزو وٺندا، تہ توهان کي معلوم ٿيندو تہ اسلام ڏيءَ ۽ پٽ جي اقتصادي ٻيهڪ ۾ ڪو فرق روا نہ رکيو آهي. بلڪ درحقيقت اسلامي قانون جو مقصد آهي تہ حصن جي ظاهري اڻ برابريءَ ذريعي

سندن وچ ۾ برابريءَ کي قائم رکيو وڃي، ۽ ترڪ شاعر ۽ ان گالهه جو مطالبو ڪيو آهي. سچ پچ ته قرآن مجيد جو قانون وراثت، جنهن کي وان ڪريمر اسلامي قانون ۾ سڀ کان آخر درجو ڏئي ٿو، اڄا تائين مسلمان قانوندانن جي پوري توجه جو مرڪز بڻجي نه سگهيو آهي. بهرحال جديد معاشري ۾ ڦهلجندڙ سخت طبقاتي جنگ جي تقاضا آهي ته اسان کي هن طرف به پورو پورو توجه ڏيڻ کپي. اسان کي گهرجي ته جديد معاشي زندگيءَ ۾ ايندڙ اٿل ڦر انقلاب کي پيش نظر رکي، اسلامي قوانين جو نئين سر مطالعو ڪريون، ۽ جو ته انهن کي ڪڙ سان ممڪن آهي ته اسين اصولن جي ڪن اهڙن نظر انداز ٿيل پهلوئن جو انڪشاف ڪري وڃون، جو انهن اصولن ۾ اسان جو ايمان اڳي کان اڳرو ٿي پوي.

(ب) **حديث**: اسلامي قانون جو ٻيو بنيادي ماخذ احاديث نبوي آهن. مگر اها به حقيقت آهي ته حديثون هر زماني ۾ شديد اختلافي موضوع اڻ رهيون آهن. جديد نقادن منجهان پروفيسر گولڊزيهر (*Goldzieher*) تاريخي تنقيد جي جديد اصولن جي روشنيءَ ۾ حديثن جي پرک ڪئي آهي، ۽ هو ان نتيجي تي پهتو آهي ته حديثون مجموعي طور ناقابل اعتبار آهن. ليڪن هڪ ٻيو مغربي محقق حديثن جي صحيح ۽ غلط هجڻ بابت، اسان مسلمانن جي مقرر ڪيل طريقن، ۽ هن سلسلي ۾ امڪاني غلطين جي نشاندهي ڪرڻ کانپوءِ، هيٺين راءِ قائم ڪري ٿو:

> "آخر ۾ ايترو ضرور چئبو ته هن وقت تائين اسان جن خيالات جو ذڪر ڪيو آهي، انهن جو تعلق صرف نظري امڪانات سان آهي. باقي اهو سوال ته اهي امڪان ڪيتريقدر حقيقت جو روپ وٺي سگهيا، ان جو سمورو دارومدار ان گالهه تي آهي ته ان وقت جي

حالتن انهن امڪانن سنجهان فائدي وٺڻ جو
ڪيترو موقعو فراهم ڪيو. مگر ان ۾ ڪو
شڪ ناهي ته ائين تمام ٿورن موقعن تي
ٿيو هوندو ۽ چئي سگهجي ٿو ته سنت يعني
احاديث جو تمام ٿورو حصو متاثر ٿيو هوندو.
تنهنڪري اسين بجا طور اها راءِ قائم ڪري
سگهون ٿا ته حديثن جو وڏو حصو جنهن
کي مسلمانن قانون جو درجو ڏنو آهي،
اسلام جي ابتدائي اوسر ۽ واڌاري جو سچو
۽ صحيح رڪارڊ آهي."

(اسلام جا مالياتي نظريات)

بهرحال جيستائين اجتهاد جو تعلق آهي ته في الحال اسان کي قانوني نوعيت وارين حديثن کي ڇڏي عام حديثن کان الڳ ڪرڻو پوندو. وري ان قسم جي حديثن ۾ اهو سوال وڏي اهميت ٿو رکي ته منجهن ڪيتريقدر، اسلام کان اڳ واريون عربي رسمون سمايل آهن؟ يا ڪيتري قدر انهن کي برقرار رکيو ويو آهي يا نبي اڪرم صلعم جن انهن ۾ ڪيتريقدر تبديلي ڪئي هئي؟ مگر اها ڪوجنا سخت ڏکي پڻ آهي، ڇو ته اسان جي ابتدائي دور جي عالمن اسلام کان اڳ واريون رسمن جو ڳهڻو ڪري ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح اسان لاءِ انهن رسمن جو سراغ لڳائڻ به ممڪن نہ رهيو آهي جن بابت حضور صلعم جن خاموشي اختيار ڪئي هئي يا منظوري ڏني هئي؛ وري خاص طور ان لحاظ کان ته انهن جي استعمال کي عالمگير بنائڻ مقصود هو يا نہ؟ شاه ولي الله دهلوي هن موضوع تي ڪافي روشني وڌي آهي ۽ هتي آءٌ سندس خيالات جو ماحصل پيش ڪريان ٿو. شاه ولي الله جي راءِ آهي ته نبين جي تعليمات جو عام طريقو اهو آهي ته، هر نبيءَ جي شريعت ۾ سندس قوم جي عادتن،

طور طريقن ۾ خصوصيتن جو خاص خيال رکيو ويندو آهي، جنهن قوم ڏانهن کيس موڪليو ويندو آهي. پر هڪ اهڙو نبي جنهن جو مقصد همه گير يعني هرهنڌ لاڳو ٿيندڙ اصول وضع ڪرڻ آهي، ائين ڪري نه ٿو سگهي؛ چاڪاڻ جو اهو هن لاءِ ممڪن ناهي ته هو مختلف قومن لاءِ مختلف اصول ٻڌائي، يا کين پنهنجي لاءِ پاڻ اصولن بنائڻ جي اجازت ڏئي. ان ڪري هن جو طريقو اهو ٿي سگهي ٿو ته هو کنهن خاص قوم جي تربيت ڪرڻ کانپوءِ، ان کي هڪ عالمگير شريعت جي تشڪيل لاءِ مثال طور پيش ڪري. يعني هو پهريائين اهڙن اصولن تي زور ڏئي ٿو، جيڪي پوري بني نوع انسان جي سماجي زندگيءَ ۾ ڪارفرما آهن، تنهن کانپوءِ هو انهن اصولن کي انهيءَ قوم جي مخصوص عادتن مطابق ۽ موقعي جي مناسبت سان مٿن نافذ ڪري ٿو، ۽ اهڙيءَ طرح نافذ ٿيندڙ شرعي احڪام مثلاً (تعزيرات) وغيره هڪ لحاظ کان انهيءَ قوم لاءِ مخصوص ٿين ٿا. ازانسواءِ جئن ته انهن جو نفاذ بذات خود کو مقصد نه هوندو آهي، تنهن ڪري ايندڙ نسلن مٿان ٻڌ اهي سختيءَ سان نافذ ڪري نه ٿا سگهجن. شايد اهوئي سبب آهي جو امام ابوحنيفہ، جنهن کي اسلام جي عالمگير ڪردار بابت تمام گهڻي بصيرت حاصل هئي، تنهن عملي طور اهڙين حديثن جو استعمال نه ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح "استحسان" يعني "فقهي ترجيح" واري اصول کي متعارف ڪرائڻ جو سهرو به سندس سر تي آهي، جنهن جو مطلب آهي ته کنهن به قانوني مسئلي حل ڪرڻ وقت اصلي حالتن جو ٻڌ خبرداريءَ سان جائزو ورتو وڃي.

هاڻي ان حقيقت منجهان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اسلامي قانون جي هن ٻئي بنيادي ماخذ بابت امام ابوحنيفہ جو ڪهڙو خيال هو ۽ ان جا ڪهڙا اسباب هئا. باقي اهو چوڻ ته امام ابوحنيفہ حديثن جو استعمال ان ڪري نه ڪيو، چاڪاڻ

جو هن جي ڏينهن ۾ حديثن جو کو باقاعده مجموعو موجود نہ هو، سو اها گاله، غلط آهي. ڇو ته عبدالمالک ۽ زهري جا مجموعا درحقيقت امام صاحب جي وفات کان گهڻا ۾ گهٽ ڏيهه سال اڳ تيار ٿي چڪا هئا. پر سمجهو ته اهي مجموعا هن نالين کونہ پهتا يا انهن ۾ فقهي موضوع واريون حديثون موجود کونہ هيون، اهڙيءَ صورت ۾ جيڪڏهن امام صاحب ضروري سمجهي ها ته امام مالک ۽ امام احمد بن حنبل وانگر پنهنجو مجموعو تيار کري سگهي ها!

لهٰذا منهنجي خيال ۾ مجموعي طور امام موصوف جو فقهي حديثن ڏانهن ٿيون رجحان بلکل جائز ۽ درست هو. هاڻي جيڪڏهن اجتهاد جي آزاديءَ جا قائل، حديثن کي بي دريغ ۽ بنا تنقيد اسلامي قانون جي ٻئي ماخذ طور استعمال کرڻ لاءِ تيار ناهن، ته مان سمجهان ٿو هو کا نئين گاله کونہ ٿا کن، بلک اڻين کرڻ سان اهل سنت جي هڪ وڏي امام يعني ابو حنيفہ جي تقليد کري رهيا آهن. بهرحال هن سلسلي ۾ محدثن اسلام جي جيکا وڏي ۾ وڏي خدمت سرانجام ڏني آهي ۽ جنهنجو انکار کري نہ ٿو سگهجي، سا اها آهي ته هنن اهڙيءَ طرح مجرد غور و فکر جي رجحان کي روکيو آهي، ۽ انجي بجاءِ هر مسئلي کي پنهنجي اصلي صورت ۾ پيش کرڻ جي هر ممکن کوشش کئي آهي. ان کري حديثن جو وڌيڪ گهرو مطالعو ۽ وري خاص طور جنهن نموني ۾ نبي اکرم صلعم جن ٻاڻ وحيءَ جي تشريح کئي. هن سلسلي ۾ جيڪڏهن انهيءَ روح کي مدنظر رکيو وڃي ته جيکر قرآن شريف طرفان بيان کيل قانوني اصولن جي صحيح قدر و قيمت سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملي سگهي ٿي. هتي اها گاله ياد رکڻ گهرجي ته اسان حديثن جي صحيح قدر و قيمت ۽ مڪمل ڄاڻ وسيلي ئي اسلامي قانون جي بنيادي اصولن جي نئين سر تشريح ۽ تعبير کري سگهون ٿا.

اجماع: اسلامي قانون جو ڏيون ماخذ اجماع آهي ۽ منهنجي خيال مطابق اسلامي قانون جو اهم ترين تصور آهي. پر اها عجب گهالهه آهي ته اسلامي قانون جو ايڏو اهم تصور، جنهن شروعاتي دور ۾ وڏن عالمانه بحثن کي جنم ڏنو؛ اڄڪلهه هلي محض هڪ رسمي خيال بڻجي ويو، ۽ تمام ورلي ڪنهن اسلامي ملڪ اندر هڪ اداري جي صورت اختيار ڪري سگهيو! شايد انهيءَ ڪري جو چوڏين خليفي کان جلدي پوءِ، اجماع کي هڪ دائمي قانون ساز اداري جي حيثيت ڏيڻ، انهيءَ وقت جي مطلق العنان حاڪمن جي سياسي مفاد وڃڻ نه هو. ان سمجهاڻ ڏو آموي ۽ عباسي خليفن جي زياده مفاد وڃڻ اها گهالهه هئي ته هو اجتهاد جي قوت کي چند فردن تائين محدود رکن، بجاءِ ان جي ته هو هڪ مستقل اسيمبليءَ کي وجود ۾ آڻين، جو ته ممڪن هو ته اها اسيمبلي ڪانئن وڌيڪ طاقتور ٿي پوي!

بهرحال اها گهالهه انتهائي اطمينان بخش آهي ته جديد اسلامي ذهن ۾، هڪ ته نئين دنيا ۾ اپرندڙ قوتن جي ڪري، ۽ ٻيو ته مغربي قومن جي سياسي تجربي ڪري؛ جيڪي اثرات مرتب ٿي رهيا آهن، انهن جي ڪري مٿس اجماع جو صحيح قدر و قيمت ۽ اصل امڪان واضح ٿيندا وڃن ٿا. اهوئي سبب آهي جو اسلامي ملڪن ۾ قانون ساز اسيمبلين جو وجود ۾ اچڻ ۽ جمهوري روح جي نشوونما، ترقيءَ طرف اهم قدم ليکي سگهجن ٿا. اڄڪلهه هلي انجو نتيجو اهو نڪرندو جو اجتهاد جو حق ڪنهن هڪڙي مذهب جي مجتهد تائين محدود نه رهندو، بلڪ اهو حق پوري اسيمبليءَ ڏانهن منتقل ٿي ويندو. هونئن به موجوده دور ۾ جڏهن مسلمان مخالف فرقن ۾ ورهايل آهن، اجماع جي اهائي هڪ ممڪن صورت آهي. ان کانسواءِ ائين ڪرڻ سان اهو پڻ ممڪن ٿي پوندو ته هڪ عام ماڻهو به اهڙن قانوني مسئلن تي اظهار راءِ ڪري سگهندو. مطلب ته اهڙيءَ طرح اسين پنهنجي وياڪل

قانوني نظام ۾ نئون روح ڦوڪي سگهون ٿا ۽ ڪيس ارتقا پذير بڻائي سگهون ٿا. هندوستان ۾ بهرحال مشڪلاتن پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي، ڇو ته سوال پيدا ٿو ٿئي ته آخر هڪ غير مسلم قانون ساز اسمبلي، ڪهڙيءَ طرح اجتهاد جو حق استعمال ڪري سگهي ٿي ؟!

آخر ۾ اجماع بابت هڪ ٻن سوالن جي وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. پهريون ته ڇا اجماع قرآن کي رد ڪري سگهي ٿو؟ جيتوڻيڪ هڪ مسلمان جي آڏو هي سوال ڪرڻ فضول آهي، پر آءٌ هتي انجو جواب ڏيڻ ان ڪري ضروري ٿو سمجهان جو هڪ مغربي نقاد پنهنجي ڪتاب "اسلام جا مالياتي نظريات" ۾ سخت غلط بياني ڪان ڪم ورتو آهي. اهو ڪتاب ڪولمبيا يونيورسٽي وارن طرفان ڇپرايو ويو آهي. مذڪوره ڪتاب جو مصنف ڪنهن معتبر حوالي ڏيڻ کانسواءِ چوي ٿو ته ڪي حنفي ۽ معتزلي عالم ان راءِ جا آهن ته اجماع قرآن کي رد ڪري سگهي ٿو، حالانڪ اسلامي فقه ۾ اهڙي ڳالهه جو ذري برابر امڪان ڪونهي، ۽ نه وري ڪنهن حديث منجهان اهڙو ڪو اشارو ملي ٿو. ماڻ سمجهان ٿو ته مصنف کي اها غلط فهمي شروعاتي فقيهن جي تصنيفات ۾ ملندڙ "ناسخ و منسوخ" جي بحث منجهان لاحق ٿي آهي. هن سلسلي ۾ امام شاطبي "الموافقات" جي جلد ڏهين جي صفحي ٦٥ تي ان ڳالهه جي وضاحت ڪندي لکي ٿو:

"اجماعِ صحابه جي نسبت سان انهيءَ اصطلاح
جو مطلب قرآن جي ڪنهن قانوني حڪم
کي محدود يا وسيع ڪرڻ جو اختيار آهي."

باقي انجو مطلب اهو ناهي ته قرآن جي قانون کي ڪنهن ٻئي اصول يا قاعدي سان بدلائي سگهجي ٿو يا ان کي فوقيت

ڏئي سگهجي ٿي. وري جيستائين اڏڻي اختيار کي استعمال ڪرڻ جو تعلق آهي تہ آمضي چوي ٿو، صحابہ کي ضرور اڏڻي شرعي حڪم کان واقفيت هوندي، جنهن تحت هو ڪنهن قانون کي محدود يا وسيع ڪري سگهندا هئا. آمضي، شافعي مذهب جو مڃيل فقيہ ٿي گذريو آهي. هن ستين صديءَ جي وچ ڌاري وفات ڪئي ۽ سندس تصنيفون تازو مصر مان شايع ٿيون آهن.

بهرحال اصل سوال هي آهي تہ جيڪڏهن صحابہ، ڪنهن مسئلي بابت اتفاق راءِ سان فيصلو ڏنو آهي، تہ پوءِ ڇا ايندڙ نسل ۾ سندن فيصلي جا پابند آهن؟ شوڪاني هن ڳالهہ تي چگيءَ ريت بحث ڪيو آهي ۽ هن سلسلي ۾ ٻن فقيهن جو نقطئہ نظر ۾ پيش ڪيو اٿس. منهنجي پنهنجي راءِ آهي تہ هن سلسلي ۾ ڪنهن بہ مسئلي بابت فيصلي ڪرڻ وقت، اهو امتياز قائم ڪرڻ لازمي ٿيندو تہ ڪهڙي مسئلي جو تعلق "حقيقت" سان آهي ۽ ڪهڙي مسئلي جو تعلق محض قانون سان آهي. جيستائين "حقيقت" سان لاڳاپيل مسئلي جو تعلق آهي تہ ان جو مثال "معوذتين" آهي. سوال هو تہ اهي ۾ ننڍڙيون سورتون قرآن مجيد جو حصو آهن يا نہ؟ صحابہ ڪرام جي متفق راءِ مطابق تہ آهن انڪري اڄ اسين انهن جي فيصلي جا پابند آهيون. ظاهر آهي تہ اهي ٻئي ان حيثيت ۾ هئا تہ ڪين انهيءَ حقيقت جي ڄاڻ هجي. باقي جيستائين قانوني مسئلن جو تعلق آهي تہ انهن جو واسطو دراصل تشريح ۽ تعبير سان آهي. لهٰذا سان انهيءَ ڳالهہ ڇوٽ جي جرأت ڪريان ٿو ۽ ڪرخي پڻ راءِ جو آهي تہ، پويان نسل صحابہ جي اهڙن فيصلن جا پابند ناهن. ڪرخي جي راءِ آهي:

> "صحابہ جي پيروي انهن معاملن ۾ لازمي آهي جتي قياس جو استعمال نہ ٿو ڪري سگهجي، پر اهڙي هنڌ جتي قياس جو استعمال ٿي سگهي ٿو، اتي ائين ڪرڻ ضروري ناهي."

هتي هڪ ٻيو سوال جديد اسيمبلين جي قانون سازيءَ بابت پڇي سگهجي ٿو. اهو هي ته اهڙين اسيمبلين ۾ اڪثريت گهٽو ڪري اهڙن ماڻهن جي هوندي، جيڪي اسلامي قانون جي باريڪين کان واقف نه هوندا. انڪري امڪان آهي ته انهن جا ارڪان قانون جي تشريح ۾ سخت غلطيون ڪري وجهن. هاڻي سوال پيدا ٿو ٿئي ته اهڙين تشريحي غلطين جي امڪان کي گهڙيءَ ريت ختم ڪري سگهجي ٿو يا گهٽائي سگهجي ٿو. هن سلسلي ۾ اها ڳالهه ياد رکڻ جوگي آهي ته ايران جي ١٩٠٦ع واري دستور تحت اهڙن ٻرڪ مذهبي عالمن تي مشتمل هڪ جدا ڪاميٽي ٺاهي وئي هئي، جيڪي دنيوي معاملات ۾ پڻ ماهر سمجهيا ٿي ويا، ۽ اها ڳالهه پڻ هنن جي ذمي ڪئي وئي هئي ته قانون ساز مجلس جي عمل تي نگاه رکن. جيتوڻيڪ هي تمام خطرناڪ بندوبست هو پر مان سمجهان ٿو ايران جي آئيني نظريات جي پيش نظر اهو طريقو اختيار ڪرڻ لازمي هو. جيتريقدر مون کي خبر آهي ته انهيءَ نظريي مطابق حڪومت دراصل امام غائب جو حق آهي ۽ بادشاه ان جو محض رکوالو يا حفاظت ڪندڙ آهي، ۽ علماءَ جئن ته امام جا نمائندا يا نائب آهن، انڪري ڪين پوري معاشري جي نگهباڻي جو حق پهچي ٿو. هتي مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته سلسلهٔ امامت جي عدم موجودگيءَ ۾ هو امام جي نمائندگيءَ جي ڪهڙيءَ ريت دعويٰ ڪري سگهن ٿا. بهرحال ايرانين جو آئيني نظريو ڪهڙو به هجي پر مٿيون بندوبست انتهائي خطرناڪ آهي، ۽ جيڪڏهن هروپرو ضرورت پٽجي وڃي ته سُني ملڪن اندر اهو طريقو وڌ ۾ وڌ هڪ عارضي آپاءَ طور اختيار ڪري سگهجي ٿو.

حقيقت اها آهي ته مسلم قانون ساز اسيمبليءَ جو وڏو حصو علمائن تي مشتمل هڻڻ گهرجي جيڪي ڪنهن قانوني مسئلي تي نه صرف آزادانه بحث جو آغاز ڪري سگهن بلڪ هن سلسلي ۾

ضروري رهنمائي ۾ ڪري سگهن. باقي جيستائين اسلامي شريعت جي غلط تشريحات جو سوال آهي، تہ انهيءَ امڪان کي گهٽائڻ جو مؤثر طريقو اسلامي ملڪن ۾ قانون يعني فقہ جي تعليم ۽ وڏي پيماني تي سڌاري آڻڻ سان ئي ٿي سگهي ٿو. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ فقہ جي تعليم جو دائرو وسيع ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ جديد اصول قانون (Jurisprudence) جو گهري نظر سان اڀياس ڪيو وڃي.

(ج) **قياس:** فقہ جو چوٿون ماخذ قياس آهي ۽ ان جو مطلب آهي تہ قانون سازيءَ جي عمل دوران مشابهتن جي آڌار تي استدلال. معلوم ٿو ٿئي تہ جڏهن مفتوح ملڪن جي زرعي ۽ سماجي حالتن سان حنفي عالمن جو واسطو پيو، تڏهن کين اهو احساس ٿيو تہ انهن ملڪن جي مسئلن حل ڪرڻ لاءِ احاديث نبوي منجهان ڪا خاص رهنمائي ڪونہ ٿي ملي، جنهن ڪري هنن لاءِ سواءِ ان جي پيو ڪو چارو نہ هو تہ هو اهڙيءَ صورت ۾ عقل ۽ قياس جو استعمال ڪن. بهرحال ان وقت جڏهن عراق ۽ اهڙيون حالتون هيون، ۽ ارسطوءَ جو منطق پنهنجي پوري عروج تي هيو، تڏهن اسلامي فقہ جي نشو و نما کي ڪافي ڏڪ پهتو. هونئن ۾ زندگيءَ جي پيچيده عمل کي منطق جي چند عام تصورات ۽ انهن مان اخذ ٿيندڙ نتيجن جي تابع ڪري نٿو سگهجي. پو تہ جيڪڏهن زندگيءَ کي ارسطوءَ جي منطق واري عينڪ سان ڏسبو تہ اها هڪ اهڙي سادي ڪل وانگر نظر ايندي، جنهن ۾ بذات خود ڪو اندروني تحرڪ وارو اصول ڪارفرما ڪونهي. مطلب تہ اهڙيءَ طرح حنفي فقيهن طرفان زندگيءَ جي تخليقي آزادي ۽ خود مختياريءَ کي نظر انداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هنن جو خيال هيو تہ محض عقل جي بنياد تي ۾ هڪ اهڙي فقهي نظام جي تشڪيل ڪري سگهجي ٿي جيڪو منطقي لحاظ کان ڪامل

و مڪمل ڪجي. هڪ طرف اهي ڪوششون جاري ڪيون تہ ٻئي طرف حجاز جا فقيهہ، جيڪي نسلي طور عملي ذهن جا وارث هئا، تن عراقي فقيهن جي متڪلمانہ موشگافين خلاف سخت احتجاج شروع ڪري ڏنو. هو ان راءِ جا هيا تہ خيالي ۽ غير حقيقي مسئلن ڏانهن عراقي عالمن جو وڌندڙ لاڙو، هڪ ڏينهن اسلامي قانون کي بي روح ۽ بي مقصد بڻائي ڇڏيندو، ليڪن ابتدائي دور جي انهن سخت اختلافن ڪري ايترو ضرور ٿيو تہ اڳتي هلي قياس جي هڪ تنقيدي وصف آڏو اچي وئي، جنهنڪري قياس جي اصلي حدود ۽ شرائط ڪانسواءِ قياس جي صحت و عدم جي باري ۾ پڻ ڪافي خبر پئجي وئي. ان ڪانسواءِ شروعات ۾ جيتوڻيڪ قياس مجتهد جي ذاتي راءِ جو ٻيو نالو هو، مگر آئيندي لاءِ قياس جو اصول اسلامي قانون اندر حرڪت ۽ زندگيءَ جو سرچشمو بڻجي ويو. چنانچہ امام مالڪ ۽ امام شافعي وارن جنهن نموني ۾، امام ابو حنيفہ جي اصول قياس تي سخت تنقيد ڪئي؛ انهيءَ دراصل مقصد ان آريائي رجحان آڏو سامي رڪاوٽ قائم ڪرڻ آهي، جنهن تحت مجرد تصورات کي محسوسات تي، ۽ خيالات کي حقائق تي ترجيح ڏني وڃي ٿي. هڪ لحاظ کان قانوني تحقيق جي ميدان ۾، اهواستخراجي ۽ استقرائي طريقن درميان هڪ قسم جو نزاع هو. مطلب تہ عراقي فقيهہ "تصور" جي دائمي پهلوءَ تي زور ڏيڻ جا عادي هئا ۽ ان جي مقابلي ۾ حجاز وارا ان جي وقتي پهلوءَ تي ڌيان ڏئي رهيا هئا. بهرحال حقيقت اها آهي تہ حجاز وارا فقيهہ پڻ پنهنجي موقف جي پوري اهميت کان واقف نہ هئا، جيتوڻيڪ هو حجاز جي قانوني روايتن طرف فطري طور مائل هئا، مگر حضور صلعم ۽ صحابہ ڪرام جي قائم ڪيل مثالن بابت، هو ڪنهن وسيع النظريءَ جو ثبوت ڏئي نہ سگهيا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هنن کي "محسوسات" جي قدر و قيمت جو اعتراض هو، مگر هو محسوسات کي دائمي تصور ڪرڻ لڳا، ۽ هن سلسلي ۾ هنن قياس جو استعمال بلڪل

ترڪ ڪري ڇڏيو هو. بهرحال امام ابوحنيفہ ۽ سندس حنفي مذهب
ماڻن انهيءَ تنقيد جو اهو نتيجو نڪتو جو "محسوس" کي
"مجرد" کان چونڪارو ملڻ لڳو، ۽ اهو اصول تسليم ڪيو
ويو تہ فقهي اصولن جي تشريح ۽ ترجماني وقت، زندگيءَ جي
حقيقي تنوع ۽ حرڪت کي نظرانداز ڪري نہ ٿو سگهجي.
ان ڪري اڳتي هلي، اهي سڀ نتيجا جيڪي اهڙن تنازعن مان
پيدا ٿيا هئا، حنفي مذهب ۾ سمونجي ويا. اهوئي سبب آهي جو
هينئر حنفي مذهب پنهنجي بنيادي اصولن جي لحاظ کان گهڻو
آزاد ۽ خودمختار آهي، ۽ منجهس ٻين مذهبن جي مقابلي ۾
مطابقت پيدا ڪرڻ جي وڏي تخليقي صلاحيت موجود آهي. اها
ٻي گالهہ آهي تہ حنفي فقہ جا جديد ماهر خود انهيءَ مذهب جي
روح جي برعڪس، سندس باڻيءَ ۽ ان جي شاگردن جي فيصلن
کي مستقل سمجهڻ لڳا آهن. اهو بلڪل ائين آهي جئن امام
ابو حنيفي جي مخالفن ڪڏهن ڪڏهن سندس ڪن خاص حالتن ۾ ڏنل فيصلن
کي دائمي قرار ڏنو آهي. حقيقت اها آهي تہ جيڪڏهن حنفي
مذهب جي هن بنيادي اصول يعني قياس کي پوريءَ ريت سمجهڻ
کانپوءِ ڪيس صحيح نموني ۾ استعمال ڪيو وڃي تہ امام شافعي
جي چوڻ مطابق اهو دراصل مڪمل "اجتهاد" جو ٻيو نالو
آهي. اهوئي سبب آهي جو قرآن يعني نص جي حدن اندر ڪڏهن
ان جي استعمال جي پوري پوري آزادي آهي. قياس جي اهميت
جو اندازو ان گالهہ مان ٻڌائي سگهجي ٿو جو گهڻن عالمن
جهڙوڪ قاضي شوڪانيءَ وغيره جو چوڻ آهي تہ قياس جي
استعمال جي اجازت خود حضور صلعم جن جي حياتي مبارڪ ۾
ٻڌي وئي هئي، ان ڪري ائين چوڻ تہ هينئر اجتهاد جو
دروازو بند ٿي چڪو آهي، هڪ ڏن گهڙت گالهہ آهي، جنهن جو
هڪڙو سبب اسلامي فقہ جو فڪري لحاظ کان هڪ خاص صورت
اختيار ڪرڻ آهي ۽ ان جو ٻيو سبب روحاني تنزل جي ڪري
ڦهاڇندڙ فڪري سستي آهي يعني جيڪڏهن اڪابر مفڪرن کي

ديوتا جو درجو ڏنو ويندو آهي. ڪائي جڏهن پوئين دور جي ڪجهه فقيهن ان مان گهڙت گالهه ڪي صحيح سمجهيو آهي تہ پلي سمجهن، ليڪن جديد دور جو مسلمان سندن انهيءَ گالهه جو پابند ناهي تہ هو اهڙي نموني ۽ پنهنجي فڪري آزادي ڪي پنهنجي هٿن سان قربان ڪري ڇڏي. سرخسيءَ ڏهين صدي هجريءَ ۾ ٻه ڪيڏو نہ سچ چيو هو: "جيڪڏهن هن مفروضي ۽ يقين رکندڙن جو اهو مطلب آهي تہ اڳين عالمن ڪي وڌيڪ سهولتون ميسر هيون، ۽ موجوده دور جي عالمن کي ان جي مقابلي ۾ وڌيڪ تڪليفون درپيش آهن تہ پوءِ اهو بيوقوفيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي. حقيقت اها آهي تہ موجوده دور جي عالمن لاءِ اجتهاد پاڻ اڳين کان وڌيڪ سولو آهي. ڇاڪاڻ جو هنٿر قرآن و حديث جون تشريحات ايڏي تہ جهجهي انداز ۾ موجود آهن جو موجوده دور جي مجتهد کي سندس ضرورت کان ٻہ وڌيڪ مواد ملي سگهي ٿو."

مون کي اميد آهي تہ اجتهاد جي باري ۾ هن مختصر بحث منجهان اوهان ڏي اهو واضح ڪري ويو هوندو تہ جيستائين فقهي جمود جو تعلق آهي تہ ان جي باري ۾، نہ تہ اسان جي بنيادي اصولن ۽ ڪا اهڙي گالهه ملي ٿي، ۽ نہ وري اسان جي فقهي مذهبن منجهان ان طرف ڪو اشارو ملي ٿو. لهٰذا اڄ اسلامي دنيا وارن کي گهرجي تہ هو تازن مشاعدن ۽ اونهي غور و فڪر کان ڪم وٺندي، اسلامي فقہ جي نئين سر تعمير و تشڪيل ۾ جنبي وڃن. ليڪن نئين سر تعمير جو مطلب رڳو زندگيءَ جي نئين حالتن سان مطابقت پيدا ڪرڻ نہ آهي، بلڪ ان کان گهڻو وڌيڪ آهي. ترڪيءَ جو مثال اسان جي آڏو آهي. جنهن جي سڃاڻپيءَ جو اصل ڪارڻ مها پاري لڙائي آهي؛ اها ترڪي جنهن کي هڪ فرينچ مصنف اسلامي دنيا جو مستحڪم ترين عنصر ڪوٺيو آهي. بهرحال

هڪ طرف ترڪيءَ جي جاگرتا آهي ۽ ٻئي طرف مسلم ايشيا جو قريب ٽيندڙ اقتصادي تجربو آهي. اهي ٻئي گالهيون ٻڌائڻ ٿيون تہ اسلام جو اصل مقصد چا آهي ۽ اسلام کهڙي مقدر جو خواهان آهي. اڄ بني نوع انسان کي ڪن شين جي ضرورت آهي. پهريون ڪائنات جي روحاني سمجهاڻي، ٻيو فرد جو روحاني چونڪارو، ۽ ٽيون عالمير نوعيت جا اهي روحاني اصول، جيڪي انساني معاشري کي روحاني بنيادن تي ترقي پذير بڻائي سگهن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ جديد يورپ وارن انهن گالهين تي هلندي ڪيترا عينيت پسند نظام گهڙيا آهن، پر تجربو ٻڌائي ٿو تہ جنهن سچائيءَ جو انڪشاف محض عقل جي وساطت سان ٿئي ٿو، انهيءَ سان اها ايماني حرارت پيدا ڪونہ ٿي ٿئي، جيڪا وحي يا الهام جي ڪري ٿئي ٿي. اهوئي سبب آهي جو خالص فڪر انسان تي تمام گهٽ اثر ڪري ٿو، پر ان جي مقابلي ۾ مذهب هميشه فرد کي عروج تي پهچائي ٿو، ۽ پوري معاشري کي يڪسر تبديل ڪري ڇڏي ٿو. لهٰذا يورپ جو عينيت پسند فلسفو سندن زندگيءَ ۾ ڪو مؤثر ڪردار ادا ڪري نہ سگهيو آهي، بلڪ الٽو ان جي نتيجي ۾ بگڙيل خوديءَ جنم ورتو آهي؛ ۽ ان جي ڪري ناقابل برداشت جمهوريتن جو هڪ اهڙو سلسلو شروع ٿي ويو آهي، جن جو اصل مقصد امير جي مفاد ۾ غريب جو استحصال ڪرڻ آهي. يقين ڪريو اڄ يورپ انسان جي اخلاقي ترقيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. مگر ان جي مقابلي ۾ جڏهن تہ هڪ مسلمان اهڙن بنيادي تصورات جو حامل ٿئي ٿو جن جو ذريعو وحي يا الهام آهي، ۽ جيڪي زندگيءَ جي انتهائي گهراين جي ترجماني ڪن ٿا، ان ڪري سندس تصورات ظاهري خارجيت کي باطني حقيقت ۾ بدلائي سگهن ٿا. اسان مسلمانن جو ايمان آهي تہ هيءَ زندگي اصل ۾ روحاني نوعيت جي آهي، ۽ اها اهڙي گالهہ آهي جنهن لاءِ هڪ عام مسلمان به پنهنجي جان قربان ڪرڻ کان نہ ٿو ڪيهائي. ان کانسواءِ

اسلام جو اهو ٻڌ هڪ بنيادي تصور آڻي تہ ڏينئر وڃڻ جو سلسلو هميشه لاءِ بند ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي اسين ڪنهن وحي جا مڪلف نہ آهيون، ان ڪري، اڄ اسان کي دنيا جي روحاني طور ڇوٽڪارو حاصل ڪندڙ قومن ۽ سڀني کان اڳتي هٿ ڪهرجي، پر ڇا آهي تہ ابتدائي دور جا اهي مسلمان، جن کي اسلام جي آمد سان ماقبل اسلام ايشيا جي روحاني غلاميءَ مان ڇوٽڪارو مليو، سي اسلام جي هن بنيادي تصور جي اصل اهميت کان پوريءَ طرح واقف نہ هٿا. ليڪن اڄ اسان کي پنهنجي حالت جو صحيح جائزو ورتو آهي ۽ اسان کي ڪهي تہ اسلام جي بنيادي اصولن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي سماجي زندگيءَ جي نئين سر تشڪيل ڪريون. اسان کي ڪهي تہ اسلام جو اهو عظيم آدرش جيڪو اڄ ڏينهن تائين اسان جي نظرن کان ڪنهن حد تائين اوجهل رهيو آهي، ان کي حاصل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريون، ۽ اسلام جو اهو عظيم آدرش روحاني جمهوريت جي نشو و نما آهي.

—*—

چا مذهب جو امڪان آهي؟

مذهبي زندگيءَ کي ٿلهي ليکي ٿن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، جن کي "ايمان"، "فڪر" ۽ "معرفت" جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو. پهرئين دور ۾ مذهبي زندگي هڪ اهڙي قسم جي انتظامي ڍانچي وانگر آهي، جنهن کي هڪ فرد توڙي پوري قوم هڪ غير مشروط حڪم جي صورت ۾ قبول ڪن ٿا، ازانسواءِ انهيءَ دور ۾ اهڙن احڪامن جي مقصد ۽ منشا کي عقلي طور سمجهڻ جي نه ضرورت ڪونہ ٿي پوي. البت ڪنهن نه قوم جي سياسي ۽ سماجي تاريخ ۾ مٿيون دور وڏي اهميت رکي ٿو. مگر ان جي مقابلي ۾ جيستائين فرد جي اندروني نشوونما ۽ ذاتي ترقيءَ جو تعلق آهي تہ اهو دور ايڏو اهم ناهي. مٿئين قسم جي نظم و ضبط جي مڪمل پابندي ڪانپوءِ، مذهب جي انهيءَ انتظامي صورت کي عقلي طور سمجهڻ جو وقت اچي ٿو، تہ جئن سندس اصل ۽ حقيقي سرچشمي جو پتو لڳائي سگهجي. هن دور ۾ مذهبي زندگي هڪ اهڙي مابعدالطبعيات جي جستجو ڪري ٿي جيڪا سندس بنياد بنجي سگهي۔ ۽ ان جو مطلب آهي هن ڪائنات بابت هڪ اهڙو نظريو جيڪو منطقي تضاد و تناقص کان پاڪ هجي ۽ جنهن ۾ خدا جو تصور نه شامل هجي. مذهبي زندگيءَ جي ٽئين دور ۾ مابعدالطبعيات جي جڳهہ نفسيات والاري ٿي ۽ ۽ انسان ۾ مطلق حقيقت سان سڌو سنئون ڳانڍاپو قائم ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿئي ٿي.

هاڻي اهو ئي اهو دور آهي جڏهن مذهب جو معاملو زندگيءَ جي ذاتي قوت ۽ قدرت جو معاملو بڻجي پوي ٿو. انهيءَ عرصي

دوران فرد آزاد ۽ بااختيار شخصيت جو حامل ٿئي ٿو. پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ هو شريعت جي حدن کي ٽوڙي ائين ڪري سگهي ٿو، جاڪ ان جو مطلب آهي تہ هو شعور جي گهراين منجهان انهيءَ حقيقي سرچشمي جو عرفان حاصل ڪري ٿو. هڪ مسلمان صوفيءَ جو چوڻ آهي تہ:

"قرآن شريف جو اصلي فهم تيستائين ناممڪن آهي جيستائين هڪ مؤمن تي ان جو نزول اهڙي طرح نٿو ٿئي، جهڙيءَ طرح ان جو نزول آنحضرت صلعم جن جي ذات گراميءَ تي ٿيو هو!"

هاڻي اهو آهي مذهبي زندگيءَ جي ترقيءَ جو آخري مرحلو ۽ سون موجوده بحث دوران زبر نظر سوال ۾ لفظ مذهب جو استعمال انهيءَ مقصد تحت ٿي ڪيو آهي. پرجيڪڏهن مذهب جو استعمال انهيءَ مقصد سان ڪجي ٿو تہ بدقسمتيءَ سان ان کي "تصوف" جو نالو ڏنو وڃي ٿو. وري عام طور تصوف کي زندگيءَ جي نفي ڪندڙ ۽ حقيقتن کان منهن موڙيندڙ سمجهيو وڃي ٿو، ۽ اها ئي آهي گالهہ آهي جيڪا موجوده دور جي انقلابي تجرباتي نقطئہ نظر جي سراسر اُبتڙ آهي. حالانڪ حقيقت اها آهي تہ مذهب پنهنجي اعليٰ صورت ۾ هڪ اهڙي وسيع زندگيءَ جي تلاش ڪري ٿو، جيڪا بنيادي طور محسوسات تي منحصر ٿئي ٿي. چنانچہ مذهب سائنس کان گهٽو وقت اڳ محسوسات يعني تجرباتي بنيادن جي اهميت تي زور ڏنو آهي. لهٰذا مذهب انساني شعور کي سلجهائڻ جي هڪ حقيقي ڪوشش آهي ۽ انهيءَ ڪري ڪيس طبعي فلسفي وانگر پنهنجي تجرباتي سطح جي چنڊ چاڻ جي ضرورت پوي ٿي.

اسان سڀني کي خبر آهي تہ ڪانٽ پهريون شخص هو جنهن اهو سوال آٿاريو هو تہ "ڇا مابعدالطبعيات ممڪن آهي؟"

وري ٿن پاڻ ئي ان سوال جو جواب نفي ۾ ڏنو هو. مگر هتي هي گالهه ياد رکڻ جوگي آهي ته هن سلسلي ۾ هُن جيڪي دليل ڏنا آهن، انهن جو اطلاق انهن حقيقتن تي به ٿئي ٿو، جن سان مذهب جو گهرو تعلق آهي. هو چوي ٿو ته ان کان اڳ جو حواسن ذريعي اسان کي علم يا ڄاڻ حاصل ٿئي، چند مخصوص حالتن جو پورائو ضروري آهي. ان لحاظ کان ڏٺو وڃي ته شيءَ جو وجود بذات خود هڪ محدود تصور پيدا ڪري ٿو. چوته اٽين ڪرڻ جو مطلب، منجهن نظم يا هڪ قسم جو ربط پيدا ڪرڻ آهي. گويا اسين جنهن شيءَ جو تصور ڪندا آهيون، اها اصل ۾ اسان جي تجربي کان ٻاهر هوندي آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جو عقلي طور اسين ان جي وجود کي ثابت ڪري نه ٿا سگهون. مگر هتي اها گالهه ياد رکڻ گهرجي ته ڪانٽ جي اها راءِ آسانيءَ سان قبول ڪري نه ٿي سگهجي ۽ خاص طور هاڻي جڏهن سائنس جي جديد انڪشافن منجهان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته عقلي مطابقت رکندڙ الٰهيات جي تشڪيل کا هرو ڀرو ڏکي گالهه ڪونهي، جئن ڪانٽ پاڻ سمجهيو هو. سائنس جا اهي جديد انڪشاف هي آهن: پهريون مادو، لهرن جي مخفي صورت آهي، ۽ هي ڪائنات هڪ فڪري عمل آهي؛ ٻيون، زمان و مڪان محدود يا متناهي آهن، چوٿون هائزنبرگ (Heisenberg) جو عدم-لزوميت وارو اصول.

بهرحال اسان جي موجوده مقصد لاءِ انهن گالهين جي وڌيڪ وضاحت غير ضروري آهي. باقي جيستائين ڪانٽ جو اهو چوڻ آهي ته "ماهيت شيءَ" عقل-محض جي پهچ کان ٻاهر آهي، ۽ ته اها تجربي جي حدن کان گهڻو دور ٿئي ٿي؛ سو ڪانٽ جي اها راءِ تڏهن تسليم ڪري سگهجي ٿي، جڏهن اهو فرض ڪيو وڃي ته عام رواجي سطح جي تجربي کان سواءِ، ٻئي هر قسم جو تجربو ناممڪن آهي. سوال اهو آهي ته ڇا علم ۽ ڄاڻ

رڳو عام رواجي سطح جي تجربي ذريعي حاصل ٿين ٿا، يا انجو ڪو ٻيو ذريعو يا ٻي سطح ٻ ٿي سگھي ٿي؟ دراصل ڪانٽ مابعدالطبعيات بابت جيڪو سوال آڻاريو هو، انجو دارومدار ڪھڙي حد تائين شيءَ جي ماهيت ۽ خارجيت تي هو. پر هاڻي سمجھو تہ معاملو ائين ناهي جئن ڪن سمجھيو هو، بلڪ انجي برعڪس آهي، سوال پيدا ٿو ٿئي تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟! هن سلسلي ۾ اسپين جي عظيم مسلمان صوفي فيلسوف محي الدين ابن عربي ڏاڍو سٺو چيو آهي: "خدا کي تہ محسوس ڪري سگھجي ٿو البت هيءَ ڪائنات هڪ تصور آهي." هڪ ٻئي مسلمان صوفي مفڪر ۽ شاعر عراقي وري زمان و مڪان جا ڪٽا قسم چاڻايان آهن، ۽ اهڙيءَ طرح هو خدا جي ذات ڏانهن هڪ الڳ زمان و مڪان منسوب ڪري ٿو. ان ڪري اهو پڻ ممڪن آهي تہ جنهن کي اسين خارجي عالم ڪوٺيون ٿا، اهو فڪر جي ئي تخليق هجي. ان کانسواءِ هتي اهو بہ امڪان آهي تہ انساني تجربي جا ٻيا ڪي اهڙا درجا هجن جيڪي هڪ الڳ زمان و مڪان جا متقاضي هجن، ۽ جتي تصور ۽ تجزيي جا نتيجا عام رواجي تجربي جي مقابلي ۾ جدا هجن. مگر هتي اهو اعتراض ڪري سگھجي ٿو تہ تجربي جو اهو درجو جيڪو تصور کان عاري آهي، آفاقي نوعيت جي ڄاڻ بخشي نہ ٿو سگھي، ڇو تہ تصورات کي ئي اجتماعي حيثيت ڏئي سگھجي ٿي.

لهٰذا جيڪو ماڻهو صرف مذهبي مشاهدي يا تجربي ذريعي حقيقت تائين پهچندو، ان صورت ۾ سندس اهو تجربو هميشہ منفرد رهندو ۽ ان کي ٻين تائين پهچائي نہ سگھبو. هي اعتراض ڪافي وزني ٿيندو بشرطيڪ ان جو مطلب اهو ورتو وڃي تہ صوفي سڳورا پنهنجن پراڻن طور طريقن کان ڪڏهن ٻ اڳتي نہ وڌندا، يعني سندن هر طرزِ عمل ۽ هر توقع روايتن جي دائري ۾ محدود رهندا. قدامت پرستي، پوءِ اها مذهب ۾ هجي يا انساني

عمل جي اي کنهن دائري ۾ ڏجي، هڪ جيتري خراب آهي. اها خودي‌۽ جي تخليقي آزادي کي تباهه ڪري ڇڏي ٿي ۽ روحاني ترقيءَ جي نون رستن کي مسدود ڪري ڇڏي ٿي. اهوئي خاص سبب آهي جو قرون وسطيٰ ۾ صوفين سڳورن جيڪي طريقا وضع ڪيا هئا، هينئر انهن طريقن تي هلندي، اصل سچائي جو عرفان حاصل ڪري نه ٿو سگهجي. بهرحال جيڪڏهن مذهبي مشاهدي يا تجربي کي پڻ تائين نٿو پهچائي سگهجي تہ، ان جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ کو مذهب وارن جي اها کوشش بلڪل بيڪار ۽ اجائي آهي. بلڪ انهيءَ حقيقت منجهان تہ مذهبي تجربي کي پڻ تائين نٿو پهچائي سگهجي، خودي‌۽ جي اصلي فطرت جو پتو پوي ٿو. ان جو هڪ مثال اهو آهي تہ اسين پنهنجي روزمره جي سماجي ميل جول ۾ به گهٽو ڪري هڪ ٻئي لاءِ اڻ ڄاتل ۽ ڏاريا هوندا آهيون، ڇو تہ اسان هڪ ٻئي جي انفرادي اونهائي تائين پهچڻ جو خيال ئي نہ ڪندا آهيون. اسين صرف پڻ جي اعمالن يعني ڪارڪردگيءَ تي نظر رکندا آهيون ۽ اهو ڏسندا آهيون تہ هنن جي جداگانہ شخصيت جا کڻڙا پهلو اسان جي تصور جي گرفت ۾ اچي سگهن ٿا. پر ان جي برعڪس مذهبي زندگيءَ جو عروج ئي اهو آهي تہ، خودي هونئن عام طور يعني پنهنجي عادت موجب جيڪا انفراديت پيدا ڪري سگهي ٿي. ان ۾ ڪمالیت حاصل ڪري.

دراصل خودي‌۽ جو حقيقي حق سان اهو گهاڻيڪاپو ئي آهي جيڪو ڪيس پنهنجي يڪتائيت ۽ مابعدالطبعياتي حيثيت جو عرفان بخشي ٿو، ۽ ان کانسواءِ سندس اڳتي وڌڻ جا امڪان پڻ پيدا ڪري ٿو. سچي گهالهه اها آهي تہ اهو تجربو يا مشاهدو جنهن منجهان کو عرفان حاصل ٿئي ٿو يا معرفت ملي ٿي، ان جي حيثيت کنهن عقلي حقيقت جهڙي ناهي، جو اهو تصور ۾ اچي سگهي. بلڪ اهو تجربو هڪ جيئري جاگندي حقيقت آهي ۽ هڪ

اهڙو طرز عمل آهي جيڪو اندروني حياتياتي تبديلين جي نتيجي ۾ وجود ۾ اچي ٿو ۽ ڪيس منطق جي مقولن سان هٿ ڪري نه ٿو سگهجي. دراصل ان جو اظهار ڊڪ اهڙي عمل ذريعي ٿي سگهي ٿو جيڪو هن دنيا کي تهه و بالا ڪري سگهي ٿو ته ان جي تعمير ڪري سگهي ٿو. اها ئي هڪڙي صورت آهي جڏهن اهو وقت کان بي نياز تجربو پنهنجو پاڻ کي وقت جي وهڪري ۾ ڇڏي ڏئي ٿو، ۽ هڪ اهڙي شڪل ۾ نروار ٿئي ٿو جو تاريخ سندس مشاهدي لاءِ مجبور ٿيو پوي.

لهٰذا ائين چئي سگهجي ٿو ته تصورات جي ذريعي حقيقت تائين پهچڻ وارو طريقو ايڏو سنجيده يا گنڀير طريقو نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو سائنس کي ان گالهه جي ڪا پرواه ناهي ته ڪو ايڪٽران جو وجود حقيقي آهي يا غير حقيقي، اهو محض هڪ نشان ۾ ٿي سگهي ٿو ته محض هڪ نالو ٿڻ! پر ان جي مقابلي ۾ مذهب حقيقت تائين پهچڻ جي واقعي هڪ گنڀير ۽ سنجيده ڪوشش آهي، ڇو ته اهو زندگي گذارڻ جو ٿڻ هڪ حقيقي نمونو آهي. دراصل مذهب پنهنجي اعليٰ تجربي ۽ مشاهدي واري حيثيت ۾ يا ته انسان جي الٰهياتي فلسفي جي تصورات جي صحيح نموني ۾ چنڊ چاڻ ڪري ٿو، يا پوءِ نه ته به، ڪهڙ ۾ انسان ۾ خالص عقلي طريقي لاءِ هڪ غير يقيني ڪيفيت ضرور پيدا ڪري ٿو، ڇو ته اهو خالص عقلي طريقو ئي آهي جيڪو اهڙن تصورات کي جنم ڏئي ٿو. ليڪن سائنس لاءِ اهو سڀ ڪجهه ضروري ناهي. سائنس مابعدالطبعيات کي بلڪل نظرانداز ڪري سگهي ٿي، جئن لانگي (Lange) جو خيال هو ته مابعدالطبعيات شاعريءَ جو قابل قدر نمونو آهي، يا جئن نيٽشي جو چوڻ آهي ته ان کي بالغ ذهنن جو هڪ مشغلو قرار ڏئي سگهجي ٿو. مگر ان جي مقابلي ۾ اهو عارف يا سالڪ جيڪو هن ڪائنات جي تخليقي جوڙجڪ ۽ پنهنجي ذاتي تشخّص جو

عرفان حاصل ڪري ٿو، ۽ جنهن جي آڏو هڪ واضح منزل مقصود آهي؛ اهو ڪڏهن ب سائنس جي انهيءَ "زنده ڪوڙ" کان مطمئن نه ٿيندو، ۽ نه وري سائنس جي "جئن ته" (As If) واري موشگافي سان صرف ان ڪري اتفاق ڪندو، جاڪاڻ ته هو فڪر و عمل ۾ هڪ قسم جو نظم يا ترتيب پيدا ڪرڻ گهري ٿو. هونئن ب جيستائين انهيءَ گالهه جو تعلق آهي ته مطلق حقيقت جي ماهيت ڇا آهي، ته ان سلسلي ۾ سائنس جي صحت تي ڪو اثر نٿو پوي. پر ان جي برعڪس خودي جئن ته بذات خود مشاهدي ۽ تجربي جو محور آهي ۽ ان کانسواءِ زندگي جي جذب ۽ اڪتساب جو مرڪز بڻ آهي، لهٰذا مذهب جي معاملي ۾ سندس پورو وجود خطري هيٺ اچي ويي ٿو. سيرت يا ڪردار جو بنياد وهمن يا يرمن تي رکي نٿو سگهجي، چوته اهي ئي گالهيون فرد جي تقدير جو فيصلو ڪن ٿيون. هڪ غلط تصور رکڻ انسان جي سوچ کي گمراهه ڪري سگهي ٿو، ۽ هڪ غلط عمل انسان کي پنهنجي اصل درجي کان گهرائي وڃي ٿو، ۽ انهيءَ ڪري آخرڪار انسان جي خودي جو تاڃي پيٽو ئي تباهه ٿيو وڃي. ڪوبه تصور يا خيال زندگيءَ کي جزوي طور متاثر ڪري ٿو پر عمل جي صورت ۾ ائين ناهي. چوته عمل جو حقيقت سان متحرڪ ناتو ٿئي ٿو، ۽ ان ڪري عمل جو سرچشمو به عام طور انسان جو اهو مستقل رجحان هوندو آهي جيڪو هو حقيقت جي باري ۾ اختيار ڪندو آهي.

لهٰذا ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهڙو عمل جنهن جو مقصد پهن نفسياتي ۽ جسماني ڪمن تي ضابطو رکڻ ٿئي ٿو، ۽ جنهن جي ذريعي خودیءَ جو مطلق حقيقت سان سڌو سنئون گاندياپو قائم ٿي سگهي ٿو، اهو هميشه هر لحاظ کان منفرد نوعيت جو ٿئي ٿو. پر اهو ساڳيو عمل اجتماعي حيثيت حاصل ڪري سگهي ٿو، بشرطيڪ ٻيا سڀ مائهو بڻ ان کي پنهنجي

زندگيءَ ۾ اختيار ڪن، ۽ پاڻ ان ڳالهه جو آزمودو ڪري ڏسن تہ حقيقت تائين پهچڻ جو اهو ڪيتريقدر مؤثر طريقو آهي؟ اهوئي سبب آهي جو هر دور ۾ ۽ هر ملڪ ۾ مذهبي اڪابرن جي اهاڻ رهي آهي تہ اسانجي عام طبعي شعور سان گڏ وڌ شعور جا ٻيا به امڪاني قسم موجود آهن. هاڻي جيڪڏهن شعور جا اڄ قسم اسانکي اهڙي تجربي يا مشاهدي سان هم ڪنار ڪن ٿا، جيڪي زندگي بخش هنڌ سان گڏ عام پڻ عطا ڪن ٿا تہ پوءِ اهڙيءَ صورت ۾ اهو سوال اڀارڻ تہ مذهب به هڪ اعليٰ قسم جو تجربو ۽ مشاهدو آهي، بلڪل صحيح ٿو لڳي ۽ اسان کان گهيڙ سوچ جي تقاضا ڪري ٿو.

جيتوڻيڪ مذهب بابت مٿيون سوال پنهنجي جڳهه تي صحيح آهي، پر هينئر يعني جديد تهذيب جي موجوده مرحلي تي هن مسئلي جو جائزو ڪجهه ٻين پهلوئن کان پڻ ضروري آهي. سڀ کان پهرين هن مسئلي جو سائنسي پهلو آهي. گهٽو ڪري هر تهذيب کي پنهنجو پنهنجو فلسفئه فطرت آهي جيڪو سندس دنياوي احساس سان مخصوص ٿئي ٿو، بلڪل ساڳيءَ ريت هر فلسفئه فطرت جي انتها وري جوهريت (Atomism) جي ڪنهن نہ ڪنهن قسم تي ٿئي ٿي. هن سلسلي ۾ هندو جوهريت، يوناني جوهريت، اسلامي جوهريت ۽ ان کانسواءِ جديد جوهريت جا مثال اسانجي آڏو آهن. جديد جوهريت بهرحال هر لحاظ کان منفرد آهي، ڇو تہ انهيءَ جي ڪري رياضيءَ حيرت انگيز ترقي ڪئي آهي ۽ هن پوري ڪائنات کي هڪ واضح تفريقي مساوات (Differential Equation) جي شڪل ۾ پيش ڪيو اٿس. ساڳيءَ طرح طبعيات ٻي نشو و نما آهي جنهن پنهنجن ئي طريقن سان پنهنجي سندر جا پراڻا بت پاش پاش ڪري ڇڏيا آهن. لهاذا هينئر اسين ان هنڌ پهتا آهيون جو انهيءَ سوال تي غور ڪري سگهون ٿا تہ ڇا ڪائنات جي حقيقت واقعي صرف

علت و معلول تائين محدود آهي يا ان کان وڌيڪ به ڪجهه آهي؟ ڇا مطلق حقيقت انسانجي شعور ۽ ڪنهن ٻئي دروازي کان داخل ٿي نه ٿي سگهي؟ ڇا فطرت جي تسخير جو فقط هڪڙو ئي يعني محض عقلي ۽ فڪري طريقو آهي؟ پروفيسر ايڈنگٽن چوي ٿو: جڏهن اسين اهو تسليم ڪريون ٿا ته طبعيات سان واسطو رکندڙ شيون پنهنجي اصليت جي لحاظ کان حقيقت جو هڪ جزوي پهلو آهن ته پوءِ سوال پيدا ٿو ٿئي ته اهڙيءَ صورت ۾ ٻي پهلوءَ کي ڪيئن منهن ڏجي. ائين به نه نڪو چئي سگهجي ته طبعي شين جي مقابلي ۾ ٻيو پهلو اسان لاءِ گهٽ اهميت رکي ٿو. ڇو ته اسانجا جذبا، اسانجا مقصد ۽ اسانجا قدر اسانجي شعور جو اڻڙو ئي حصو آهن جهڙو اسانجا ٻيا حسّي تجربا. هاڻي جيڪڏهن اسين صرف انهن حسّي تجربن جي ڪيڏ لڳڻ ٿا ته پاڻ کي انهيءَ خارجي دنيا ۾ محسوس ڪريون ٿا جنهن جو ذڪر سائنس ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اسين پنهنجي وجود جي ٻين عناصرن جي ڪيڏ لڳون ته جيڪر پڪ ٿي پڪ اسين ڪنهن ٻي دنيا ۾ ٻه ڇهڪي سگهون ٿا، هڪ اهڙي دنيا جيڪا زمان و مڪان واري دنيا کان يقيناً ٻئي قسم جي هوندي!

ساڳئي مسئلي بابت ٻيو سوال خاص عملي اهميت جو آهي. اڄ جو انسان تنقيدي فلسفي ۽ سائنس جي وڏندڙ تخصيص ڪري سخت اڪيجهن ۾ آهي. جيتوڻيڪ فلسفئه فطرت ڪيس قدرت جي قوتن تي اهڙي ڪارفرمائي عطا ڪئي آهي، جنهن جو مثال اڳ ۾ ڪڏهن به نه ٿو ملي، پر ساڳئي وقت انهيءَ فلسفي مستقبل مان سندس ايمان ڪمي ورتو آهي. اها عجيب گاڙهه آهي ته جيتوڻيڪ نظريو ساڳيو ٿئي ٿو، پر مختلف تهذيبن تي ان جا اثرات مختلف ظاهر ٿين ٿا. اسلامي دنيا ۾ نظريئه ارتقا جي ميدان ۾ اڃ ڪانپوءِ، مولانا روميءَ انسان جي حياتياتي مستقبل بابت تمام وڏي جوش و خروش جو مظاهرو ڪيو آهي. ايتريقدر جو

اڄ ٻ جڏهن ڪو پڙهيل ڳڙهيل مسلمان اهي شعر پڙهي ٿو ته سندس دل خوشيءَ وچان جهومڻ لڳي ٿي. مولانا فرمائي ٿو:

از جمادي مردم و نامي شدم
وز نما مردم بحيوان سر زدم

مردم از حيواني و آدم شدم
پس چه ترسم کم ز مردن کم شوم

حملهٔ ديگر بميرم از بشر
بس بر آرم از ملائڪ بال و پر

بار ديگر از ملک پران شوم
آنچه اندر و هم ناید آن شوم

پس عدم گردم عدم چون راغنون
گويدم کانا اليه راجعون.

ٻئي طرف يورپ ۾ ساڳيو نظريهٔ ارتقا جيتوڻيڪ وڌيڪ سڌريل نموني ۾ سامهون آيو، پر ان جو نتيجو اهو ڪيئن ويو ته مستقبل ۾ انسان جي موجوده گوناگون صلاحيتن جي ترقيءَ جو سائنسي لحاظ کان ڪو امڪان ڪونهي. هتان اڳالهه ڳڻي طرح واضح ٿئي ٿي ته جديد دور جو انسان ڪهڙيءَ ريت پنهنجي اڪل نااميديءَ ۽ مايوسيءَ کي سائنس جي اوٽ ۾ پيش ڪري رهيو آهي. نٽشي جهڙو مفڪر به انهيءَ اڳالهه کان پاڻ بچائي نه سگهيو، حالانڪ سندس خيال موجب نظريهٔ ارتقا جو اهو مطلب ڪڍڻ به نه آهي ته ماڻهو جنهن هنڌ آهي، انهيءَ کان اڳتي ترقي ڪري نه ٿو سگهي. جيتوڻيڪ اها هڪ حقيقت آهي ته نٽشي جو انسان جي مستقبل ۾ يقين هو، ۽ جيڪر آخرڪار سندس "ابدي موٽ" (Eternal Recurrence) واري نظريي جي صورت ۾ ظاهر ٿيو، پر هتي ان چوڻ کان ٻه رهي نه ٿو سگهجي ته دائمي بقا جو محروميت وارو اهڙو نظريو

اڄ ڏينهن تائين ٻهو ڪو شايد پيش ڪيو ويو هجي. دراصل نٽشي جي دائمي تڪرار مان مراد دائمي تڪوين (Becoming) نہ آهي، بلڪ اهو ساڳيو ئي وجود (Being) جو پراڻو تصور آهي، جنهن کي تڪوين جو لباس ڏکايو ويو آهي.

مطلب تہ جديد دور جو انسان پنهنجي فڪري نتيجن جي بار هيٺ ايڏو تہ دٻجي چڪو آهي جو هو روحاني طور زنده نہ رهيو آهي يا اڻين ڪٽي چڪو آهي. جيستائين افڪار و نظريات جو تعلق آهي تہ هو پنهنجو پاڻ سان متصادم آهي ۽ ادڙيءَ طرح اقتصادي ۽ سياسي زندگيءَ جي ميدان ۾ وري هو عام ماڻهن سان برسر پيڪار آهي. دراصل هو ايترو تہ مجبور ٿي پيو آهي جو پنهنجي بي رحم انانيت تي ضابطو رکي نہ ٿو سگهي. ان ڪانسواءِ دولت جي اڪٺ هوس، سندس اعليٰ صلاحيتن کي آهستي آهستي ختم ڪري، ڪائنس هر شيءِ ڦري چڪي آهي، ايتريقدر جو هو هينئر زندگيءَ کان بہ بيزار ٿي چڪو آهي. هونئن بہ جنهن ماڻهوءَ جي نظر صرف حقائق يعني سندس اکين آڏو موجود حواسن جي سرچشمي تي ٽيڪيل رهي ٿي، اهو هميشه لاءِ پنهنجي وجود جي اٿاه گهرائين کان غير واقف رهي ٿو. مطلب تہ مادیت جي منظم ترقيءَ انسان جي اصلي قوتن کي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي. هڪسلي (Huxley) انهيءَ ڳالهہ جو خدشو اڳ ۾ ئي ظاهر ڪيو هو ۽ هن سلسلي ۾ پنهنجي افسوس جو اظهار بہ ڪيو هئائين. مگر مشرق جي صورتحال بہ ڪا زياده بهتر ڪونهي. وچين دور ۾ تصوف جا وضع ڪيل اهي طريقا، جيڪي ڪڏهن مشرق توڙي مغرب ۾، مذهبي زندگيءَ جي اعليٰ اظهار جو وسيلو هئا، سي سڀ هينئر عملي طور ناڪام ٿي چڪا آهن، بلڪ منهنجو خيال آهي تہ جيستائين اسلامي مشرق جو سوال آهي تہ هن مسئلي ۾ هن ملڪن جي پيٽ ۾ وڏي تباهي اچي چڪي آهي. هتي

عام ماڻهوءَ جي باطني قوتن کي ان لاءِ کڻڻ ۾ نه سنواريو ويو آهي ته جئن هو تاريخ جي رفتار سان قدم ملائي هلڻ لاءِ تيار ٿي سگهي. بلڪ کيس اجائي تياگ سيکارڻ کانسواءِ جهالت تي راضي رهڻ جي تعليم پڻ ڏني وئي آهي ۽ کيس روحاني طور غلام بڻايو ويو آهي. لهٰذا هينئر اها تعجب جي گاله نه هئڻ کپي جيڪڏهن ترڪيءَ، مصر ۽ ايران جا جديد مسلمان طاقت جا اڳرا نوان ۽ تازا سرچشما تلاش ڪري رهيا آهن، جن جي ذريعي هو نين وفادارين کي جنم ڏئي سگهن. اڳين نين وفادارين جا مثال وطن پرستي ۽ قوم پرستي آهن، جن کي نٽشي پياري ۽ چريائي ڪوٺيو آهي ۽ کين تهذيب و تمدن جو وڏو ۽ وڏو مخالف قرار ڏنو آهي. دراصل موجوده دور جو مسلمان، روحاني احيا جي خالص مذهبي طريقي کان ناميد ٿي پيو آهي، حالانڪ اهو مذهب ئي آهي جيڪو فڪر ۽ جذبات ۾ وسعت پيدا ڪري سگهي ٿو، ۽ اسانکي زندگيءَ ۾ قوت جي لازوال سرچشمي سان همڪنار ڪري سگهي ٿو. پر چاهي ته اڄ جو انسان اِن اجائي اميد جو شڪار ٿي چڪو آهي ته هو پنهنجي فڪر ۽ جذبي جي دنيا کي مٿين نموني ۾ محدود ڪري طاقت جي نون سرچشمن جي نقاب ڪشائي ڪري سگهي ٿو. جيتوڻيڪ جديد الحادي اشتراڪيت ۾ هڪ نئين مذهب جهڙو آتساه موجود آهي ۽ سندس نقطهٔ نظر ۾ ڪافي وسيع آهي، پر جئن ته سندس فلسفي جو بنياد هيگل جي ڪاپي ڊر وارن پوئلڳن جي نظريات تي مبني آهي؛ انهيءَ ڪري اشتراڪيت جڏ ته پنهنجي بنيادي سرچشمي جي ئي خلاف آهي، حالانڪ سندس اصل طاقت ۽ مقصد جو ذريعو به اهوئي آهي. بهرحال قوم پرستي ۽ لادين اشتراڪيت ٻئي مجبور آهن ته انساني تعلقات جي موجوده صورتحال جو فائدو ونڊي نفرت، شڪ و شبهي ۽ غم و غصي جي ڪيفيت ڦهلائين. حالانڪ اڄين ڪڙ سان انسان جو ضمير مُرده ٿي وڃي ٿو، ۽ مٿس روحاني اِشڪتيءَ جي مخفي چشمن جا دروازا بند ٿي

وڃن ٿا. ان کري اڄ جي نااميد انسانيت جي بيماريءَ جو علاج نہ ٿو ڪري سگهي ٿو ۽ نہ ئي ڪيس قوم پرستيءَ يا لادين اشتراڪيت سنجهان کا شفا ملي سگهي ٿي. مطلب تہ جديد تهذيب جي تاريخ ۾ اهو هڪ وڏي ۾ وڏو بحران آهي. دراصل جديد دنيا کي حياتياتي لحاظ کان ٻيهر جيئري ٿڻ جي ضرورت آهي. مذهب ئي اخلاقي طور انسان کي انهيءَ وڏي ٻار کڻڻ لاءِ تيار ڪري سگهي ٿو، جيڪو جديد سائنس جي ترقيءَ کري مٿس عائد ٿيو آهي. ڇو تہ مذهب پنهنجي اعليٰ صورت ۾ اوهام پرستيءَ، رسم و رواج ۽ عام ٻُلائيت کان گهڻو مٿي آهي. اهو مذهب ئي آهي جيڪو ايمان و يقين جي ڪيفيت کي وري بحال ڪري سگهي ٿو ۽ هڪ اهڙي شخصيت جي تعمير ڪري سگهي ٿو جيڪا اينڊز دنيا ۾ ۽ ۾ قائم رهي سگهي. لهاذا جيستائين انسان پنهنجي آغاز و انجام يا ٻين لفظن ۾ پنهنجي ابتدا ۽ انتها جو ڪو نئون روپ نہ ڏو پسي، تيستائين هو اهڙي معاشري تي غالب اچي نہ ٿو سگهي؛ جتي باهمي چپقلش انسانيت کي پنهنجي اصل درجي کان ڪيترائي وڌو آهي، ۽ جتي مذهبي ۽ سياسي قدرن جي خلفشار ڪري تهذيب پنهنجي روحاني وحدت کان محروم ٿي چڪي آهي.

آڳ هن کان اڳ ۾ ۽ ان ناقابل انڪار حقيقت طرف اشارو ڪري چڪو آهيان تہ مذهب دراصل هڪ اهڙي سوچيل سمجهيل سهم آهي جنهن جي وسيلي قدرن جي بنيادي اصولن تائين پهچ حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ انساني شخصيت جي قوتن جي تعمير ڪري سگهجي ٿي. دنيا جو سمورو مذهبي ادب انهيءَ گالهہ جي شاهدي ڏئي ٿو. ان کانسواءِ ڪن مذهبي ماهرن جا پنهنجا ذاتي تجربا، جيڪي هڪ لحاظ کان ان وقت جي فرسوده نفسيات جون خيالي شڪليون چاڄن، پڻ انهيءَ حقيقت جي

ساڪ لاءِ ڪافي آهن. اهي مذهبي مشاهدا ۽ تجربا اسانجي رواجي تجربن ۽ مشاهدن وانگر بلڪل فطري آهن. ان ڳالهه جي شاهدي ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي ته منجهن مشاهدي ماڻيندڙ ماڻهوءَ واسطي جاڻ جو عنصر موجود ٿئي ٿو. ان کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته منجهن خودي‌ءَ جي قوتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جي صلاحيت ٿئي ٿي، جنهن ڪري ڪنهن شخصيت جي نئين سر تعمير ٿي سگهي ٿي. ان ڪري صرف اهو چئي ڇڏڻ ته اهي مشاهدا يا تجربا اعصابي ۽ صوفيانه نوعيت جا آهن، سندن معنيٰ ۽ مطلب يا قدر و قيمت کي گهٽائي نه ٿو سگهي. جيڪڏهن هينئر اسانجو مطمح نظر طبعيات جي دنيا کان اڳتي وڌي چڪو آهي ته اسان کي ڪپي ته انهيءَ امڪان کي همت سان منهن ڏيون، ۽ ان ڳالهه جي پرواه نه ڪريون ته ڪو ائين ڪرڻ سان اسانجي زندگي ۽ فڪر جا رواجي طريقا بدلجي ويندا. سچائيءَ جي تقاضا اها آهي ته من سلسلي ۽ اسين پنهنجي هٿ ڪرميءَ واري طرز عمل کي ترڪ ڪريون. اسانکي ان ڳالهه جي ۾ ذري برابر پرواه نه هئڻ گهرجي ته ڪو مذهبي طرز عمل بنيادي طور جسماني تبديلين جي نتيجي ۽ ظاهر ٿئي ٿو. جيئن وڃي ٿو ته جارج فاڪس (George Fox) اعصابي مريض هو، پر انگلنڊ جي مذهبي زندگيءَ ۽ سندس قوت تزڪيه واري ڪردار کان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو! اسانکي اهو ڀڻڻ وڃي ٿو ته اسانجو نبي ڪريم محمد صلعم جن ﷺ، نعوذ بالله، نفسياتي مريض هو. ليڪن اصل ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن هڪ نفسياتي مريض کي ايڏي قوت آهي جو هو انساني تاريخ کي نئون رخ ڏئي سگهي ٿو، ته پوءِ سوال پيدا ٿو ٿئي ته اهڙيءَ صورت ۾ نفسيات جي لاءِ ان نفسياتي مريض کان وڌيڪ ٻي ڪا ڳالهه دلچسپيءَ جو باعث ٿي سگهي ٿي ڇا؟ بلڪ نفسيات کي ڪهي ته انهيءَ ماجرا جو بنيادي ڪارڻ معلوم ڪري، جنهن غلامن کي انسانيت

جي اڳواڻي ۽ رهبري سيکاري، جنهن انساني نسلن کي ڪردار ۽ اخلاق جي تعليم ڏني.

حقيقت اها آهي ته جنهن تحريڪ جو آغاز آنحضرت صلعم جن ڪيو ۽ ان جي نتيجي ۾ جيڪي ڪجهه منظر عام تي آيو، يا جنهن روحاني ڪشاڪش منجهان کين گذرڻو پيو ۽ جنهن ڪردار جو پاڻ مظاهرو ڪيائون؛ انهن سڀني ڳالهين کي محض دماغي اختراع جو نتيجو قرار ڏيئي نٿو سگهجي. بلڪ اسين ان سموري صورتحال کي يا اهو سڀ ڪجهه تڏهن سمجهي سگهنداسون جڏهن انهن سڀني ڳالهين جو جائزو معروضي حالتن جي روشنيءَ ۾ ورتو ويندو. يعني اهي حالتون جن جي ڪري نئين ولولي، نئين تنظيم ۽ نئين آغاز جي ضرورت پئي. هتي هڪڙي ٻي ڳالهه اها به آهي ته جيڪڏهن ساڳئي مسئلي جو جائزو علم الانسان جي نقطئه نظر کان ورتو ويندو ته، معلوم ٿيندو ته انسانيت جي سماجي تنظيم جي لحاظ کان اهڙا شخص دراصل هڪ وڏو سرمايو آهن. هو حقيقتن تي ڏار ڏيان ڪونه ٿا ڏين ۽ نه وري ڪو اسباب جي ڪوج لڳائڻ هنن جو مقصد هوندو آهي، بلڪ هو پوري زندگيءَ تي اجتماعي نظر رکن ٿا ته جئن ٻني نوع انسان لاءِ سيرت و ڪردار جو هڪ الڳ ۽ نئون نمونو قائم ڪري وڃن. البت هو به مغالطي يا فريب جو اهڙيءَ طرح شڪار ٿي سگهن ٿا، جهڙيءَ طرح عام سائنسدان ٿي سگهن ٿا، حالانڪ سائنسدانن جو طريقئه ڪار اهو آهي ته هو حواسن جي مشاهدي تي اعتبار ڪن ٿا. ليڪن جڏهن اسين هنن جي طور طريقن جو چڱيءَ طور جائزو وٺون ٿا، اسان کي خبر پوي ٿي ته هو به پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي جي چند چاڻ وقت، سائنسدانن جي مقابلي ۾ گهٽ خبرداريءَ کان ڪم ڪونه ٿا وٺن.

پر اسين جيڪي ان تجربي کان ٻاهر آهيون، تن جي لاءِ مسئلو اهو آهي ته آخر اسين ڪهڙيءَ ريت انهيءَ غير معمولي

مشاهدي جي نوعيت ۽ اهميت کان صحيح نموني ۾ واقف ٿي سگهون ٿا. مشهور عرب تاريخدان ابن خلدون، جنهن جديد سائنسي تاريخ جو بنياد وڌو، پهريون شخص هو جنهن انساني نفسيات جي هن پهلوءَ تي گهيرتا سان غور ڪيو ۽ اهو تصور قائم ڪيو جنهن کي اڄ اسين "تحت الشعور" جو نالو ڏيون ٿا.

انگلنڈ جي سر وليم هيملٽن ۽ جرمنيءَ جي لائبنز، کانٽس گهٽو پوءِ انساني نفس جي انهيءَ غير معمولي ۽ اڻ ڄاتل صورتحال بابت پنهنجي دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو. بهرحال هن سلسلي ۾ جنگ (Jung) جي راءِ غالباً صحيح آهي ته جيستائين مذهب جو تعلق آهي ته اهو ڪم تحليلي نفسيات کان ڇڙهيل آهي. اهوئي سبب آهي جو فن، شاعري ۽ تحليلي نفسيات جي تعلقات جو ذڪر ڪندي هو چوي ٿو ته، فن جو محض صوري پهلو ته نفسيات جو موضوع ٿي سگهي ٿو، البت جيستائين فن جي بنيادي ماهيت جو سوال آهي ته اهو نفسيات جي پهچ کان ٻاهر آهي. انڪري جنگ چوي ٿو: "مذهب جي باري ۾ به اسانکي ساڳي قسم جو فرق روا رکڻ گهرجي يعني جيستائين مذهب جي جذباتي يا علاماتي پهلوءَ جو تعلق آهي ته ان کي نفسيات جي دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو، ڇو ته اهي اهڙيون ڳالهيون آهن جن سان بهرحال مذهب جي حقيقي ماهيت جو قطعاً ڪو واسطو نه آهي. ازانسواءِ جيڪڏهن اڃين ممڪن ڏجي ها ته نه رڳو مذهب، بلڪ پورو فن ۽ آرٽ نفسيات جو حصو بڻجي پوي ها!"

بهرحال انهن سڀني ڳالهين ڪرڻ جي باوجود جنگ پنهنجين لکڻين ۾ مٿين اصول جي ڪيترائي دفعا خلاف ورزي ڪئي آهي. دراصل جديد نفسيات جي انهن طريقن منجهان نه ته مذهب جي ماهيت جي ڪا خبر پوي ٿي ۽ نه وري انساني شخصيت جي باري ۾ مذهب جي منشا جو ڪو پتو پوي ٿو. بلڪ صورتحال اها آهي ته جديد نفسيات اسان جي اڏو اهڙن نظرين جو ڍير لڳايو آهي، جيڪي مذهب جي اصليت ۽ سندس اعليٰ صورت بابت

مڪمل غلط فهميءَ تي مبني آهن. اهي نظريا اڄڪلهه آهن جيڪي ڪنهن به ڏس ۾ انسان جي رهنمائي ڪري نه ٿا سگهن. انهن نظرين جو ماحصل اهو آهي ته مذهب، انساني خودي‌ءَ جو، پاڻ کانسواءِ ٻي ڪنهن خارجي حقيقت سان ڳانڍاپو قائم ڪري نٿو سگهي. گويا ان لحاظ کان مذهب فقط هڪ قسم جو اهڙو حياتياتي طريقو آهي، جنهن جي وسيلي انساني سماج ۾ اخلاقي بندڻن جو هڪ سرشتو قائم ڪري سگهجي ٿو، ۽ جنهن جي ذريعي معاشري جي سماجي ڳانڍاپي کي برقرار رکي سگهجي ٿو، جيڪو هونئن انساني خودي‌ءَ جي اڻ جهل جبلتن کان سخت خطري ۾ رهي ٿو. لهٰذا نفسيات جي انهيءَ نئين نظريي مطابق عيسائيت پنهنجو اهو حياتياتي مقصد پورو ڪري چڪي آهي، ۽ هينئر جديد دور جو انسان سندس اهو مقصد سمجهڻ کان وانجهيل آهي. هن سلسلي ۾ جُنگ جو چوڻ آهي:

> "اڄ اسين انهن حقيقتن جو اندازو لڳائي سگهون ها بشرطيڪ اسانجي موجوده رسم و رواج ۾ قديم وحشانيت جا ٿورا گهڻا آثار به موجود هجن ها! ڇا اڄ اسين قديم رومي سلطنت جي شهنشاهن جي بي لغام شهوت رانيءَ جي برپا ڪيل طوفان جو اندازو لڳائي سگهون ٿا؟ اڄ جو مهذب انسان، بهرحال انهيءَ طوفان کان گهڻو پري آهي. ها البت ايترو آهي ته هو اعصابي مريض بنجي چڪو آهي. اهو سچ آهي ته اڄ اهي ضرورتون باقي نه رهيون آهن جنجي ڪري عيسائيت وجود ۾ آئي هئي ۽ ان ڪري هينئر اسين سندس اصلي مفهوم سمجهڻ کان پڻ قاصر آهيون. اسان کي خبر نٿي پوي ته آخر

عيسائيت جو مقصد اسان کي ڪهڙين گالهين
کان تحفظ فراهم ڪرڻ ڏيو. بهرحال اڄ
ڪلهه جا روشن خيال ماڻهو مذهبيت کي
اعصابي چڪتاڻ جو نتيجو قرار ڏين ٿا.
هونئن ته گذريل ڏهن هزار سالن ۾ عيسائيت
رکيو اهڙيون بندشون ٿي پئي عائد ڪيون
آهن، جنهجو مقصد ان کانسواءِ ٻيو ڪجهه
به نه هو ته اسانجي گناهن جو منظر اسانجي
اکين کان اوجهل رهي!"

مٿئين اقتباس منجهان اعليٰ مذهبي زندگيءَ تي ڪنهن به قسم جي روشني ڪونه ٿي پوي. دراصل گالهه اها آهي ته جنسي ضبطِ نفس ته پهريون ڏاکو آهي. مذهب جو اصل مقصد ته خودين جي نشوونما ڪرڻ سان گڏوگڏ سندس مستقبل جي نشاندهي ڪرڻ آهي. ها البت ايترو ضرور آهي ته اخلاقي لحاظ کان مضبوط معاشرو ان جي لاءِ گهربل ماحول مهيا ڪري ٿو. هونئن به مذهبي زندگي جنهن بنيادي ادراڪ تحت اڳتي وڌي رهي آهي، ان مطابق خودين جي وحدت ناپائدار ۽ سندس وجود قابل انتشار آهي، ليڪن ساڳي وقت اها خودي قابل اصلاح ٿئي ٿي ۽ منجهس اها صلاحيت بدرجهءَ اتم موجود ٿئي ٿي ته جاتل ۽ اڻ جاتل ماحول ۾ پنهنجي لاءِ نوان مواقع پيدا ڪري.

هاڻي جا ٿو ٿئي ته انهيءَ بنيادي ادراڪ تحت مذهبي زندگي پنهنجون نگاهون اهڙن مشاهدن ۽ تجربن تي مرڪوز ڪري ٿي، جيڪي حقيقت جي نازڪ حرڪت جي پڻ نشاندهي ڪن ٿا. وري اهي مشاهدا نه رڳو خودين جي مستقبل تي اثرانداز ٿين ٿا، پاڻ ڪنهن حقيقت جي جوڙجڪ ۾ ڪڏهن ڪڏهن دائمي عنصر جي حيثيت بخشڻ ۾ مدد پڻ ڪري سگهن ٿا. لهٰذا جڏهن مسئلي جو جائزو انهيءَ نقطهءِ نظر کان ورتو ويندو ته

ڏسڻ ۽ ايندو تہ جديد نفسيات ايندا مذهبي زندگيءَ جي ٻاهرين دروازي تي ٻہ نہ ٻهتي آهي، باقي اهو مذهبي تجربو تہ اڃا گهڻو پري رهيو جيڪو انتهائي متنوع ۽ گوناگون آهي. مذهبي مشاهدي جي وسعت ۽ تنوع بابت هتي آءٌ سترهين صديءَ جي هڪ وڏي مذهبي عالم شيخ احمد سرهنديءَ جي راءِ پيش ڪريان ٿو:

شيخ احمد سرهنديءَ جو ڪمال اهو آهي تہ هن رائج الوقت تصوف تي بي لاڳ تنقيد ڪري هڪ نئين راه ڳولي ۽ هڪ نئون طريقو دريافت ڪيو. حالانڪ ڪانئس اڳ هندوستان ۾ تصوف جا جيڪي سلسلا رائج هئا، اهي سڀ وچ ايشيا ۽ عربستان مان آيل هئا. مگر اهو صرف سندس طريقو آهي جيڪو هندوستان جي سرحدن کان ٻاهر تائين ويو ۽ اڄ تائين پنجاب، افغانستان ۽ ايشيائي روس ۾ هڪ زنده قوت جي صورت ۾ موجود آهي. هاڻي جيستائين شيخ سرهنديءَ جي اقتباس جي اصلي معني ۽ مفهوم جو تعلق آهي، مون کي خوف آهي تہ مان ان کي جديد نفسيات جي زبان ۾ پيش ڪري نہ سگهندس.

بهرحال سنهنجو مقصد صرف ايترو آهي تہ مان توهانکي مذهبي مشاهدي جي انهيءَ لامحدود وسعت کان واقف ڪرايان، جنهن منجهان خدا جي جستجوءَ دوران خودي کي گذرڻو پوي ٿو ۽ ان جي چند ڇاڻ ڪرڻ پوي ٿي. مون کي اميد آهي تہ توهين مون کي في الحال ڏاڍين اصطلاحن استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيندا، ڇو تہ هونئن آءٌ توهان تائين پنهنجو مقصد ٻهچائي نہ سگهندس. درحقيقت اهو سڀ ڪجهہ انڪري آهي جو مذهبي نفسيات جي نشوونما هڪ الڳ قسم جي تهذيبي ماحول ۾ ٿي آهي. هاڻي اچون ٿا انهيءَ اقتباس تي، جيو وڃي ٿو تہ شيخ سرهنديءَ جي آڏو عبدالمؤمن نالي هڪ شخص جو مشاهدو هيٺئين ريت بيان ڪيو ويو:

"منهنجي لاءِ نہ تہ زمين ۽ آسمان جو ڪو وجود آهي ۽ نہ عرش الٰهيءَ جو، ۽ نہ وري بهشت ۽ دوزخ جو! مان جڏهن پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرايان ٿو تہ اهي مون کي ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن. ساڳيءَ ريت مان جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي سامهون ٻيهان ٿو تہ مونکي ڪير بہ نظر نٿو اچي، بلڪ مان پنهنجو وجود بہ وڃائي ويهان ٿو. خدا جي ذات لامتناهي آهي. ڪير بہ هنجو احاطو ڪري نٿو سگهي ۽ اهائي روحاني مشاهدي جي آخري حد آهي. ڪو بہ ولي يا سالڪ انهيءَ کان اڳتي وڌي نہ سگهيو آهي."

انهيءَ تي شيخ فرمايو:

"منهنجي اڳيان جيڪو مشاهدو بيان ڪيو ويو آهي ان جو تعلق "قلب" جي هر گهڙيءَ بدلجندڙ زندگيءَ سان آهي. مون کي لڳي ٿو تہ مشاهدو ماڻيندڙ ايا تائين "قلب" جي بيشمار "مقامات" جي ڇوڪين حصي مان بہ نہ گذريو آهي. هن کي گهرجي تہ روحاني زندگيءَ جي ٻهرين مقام جي تڪميل خاطر باقي مقامات منجهان بہ گذر ڪري. ڇو تہ انهيءَ مقام کان اڳتي وري ٻيا مقام آهن. مثلاً روح جو مقام، سرّ خفي ۽ سر اخفا جا مقام. انهن سڀني مقامات کي گڏي "عالمِ امر" جو نالو ڏنو وڃي ٿو، جتي وري جدا قسم جي حال و قال ۽ مشاهدي سان واسطو پوي ٿو. دراصل انهن سڀني

مقامات جي طي ڪرڻ کانپوءِ ئي حق جو
طالب، پهريائين "اسماءِ الٰهي" ۽ پوءِ "صفاتِ
الٰهي" ۽ آخر ۾ "ذاتِ الٰهي" جو جلوو
پسي ٿو."

مٿئين اقتباس ۾ اسلامي تصوف جي عظيم مصلح شيخ سرهنديءَ جيڪي امتيازات قائم ڪيا آهن، انهن جو نفسياتي بنياد ڪٽي ڪهڙو به ڏجي، پر انهيءَ منجهان گهٽ ۾ گهٽ اسان کي اها خبر ضرور پوي ٿي ته اندروني مشاهدي جي ڪائنات ڪيڏي نه وسيع آهي! هن جي چوڻ مطابق جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو اهو بي‌مثال مشاهدو ماڻڻ چاهي ٿو، جيڪو حقيقي وجود جو مظهر آهي ته، پوءِ ڪيس گهرجي ته پهريائين "عالمِ امر" يعني "رهنما طاقت جي دنيا" جو سفر طئي ڪري. اهي آهن اهي اسباب جن جي ڪري آءٌ ڇئي ڇڪو آهيان ته جديد نفسيات اڄا تائين مذهبي زندگيءَ جي باهرين دروازي تي به دستڪ نه ڏني آهي. هونئن به ذاتي طور آءٌ حياتيات ۽ نفسيات جي موجوده حالتن منجهان ڪڏهن به پُر اميد نه آهيان. پلا، انهن چند عضوياتي حالتن جي محض تجزياتي تنقيد ذريعي جيڪي وقتاً فوقتاً مذهبي زندگيءَ جي قوتِ متخيّلہ سبب ظهور پذير ٿين ٿيون، آخر ڪهڙيءَ ريت انساني شخصيت جي جيئري جاگندي راز کان واقف ٿي سگهجي ٿو؟ مجبوسين ته مذهب جي تاريخ ۾ جنس بابت به هڪ قسم جو تخيّل ڪارفرما رهيو آهي، يا ٻين لفظن ۾ انهن کٽي ڇڏجي ته مذهب ۾ اهڙا خيالي طور طريقا پذايا آهن جيڪي اٽوٽدڙ حقيقتن کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ يا ماڻڻ ناهن جو سبب بنجن ٿا، پر اهي سڀ گالهيون مذهب جي حقيقي نصب‌العين کان ڪوهين دور آهن. ڇو ته مذهب جو حقيقي مقصد آهي خودي‌ءَ جي نئين سر تعمير ڪرڻ، ۽ اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن سندس تعلق زندگيءَ جي ابدي عمل

سان قائم ڪيو وڃي. اهڙي ريت خودي‌۽ ڪي انهيءَ مابعدالطبعياتي مقام تي ٻڌ ٻهچائي سگهجي ٿو، جنهن جو هونئن ۾ ٻڪڙيل ماحول ۾ تصور به نه ٿو ڪري سگهجي.

لهٰذا جڏهن نفسيات کي بني‌نوع انسان جي زندگيءَ کو اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي تہ پوءِ ڪيس هڪ بلڪل جدا ۽ اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪو موجوده زماني جي طبيعت ۽ مزاج مطابق هجي. شايد هڪ "نفسياتي مريض" جنهن کي فڪر جي اٽاه دولت سان نوازيو ويو هجي ۽ اهڙي ماڻهوءَ جو ملڻ ڪا ناممڪن ڳالهه ڪونهي. اهوئي مٿين قسم جي طريقي ٻاڌ اسانجي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. جديد يورپ ۾ رڳو نٽشي ئي هڪ اهڙي شخصيت جو حامل نظر اچي ٿو، جنهن جي زندگي ۽ عمل، ڳهت ۾ ڳهت اسان مشرق وارن لاءِ مذهبي نفسيات جي لحاظ کان نهايت دلچسپ آهي. يا ائين ڪٽي چئجي تہ انهيءَ ڪم جي ذميواري لاءِ فطرت طرفان ڪيس ڳهٽو ڪجهه وديعت ڪيو ويو هو. پر نٽشي جي ذهني سرگذشت منجهان معلوم ٿئي ٿو تہ مشرقي تصوف ۾ وري اهڙيون تمام ڳهيون شخصيتون ٿي گذريون آهن.

بهرحال اسان کي ان ڳالهه ۾ به ڪو شڪ نظر ڪونہ ٿو اچي تہ نٽشي پنهنجي اندر ۾ عالم لاهوت جي هڪ جهلڪ ڏٺي هئي ۽ اهو سڀ ڪجهه مٿس هڪ "امر يا حڪم" جي صورت ۾ ظاهر ٿيو هو. مان سندس تجليءَ کي "امر" سان ان ڪري منسوب ٿو ڪريان ڇاڪاڻ تہ نٽشي جي ذهنيت ۾ اسان کي ڪجهه پيغمبرانہ آثار نظر اچن ٿا. هونئن به اهو اهڙي ذهنيت جو ئي ڪمال هوندو آهي جنهن ڪري اهي تجليات پوءِ زندگيءَ جي مستقل قوتن ۾ تبديل ٿي ويندیون آهن. مگر انهن سيني ڳالهين جي باوجود نٽشي کي ناڪاميءَ جو سٽهن ڏسٽو پيو ۽ انجو خاص سبب سندس فڪري پيشوا آهن، جن ۾ شوپنهار،

دارون ۽ لانگي جا نالا شامل آهن. اهو سندن اثرات جو ڪارنامو هو جو نيٺشي انهن تجليات جي حقيقي اهميت کان محروم رهجي ويو. وري عجب اهو آهي ته نيٺشي ڪنهن روحاني اصول جي بہ حمايت ڪونہ ڪئي، حالانڪ اڻين ڪرڻ سان هڪ عام ماڻهوءَ ۾ روحانيت بيدار ٿي پوي ٿي، ۽ هو پنهنجي آڏو اڻ کٽ مستقبل ڏسي سگهي ٿو. بلڪ هن اڻين سمجهيو ته جنهن تجلّيءَ جي جهلڪ پاڻ پتسي هٿائين، ان جي اظهار جو وسيلو انتهائي امارت پسندي يعني شاهاڻو ٽاڪ هو. جئن سون هن بابت ڪنهن هنڌ چيو آهي:

آنچہ اوجويد مقام کبرياست،
اين مقام از علم و حکمت ماوراست.
خواست تا از آب و گل آيد برون
خوشۂ کز کشت دل آيد برون.

اڙيءَ طرح هڪ ذهين انسان ناڪام ٿي ويو، حالانڪ مٿي بيان ڪيل جهلڪ سندس اندروني قوتن منجهان ٿي جنم ورتو هو. مطلب ته هو ڪوبہ فائدو پهچائي نہ سگهيو، چاڪاڻ ته سندس روحاني زندگي دراصل مرشد ڪامل جي غيرموجودگيءَ سبب اڌوري رهجي وئي هئي. قسمت جي ستم ظريفي ڏسو ته اهو شخص جنهن جي باري ۾ دوستن جي اها راءِ هئي ته شايد هنجو واسطو ڪنهن اهڙي سرزمين سان هو جتي ٻيو ڪوبہ انسان نڙو رهي، اهو شخص بهرحال پنهنجي روحاني ضرورتن کان پوريءَ ريت باخبر هو.

هو چوي ٿو: "منهنجي آڏو وڏي ۾ وڏو مسئلو اهو آهي ته مان پاڻ کي ڪنهن تمام پراڻي جهنگل ۾ وڃايل محسوس ڪريان ٿو. مون کي مدد جي ضرورت آهي. مون کي پوئلڳ گهرجن. منهنجو ڪوئي آقا هجي. ڪاش، انهيءَ فرمانبرداريءَ

۽ ڪيڏو نہ مزو اچي ها!" وري چوي ٿو: "مون کي ڇو اهڙا انسان نظر ڪونہ ٿا اچن جن جون نگاهون مون کان ب مٿي ڏسي سگهن، ۽ جيڪي منهنجي متان ب نظر وجهي سگهن. شايد ان جو سبب اهو آهي تہ مون پوري جستجو ۽ تلاش کان ڪم نہ ورتو آهي، جيتوڻيڪ مون کي ان گالهہ جي وڏي تمنا رهي آهي!"

سچي گالهہ اها آهي تہ جيتوڻيڪ مذهب ۽ سائنس ٻئي مختلف طريقن تي عمل پيرا آهن، پر سندن اصلي منزل مقصود ساڳيو آهي. ٻنهي جو مقصد اصل حقيقت تائين پهچڻ آهي. بلڪ مذهب، جئن آڳاڻي ۽ ب چاڻائي آيو آهيان تہ سائنس جي مقابلي ۽، مطلق حقيقت تائين پهچڻ جو وڌيڪ خواهشمند آهي. ان کانسواءِ ٻنهي جي نظر ۽ وجود حقيقيءَ تائين پهچڻ جو رستو اهو آهي تہ اسين پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جي مسلسل تطهير کندا رهون. مگر هن گالهہ کي پوريءَ ريت سمجهڻ لاءِ انسان کي پنهنجي مشاهدي جي دنيا ۽ اهو امتياز قائم ڪرڻو پوندو تہ هڪڙا مشاهدا اهي آهن جيڪي طبعي حقائق تي ٻڌل آهن جيڪي حقيقت جي عام طور نظر ايندڙ پهلوءَ کي ظاهر ڪن ٿا، ٻيا وري اهي آهن جيڪي حقيقت جي اندروني ماهيت سان واسطو رکن ٿا. هاڻي جيستائين طبعي حقائق جي سمجهاڻيءَ جو تعلق آهي تہ ان جي لاءِ انسان کي جسماني ۽ نفسياتي حالتن کي آڏو رکڻ ضروري آهي، باقي جيستائين حقيقت جي اندروني ماهيت جو تعلق آهي تہ ان کي سمجهڻ لاءِ انسان کي جدا معيار قائم ڪرڻا پوندا. ٻين لفظن ۽ هينئن ڪٽي چئجي تہ سائنسي مشاهدي جو تعلق حقيقت جي خارجي ڪردار سان ٿئي ٿو، مگر ان جي مقابلي ۽ مذهبي مشاهدي جو حقيقت سان سڌو سنئون واسطو ٿئي ٿو، يعني اهو حقيقت جي اندروني ماهيت جي غمازي ڪري ٿو.

مطلب تہ سائنس ۽ مذهب جن طريقن تي عمل پيرا آهن، اهي هڪجهڙي سان پور وچوڻ آهن. حقيقت اها آهي تہ مذهب ۽ سائنس ٻئي هڪڙي دنيا جي وضاحت ڪن ٿا. فرق صرف ايترو آهي تہ سائنسي طريقئہ ڪار ۽ خودي‌ۃ جو تعلق خارجي نوعيت جو هوندو آهي، مگر ان جي برعڪس مذهبي طريقئہ ڪار ۽ خودي اهڙين قوتن ۽ ڪائناتي‌ڪو قائم ڪري ٿي جيڪي هونئن مدِ مقابل رهن ٿيون، نتيجتاً خودي هڪ بلڪل نئين طرزِ عمل کي جنم ڏئي ٿي. ان ڪري جيستائين مقصد جو تعلق آهي تہ مٿيان ٻئي طريقا هڪ ٻئي جو ٻورائو ڪن ٿا ۽ دراصل ٻئي طريقا ٻنهنجي دنيا ۽ مشاهدي ۽ تجربي جي چند چاڻ سان واسطو رکن ٿا. هن سلسلي ۽ هيءَ گالهہ ڏيان ۽ رکڻ جوگي آهي تہ هيوم (Hume) تصورِ علت تي جيڪا تنقيد ڪئي هئي، ان جو واسطو فلسفي سان نہ، بلڪ سائنس جي تاريخ سان هو! هونئن ہ اها سائنسي تجربيّت جي تقاضا آهي تہ اسين داخلي نوعيت جي تصورات کان پاسو ڪريون. هيوم جي تنقيد جو دراصل مقصد تجرباتي سائنس منجهان "قوت" جي تصور کي ختم ڪرڻ هو، ڇو تہ سندس چوڻ هو تہ "قوت" جي تصور جو تعلق حسّي مشاهدي يا تجربي سان نہ آهي. گويا هيوم جي اها تنقيد، جديد ذهن طرفان، سائنسي طريقئہ ڪار جي تطهير جي سلسلي ۽ پهرين ڪوشش سمجهڻ گهرجي.

هاڻي ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ آئن اسٽائن جو ڪائنات بابت رياضياتي نظريو، دراصل انهيءَ ڪوشش جي تڪميل آهي، جنهن جي شروعات هيوم ڪئي هئي. اهوئي سبب آهي جو آئن اسٽائن جي نظريي ۽ قوت جو تصور بلڪل ناپيد آهي. هن کان اڳ مون هندوستان جي جنهن عظيم المرتبت صوفيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، ان جي چوڻ جو پڻ اهوئي مقصد آهي تہ دراصل مذهبي نفسيات جو شاگرد ہ ساڳئي قسم جي تطهير

چاهي ٿو، ۽ هن جي معروضيت بابت حيس٘ اوتري ٿي تيز ٿئي ٿي جيتري هڪ سائنسدان جي هٿن گهرجي. هو پڻ هڪ مشاهدي ڪانپوءِ پيو مشاهدو ماڻي ٿو ۽ هڪ تجربي ڪانپوءِ پيو تجربو ڪري ٿو، ۽ انهيءَ دوران سندس حيثيت محض هڪ تماشائي جي ناهي، بلڪ هو هڪ ناقد ۽ مبصّر ٿئي ٿو. هو پنهنجي دائره تحقيق ۾ رهندي ڪجهه اهڙا مخصوص طريقا اختيار ڪري ٿو جيڪي ڪيس هر قسم جي داخلي عناصر کان ڇوٽڪارو ڏياري سگهن ٿا. مطلب ته هو پڻ چاهي ٿو ته پنهنجي مشاهدي منجهان نفسياتي توڙي جسماني داخليت کي تڙي ڪڍي ته جئن هو مطلق معروضيت تائين پهچي سگهي. اهڙيءَ طرح آخرڪار هو هڪ اهڙو مشاهدو ماڻي ٿو جيڪو زندگيءَ جي ٽئين عمل جو انڪشاف ڪري ٿو، ۽ اهو ٽئي تجربو اصلي، اساسي ۽ خودبخود نوعيت جو ٿئي ٿو. بهرحال اهو خودي‌ءَ جو هڪ ازلي راز آهي ته جڏهن مٿس اهڙو انڪشاف ٿئي ٿو ته ان کي سواءِ ڪنهن دير جي پنهنجي وجود جو اصلي بنياد قرار ڏئي ٿي. هتي اها گالهه ياد رکڻ گهرجي ته انهن سڀني گالهين جي باوجود مذهبي مشاهدي يا تجربي ۾ ڪا پراسراريت ڪونهي ۽ نه وري ڪو منجهس جذبات کي دخل آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسلامي تصوف ۾ مشاهدي کي جذبات کان پاڪ رکڻ واسطي، عبادت ۾ موسيقيءَ جي استعمال کان منع ڪئي وئي آهي. ساڳيءَ ريت روزانه نماز باجماعت تي ان ڪري زور ڏنو ويو آهي ته جئن اڪيلائيءَ جي ذڪر و فڪر يا مراقبي وغيره منجهان پيدا ٿيندڙ مخالف اثرات جو خاتمو ڪري سگهجي.

مطلب ته اهڙيءَ ريت حاصل ٿيل مشاهدو يا تجربو بلڪل فطري ٿئي ٿو ۽ حياتياتي لحاظ کان خودي‌ءَ جي واسطي انتهائي اهميت وارو ٿئي ٿو. اهڙيءَ صورت ۾ انساني خودي پنهنجي فڪري حدن کان گهٽو اڳتي وڌي وڃي ٿي، ۽ ازلي وجود

سان لهڻ وڃڻ ۽ اڇڻ ڪري، پنهنجي ناپائيداري جي تلافي ٿي ڪري ٿي. البت هتي خودي۽ جي لاءِ صرف اهو خطرو آهي ته تلاش حق جي انهيءَ عمل دوران سالڪ، آخري مشاهدي ماڻڻ کان اڳ يعني شروعاتي مشاهدي جي لطف اندوزي ۽ اشتغراق کانپوءِ سُست ٿي ويهي نه رهي! مشرقي تصوف جي تاريخ پڌائي ٿي ته پنهنجي جڳهه تي اهو خطرو واقعي موجود آهي. هن کان اڳ هندوستان جي جنهن عظيم صوفيءَ جو آءٌ حوالو ڏئي چڪو آهيان، ان جي اصلاحي تحريڪ شروع ڪرڻ جو به دراصل اهوئي مقصد هو. مطلب ته گالهه صاف ظاهر آهي يعني خودي۽ جو منزل مقصود ڪجهه "پسڻ" نه آهي، بلڪ ڪجهه "بنجڻ" آهي. ان کانسواءِ اهو سڀ ڪجهه "بنجڻ" واري ڪوشش ۽ سمايل آهي، جنهن ڪري خودي۽ کي اهو آخري موقعو ملي ٿو ته پنهنجي معروضيت جو اونهو ادراڪ حاصل ڪري، ۽ بنيادي طور "سان آهيان" چوڻ جي لائق ٿي سگهي. يعني خودي۽ کي پنهنجي حقيقت جي شاهدي ڊيڪارٽ جي "سان سوچيان ٿو" جي بجاءِ ڪانٽ جي "سان ڪري سگهان ٿو" منجهان ملڻ ڪپي. خودي۽ جي جستجو جو آخري مقصد انفراديت جي حدن منجهان جان ڇڏائن ناهي، بلڪ ان جي برعڪس انفراديت جي مڪمل وضاحت ڪرڻ آهي. لهٰذا خودي۽ جو آخري عمل فڪري عمل ناهي، بلڪ اهو زنده عمل آهي، جيڪو خودي۽ جي وجود ۾ زياده گهرائي پيدا ڪري سگهي ٿو. ان کانسواءِ اهڙو عمل سندس ارادن کي تقويت بخشي ٿو ۽ ڪيس اهو تخليقي يقين ڏياري ٿو ته هي۽ دنيا رڳو ڏسڻ جي خاطر ڪونهي، يا رڳو تصورات ذريعي سمجهڻ لاءِ ڪونهي، بلڪ اها هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن کي اسين پنهنجي لاڳيتي عمل ذريعي هر گهڙيءَ ۽ وري وري ناهيندا رهون ٿا. جيتوڻيڪ خودي۽ جي لاءِ اها انتهائي خوشيءَ ۽ سرهائيءَ جي گهڙي آهي، ۽ ساڳئي وقت اها انتهائي آزمائش جي گهڙي ٿي آهي:

زنده یا مرده یا جان بلب
از سه شاهد کن شهادت را طلب
شاهد اول شعور خویشتن
خویش را دیدن بنور خویشتن
شاهد ثانی شعور دیگرے
خویش را بینی بہ نور دیگرے
شاهد ثالث شعور ذات حق
خویش را دیدن بنور ذات حق
پیش ایں نور از بمانی استوار
حی و قائم چوں خدا خود را شمار
بر مقام خود رسیدن زندگی است
ذات را بی پرده دیدن زندگی است
مرد مؤمن در نسازد با صفات
مصطفیٰ راضی نشد الا بذات
چیست معراج آرزوئے شاهدے
امتحانے روبروئے شاهدے
شاهد عادل کہ بی تصدیق او
زندگی مارا چو گل را رنگ و بو
در حضورش کس نماند استوار
ور بماندهست او کامل عیار
ذرہ از کف مده تابے کہ هست
پختہ گیر اندر گره تابے کہ هست
تاب خود را بر فزون خوشتر است
پیش خورشید آزمودن خوشتر است
پیکر فرموده را دیگر تراش
امتحان خویش کن موجود باش
این چنین موجود محمود است وبس
ورنہ نار زندگی دو داست وبس۔ (جاوید نامہ)

الفاظ ء معنیٰ

الف

Idealism	آدرشیت - عینیت
Perception	ادراک - سمجھ
Sense preception	ادراک بالحواس
Impressions	ارتسامات
Evolution	ارتقا
Emergent Evolution	اتفاقي ارتقا
Interpolation	اندراجي قاعدو
Inductive	استقرائي
Discursive	استدلالي
Deductive	استخراجي
Predicate	اسناد
Saymbolism-Symbol	اشاریت - اهجاث
Derivation	اشتقاقي
Command	امـر
Individuality	انفرادیت
Passive	انفعالي
Ego	انا - خودي
— Ultimate	— حقیقي
— Absolute	— مطلق
— Appreciative	— بصیر
— Efficient	— فعال
Deflection	انحراف
Egoism	انانیت
Primacy	اولیت
Response	ایجاب

Response System	ایجابي نظام
Suggestion	ایما
Auto-Suggeston, Autosim	ـ خود ایمائي ـ ایمائیت
Positive-Positivism	اثبات ـ اثباتیت
Infinite	اکٹ ـ ان کٹ
Relative- Relativity	اضافي ـ اضافیت

ب

Rationally directed	بابصیرت
Optics	بصریات
Dimension	بُعد ـ دِس ـ طرف
Three dimensions	ـــ ابعاد ثلاثه
Internal	باطني ـ اندروني

ت

Experience	تجربو
Empirical	تجرباتي
Abstraction	تجرید
Subconsicous	تحت الشعور
Structure	ترکیب
Structure of Event	ترکیب ـ حوادث
Imagination	تخیّل
Continum	تسلسل
Identity	تشخص
Self	ـــ ذاتي
Conception	تصور
Interaction	تعامل

Inaction	تعطل
Function	تفاعل
Trigonometrical	ـــ مثلثي
Cognition	تعقل
Cognitive Content	تعقل جو عنصر
Becoming	تكوين
Succession	تواتر
Energy	توانائي
Creation	تخليق
Analysis	تجزيه - تحليل
Intepretation	تعبير

ج

Static	جامد
Determinism	جبريت
Dialectics	جدليات
Passion	جذب
Size	جسامت
Atomism	جواهريت
Atom	جوهر
Soul Substance	جوهر - روحاني
Atomicity	جوهريت
Infinitesimal	جزء لاينجزئ

ح

Sense Senses	حس - حواس
Immediacy	حضوريت

Events	حوادث
Sense object	حواس - معروضات
Memory	حافظو

خ

Creator	خالق
Creativness	خلاقي
Spontaneous	خود بخود
Auto-Suggestion	خود - رمزيت

د

Eternal	دائمي
Eternity	دائميت
Dualism	دوئي - ثنويت

ذ

Self	ذات
— Finite	— متناهي، محدود
— Infinite	— لامتناهي
— Absolute	— مطلق

ع

Universe	عالم - كائنات
Accident	عرض
Practical reason	عملي عقل
Rationalism	عقليت

Knowledge	علم
Cause and Effect	علت و معلول
Scholasicism	علم کلام
Act, Action, Activity.	عمل
Pragmatic Test	عملي معيار
Physiology	عضويات - علم بدن
Idealism	عينيت پسندي
Pluralism	عدديت

غ

End	غايت
Teleological	غايتي
Teleology	غائيت
Purpose	غرض و غايت
Non-ego	غير - انا

ف

Individual	فرد
Nature	فطرت
Naturalism	فطرت پسندي
Activity	فعاليت
Creative	— تخليقي
Thought	فكر
Super-eternal	فوق الابد

ق

Frame	قالب

Proposition	قضيو
Energy	قدرت
Potency	قوت
Pessimism	قنوطيت پسندي
Law of Causation	قانونِ علت
Existng in its own right	ـــ قائم بالذات

ر

Optimism	رجائيت ـ پسندي

ز

Time	زمان ـ وقت
Serial Time	زمان ـ متسلسل
Temporal	زماني ـ وقتي
Non-Temporal	ـــ لازماني
Organic	زنده ـ نامي

س

Static	ساكن
Immobilities	سكنات
Series	سلسلو
— Mathematical	ـــ رياضياتي
— Infinite	ـــ لامتناهي
Molecular	سالماتي
Serial	سلسليوار

ش

Consciousness	شعور
— Rational	— عقلي
Appearance	شهود

ص

Quality	صفت
Mystic	صوفي

ک

Cosmologicol	کائناتي
Behaviour	کردار
Whole	کُل
Wholeness	کلیت
Universal	کُلي
State	کیفیت
— Internal	— داخلي
Plurality	کثرت

ل

Infinite	لامحدود - لامتناهي
Infinitesimals	لایتجزات
Necessity	لزوم
Point-instant	لمحہ - نقطہ

م

Metaphysics	مابعدالطبعیات
Matter-Materialism	مادو۔ مادیت
Variable	متغیر
Parallel	متوازي
Abstract	مجرد
Impetus-Impulse	محرک
Duration	مدت
Concrete	محسوس۔ ٹوس
Hypothesis	مفروضو
Sense-experience	محسوسات
Constant	مستقل
Experience	مشاهده۔ مشاهدات
Variable	متغیر
Visible	مرئي
Will	مشیّت
Objective	معروضي
Absolute	مطلق
Absolutness	مطلقیت
Quanta	مقادیر
Categories	مقولات
Space	مکان
Resistence	مزاحمت
Spatial	مکاني
Analogy	مماثلت
Mechanism	میکانیت

Mechanistic	ميكانياتي
nvironmentE	ماحول
Effect	معلول

ن

Organic	نامي- نامياتي
Organism	نامي- وجود
Mind	نفس
Relation	نسبت (منطق م)
— Causal	— تعليلي
Negation	نفي

و

Events	واقعات
Necessary	واجب
Necessary Being	واجب الوجود
Pantheism	وحدت الوجود
Intuition	وجدان
Ontological	وجودياتي
Unity	وحدت
Heredity	وراثت
Cognition	وقوف

هم

Stimulus	هيجان
Astronomy	هيئت

Material	هيولىٰ
Unity	هيكوائي
Pantheism	همه اوست

ي

Uniyue	يكتا

اشـــارا

آدم – ۲۵، ۱۳۲، ۱۳۳، ۱۳۵، ۱۳۶، ۱۳۸، ۱۴۰
آگستائین – ۹۵، ۲۳۷
آگست کومتي – ۱۸۴، ۲۶۲، ۲۶۵
آمدي – ۲۸۷
آئن اسٹائن – ۱۱، ۵۵، ۶۰، ۶۱، ۶۲، ۱۲۷، ۲۲۲، ۳۱۹
ابن اسحاق – ۲۳۵
ابن تومرت – ۲۵۳، ۲۶۶
ابن تیمیه – ۲۱۴، ۲۱۵، ۲۵۲، ۲۵۳
ابن حزم – ۹۶، ۹۷، ۹۸، ۲۱۵
ابن حنبل، امام – ۲۸۴
ابن خلدون – ۲۹، ۱۵۹، ۲۱۲، ۲۳۶، ۲۳۷، ۲۳۸، ۲۶۰، ۲۶۲، ۳۱۰
ابن رشد – ۶، ۱۸۴، ۱۸۵
ابن صیّاد – ۲۷، ۲۱۲
ابن عبدالوهاب، محمد ابن عبدالوهاب – ۲۵۳
ابن عربي، شیخ اکبر محي الدین – ۱۱۸، ۲۹۸
ابن مسکویه – ۲۰۲، ۲۲۳، ۲۳۸
ابن هیثم، ابن الهیثم – ۲۱۵
ابو حنیفه، امام – ۲۸۳، ۲۹۰، ۲۹۱
ابو هریره – ۲۴۹
ابو هاشم – ۱۰۹
ابوبکر باقلاني – ۱۰۹، ۲۶۲
اجتهاد – ۲۹۱، ۲۹۲
اجماع – ۲۸۵، ۲۸۶

احمد، مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي — ۳۱۳-۳۱۵
اخوان الصفا — ۲۰۲
ارسطو — ۷، ۹۸، ۱۲۹، ۲۱۴، ۲۳۶، ۲۸۹
اسپينگلر — ۱۸۰، ۲۲۰، ۲۲۲، ۲۳۹، ۲۴۰، ۲۴۱، ۲۴۲
استحسان — ۲۸۳
اشتراکیت — ۳۰۶-۳۰۷
اشعري — ۶، ۵۷، ۱۱۰، ۱۱۲، ۱۱۵، ۱۱۸، ۱۲۰، ۲۱۴
اشراقي — ۲۱۴
افلاطون — ۵، ۲۳۶، ۲۳۸، ۲۷۵
اقليدس — ۶۴، ۲۲۱
امام شافعي — ۲۸۴، ۲۹۰، ۲۹۱
امام مالک — ۲۸۴، ۲۹۰
امام غائب — ۲۸۸
امير معاويه — ۱۸۳
الیگزینڈر، پروفیسر — ۱۲۱، ۱۲۹، ۲۳۰
اوسپنسکي — ۶۳، ۶۴، ۶۵
ايران — ۲۸۸، ۳۰۶
انڈونکٹن، پروفیسر — ۱۰۷، ۱۰۸، ۱۱۱، ۳۰۳
ايکرمن، جي ۰ پي — ۱۲
اینی رائٹ — ۹۳-۹۴
باقر ملا — ۱۲۴
بايزيد بسطامي — ۱۰۶، ۱۸۱
بخاري، امام — ۲۷
براڈ، سي-ڈي — ۹۴
براؤننگ، رابرٹ — ۱۳۱
برکسان — ۴، ۶۳، ۷۶، ۸۴، ۸۸، ۱۰۱، ۲۳۷
برکلي — ۵۳

بريدلي – ۱۶۰، ۱۶۲
برٹرانڈ رسل – ۵۵، ۵۸
بريفالٹ – ۲۱۶، ۲۱۹
بطليموس – ۲۲۱
بغداد –
باونسکي – ۱۴۰
بيدل ميرزا عبدالقادر – ۱۲
بيروني، البيروني – ۲۱۵، ۲۲۲، ۲۲۳، ۲۳۸
بيکن، راجر – ۲۱۵
بيکن، فرانسيس – ۲۱۵
پارسا، خواجہ محمد پارسا – ۲۲۵
پرنگل پيمسن – ۱۶۹
پلنک – ۱۱۳
پين اسلامک تحريک – ۲۵۳
ترکي – ۲۵۴، ۲۵۵، ۲۵۸، ۲۶۲، ۲۶۸، ۲۹۲، ۲۹۳، ۳۰۶
توفيق فطرت – ۱۱
جان اسٹوئرٹ ميل – ۲۱۵
جاحظ – ۲۰۲
جلال الدين دّواني – ۱۲۱، ۱۲۶
جولئن، شهنشاه – ۲۴۳
جمال الدين افغاني – ۱۶۰
جنگ – ۳۱۰-۳۱۱
جيمن، وليم – ۲۹، ۳۹، ۱۴۶، ۱۶۸
حديث – ۲۸۱
حسن بصري – ۱۸۳
حلاج، منصور – ۱۵۸، ۱۵۹، ۱۸۱
حوّا – ۱۳۵

خارجي — ۲۶
خلافت — ۲۶۰، ۲۶۲
خوارزمي — ۲۲۲
داماد مير — ۱۲۴
درويش — ۷۱
دارون — ۶۶، ۳۱۷
ديمو کرائيٹس — ۸۳
ديهورنگ — ۲۱۵
ديکارٹ — ۴۸، ۷۲، ۲۱۴، ۳۲۱
رائس، پروفيسر — ۳۲، ۱۲۶
رازي، امام فخرالدين — ۱۲۲
رونگيئر، پروفيسر — ۱۲۰
رومي — ۲۶، ۱۱۵، ۱۴۹، ۱۸۲، ۲۰۳، ۳۰۳
رنيان — ۱۸۵
زويمر، ڈاکٹر — ۱۱۰
زهري — ۲۸۴
زينو — ۵۶، ۵۹، ۲۳۸
کانٹ — ۷، ۴۹، ۶۳، ۱۶۶، ۱۸۶، ۱۸۹، ۲۹۶-۲۹۸، ۳۲۱
کانسٹنٹائين — ۲۴۳
کينٹر — ۵۸-۵۹
کرخي — ۲۸۷
ناصر علي سرهندي — ۹۶
ناؤمن — ۱۳۱، ۲۷۴
نظام — ۱۱۲، ۲۱۴، ۲۴۹
ٹن، پروفيسر — ۶۱
نيٹشي — ۱۸۸، ۱۹۱، ۲۱۰، ۳۰۴، ۳۰۵، ۳۰۶، ۳۱۶، ۳۱۷

نیوٹن – ۶۶، ۱۱۹
لائبنز – ۱۷۳، ۳۱۰
لاک – ۲۳
لانگي – ۱۲۷، ۳۰۰، ۳۱۷
لیئرڈ – ۱۶۶
لیوئر – ۲۷۰
سرخسي – ۲۹۲
سعید حلیم پاشا – ۲۵۸
سفیان ثوري – ۲۵۰
سنوسي تحریک – ۲۵۳
سیوطي – ۲۵۳
سینٹ پیٹر سبرگ – ۶۴
سقراط – ۵
شیطان – ۱۳۵
شاہ ولي اللہ – ۱۶۰، ۲۰۳، ۲۸۲
شاطبي – ۲۷۹، ۲۸۶
شوپنہار – ۱۳۱، ۱۸۹، ۳۱۷
شہاب الدین سہروردي – ۱۱۵
شوکاني – ۲۸۷، ۲۹۱
ضیا (شاعر) – ۲۷۸
طبري – ۲۳۵
طوسي نصیر الدین – ۲۲۱
طہماسپ شاہ – ۸۱
عبدالقدوس شیخ گنگوہي – ۲۰۷
عبدالمالک – ۲۸۴
عراقي – ۱۲۲، ۱۲۶، ۱۲۹، ۲۲۵، ۲۲۶، ۲۹۸
عرفي – ۸۶

علي رضہ — ۱۸۱
عمر رضہ — ۲۶۹
عیسائیت — ۱۲-۱۴، ۱۹۱، ۲۳۷، ۲۴۰، ۳۱۱
عہدنامۂ عتیق — ۷۹، ۱۳۴، ۱۳۶
غزالي، امام — ۵-۹، ۱۱۵، ۱۶۵، ۲۱۴، ۲۵۳
فارنیل — ۱۰۲
فاکس جارج — ۳۰۸
فلنٹ — ۲۳۶
فشر، پروفیسر — ۲۶۳
فرائڈ — ۴۰
قرآن — ۲۷۳
قنوطمیت پسندي — ۱۳۱-۱۳۴
قیامت — ۱۰۱
قوم پرستي — ۲۶۴، ۳۰۶، ۳۰۷
قیاس — ۲۸۹-۲۹۱
کفرد — ۱۰۲
کوئٹي — ۹۸، ۱۳۳
کولہ زبھر — ۲۸۱
مانویت — ۱۷۳
منک ایس — ۱۱۰
مسعودي — ۲۳۵
مصر — ۲۸۷، ۳۰۶
معاذ — ۲۴۷
معوذتین — ۲۸۷
معتزلہ — ۶، ۲۶۱، ۲۸۶
محمد صلعم (آنحضرت) — ۴، ۱۶، ۲۷-۲۸، ۱۸۱، ۱۹۶، ۲۱۰، ۲۳۵، ۲۹۰-۲۹۱، ۲۹۶، ۳۰۸
محمد علي پاشا — ۲۵۴
مراکش — ۲۶۲

میمونائدس — ۱۱۰
میکٹیگرٹ — ۹۳-۹۵
میکڈونالڈ — ۲۸-۲۹ ، ۱۱۰ ، ۲۵۳
میسینون — ۵۹ ،
وائیٹ ہیڈ — ۲-۳ ؛ ۵۳-۵۵ ؛ ۶۲ ؛ ۷۳ ؛ ۱۱۳ ؛ ۲۲۳
وان کریمر — ۲۷۷
وحدت الوجود — ۹۹ ؛ ۱۰۳ ؛ ۱۵۸ ؛ ۱۹۶
ولڈن کار — ۶۱ ؛ ۷۱
ولیم ٹیون — ۹۳
ولیم ہیملٹن — ۳۱۰
ہابس — ۲۶۹
ہارٹن، پروفیسر — ۲۷۱
ہاکنگ پروفیسر — ۳۵ ، ۳۷ ، ۴۳
ہالڈین - جي . ایس — ۶۹
ہالڈین؛ لارڈ — ۱۱۵
ہائزنبرگ — ۲۹۷
ہراقلیطس — ۲۳۸
ہرگرونجي — ۲۷۲
ہکسلي — ۳۰۵
ہمایون — ۸۱
ہیوم — ۴۳ ؛ ۳۱۹
ہیلم ہولز — ۲۰۰
ہیگل — ۱۱۵ ؛ ۱۸۴
یسوع مسیح — ۱۳۱
یورپ — ۲۴۶ ؛ ۲۷۰

—

پلنامو

صفحه	سٹ	غلط	صحیح
۵	۲۲	خمیو	خیمو
۷	۲	نہ	—
۱۹	۱۱	پائیور	پائیوار
۲۷	۱۶	فرار	قرار
۳۲	۵	سرزر	سرزد
۳۳	۱۱	کو	—
۴۴	۱۶	افساني	انساني
۵۶	۵	؟	؟
۶۵	۲۰	موقمي	موقعي
۶۶	۱۸	طبقي	طبعي
۷۶	۲۵	قدرتي	قدري
۷۹	۸	الاواحده	—
۸۱	۱۳	ہ	ہ
۸۳	۱۳	کافي	ناکافي
۸۷	۲۸	مطلب	مطلق
۹۹	۲	ملطق	مطلق
۱۰۳	۱۲	زمینن	زمین
۱۰۳	۱۵	تند	بند

صفحہ	سٹ	غلط	صحیح
١١٤	١٣	مثيت	مشيّت
١١٥	٢٦	سبط	بسط
١٣٦	١١	ماٰيش	معايش
١٤٩	١٠	كانپوه	كانسواء
١٥٢	٥	نبي	بني
١٥٨	١٢	نطوري	نسطوري
١٦٠	٢٣	"روشني ء" كان ہوہ جملو هينئن	اسلامي تعليمات جو جائزو ورتو وڃي
		مڪمل ڪجي	
١٧٢	٢	گنيُر	گنيِر
١٧٧	١٤	ڏيو	ڏي
١٨١	٢٦	ثاني	شاني
١٨٢	٢٤	فلسيافم	فلسفيانم
١٩٠	١٧	هر	هو
٢٠٠	١٨	ڏيڪيل	ڏيڪيل
٢٠٣	١٠	بنام	بناتي
٢٠٣	١٢	باد	ياد
٢١٤	٢٣	الشراء	الشعراء
٢٤٥	١١	نم	تم
٢٥١	١٤	طبعي	فطري
٢٦٦	١٧	ڪيا	ڪبا
٢٦٦	٢١	جر	جو

صفحہ	سطر	غلط	صحیح
۲۷۲	۲۱	نهاهن	ناهن
۲۷۳	۱۸	استغراجي	استخراجي
۲۸۷	۲	آمضي	آمدي
۲۹۱	۱۰	کرن	کرڻ
۲۹۲	۱	جڈھن	جيڪڈھن
۲۹۳	٦	عالمیر	عالمگير
۲۹۴	٦	سان	کان
۳۰۴	٦	شوم	شدم
۳۰۴	۸	بس	پس
۳۰۴	۱۱	راغنون	ارغنون
۳۲۱	۴	اشتغراق	استغراق